# ڪنوار جو آئينو



سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ

# ڪنوار جو آئينو

(اردو ڪتاب "مراة العروس" جو ترجمو)

مصنف

نذير احمد

مترجم

عبدالڪريم "تراب"

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

چاپو پهريون سال ١٩٥٨ع تعداد ٢٠٠٠
چاپو ٻيو سال ٢٠٠٣ع تعداد ٥٠٠

[ هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

قيمت: سٺر روپيا
[Price: Rs. 70-00]

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بُڪ اسٽال،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد ، سنڌ.
(فون نمبر 633679)

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ۾ سيد سڪندر علي شاهه مئنيجر پرنٽنگ پريس ڇپيو ۽ جناب انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# مترجم جو ديباچو

سنڌ ۾ نينگرين ۽ عورتن لاءِ گهرو هنر، اخلاق ۽ نصيحتن سکڻ ۽ گهرو انتظام رکڻ واسطي، سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتاب گهٽ ڪري اڻ لڀ آهن. ان لاءِ، شمس العلماء ڊپٽي نذيراحمد دهلويءَ جو اردوءَ ۾ لکيل ڪتاب "مراۃ العروس" ، نهايت مفيد نظر آيو؛ تنهنڪري ان جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري پيش ڪري رهيو آهيان.

هن وقت، سنڌي ادبي بورڊ جو هن نموني جي ڪتابن ڇاپرائڻ تي توجهه ڏسي، پنهنجو هي ڪمترين تحفو کين پيش ڪيم، ۽ سندن نهايت ٿورائتو آهيان، جو پنهنجي ڪمال ادب نوازيءَ سان ان کي شايع ڪرڻ جي ذميداري هنن پاڻ تي کنئي: اميد اٿم ته هي سنڌي علم و ادب جا سڄڻ آئنده پڻ مون بنديءَ جي اهڙي ئي حوصلہ افزائي ڪندا رهندا.

ترجمي جو ڪم ڪيتري قدر هڪ اڻانگو ڪم آهي، تنهن جو اندازو ۽ احساس انهن صاحبن کي ئي هوندو، جن انهيءَ ميدان ۾ قدم رکيو هوندو. اردو ڪتاب جي اصل مقصد کي سهٽي نموني ۾ ادا ڪرڻ واسطي، لغت ۽ گرامر جي ڳچ جيترن ڪتابن تان تحقيق ۽ تسليءَ لاءِ، رات ڏينهن نور نچوئڻ ۽ ورق گرداني ڪرڻ سان مون پنهنجي وت آهر کين گهٽايو آهي. ممڪن آهي ته منهنجي ڪوتاهين سبب اجا به ترجمي ۾ گهٽيون ئي اوڻايون رهجي ويون هجن: تنهن لاءِ اميد اٿم ته ڄاڻو صاحب منهنجي رهبري ڪرڻ فرمائيندا ۽ سندن شڪر گذار ٿيڻ جو مون کي موقعو بخشيندا.

عبدالڪريم "تراب"،
سرور آباد، ضلعو لاڙڪاڻو، سنڌ.

# مصنف جو ديباچو

الله سائينءَ جا شڪرانا ڳالهائڻ جي ساريءَ طاقت سان ادا تي نٿا سگهن: پنهنجن ٻانهن تي سندس ڪيل هزارن لکن پلاين جو بيان هيءَ ننڍڙي زبان ڇا ڪري سگهندي؟ رسول الله ﷺ جن جي تعريف جو حق ادا ٿئي- اهڙي سگهه آءٌ عاجز ٻندو پاڻ ۾ ڪهڙيءَ طرح پيدا ڪريان. هيءَ منهنجي بي طاقت زبان، خدا جي ان محبوب جي شفقتن ۽ عنايتن جي ڪهڙيءَ ڪهڙيءَ حقيقت جو اظهار ڪري!

حمد ۽ نعت کان پوءِ پڌرو هجي ته گهٽو ڪري هن ملڪ ۾ عورتن کي لکائڻ پڙهائڻ جو رواج ڪونهي. مگر وري به وڏن شهرن ۾ ڪيترن شريف خاندانن جون عورتون قرآن شريف جي معنيٰ، مذهبي قاعدا ۽ نصيحتن جا اردو رسالا پڙهنديون آهن. آءٌ خدا جو شڪر ٿو ڪريان جو آءٌ به دهليءَ جي هڪ اهڙي ئي تعليم يافته ۽ سمجهدار خاندان جو ماڻهو آهيان.

خاندان جي دستور موجب منهنجين ڌيئرن به قرآن شريف ۽ ان جي معنيٰ، قيامت نامو، راهِ نَجات ۽ ٻيا ان قسم جا اردو ڪتاب، گهَر جي وڏڙين پوڙهين وٽ پڙهيا. گهر ۾ رات ڏينهن لکڻ پڙهڻ جو ماحول موجود هو: مون ڏٺو تي ته ڇوڪرن وانگر ڇوڪرين کي به علم ڏانهن خاص شوق آهي. پر ان سان گڏ مون کي هي به سمجهڻ ۾ آيو ته محض ”مذهبي تعليم“ به ٻارن جي حالت موجب ڪافي نه آهي، ۽ جيڪي مضمون ڪن تعليم جي سلسلي ۾ هنن اڳيان اچن ٿا، انهن مان هنن جون دليون مطمئن ڪين ٿيون ٿين: سندن طبيعتون ورچن ٿيون، ۽ بعض حالتن ۾ سندن سمجهه جي طاقت پاڻ گهٽجي ٿي. تڏهن مون اهڙي ڪتاب جي ڳولا

ڪئي، جو اخلاق ۽ نصيحتن سان ڀريل هجي، ۽ جيڪو انهن ڪمن ۾ جي زالن کي حياتيءَ ۾ ڪرڻا آهن، ۽ سندن وهمن، اڻ ڄاڻائي ۽ گمراهيءَ سببان سدائين جيڪي ڏک ۽ تڪليفون ڪين ڏسڻيون پون ٿيون، انهن ۾ سندن خيالن ۽ عادتن کي ضرورت سارو سُڌاري ۽ بهتر بنائي: ۽ اهو ڪتاب هجي به اهڙي وڻندڙ نموني ۾، جو اُن ڪان انهن جي طبيعت به بيزار نه ٿئي ۽ دل به ڪڪ نه ٿئي. انهيءَ ارادي سان سڀيئي ڪتب خانا ڳوليم، پر اهڙو ڪتاب ڪٿي به ڪونه لڌم: تڏهن پنهنجي طرفان مون هيءُ اصلي قصو رڌيو.

ٽي سال ٿيندا، آءٌ جهانسيءَ ۾ هوس، جو "اڪبري خانم جو حال" لکيم. ڇوڪرين کي ته ان جو چڻ وظيفو ٿي ويو، ۽ ڏهاڙي سڄي ڪتاب جو ختمو ڪنديون هيون: ايتري تائين، جو ڏيڍ سال ڪان پوءِ "اصغريءَ جو احوال" به لکيو ويو. آهستي آهستي هن ڪتاب جو چرچو سڄي محلي ۾ ٿي ويو، ڪيتريون عورتون اهو ٻڌڻ آيون: جنهن به ٿي ٻُڌو اها ريجهي ٿي ويئي. وڏن وڏن گهرن ۾ ڪتاب گهرايو ويو، ۽ ان جي اتارڻ جو ارادو ڪيائون. ان وچ ۾ وڏيءَ ڌيءَ جي شادي ڪرايم، ۽ ڏاج ۾ هي ڪتاب ڪيس قيمتي جواهرن طور ڏنم. ان جي ساهرن ۾ به هن ڪتاب جي خوب مشهوري ٿي.

جڏهن مون ڏٺو ته هي ڪتاب زالن لاءِ تمام فائدي وارو آهي، ۽ اُهي چڱيءَ طرح دل سان پڙهن ۽ ٻُڌن ٿيون، تڏهن اهو جناب ڊائريڪٽر صاحب، اتر اولهه واري صوبي جي هٿان سرڪار ۾ پيش ڪيم. سرڪار جي قدردانيءَ منهنجي عزت ۽ هن ڪتاب جي قيمت کي ايترو وڌايو، جو آءٌ ان جو بيان ڪري نٿو سگهان. مون کي منهنجيءَ محنت ۽ مراد جو دل گهُريو عوض مليو.

ڪجهه وقت ته هن ڪتاب جي لکڻ ۾ لڳو. تنهن ڪانسواءِ ڪجهه وقت

انهيءَ خيال ۾ لڳو تہ ٻولي تمام سولي هجي ۽ خيال تمام پاڪ هجن، ۽ ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ مصنوعي ناهہ نہ هجي. تنهن هوندي بہ جڏهن تہ هي ڪتاب بالڪل نئين نموني جو آهي، تڏهن هيءَ ڪا عجب جهڙي ڳالهہ ڪانہ ٿيندي، جو منجهس ڪي گهٽتايون رهجي ويون هجن. ان لاءِ اُميد تہ پڙهندڙ معاف ڪندا، ڇاڪاڻ تہ هن طرز ۾ هي پهريون ئي ڪتاب آهي.

دهلي، ١٨٦٩ع -العبد، نذيراحمد

# ناشر طرفان

هيءُ ڪتاب، جيئن اُن جي نالي مان پڌرو ٿئي ٿو، خاص طرح سان عورتن جي اخلاقي سڌاري ۽ تعليمي مقصد لاءِ لکيو ويو آهي.

اردو ادب ۾ ڊپٽي نذيراحمد هڪ هاڪارو نالو آهي، جيڪو اردو ٻوليءَ جو پهريون ناول نويس آهي ۽ هيءُ ڪتاب دراصل سندس پهريون ناول آهي. اصل ڪتاب جو عنوان ”مراة العروس“ آهي. ڊپٽي صاحب هندستان جي جڳ مشهور سماج سُڌارڪ سر سيد احمد خان جي سڄاڻ ساٿيءَ جي حيثيت ۾ اُن وقت جي اصلاحي ۽ تعليمي تحريڪن ۾ ڀرپور حصو ورتو. فطرتاً دورانديش هئڻ ڪري سڀ کان اول هن بزرگ قومي اصلاح لاءِ ”عورتن جي تعليم“ طرف توجهه ڏنو ۽ اُن لاءِ باقاعده هڪ تصنيفي مهم شروع ڪيائين. ”مراة العروس“ سندس اُنهن اصلاحي تصنيفن جي پهرين ڪڙي هئي، جنهن ۾ سندس ڪاميابي اردو ادب ۽ تعليم جي شعبن ۾ يادگار حيثيت حاصل ڪئي.

هن تحرير ۾ معاشري جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ عورت جي اهميت ۽ حيثيت کي مرد سان برابريءَ جي درجي ۾ مڃيو ويو آهي. انهيءَ اهميت جي لحاظ کان عورت جي تعليم، تربيت ۽ اصلاح هڪ انتهائي لازمي ۽ بنيادي ضرورت آهي. سنڌ ۾ انهيءَ مسئلي کي ويتر وڌيڪ ضروري سمجهڻ کپي، جتي صدين کان وني عورتن کي فقط جاهل ۽ غلام رکڻ ئي پسند ڪيو ويو آهي. (سنڌ ۾ عورت کي ”ڪارو-ڪاري“ واري ڪُڌي رسم جي حوالي سان، بنا ڪنهن رحم ۽ شرم حيا جي، رڍن ۽ ٻڪرين وانگر ڪُهڻ واري روح تڙپائيندڙ روايت هڪ الڳ موضوع آهي!)

سنڌي سماج ۾ مروج انهيءَ صورتحال کي نظر ۾ رکندي، سنڌي ادبي بورڊ سن 1958ع ۾ هن ڪتاب جي اشاعت لاءِ جيڪو ڏيان ڏنو، سو انتهائي اهميت جوڳو قدم هئو.

هيءُ ڪتاب سنڌ جي هڪ نيڪنام اديب مانواري عبدالڪريم "تراب" بروهيءَ جو ترجمو ڪيل آهي، جيڪو سنڌي زبان سان گڏ براهوي زبان جو بہ ناميارو ليکڪ ۽ شاعر هئو، ۽ وڏيءَ اوستا ۾ 1994ع ۾ هيءُ جهان ڇڏي ويو آهي.

بورڊ، اُن زماني ۾ (سَٺ وارو ڏهاڪو) عورتن جي تعليمي سجاڳيءَ لاءِ هڪ ٻيو بہ اهم ڪتاب "خوش خصلت خاتون" شايع ڪيو هئو. بيگم بادام ناتوان جي لکيل اِن ڪتاب کي بہ "ڪنوار جي آئيني" وانگر وڏي پذيرائي حاصل ٿي هئي.

موجوده زماني ۾ سنڌ ۾ عورتن جي تعليمي ۽ اخلاقي بلندگيءَ سان گڏ سندن حقن جي حاصلات لاءِ عوامي جاڳرتا جي هڪ نهايت وڻندڙ لهر آيل آهي. اهڙي دلپذير منظرنامي ۾، هن اڻ لڀ ڪتاب کي ٻيهر پڌرو ڪرڻ واري ضرورت کي دل سان محسوس ڪندي، هيءُ ڪتاب اوليت جي بنياد تي ٻيهر شايع ڪندي، دلي خوشي محسوس ڪريان ٿو.

انعام الله شيخ
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

29- آڪٽوبر 2003ع
2- رمضان المبارڪ 1424هجري

# نياڻين ۽ زالن لاءِ ٻه اکر

جو ماڻهو دنيا جي حالتن تي خيال نٿو ڪري، ان کان وڌيڪ بيوقوف ٻيو آهي ئي ڪونه. خيال ڪرڻ لاءِ دنيا ۾ هزارن نمونن جون ڳالهيون آهن، پر سڀ کان سُني ۽ ضروري ڳالهه آهي ”انسان جي باري ۾ معلومات.“

ويچار ڪرڻ گهرجي ته ماڻهو ڪي ڄمڻ کان وٺي مرڻ تائين، حياتيءَ ۾ ڪهڙيون ڳالهيون پيش اچن ٿيون، ۽ ڇا جي ڪري ان جي حالت مٽجي ٿي. انسان جي زندگيءَ ۾ سڀ کان سٺو وقت ٻاراڻپ وهيءَ جو آهي. ان عمر ۾ ماڻهوءَ کي ڪنهن به قسم جي ڳڻتي ڪانه ٿي ٿئي؛ ماءُ پيءُ ڏاڍيءَ سک ۽ مهربانيءَ سان ان کي پالين ٿا، ۽ جيسترو وس پُڄين ٿو، اوتريقدر ان کي سک ۽ آرام ڏيندا رهن ٿا.

اولاد جي سُني ڪائڻ ۽ سُني پيئڻ کان ماءُ پيءَ کي خوشي ٿي ٿئي - بلڪ ان جي آرام لاءِ هو هر قسم جو ڏک ۽ تڪليف پاڻ تي برداشت ڪن. مرد، جي پيئر ٿين ٿا، ڪي محنت ۽ مزوري ڪن ٿا، ڪي ڏنڌو ڪن ٿا، ڪي واپار، ۽ ڪي نوڪري: مطلب ته جنهن به نموني ٿي سگهي ٿو، هو ان نموني اولاد جي آرام لاءِ پيسو پيدا ڪن ٿا. عورتون، جي مائرون ٿين ٿيون، سي، جيڪڏهن پيءُ جي ڪمائي گهر جي خرچ لاءِ پوري نه هوندي آ، ته پيسن پيدا ڪرڻ لاءِ ڪو وقت پاڻ به محنت ڪن ٿيون. ڪا ماءُ سبڻ جو ڪم ٿي ڪري، ته ڪا ڳوٿا ٿي پِري؛ ڪا ٽوپيون ٿي بنائي، نه ڪا ويچاري مصيبت جي ماري ائٽ ڪتي، جنڊ پيهي يا پورهيت ٿي، پنهنجن ٻچڙن کي پالي ٿي. اولاد جي محبت جا ماءُ پيءُ کي هوندي آهي، اها ڪُوڙي يا ظاهري ڏيکارڻ واري هرگز نه هوندي آهي، پر سچي ۽ دلي محبت آهي: ۽

الله تعاليٰ، جو وڏو ڏاتار آهي، تنهن هيءَ محبت ماءُ پيءُ کي انهيءَ لاءِ ڏني آهي ته اولاد پالنا لهي.

ٻار ڄمڻ سان نهايت بيوس ٿين ٿا. هو نه ڳالهائين ٿا، نه سمجهي سگهن ٿا، ۽ ننڍي وري گهمن ڦرن ٿا. جيڪڏهن ماءُ پيءُ محبت سان اولاد کي نه پالين ها، ته ٻار جيڪر ٻک ۾ مري وڃن ها! ڪٿان انهن کي ماني ملي ها، ڪٿان ڪپڙو آڻين ها ـ ڪهڙيءَ طرح وڏا ٿين ها؟

هي رڳو انسان لاءِ نه آهي، پر جانورن ۾ به اولاد جي محبت تمام سخت آهي. ڪُڪڙِ ٻچن کي ڪهڙيءَ طرح پالي ٿي؟ سارو ڏينهن انهن کي کنڀن ۾ لڪايو ويٺي هوندي آهي: هڪ ڪڻو اَنّ جو ان کي ملندو آهي، ته پاڻ ڪونه کائيندي آهي، پر ٻچن کي سڏي، ڇهنب سان انهن جي اڳيان رکندي آهي: جيڪڏهن سِرڻ يا ٻِلي ان جي ٻچن کي مارڻ گهرندي آهي ته هُوءَ، پنهنجي ساهه جي پرواهه نه ڪري، ان سان وڙهڻ ۽ مرڻ لاءِ حاضر ٿي ويندي آهي!

مطلب ته هيءَ خاص محبت، ماءُ پيءُ کي خدا پاڪ فقط هن لاءِ ڏني آهي ته ننڍڙن ننڍڙن ٻچڙن کي جا ضرورت هجي، ان ۾ هو نه رنڊجن: ٻُک مهل ماني، اُڃ جي وقت پاڻي، سرديءَ کان بچڻ لاءِ گرم ڪپڙو، ۽ هر طرح جي آرام جي شَيءِ مناسب وقت تي ملي وڃي. تجربي مان پتو ٿو پوي ته هيءَ خاص محبت فقط انهيءَ وقت تائين قائم رهي ٿي، جيستائين ٻارن کي ان جي ضرورت ۽ گهرج آهي.

جڏهن ڪُڪڙِ جا ٻچا وڏا ٿي ويندا آهن، ته هوءَ انهن کي کنڀن ۾ لڪائڻ ڇڏي ڏيندي آهي: جڏهن ٻچا گُهمي ڦِري پاڻ پنهنجي پيٽ ڀرڻ لائق ٿيندا آهن، تڏهن ڪُڪڙِ ڪجهه به انهن جي مدد نه ڪندي آهي ـ بلڪ جڏهن تمام وڏا ٿي ويندا آهن، تڏهن انهن کي اهڙيءَ طرح ماريندي آهي، جو ڇٽڪ هوءَ سندن ماءُ ئي ڪانه آهي!

انسان جي ماءُ پيءُ جو به اهوئي حال آهي، جيستائين ٻار تمام ننڍو

آهي، ماءُ ڪيس ڪير پياري ٿي ۽ گود ۾ ڪٽي گھمائي ٿي؛ پنهنجي ننڊ حرام ڪري، ٻچي کي ٿپي ٿپي سمهاري ٿي: پر، جڏهن ٻار ايترو سمجھندار ٿئي، جو ڪڇڻي ڪائڻ لڳي ٿو، تہ ماءُ سندس ٿڃ بلڪل ڇڏائي ڇڏي ٿي، ۽ اهو ڪير جو ٻہ سال ان کي پيار سان پيارياڻين ٿي، سو بہ ڪيس سختيءَ ۽ بيرحميءَ سان پيئڻ نٿي ڏئي: ٻُبن کي ڪَوڙيون شيون لائي ٿي؛ ٻار ضد ڪري ٿو، تہ ڪيس ماري ٿي ۽ ڇڙٻون ڏئي ٿي! ڪيترن ڏينهن ڪان پوءِ ٻارن جو هي حال ٿو ٿئي، جو انهن کي گود ۾ ويهارڻ پسند نٿو ڪجي! ڇا توهان پنهنجي ننڍڙي پاءُ پيڻ کي ان ڳالھ تي مار ڪائيندي ڪونہ ڏٺو آهي، جو ماءُ جي گود مان نہ لهندا آهن، تہ ماءُ ڪَڪ ٿي چوندي آهي: ”ڪهڙو نہ ڏنگو ٻار آهي، هڪ دم بہ هنج تان نٿو لهي!“

انهن ڳالهين مان هي نہ سمجهو تہ ڪو ماءُ کي هاڻي ان سان محبت ڪانہ رهي آهي: مائٽ جي دل ۾ تہ هر حالت ۾ هڪ خاص طرح جي محبت ضرور هوندي آهي. اولاد جو حال هڪجهڙو نٿو رهي. اڄ ٿڃ تا پيئن، سڀاڻي ڪائن تا ، پوءِ پيرين پنڌ ڪرڻ سڪيا : جيترو ٻار وڏو ٿيندو ويو ، اوتري قدر محبت جو رنگ مٽبو ويو. ڇوڪر ۽ ڇوڪريون پڙهڻ ۽ لکڻ لاءِ ڪهڙيون مارون ڪائينديون آهن! توڙي ٻي سمجھائيءَ ڪان ٻار نٿا سمجهن، پر ماءُ پيءُ جي هٿان جا بہ تڪليف انهن کي پهچي، اها ضرور انهن لاءِ فائدي واري آهي.

اوهان کي ماءُ پيءُ ڪان جُدا رهي، گهٽا ئي ڏينهن جيئٽو پوندو. ڪنهن جا ماءُ پيءُ سڄي ڄمار جيئرا نٿا رهن. سڀاڳا آهن اهي ڇوڪر ۽ ڇوڪريون، جن ماءُ پيءُ جي حياتيءَ ۾ اهڙو هنر ۽ اهڙو ادب پرايو، جنهن ڪان سندن ساري عمر خوشيءَ ۽ آرام ۾ گذري؛ ۽ نهايت نياڳو آهي اهو اولاد، جنهن ماءُ پيءُ جو قدر نہ ڪيو، ۽ والدين جي صدقي جيڪو سڪ انهن کي نصيب ٿيو، اهو اڪارتو ڪيائون، ۽ اهڙيءَ سنيءَ واندڪائي، ۽ بي فڪريءَ جو وقت سُستيءَ ۽ راند روند ۾ چٽ ڪيائون، ۽ پوءِ سڄي

جمار ڏکن ۽ تڪليفن ۾ ڪاٽيائون: پاڻ عذاب ۾ رهيا، ۽ ماءُ پيءُ کي به پنهنجي ڪري عذاب ۾ رکيائو!

مرڻ تي ئي رڳو ڳالهه بَدل نه آهي - شادي ٿيڻ کان پوءِ اولاد ماءُ پيءُ کان جيئري ئي جدا ٿي وڃي ٿو. جڏهن اولاد جوان ٿو ٿئي، ۽ ماءُ پيءُ پوڙها ٿِي وڃن ٿا، تڏهن اهي پاڻ اولاد جا محتاج ٿين ٿا. جوان ٿيڻ کان پوءِ، ماءُ پيءُ کان مدد ملڻ ته ڇڏيو، پر خود اولاد کي انهن جي خدمت ۽ مدد ڪرڻي پوي ٿي. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي ويچار ڪرڻ گهرجي ته ماءُ پيءُ کان جدا ٿيڻ کان پوءِ انهن جي حياتي ڪهڙيءَ طرح گذرندي.

دنيا ۾ تمام گهڻو ڳرو بار مردن جي سِر تي آهي. دنيا ۾ کاڌو، ڪپڙو ۽ ڍاڙيءُ جي خرچ جون سڀ شيون پيسن سان ملن ٿيون، ۽ هي سڀ ڪترا ڳ پيسي جو آهي. عورتن لاءِ وڏي خوشيءَ جي ڳالهه آهي، جو هو گهڻو ڪري ڪمائڻ ۽ پيسن پيدا ڪرڻ جي محنت کان آجيوُن رهن ٿيون. ڏسو، ويچارا مرد ڪهڙيون ڪهڙيون سخت محنتون ڪن ٿا: ڪو ڳرو بار مٿي تي کڻي ٿو، ته ڪو ڪانيون ٿو ڍوئي: سونارو، لوهار، ناٿارو، پاٽيو، چانديءَ تي سون چاڙهڻ وارو، سون ۽ چانديءَ جا ورق بنائيندڙ، ڪئا مار جوڙيندڙ، تارڪش يعني سون ۽ چانديءَ جون تارون ناهيندڙ، ملمع ساز يعني سون تي چاندي چاڙهيندڙ، زيورن تي جواهر جڙيندڙ، زري وڪٽندڙ، ڪلابات اٽندڙ، چم جوُن ٿيلهيون ناهيندڙ، مينا ساز يعني سون چانديءَ تي گلڪاري ڪيندڙ، قلعي گر، سون ۽ چانديءَ تي عمدو ڪم ڪندڙ، تراريون وغيره. هٿيار صاف ڪندڙ صيقل گر، آئينه ساز، زردوز، منهيار، نعلبند، نگينه ساز يعني مُندين جي ٽِڪ ناهيندڙ، ڪامدان يعني سون ۽ چانديءَ جي تارن سان برٽ پريندڙ، سِراڻ وارا، بار ڍوئيندڙ، ڊکڻ، جَنڊيءَ وارا، ناريل وارا، ڦٽيون ناهيندڙ، ڪاغذي، ڪوري، رنگريز، ڪتي، ڪپڙا ڇُريندڙ ڪاريگر، دستاربند، زيور پوئيندڙ سُرهيا، نڙ ۽ نليون جوڙيندڙ، مُهرون ناهيندڙ، پٿر گهڙيندڙ، رازا، موچي، ڪنيار، حلوائي،

چاڪي، تنبولي يعني پان وڪڻندڙ، رنگ جوڙيندڙ، مزور، هاري، نوڪريءَ وارا، ڪلن ناهڻ وارا، وغيره ـ جيترا به ڌندن وارا آهن، انهن سڀني جي ڪمن ۾ هڪجيتري تڪليف آهي: ۽ سڀ تڪليفون پيسن ڪمائڻ لاءِ فقط مرد ئي سهن ٿا! پر هن ڳالهه مان هي نه سمجهڻ گهرجي ته زالن سان، ڪائڻ ۽ پيئڻ کان سواءِ دنيا جو بيو ڪو به ڪم لاڳو نه آهي ـ بلڪ گهر هلائڻ جو سڄو ڪم عورتون ڪن ٿيون! مرد پنهنجي ڪمائي آڻي عورتن جي اڳيان رکن ٿا، ۽ عورتون ان کي پنهنجي عقل سان اهڙي بندوبست ۽ ڍنگ سان هلائين ٿيون، جو آرام ڪان سواءِ، عزت ۽ ناموس جي به ڪا گهٽتائي نٿي ٿئي. پوءِ جيڪڏهن ويچار سان ڏسون ته دنيا جي به گاڏي، جيستائين هڪ ڦيٿو مرد جو ۽ ٻيو ڦيٿو عورت جو نه هجي، هر گز هلي نٿي سگهي. مردن کي پيسن ڪمائڻ کان پوءِ ايترو وقت نٿو بچي، جو ان کي گهر جي ننڍن ننڍن ڪمن ۾ پوري طرح ورڇي خرچ جي پورائيءَ ڏانهن توجهه ڪن.

اي ڇوڪرؤ، اها ڳالهه سکو جا مرد ٿيڻ کان پوءِ اوهان جي ڪم ۾ اچي: ۽ اي ڇوڪريون، اهو هنر حاصل ڪريو، جو عورت ٿيڻ تي اوهان کي ان مان خوشي ۽ فائدو ٿئي!

بيشڪ عورت کي الله پاڪ مرد کان ڪجهه ڪمزور پيدا ڪيو آهي؛ پر هٿ، پير، ڪن، اکيون، عقل، سمجهه، يادگيري، ۽ ٻيون سڀ وصفون عورت کي مرد جهڙيون ڏنيون اٿس. ڇوڪرا انهن شين کان ڪم وٺي عالم، حافظ، حڪيم، ڪاريگر، دستڪار ـ هر هنر ۽ ڪاريگريءَ ۾ نادر، ۽ هر هنر ۾ چالاڪ ۽ ماهر ـ ٿي وڃن ٿا؛ ۽ ڇوڪريون پنهنجو وقت گُڏين کيڏڻ ۽ آڪاٽين ٻڌڻ ۾ وڃائي، بي علم ۽ بي هنر رهن ٿيون: پر جن زالن وقت جو قدر سڃاتو، ۽ ان کي ڪمائتين ڳالهين ۾ لاتو، سي مردن وانگر دنيا ۾ نامور ۽ مشهور ٿيون ـ جهڙوڪ نورجهان بيگم، زيب النساء بيگم، وغيره.

ڪي نادان عورتون خيال ڪنديون آهن ته گهڻو پڙهي ڪو مردن وانگر مولوي ٿورو ئي ٿيڻو اٿئون ـ پوءِ محنت ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟ پر جيڪڏهن ڪا عورت گهڻو پڙهي ويئي آهي، ته بيشڪ انهيءَ گهڻو فائدو به حاصل ڪيو. هن ڳالهه کي ڪٿي تسليم ڪجي ته گهڻو علم پڙهڻ عورتن لاءِ ضروري نه آهي: پر جيترو ضروري آهي: پر جيترو ضروري آهي، اوترو به ڪيتريون عورتون پڙهن ٿيون؟ گهٽ ۾ گهٽ لکڻ پڙهڻ ته هنن لاءِ تمام ضروري آهي: جيڪڏهن ايترو به نه آهي ته اهو نقصان ئي ته ٿيو! پوءِ ڪين پنهنجي گهر جي ڳالهه ڌارين وٽ ظاهر ڪرڻي پوي ٿي، يا ان جي لکائڻ مان نقصان ٿئي ٿو. عورتن جون ڳالهيون گهڻو ڪري حيا ۽ پردي واريون هونديون آهن، ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ سان ڪڏهن انهن جي ظاهر ڪرڻ جي ضرورت درپيش ايندي آهي ـ ۽ اتفاق سان اُهي ان وقت موجود نه هونديون آهن، ته پوءِ اهڙيءَ حالت ۾ يا ته حجاب لاهي پري رکڻو پوندو آهي، يا، نه چوڻ سبب، نقصان سَهڻو پوندو آهي.

پڙهڻ کان لکڻ البت ڏکيو آهي، پر جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن ڪتاب مان چار سٽون ڏهاڙي ڏسي لکندو وڃي، ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي دليئن ناهي لکندو ڪري، درستيون ڪرائيندو رهي، ته ضرور ٿورڙن مهينن ۾ هو لکڻ سکي ويندو. هرو ڀرو سٺن اکرن سان مطلب نه آهي: لکڻ هڪ هنر آهي، جو ضرورت جي وقت گهڻو ڪم اچي ٿو. جيڪڏهن غلط ڏنگا ڦڏا ۽ اٽپورا اکر لکجي وڃن، ته دل ڪَٽي ڪري مشق لکڻ بند نه ڪريو. ڪو به ڪم شروعات ۾ سُٺو ڪونه ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن وڏي عالم کي هڪڙي ٽوپي ڪترڻ ۽ سبڻ لاءِ ڏيو، جنهن اڳي اهو ڪم اصل نه ڪيو هجي، ته هُو ضرور اها ٽوپي خراب ڪندو. گهمڻ ڦرڻ، جو اوهان لاءِ هاڻي اهڙو سَولو آهي جو بنا تڪليف جي ڊوڙو ۽ گهمو ٿيون ـ شايد ياد نه اٿوَ ته اهو اوهان کهڙيءَ مشڪلات سان سِکيون آهيو. اوهان جي ماءُ پيءُ ۽ وڏڙن کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته پهريائين اوهان کي ٽيڪ کان سواءِ ويهڻ

بہ نٿي آيو: جڏهن اوهان کي هنج مان لاهي هيٺ ٿي ويهاريائون ، تہ هڪڙو ماڻهو اوهان کي جهلي ٿي بيٺو، يا وِهاٽي جي ٽيڪ ٿي ڏنائون. پوءِ اوهان ڪِري گوڏن ڀَر بانبڙا پائڻ سکيون؛ پوءِ بيهڻ، پر ڪٽ کي وني. جڏهن اوهان جا پير زياده مضبوط ٿي ويا ، تہ پوءِ اوهان کي آهستي آهستي هلڻ اچي ويو. سؤ دفعا اوهان کي ڌڪ بہ لڳا ، ۽ ڏيهاڙي ڪِرڻ اوهان جي ڪرت هوندي هئي. پر هاٽي اهي ئي اوهين آهيو، جو خدا جي مهربانيءَ سان ڊوڙي ڊوڙي گهمو ٿيون! اهڙي طرح، هڪڙي ڏينهن لکڻ بہ اچي ويندوَ. ڪٿي توهان کي سُنو لکڻ نہ بہ آيو، تڏهن بہ ضرورت آهر ضرور اچي ويندو. پوءِ اوهان کي اها مشڪلات نہ رهندي، جو ڌوٻڻ جي ڪپڙن ۽ پيهڻ واريءَ جي پِيسائيءَ لاءِ پٽ تي ليڪا ڪڍنديون وتو، يا پاهٽيون ۽ پٿريون گڏ ڪري رکو.

گهرَ جو حساب ڪتاب ۽ ڏيتيون ليتيون زباني ياد ڪرڻ، ڏاڍو ڏکيو آهي. ڪيترن مردن جي عادت هوندي آهي، جو جيڪي ڏوڪڙ پيسو گهر ۾ ڏيندا آهن، ان جو حساب پڇندا آهن. جيڪڏهن زباني ياد نہ آهي، تہ مردن کي شڪ پوندو آهي، تہ اهي پيسا ڪٿي خرچ ٿيا ـ ۽ پاڻ ۾ ناحق رنج ۽ جهيڙو پيدا ٿي پوندو آهي. جيڪڏهن عورتون ايترو لکڻ سِکي وٺن جو سندن لاءِ ڪافي هجي، تہ اها ڪهڙي نہ سُني ڳالهہ چئبي!

لکڻ پڙهڻ کان سواءِ، سبڻ پرڻ ۽ رڌڻ پچائڻ ـ اهي ٻئي هنر هر هڪ ڇوڪريءَ کي سکڻ ضروري آهن. ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي هيءَ خبر ڪانهي تہ اڳتي ڪيس ڪهڙي حالت درپيش ايندي. وڏا وڏا امير ۽ شاهوڪار هڪدم غريب ۽ محتاج ٿي وڃن ٿا. جيڪڏهن ڪو بہ هُنر هٿ ۾ هوندو آهي، تہ اهو ضرورت وقت ڪم ايندو آهي. هيءَ هڪ مشهور ڳالهہ آهي تہ اڳئين وقت جا بادشاهہ، حڪومت ۽ شاهوڪاريءَ هوندي بہ، ڪو نہ ڪو هنر ضرور سِکي ڇڏيندا هئا ، جيئن مصيبت جي وقت ڪم اچي.

ياد رکو، دنيا جي ڪا بہ حالت ڀروسي جهڙي نہ آهي. جيڪڏهن

توهان کي هن وقت آرام ۽ واندڪائِي ميسر آهي، تہ الله پاڪ جو شڪر ڪريو، جو هن پنهنجي مهرباني سان اوهان جي گهر ۾ برڪت ۽ سک ڏنو آهي: پر ان جي معنيٰ اها نہ آهي تہ اوهان ان آرام جو قدر نہ ڪريو، يا اڳتي لاءِ اها اميد پيا رکو تہ هي آرام اوهان کي سدائين نصيب هوندو. آرام جي ڏينهن ۾ پنهنجون عادتون سڌارڻ ضروري آهن. جيتوڻيڪ خدا پاڪ اوهان کي نوڪر چاڪر بہ ڏنا هجن، پر تنهن هوندي بہ اوهان کي پنهنجون عادتون ڪارڻ نہ گهرجن، شايد خدا نہ ڪُري، هيءَ طاقت جتاءُ نہ ڪري، تہ پوءِ اها ڪاهليءَ جي عادت نهايت تڪليف پهچائيندي. پاڻ اُٿي پاڻي نہ پيئڻ، يا ننڍن ننڍن ڪمن ۾ نوڪرن يا ننڍن ڀائرن ڀينرن کي تڪليف ڏيڻ، ۽ پاڻ بالم ٻڌجي ويهي رهڻ، نامناسب ڳالهہ آهي ۽ عادتن جي ڪرڻ جي نشاني آهي. اوهان کي پنهنجو سڀ ڪم پاڻ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اوهان ڦڙت ۽ چالاڪ رهو، تہ گهر جو گهڻو ڪم اوهان پاڻ ڪري ٿيون سگهو. جيڪڏهن توهان ٿورڙي محنت اختيار ڪريو، تہ پنهنجيءَ ماءُ کي گهڻي مدد ۽ همراهي ڪري سگهو ٿيون. چڱيءَ طرح ويچار ڪري، پنهنجو ڪوبہ ڪم اهڙو نہ ڇڏيو جنهن کي اوهان جي ماءُ پنهنجن هٿن سان ڪري، يا ڀين کي ان لاءِ سڏيندي ۽ تڪليف ڏيندي ڦِري.

اي منهنجيون پياريون ڇوڪريون! رات جو جڏهن سمهو تہ پنهنجو هنڌ پنهنجن هٿن سان پاڻ وڇايو، ۽ صبح جو سوير اٿي، پاڻ ويڙهي، خبرداريءَ سان مناسب جاءِ تي رکنديون ڪريو. پنهنجن ڪپڙن جي هَڙَ، پنهنجيءَ نظرداريءَ ۽ سنڀال هيٺ رکو. پنهنجن هٿن سان پنهنجا ڦاٽل ۽ ادڙيل ڪپڙا سبنديون ڪريو. ميرن ڪپڙن جي سنڀال ڪريو: جيستائين ڌوٻڻ ڪپڙا ونڻ اچي، يا پاڻ ڪار چاڙهي ڌوئجن، تيستائين اهي ديوار - پٽيءَ تي لٽڪائي رکو. جڏهن ڪپڙا بدلايو، تہ ميرا سيرا ڪپڙا ڪٺي هٿيڪا ڪري رکو - متان ڪٺا ڪتري وڃن، يا هيٺ پٺي پٺي وڏيڪ ميرا ٿي وڃن، ۽ ڌوٻڻ انهن کي چڱيءَ طرح صفا نہ ڪري سگهي: يا پوسل ۽

پگهر سببان انهن کي اڏوهي لڳي وڃي. ڌوبڻ کي پنهنجا ميرا ڪپڙا پاڻ ڏسي ڏينديون ڪريو، ۽ جڏهن ڌوئي آڻي، تڏهن پاڻ ڏسي وٺو - متان ڪو ڪپڙو گهٽ نه آندو هجيس، يا ڪٿي ڦاڙيو نه هجيس، يا ڪٿي ڪي داغ اجا رهيل نه هجنس. جڏهن اهڙي طرح اوهين پنهنجن ڪپڙن جي خبر رکنديون، تڏهن هوءَ توهان جا ڪپڙا چڱيءَ طرح صفا ڌوئيندي، ۽ ڪوبه ڪپڙو گم نه ٿيندو.

جيڪي زيور اوهين پائينديون آهيو، سي وڏيون قيمتي شيون آهن: رات جو سمهڻ کان اڳ، ۽ صبح جو اٿڻ وقت، خيال ڪري ڏسو ته سڀئي سلامت آهن، يا نه. گهڻو ڪري وائڙيون ڇوڪريون ڪيڏڻ ڪڏڻ ۾ زيور ڪيرائينديون آهن؛ ۽ ڪيترن ڏينهن کان پوءِ انهن کي خبر پوندي آهي ته والِي ڪري پيئي آهي، يا ڇِلو نڪتو آهي: گهر ۾ ته ڪيترا دفعا ڀاري ڏني ويندي آهي - پوءِ ڪهڙي خبر ته ذري جيتري ننڍڙي شَي ڪيڏانهن ويئي، يا ڪٿي مٽيءَ ۾ پورجي ويئي؟

اُهي بيخبر ڇوڪريون پوءِ اُن ڳالهه لاءِ ارمان ڪري روئنديون آهن، ۽ سڀني گهر وارن کي ڳولا لاءِ حيران ڪري وجهنديون آهن. جڏهن ماءُ پيءُ کي خبر پوندي آهي ته هيءَ ڇوڪري زيور خبرداريءَ سان سنڀالي نٿي رکي، ۽ وڃائي ٿي، ته اهي به ڪنجوسائي ڪرڻ لڳندا آهن.

اوهان کي هميشه خيال ڪرڻ گهرجي ته گهر جي ڪمن مان ڪهڙو ڪم اوهان جي ڪرڻ لائق آهي. بيشڪ، اوهان جا ننڍڙا ڀاءُ ڀيڻ جيڪڏهن روئيندا ۽ ضد ڪندا آهن، ته اوهين ڪين رجهائي سگهو ٿيون، جيئن ماءُ کي تڪليف نه ڏين. منهن ڌوئارڻ، انهن جي ڪاڏي پيتي جي خبر رکڻ، ڪپڙا ڦهرائڻ - هي سڀ ڪم جيڪڏهن اوهين گهرو، ته ڪري ٿيون سگهو. پر جيڪڏهن اٽلو اوهين پنهنجن پائرن ۽ ڀينرن سان وڙهو ۽ ضد ڪريو، ته اوهان پاڻ پنهجي عزت وڃايو ٿيون، ۽ ماءُ کي تڪليف ٿيون ڏيو. هوءَ گهر جو ڪم ڪري يا ويهي اوهان جي ڪيسن جا فيصلا ڪري؟ گهر ۾ جو

ڪاڏو پڇي ٿو، ان کي سکٽين وانگر انهيءَ مطلب سان ڏسڻ نہ گهُرجي تہ ڪڏهن پچندو ۽ ڪڏهن ملندو! گهر ۾ ڪتو پلو، يا ٻيا جيڪي جانور پلبا آهن، اهي جيڪڏهن پيٽ پرڻ جي اميد تي ڪاڏي جا منتظر رهن ٿا، تہ پرواهہ نہ آهي؛ پر توهان کي سيکنهن ڳالهہ ۾ ويچار ڪرڻ گهرجي تہ ٻاچي ڪهڙيءَ طرح پُڳي وجي ٿي ۽ لوڻ ڪيتريقدر وجهڻ کپي. جيڪڏهن هرهڪ ڪاڏي کي خيال سان ڏسنديون وجو، تہ پڪ آهي، جو ٿورڙن ڏينهن ۾ اوهين جيڪر رڌڻ پچائڻ سکي وجو ـ ۽ ان طرح اوهان کي اهو هنر اچي وڃي، جو دنيا جي سيني هنرن ۾ سڀ کان وڌيڪ ضروري آهي. معمولي ڪاڌن کان سواءِ، تڪليف سان تيار ٿيندڙ ڪاڌا بہ آهستي آهستي سکي وٺڻ گهرجن؛ ڇاڪاڻ تہ آئي وئي جي دعوت ۾ هميشه طرح طرح جي تڪليف وارن عمدن ڪاڌن جي ضرورت پوندي آهي. ڪباب، پلاءُ، منا چانور، زردو، چٽني، مُربو، خشڪا چانور ـ اهي سڀ مزيدار ڪاڌا آهن: هر هڪ جي بنائڻ جي وات ياد رکڻ گهرجي. ڪيترا ڪاڌا تڪليف وارا تہ نہ هوندا آهن، پر انهن کي ائين رڌڻ جو وڌيڪ لذيذ ۽ سوادي ٿين، سا تعريف جي ڳالهہ ڳڻبي آهي ـ جهڙوڪ مڇي، ڪريلا، وغيره.

سبڻ تہ گهٽو ڪري اهڙو ڏکيو ناهي، البت وڍڻ، ڪترڻ، ۽ ماپ ڪرڻ عقل جي ڳالهہ آهي، جنهن کي دل لائي سکڻ تمام ضروري آهي ـ عورتن جي سيني ڪپڙن جو وڍڻ ڪَتڻ تہ خاص ڪري ضروري سمجهڻ گهرجي. بيوقوف عورتون گهٽو ڪري پنهنجا ڪپڙا ڪٽي، ڪَچرائڻ ۽ وڍڻ ڪتن لاءِ ٻين عورتن وٽ پيئون ڦرنديون آهن، ۽ انهيءَ ٿورڙيءَ ڳالهہ لاءِ ڪين گهٽي خوشامد ڪرڻي پوندي آهي. مرداڻن ڪپڙن ۾ انگرکو ڪجهہ ڏکيو آهي. اوهين پنهنجن ڀائرن جا انگرکا ڪَتينديون ڪريو. ٻن چئن انگرکن ڪَتڻ کان پوءِ سيڪجهہ سمجهہ ۾ اچي ويندو.

ڇوڪريون، لڄ جون ماريون ـ زبان سان ڪٽي نٿيون چون، پر دل ۾ ضرور چاڻن ٿيون تہ ڪنوارپ جا ٿورڙا ڏينهن باقي آهن. حر پرتجي

ويندي ونسين، ۽ پرڻي ڪان پوءِ بلڪل نئين نموني جي حياتي گذارڻي پوندي ـ جهڙيءَ طرح اوهين پنهنجي ماءُ، نانيءَ ۽ ماسيءَ ۽ ڪٽنب جي سيني عورتن کي ڏسو ٿيون. ڪنوارپ جو وقت تمام ٿورو آهي، ۽ ان وقت جو گهڻو ڀاڱو ته بي سمجهائيءَ ۾ گذري وڃي ٿو. اهو زندگيءَ جو جبل ته اڃا اڳيان اچي رهيو آهي، جو طرح طرح جي جهڳڙن ۽ قسمِ قسم جي بکيڙن سان ڀريل آهي، هاڻي اوهين ويچار ڪري ڏسو ته اوهان ڇوڪريون ڪو آسمان تان لهي آيل ته ڪين آهيو، جو پرڻي ڪان پوءِ اوهان کي ڪو ٻيو بخت لڳي ويندو! جيڪو سڄي جهان جي نُهرن ۽ ڌيئرن کي پيش ٿو اچي، اهوئي اوهان کي به پيش ايندو. جيڪڏهن نه، ته پوءِ اوهان کي ضرور سوچڻ گهرجي ته عورتون ڪهڙي طرح حياتي گذارين ٿيون؛ پرڻي ڪان پوءِ انهن جي ڪهڙي عزت ٿئي ٿي؛ ۽ مرد انهن جي عزت ۽ لحاظ ڪيتريقدر ٿا رکن؟ خاص ماڻهن جي حالت تي نظر نه ڪريو: جيڪڏهن ڪنهن هنڌ اتفاق سان گهڻو قرب ٿيو، ۽ عورت مرد تي غالب پئجي ويئي، يا وري ڪٿي زياده اڻبڻت ٿي، ۽ عورت جي عزت بلڪل ختم ٿي ويئي، ته اها هڪ جدا ڳالهه آهي. اوهين ملڪ جي عام دستور ۽ رواج کي ڏسو. اڄ جي زماني ۾، عام دستور موجب ته عورتن جو ڪو به قدر نٿا ڏسون: ”اڻپوري عقل واريون“ ته انهن جو لقب آهي! بدڪار عورتن جي مَڪر جي ڦنڪار قرآن پاڪ ۾ به موجود آهي:

اِنَّ ڪَيدَ ڪُنَّ عَظِيمٌ

(سچ پچ اوهان جو مڪر تمام سخت آهي)

مرد ماڻهو، عورت ذات کي بيوفا ٿا ڄاڻن:

”اسپ وزن و شمشير، وفادار ڪسي ديد!“

يعني، ”گهوڙي، زال ۽ ترار کي ڪنهن وفادار ڏٺو!“

هڪڙي شاعر ته عورتن تي ”عورت“ نالي رکڻ ۾ به انهن جي مذمت جو سبب ٻڌايو آهي:

"اگر نيک بودي سرانجام زن،
زنان را 'مزن' نام بودي، نہ 'زن' !"

يعني، "جيڪڏهن "زن" يعني عورت جو مقصد چڱائي هجي ها ، تہ عورتن جو نالو "مَزن" يعني 'نہ هڻ' (نہ مارِ) هجي ها ، ۽ "زن" يعني 'هڻ' (مارِ)نالو نہ هجينَ ها!"

اهي سڀ ڳالهيون تہ ڪتابن ۾ لکيل آهن، پر گهر هلائڻ جي هلت ۾ بہ ڏسو۔ گهر جي ڪم ڪار ۽ خدمت چاڪريءَ کان سواءِ ڪو شانائتو ڪم بہ عورتن کان ورتو وڃي ٿو. يا ڪنهن سُني ڪم جي صلاح مصلحت ۾ عورتون بہ پائيوار ٿين ٿيون؟ جن گهرن ۾ عورتن جي وڏي عزت ۽ وڏو لحاظ آهي، اُتي بہ جيڪڏهن عورتن کان راءِ پڇي وڃي ٿي، تہ بس ايتريقدر تہ

"اڄ ڪهڙي ڀاڄي ايندي؟"
"چوڪريءَ لاءِ ڳاڙهو سينڊل وٺڻ کپي، يا زريءَ واري جتي؟"
"پٽڙيءَ کي ڳُوڙها ڳاڙها ڳوٺا لڳندا يا سُرمائي؟"

بس ـ انهيءَ کان سواءِ، ڪا بہ عورت ٻڌائي تہ ڪڏهن مردن اُنهن کان وڏين وڏين ڳالهين ۾ بہ ڪا صلاح پڇي آهي؟ يا ، ڪين ڪنهن وڏي ڪم ڪرڻ جي ٿوري بہ اختياري ڏني آهي؟ جيڪڏهن نہ ، تہ پوءِ، اي عورتون! چا ، توهان کي اهڙيءَ بُريءَ حالت ۾ جيئڻ ڪڏهن اٽوڻندڙ نٿو لڳي؟ پنهنجي بي اعتباري ۽ بيعزتيءَ تي ڪڏهن افسوس نٿو ٿئي؟ چا ، توهان جي دل نٿي گهري تہ مردن جي نظرن ۾ اوهان جي عزت هجي؟ اوهان پنهنجن هٿن سان پنهنجي عزت وڃائي رهيون آهيو. اوهان پنهنجي بي عزتيءَ جو سبب پاڻ آهيو. جيڪڏهن اوهان ۾ قابليت هجي، تہ مردن کي اوهان جو خيال چو نہ ٿئي؟ جيڪڏهن اوهان ۾ لياقت هجي، تہ مردن کي اوهان جي قدرداني چو نہ ٿئي؟ مشڪلات تہ هيءَ آهي، جو اوهان فقط انهيءَ دال روٽيءَ رڌڻ پچائڻ، ۽ قاتل پُراٽي سبڻ کي ڪا وڏي لياقت ۽

معتبري ٿيون سمجهيو: پوءِ جهڙي لياقت اٿوَ، اهڙو قدر نہ مليوَ ٿو! اوهان جي هاٺوڪيءَ حالت تي فقط بي عقلي، ۽ مڪر ۽ بيوفائي تہ ڇا، جيڪڏهن ساريءَ دنيا جا ڏوهہ بہ مڙهيا وڃن، تہ بہ واجب آهي: ۽ سڄيءَ دنيا جا عيب اوهان ۾ چئجن، تہ بہ برابر آهي!

اي عورتون! توهين مردن جي دل لاءِ وندر ۽ انهن جي زندگيءَ لاءِ خوشيءَ جو خزانو، انهن جي اکين لاءِ باغ بهار، انهن جي خوشيءَ کي وڌائيندڙ ۽ انهن جي غم کي غلط ڪرڻ واريون آهيو: جيڪڏهن اوهان کان مردن کي وڏن ڪمن ۾ مدد ملي، ۽ اوهان کي وڏن ڪمن جي انتظام جو ڍنگ بہ هجي، تہ جيڪر مرد اوهان جا پير ڌوئي پيئن، ۽ اوهان کي پنهنجو سدائين لاءِ سهٽو صلاحڪار بنائين. هنن جو اوهان کان بهتر غم ڪاٽيندڙ، اوهان کان بهتر صلاحڪار، ۽ اوهان کان بهتر خير خواه پيو ڪير آهي؟ پر، وڏن ڪمن جو ڍنگ جو اوهان کي حاصل ٿئي، سو ٿئي ڪيئن؟ اوهين گهر جي چوديواريءَ ۾ قيد آهيو - نہ ڪنهن سان ملڻ جون رهيون آهيو، ۽ نہ ڪنهن سان ڳالهائڻ جون آهيو! عقل هجي، يا ڍنگ - ماڻهوءَ کان ماڻهو سکندو آهي. مرد ماڻهو، لکي پڙهي، عقل ۽ ڍنگ حاصل ڪن ٿا: ۽ جي اڻ پڙهيل آهن، اهي هزارن قسمن جي ماڻهن سان ملن ٿا، ۽ لکين نمونن جون ڳالهيون ٻڌن ٿا. پر اوهان کي پردي کان ڇٽڻ جي اميد ڪانهي. اسان جي ملڪ جي دستور ۽ رواج، پردي کي عورتن تي ايتريقدر تہ فرض ۽ واجب ڪري ڇڏيو آهي، جو هاڻي هر حال ان رواج جي پابندي تمام ضروري آهي. پوءِ لکڻ پڙهڻ کان سواءِ ٻي ڪهڙي رٿ آهي جو اوهان جي عقل ۾ واڌارو ٿئي. آءٌ تہ چوان ٿو تہ مردن کان بہ وڌيڪ، عورتن کي پڙهڻ جي ضرورت آهي.

مرد تہ ٻاهر گهمڻ ڦرڻ وارا آهن. هڪ ٻئي سان ملي جلي بہ تجربو حاصل ڪري وٺندا. پر اوهان گهر ۾ ويهي ويهي ڇا ڪنديون؟ سڀڻ جي ڳوٺڙيءَ مان عقل جي پڙي ڪڍي وٺنديون، يا اناج جي ڪوٺيءَ مان تجربي

جي جهولي پري وننديون؟ پڙهڻ سکو تہ پردي ۾ ويهي ساريءَ دنيا جو سير ڪريو. علم حاصل ڪريو، تہ پنهنجي گهر ۾ سڄي زماني جون ڳالهيون اوهان کي معلوم ٿي وڃن.

عورتن کي پنهنجي اولاد جي سڌاري لاءِ بہ لياقت حاصل ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي. ڇوڪريون تہ پرڻي تائين، ۽ ڇوڪرا بہ گهڻو ڪري ڏهن ورهين جي عمر تائين گهرن ۾ آزمودو سکن ٿا؛ ۽ مائرن جون عادتون ۽ اخلاق انهن ۾ اثر ڪري وڃن ٿا.

اي عورتون! اولاد جي ايندڙ حياتي اوهان جي وس ۾ آهي. اوهين گهرو تہ شروع کان انهن جي دلين ۾ اهي ارادا ۽ اهي اوچا خيال پيدا ڪريو، جو هو وڏا ٿي، نالو ۽ ناموس پيدا ڪن، ۽ سڄي عمر آرام ۾ گذاري، اوهان جا شڪر گذار رهن.

چاهيو تہ انهن جي عادتن کي اهڙو بگاڙي ڇڏيو، جو جيئن جيئن وڏا ٿين، تيئن خرابيءَ جا لڇڻ سکندا وڃن، ۽ پڇاڙي تائين هن شروعات يعني ننڍيءَ وهيءَ جو ارمان ڪندا رهن. ڇوڪرين کي ڳالهائڻ سان، تعليم وٺڻ جي طاقت پيدا ٿئي ٿي. جيڪڏهن مائرن ۾ لياقت هجي، تہ انهيءَ ئي وقت کان وني، ٻارن جي تعليم شروع ڪن. مڪتب يا مدرسي ۾ موڪلڻ جي انتظار ۾ ڇوڪرين جا ڪيترائي سال برباد ٿي وڃن ٿا. تمام ننڍڙيءَ چمار ۾ تہ ڇوڪرين کي نہ پاڻ مدرسي ۾ وڃڻ جو شوق هوندو آهي، ۽ نہ وري مائرن جي محبت ائين ٿي گهري تہ ننڍڙا ٻچڙا، جي اڃا پنهنجي منهن آزاد ۽ پاڻ پلڻ جهڙا نہ آهن، سي استاد جي قيد ۾ قابو ڪيا وڃن. پر مائرون جيڪڏهن گهُرن، تہ انهيءَ وقت پاڻ انهن کي گهڻو لکائي پڙهائي سگهن ٿيون.

ٻار اسڪول ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ بہ ڪيتري وقت تائين دل لائي نہ پڙهندا آهن. گهڻن ڏينهن بعد سندن علمي لياقت ۾ واڌارو ٿيندو آهي. انهيءَ سموري وقت ۾ انهن کي مائرن کان گهڻي مدد ملي سگهي ٿي.

ڦهرايائين تہ مائرن جهڙي مهر ۽ دل جو درد ڪٿي؟ ٻيو تہ رات ڏينهن جو گڏ رهڻ. جڏهن ڪجهہ طبيعت جو لاڙو ڏٺائين، تڏهن جهٽ ڪو حرف سيکاريائينس، ڪجهہ ڳڻڻ ياد ڪرايائينس، ڪٿي اوپر اولهہ جو تفاوت سمجهايائينس.

مائرون تہ ڳالهين ٻولهين ۾ اهو سيڪاري سگهن ٿيون، جو استاد ورهين جي پاڙهڻ ۾ بہ سيکاري نٿو سگهي: ۽ مائرن جي پڙهائڻ ۾ هڪ هيءَ بہ سهنج ۽ فائدو آهي جو ٻارن جي طبيعت کي (مائرن کان) ڊپ ۽ ڌاهہ نٿو ٿئي، ۽ سندن تعليم ۾ شوق سان ترقي ٿيندي وڃي ٿي.

اولاد جو سڌارو تہ سڌارو، انهن جي پالڻ جي رٿ، ۽ انهن جي جان جي سنڀال بہ مائرن جي وس ۾ آهي. جيڪڏهن خدا نہ ڪري، ڪٿي ان ڍنگ ۾ گهٽتائي آهي، تہ اولاد جي جان تي مصيبت ۽ تڪليف آهي. اهو ڪهڙو نياڳو هوندو، جنهن کي مائرن جي محبت ۾ شڪ هجي. پر اها محبت جيڪڏهن بي سمجهائي سان حد کان وڌي وڃي، تہ ٿي سگهي ٿو، جو اُها فائدي بدران نقصان پهچائي. ٿورو انصاف ڪريو تہ هزارين جاهل ۽ ٻودليون (گهٽ سمجهہ واريون) مائرون، اهڙيون نہ آهن، جو اولاد جي هر هڪ مرض کي نظر، پرين جي ڇانوَ، حساب ۽ جنّ ڀوت سمجهي، دوا ڪرائڻ بدران جهاڙون جهپون، سڳن سڳڙا ۽ لهر ٻهر ڪرائينديون آهن. ۽ نامناسب علاج جو اثر اوهين ئي سمجهو ڇا ٿيندو هوندو؟

مطلب هي آهي تہ سچي گهر هلائڻ جي درستي، عقل تي آهي، ۽ عقل جي درستي، علم تي ٻڌل آهي. توهان کي هڪ سهٽو قصو ٻڌايون ٿا، جنهن مان توهان کي معلوم ٿيندو تہ بي هنريءَ ۽ اڻ ڄاڻائيءَ کان ڪهڙيون نہ تڪليفون پهچن ٿيون.

# اڪبري خانم جا لچڻ ۽ ساهرن ۾
## سندس هلت

هڪڙيءَ بيوقوف ڇوڪريءَ جي شادي ٿي وئي هئي؛ ان پنهنجي بيوقوفيءَ سبب، ساهرن سان هڪ به سال به نه نباهيا. شاديءَ جي چوٿين يا پنجين مهيني پنهنجي مڙس کان گهُر ڪيائين ته ”تنهنجي ماءُ پينرن سان، منهنجو گذر نٿو ٿئي. مون کي ڌار جاءِ وٺي ڏيو.“

مڙس چيس ته ”تنهنجا جيترا به جهيڙا آءُ پنهنجي ماءُ ۽ پينرن سان پڌندو رهيو آهيان، انهن سڀني ۾ تنهنجي ئي خطا آهي. پاڙي ۾ جيڪي بازاري نموني جا ڪميڻا ماڻهو رهندا آهن، تو انهن جي ڌيئرن کي پيڻ بنائي رکيو آهي. علو موچيءَ جي ڌيءَ پناڻي، قاسم قلعيگر جي ڌيءَ زلفڻ،ڪمو پخالي جي ڌيءَ رحمت، مولڻ پاچي وڪٽنڊڙ جي ڌيءَ سلمتي توسان ته سدائين گڏ رهن ٿيون. توکي ته هن ڳالهه جو ويچار ئي ڪونهي ته هي ماڻهو نه اسان جا مٽ آهن نه اسان جي انهن سان پائپي يا ميل ميلاپ، نه اسان جو هنن سان مرٽي پرٽي جو رستو، نه محبت. سڄي، اوڙي پاڙي ۾ هيءَ چو پچو هلي رهي آهي ته ’ڪهڙي ننهن آئي آهي؟ جڏهن به ڏسو ته اهڙيون ئي ڇوڪريون ان وٽ وينيون ملنديون، آخر پاڙي ۾ قاضي شريف حسين، حڪيم شفاء الدوله، منشي ممتاز احمد، مولوي ورح الله، ميرحسن رضا، هي ماڻهو به ته رهن ٿا ۽ انهن جون نُهر، ڌيئر اسان جي گهر اچن وڃن ٿيون، تون انهن مان ڪنهن سان ڳالهائين به نه ٿي. جيڪڏهن امان توکي بڇڙن ۽ بيمانن ماڻهن جي ڇوڪرين سان ملڻ کان منع ڪئي، ته ڇا، اجائي منع ڪيائين؟“

ان بيوقوف زال جواب ڏنو ته ”محبت ۽ ملڻ جلڻ هر ڪنهن جي دل

ڪجهہ بہ اثر نہ ٿيو. پاڙي جون زالون روئڻ پٽڻ جوآواز ٻڌي، اچي گڏ ٿيون. نوبت ايستائين پهتي، جو قاسم قلعيگر جي ڌيءَ زلفڻ، هن جي ماءُ وٽ ڊوڙندي ويئي. هڪ هڪ جون چار چار ٻڌايائين. هن جي ماءُ بہ الله جي فضل سان ڏاڍي تکي هئي، ٻڌڻ سان ئي ڏوليءَ ۾ چڙهي، اچي پهتي. گهٽو وڙهي جهڙي نيٺ ڌيءَ کي ساڻ وٺي ويئي.

ڪيترن مهينن تائين ٻنهي طرفن کان اچڻ وڃڻ، نياپا سنيها بند رهيا. اوهان کي انهن ماڻهن جا نالا بہ ٻڌائڻ ضروري آهن. پلي جيئن اوهان کي قصو چڱيءَ طرح سمجهہ ۾ اچي.

اڪبري خانم ان بيوقوف ۽ مڪار عورت جو نالو هو. ساهرن کان ان کي مزاجدار (يعني خود پسند يا مغرور) ننهن جو لقب مليو هو. هيءَ اڪبري بيوقوف، بي هنر ۽ چيڙاڪ هئي؛ پر سنديس ننڍي ڀيڻ اصغري خانم، نهايت علقمند، سياڻي، ۽ نيڪ مزاج يعني سٺيءَ طبيعت واري هئي. ننڍڙيءَ عمر ۾ ئي ان قرآن شريف جو ترجمو ۽ شريعت جي مسئلن جاڪتاب پڙهي ڇڏيا هئا. لکڻ ۾ بہ محتاج نہ هئي. گهر جو حال هفتي هفتي ۾ پنهنجي پيءَ کي لکي موڪليندي هئي. سيڪنهن قسم جا ڪپڙا سبي سگهندي هئي، ۽ قسمين قسمين مزيدار طعام رڌڻ ڄاڻندي هئي. سڄي پاڙي ۾ اصغري خانم جي تعريف هئي. ماءُ جي سڄي گهر جو بندوبست اصغري خانم جي هٿن ۾ رهندو هو. جڏهن پٽس موڪل وٺي گهر ايندو هو، تہ گهر جي انتظام ۾ اصغري خانم کان صلاح پڇندو هو. روپيا، پيسا، ڪوٺيءَ ۽ صندوق جون ڪنجيون- سڀ اصغري خانم جي اختيار ۾ هيون. ماءُ پيءُ تہ ٺهي اصغري تان ساهہ صدقي ڪندا، پر پاڙي جا سڀيئي ماڻهو بہ اصغريءَ کي پيار ڪندا هئا. پر اڪبري پنهنجي سر هميشہ ننڍيءَ ڀيڻ کان ناراض رهندي هئي، اڪيلو ڏسي ڪيس مار بہ ڪڍي وٺندي هئي. پر اصغري هميشہ وڏي ڀيڻ جو ادب رکندي هئي، ۽ ڪڏهن بہ ماءُ وٽ ان تي چغلي نہ هڻندي هئي. ٻنهي ڀينرن جو مڱڻو اتفاق سان هڪڙي ئي گهر ۾ ٿيو.

محمد عاقل ۽ محمد ڪامل بہ سڳا ڀائر هئا، اڪبري جو وهانءُ وڏي

ياءُ محمد عاقل سان ٿيو هو، ۽ اصغريءَ جي ڳالهہ محمد ڪامل سان مقرر ٿي چڪي هئي مگر شادي ڪانہ ٿي هئي. اڪبري جي خراب طبيعت سبب ڳالهہ اتي وڃي پهتي هئي، تہ اصغري جو مڱڻو نہ ٽٽي وڃي. پر انهن ڇوڪرين جي ماسي جا محمد عاقل جي پاڙي ۾ رهندي هئي، سا هميشه نهراءُ ڪندي رهندي هئي؛ ۽ توڙي اڪبري وڙهي، گهر ڇڏي هلي ويئي هئي، پر ماسهنس ڪيس ڏاڍي لعنت ملامت ۽ ڦٽ ڄٽ ڪئي ۽ گهٽو ئي اڳ پوءِ سمجهايو.

نيٺ ڪن مهينن ڪان پوءِ، رمضان شريف جي ويجهڙائيءَ ۾ پاڻيجيءَ کي سندس ساهرين آڻايائين. ڪيترن ڏينهن تائين محمد عاقل هن "مزاجدار ننهن" يعني پنهنجي زال اڪبريءَ سان ناراض رهيو؛ آخر اڪبريءَ جي ماسيءَ زال مڙس جو پرچاءُ ڪرائي ڇڏيو. پر جڏهن طبيعتن ۾ ناموافقت يعني اڻبڻت ٿيندي آهي، تہ هر هڪ ڳالهہ ۾ بگڙڻ جو سامان موجود هوندو آهي.

محمد عاقل هڪڙي ڏينهن پنهنجيءَ ماءُ کي چيو تہ "اڄ مون هڪڙي دوست کي دعوت ڏني آهي؛ روزي ڇوڙڻ وقت کاڌي جو چڱو بندوبست ٿيڻ گهرجي." ماڻس جواب ڏنو تہ "خدا ڄاڻي آءٌ ڪهڙين مصيبتن سان ماني پچائيندي آهيان. تن ڏينهن ڪان روزي ڇوڙڻ وقت مون کي ڏڪڻي ٿيندي آهي؛ مون کي پنهنجي جان جي بہ خبر نٿي رهي. الله شال پاڙيواريءَ جو ڀلو ڪري، جو هوءَ ايترو بہ پچائي ٿي ڏئي؛ توهان بہ دعوت ڏيڻ ڪان اڳي گهران تہ پڇي وٺو ها." محمد عاقل عجب ۾ پئي، زال جي طرف اشارو ڪري چيو تہ "هيءَ ايتري ڪم جي بہ نہ آهي!" ننهن کي ايترو صبر ڪاڏنهن آيو، جو ايتري ڳالهہ ٻڌي مانُ ڪري. ٻڌندي ئي چيائين تہ "ان پوڙهي ماءُ کان پڇو تہ پُٽ پرڻايو اٿيئي، يا ٻانهي خريد ڪري ورتي اٿيئي؟ هيءَ بہ ڪنهن ڳالهہ ٻڌي! روزي سان ويهي چُلهہ ٻاريان!"

محمد عاقل ويچار ڪيو تہ آءٌ جيڪڏهن هاڻي ڪجهہ رد ڪد ٿو ڪريان تہ اڳئين وانگر خواري ٿيندي؛ تنهن ڪري ڦڪو ٿي ويهي رهيو. روزي ڇوڙڻ لاءِ ڪجهہ بازار مان گهُني آيو مطلب تہ هيءَ ڳالهہ ايتري ۾ ئي ٽري ويئي.

# اڪبريءَ جو عيد جي موقعي، بنا موڪل اباڻي وڃڻ

هاڻي محمد عاقل کي ٻي آفت آڏو آئي، يعني عيد. ويچاري هڪ هفتو اڳيئي "مزاجدار ننهن صاحبه" جي وڳي جي تياري شروع ڪئي. ڍهاڙي طرحين طرحين ڪپڙا، رنگا رنگي چوڙيون، زريءَ سان پريل عاليشان جتيون آڻيندو هو؛ مگر هن مزاجدار کي ڪجهه به نٿي وڻيو: هيتري تائين جو عيد ۾ باقي هڪ ڏينهن اچي رهيو. لاچار ٿي، هو اڪبري خانم جي ماسيءَ وٽ ويو. ان سندس سڏ ٻڌي، ڪيس اندر گهرايو. پيار سان ويهاري، پان تيار ڪري ڏنائينس، ۽ پڇيائينس ته "ڏيو خبر، اڪبري ته خوش آهي؟

محمد عاقل چيو ته "مائي صاحبه! اوهان جي ڀاڻيجي ته عجيب طبيعت جي عورت آهي؛ منهنجو ته نڪ ۾ دم اچي ويو آهي. جيڪا سندس هلت آهي، سا نرالي، ۽ جا سندس ڳالهه، سا ابتي."

مائيءَ چيس ته "پٽ! ان جو ڪوبه خيال نه ڪر. اجا ننڍي آهي: ٻار ٻچا ٿيندس، گهر جو بار پوندس، ته پوءِ طبيعت پاڻهي ٺهي ويندس. آخر سٺا ماڻهو برن سان به نباهيندا آهن. پٽ! تو کي الله تعاليٰ هرطرح لائق ڪيو آهي، اهڙي ڳالهه نه ٿئي، جو ماڻهو ڪلن. نيٺ اوهان جو ننگ آهي."

محمد عاقل چيو ته "سائڻ! آءٌ ته پاڻ انهيءَ خيال کان ٽرندو ٿو وڃان. هاڻي ڏسو، سڀاڻي عيد آهي؛ هن وقت تائين ته نه چوڙيون پاتيون اٿئين ۽ نه ڪپڙا تيار ڪيا اٿئين. ٿورو پاڻ هلي ڪيس سمجهايو. مون ڪيس گهڻوئي چيو: امان به گهڻئي منٿون ڪيس: نٿي مڃي."

مائيءَ چيس تہ ”چگو، توهان جو ماسڙ نماز پڙهڻ لاءِ مسجد شريف ۾ ويو آهي؛ اهو اچي تہ کانئس موڪل وٺي، آءٌ هلان ٿي.“

مطلب تہ ماسيءَ وجي چوڙيون پارايس. سندس ڪپڙا ڪيچي، ڪٽي تڙ تڪڙ ۾ سپيئي گڏجي سبڻ ويٺيون.

ماسيءَ چيس تہ ”ڏيءَ! ڪائنچ جي پائچن جو استر تون سب، سسٽهڻ پهمڪ هٽي، آءٌ ايتري ۾ تنهنجيءَ پوتيءَ ۾ گلڪاري پٽو ٿي جڙيان.“ جڏهن اڪبريءَ استر هٽي پورو ڪيو، تڏهن ڦونڊ ۾ پرجي، ماسيءَ کي چيائين تہ ”ڏسو بيبي! توهان اجا پوتي سبيئي ڪانهي، تہ آءٌ پنهي پائچن کي استر هٽي بہ ويس.“ ماسهنس ڏٺو تہ استر ئي ابتو هنيو اٿئين. اڪبريءَ جي سس جي لحاظ خاطر منهن تي ڪجهہ ڪين چيائينس، پر لڪ چپ ۾ بہ چار اهڙيون ڇهنديون پاتائينس، جو اڪبريءَ جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا: ۽ اشاري سان چيائينس تہ ”اي نامراد! ڏس تون ابتو استر هٽي ويٺي آهين!“

اڪبريءَ پنهنجو سبيل سمورو اڌيڙي، وري استر هٽڻ لاءِ بخيا هٽڻ شروع ڪيا. جڏهن سبي رهي، تڏهن ماسهنس جان ڪٽي ڏسي تہ سپ ۾ گهنج گهنج. هاٽي تہ ماسهنس کان صبر نہ پنو، ۽ اڪبري جي سس جي اک وٺي هڪ سئي اڪبري جي هٿ ۾ چيائي ڪڍيائين، ۽ بخيا اڌيڙي، استر وري پاڻ سبيائين.

مطلب تہ الله الله ڪري، ”مزاجدار نُنهن“ جو جورو سبجي تيار ٿيو. رات گهٽي گذري ويئي هئي. اڪبريءَ جي ماسي موڪلائي، پنهنجي گهر ويئي. هي سڀ پاتي بہ سمهي پيا.

پار عيد جي خوشيءَ ۾ سوير جاڳيا، ڪنهن رات جي ميندي لاتي، ڪنهن رانديڪن ۽ شَين لاءِ گوڙ مچايو، تہ ڪنهن وري اٿڻ سان ئي عيد جي خرچي گهرڻ شروع ڪئي.

محمد عاقل بہ صبح جي نماز کان واندو ٿي، غسلخاني ۾ وهنجڻ

ويو. وهنجي سهنجي، چارِ گهڙيون سج چڙهئي، موٽي آيو. ڇوڪرن کي ڏنائين تہ نوان ڪپڙا پايو، عيد گاهہ لاءِ تيار وينا آهن، مگر "مزاجدار ننهن صاحبہ" پنهنجي عادت موجب اجا سمهي پيئي آهي.

محمد عاقل پنهنجي ننڍيءَ ڌيڻ محموده کي چيو تہ "محموده! وڃي پنهنجيءَ ڀاڄائيءَ کي جاڳاءِ."

ڦريائين تہ محموده ٻيهي رهي. هن لاءِ تہ هيءَ "مزاجدار ننهن" ڪان گهٽو ڊجندي هئي. جڏهن شادي ٿي هُيس، تڏهن کان هن مزاجدار، هڪ ڏينهن بہ پنهنجيءَ ننڍيءَ ننڻان سان محبت سان نہ ڳالهايو هو، ۽ نہ وري ڪڏهن ان کي پاڻ وٽ اچڻ ۽ ويهڻ ڏنو هئائين. پر پاءُ جي چوڻ سان عيد جي خوشيءَ ۾ محموده ڊوڙندي هلي ويئي ۽ وڃي چيائينس: "ڀاڄائي اُٿ."

ڀاڄائي اٿڻ شرط محموده کي هڪ چمات نڪاءُ ڪئي. محموده روئڻ لڳي. ٻاهران ڀاڻس روئڻ جو آواز ٻڌي، ڊوڙندو آيو. ان کي روئندو ڏسي، ڪڇ ۾ کڻي پڇيائينس تہ "ڇا ٿيئہ؟"

محموده روئندي روئندي چيو تہ "ڀاڄائيءَ ماريو." مزاجدار چيو: "ڏسو، ڪوڙي نامراد، پاڻ ڊوڙندي ڪِري، ۽ هٽي ٿي منهنجي نالي!"

محمد عاقل کي ڪاوڙ تہ آئي، پر اُن وقت مناسب سمجهِي، ڪاوڙ روڪيائين. محموده کي پيار ڪري، دلاسا ڏيئي چپ ڪرايائين. ۽ زال کي چيائين، "خير، اُٿ، وهنج ۽ ڪپڙا بدلاءِ: سج گهٽو مٿي چڙهي آيو آهي. آءُ عيد گاهہ ڏانهن وڃان ٿو."

مزاجدار ناسُون ٽيڙي چيو تہ "آءُ تہ اهڙو سوير نٿي وهنجان، سيءَ جو وقت آهي، توهان پنهنجي عيد گاهہ ڏانهن وڃو: مون ڇا توهان کي منع ڪئي آهي؟"

اهڙي رُکي ورندي ٻڌي، محمد عاقل کي ڏاڍو ڏک ٿيو. ۽ هيءَ مزاجدار سدائين اهڙي نياڳي هئي، جو هميشہ پنهنجي مڙس کي ناراض

رڪندي هئي. ايتري ۾ محمد عاقل کي ماٽس سڏي چيو تہ "پُٽ! وڃي بازار مان ڪير وٺي آڻي ڏي، پوءِ خير سان عيد ڳاهہ ڏانهن وڃ."

محمد عاقل چيو، "تمام چڱو، پيسا ڏيو، آءٌ ڪير آڻي ٿو ڏيانوَ. پر جيڪڏهن منهنجي موٽي اچڻ تائين، اڪبريءَ ڪپڙا نہ بدلايا، تہ سڀ ڪپڙا چُلهہ ۾ ساڙي ڇڏيندس."

محمد عاقل تہ ڪير وٺڻ لاءِ بازار ڏانهن ويو. ماءُ کي معلوم هو تہ ڇوڪر جي طبيعت گهٽي بگڙيل آهي - ۽ ان جي طبيعت بہ سچ پچ اهڙي ئي آهي؛ پهريائين تہ ان کي ڪاوڙ اچيئي ڪانہ ٿي؛ پر جي ڪاوڙجي ٿو، تہ پوءِ سندس هوش جاءِ تي نٿو رهي. ائين نہ ٿئي، جو سچ پچ نوان ڪپڙا ساڙي ڇڏي. جلدائيءَ سان نُنهن وٽ ويئي، ۽ چيائينس تہ "ڌيءَ! خدا واسطي سال جي سڳوري ڏينهن تي تہ ڪروڌ نہ ڪر. اُٿ وهنج، ۽ ڪپڙا بدلائي."

مزاجدار چيو تہ "نہ بيبي! آءٌ هن وقت نہ وهنجنديس، ترسي پوءِ وهنجنديس."

ڏاڍيون منّٿون، ايلاز ڪري، نُنهن کي وهنجاري سهنڀاري، ڦڻي ڏيئي، چوٽي ناهي، ڪپڙا پهرائي، محمد عاقل جي اچڻ کان اڳي، ڪيس ڪُنوار بنائي ويهاريائين. محمد عاقل هي ڏسي خوش ٿيو، ۽ عيد ڳاهہ ڏانهن وڃڻ وقت محموده کان پڇيائين تہ "چئو بيبي! تو لاءِ بازار مان ڪهڙا رانديڪا آڻيان؟"

محموده چيو تہ "منهنجي لاءِ تمام سُهڻو رحل آڻجو، ان تي آءٌ پنهنجو سيپارو رکنديس، ۽ قلم ۽ مس ڪپڙيءَ رکڻ لاءِ ننڍڙي صندوقڙي."

مزاجدار بنا پڇئي پاڻ ئي چيو تہ "۽ مون لاءِ؟" محمد عاقل چيو تہ "تون جيڪي چوين، سو ڳنهي اچان."

مزاجدار چيو تہ "مِڪائيءَ جا سَنگ، ڇاڳري بير، مٺن جون ڦريون، وڏيون نارنگيون، هڪ ننڍو دف ۽ واڄو."

هي ﭜڏي محمد عاقل کلڻ لڳو ۽ چيائين تہ "ننڍو دف ۽ واڄو ڇا ڪندينءَ؟"

بيوقوف مزاجدار جواب ڏنو تہ "وڄائيندس، ٻيو ڇا ڪنديس؟"

محمد عاقل سمجھيو تہ اجا تائين هن بيوقوف ۾، ٻي سمجھہ ٻارن وانگر، کائڻ ۽ کيڏڻ جا ردي خيال موجود آهن. سندس ڪپڙن متائڻ مان جا خوشي محمد عاقل کي ٿي هئي، اها سڀ خاڪ ۾ مِلي ويئي: ۽ انهيءَ ڏکويل حالت ۾ عيد گاهہ ڏانهن هليو ويو.

هن جو وڃڻ، مزاجدار جي هڪ ٻي نئين ڳالهہ ڪرڻ. سَسُ کي چيائين تہ "مون کي ڏولي ِگُھرائي ڏي، مان پنهنجيءَ ماءُ جي گھَرِ ويندِس."

سس چيو تہ "ڀلا وڃڻ جو، ڇا هي موقعو آهي؟ ڇئن مهينن کان پوءِ تون ماءُ جي گھران، هاڻي اٺَ ڏينهن ٿکي آئي آهين. خاص عيد جي ڏينهن وڃڻ نامناسب آهي."

مزاجدار چيو تہ "اڄ منهنجي دل تي پريشان ٿئي، مون کي منهنجي پيڪن جي سهيلي، باشي مجاري جي ڌيءَ بالو گھڻو ياد ٿي اچي."

سَس چيس تہ "ڌيءُ! شال ڪنهن کي ڪنهن سان اهڙي محبت هجي، جهڙو تو کي بالوءَ سان آهي؟ جيڪڏهن ائين دل تي گھُريئي، تہ ڪٿي ان کي گھُرايون."

مزاجدار چيو تہ "واهہ! وڏيون آيون آهن ويچاريون گھرائڻ واريون. اهڙو گھرائڻو هوَ، تہ ڪالهہ هن کي گھرائي چوڙيون پارايو ها."

سَس چيس تہ "ڀلا ڌيءَ! مون کي ڪهڙي خبر تہ اها توکي هر هر ياد ڪندي، ۽ ان جي يادگيري توکي بيقرار ڪنديَ."

مزاجدار چيو، "خير، مائي خير! هن بحث مان ڪهڙو فائدو؟ ڏولي گھرائڻي اٿوَ، تہ گھرائي ڏيو، جي نہ، تہ آءٌ ادي سليمتيءَ جي ڀيءُ کان گھرايان ٿي."

سَس چيس ته ”ڏيءُ! ڇا، تنهنجو عقل وڃائجي ويو آهي؟ مڙس ڪان نه پڇيو اٿيئي، نه ڳاڇيو اٿيئي، پنهنجي منهن هلي آهين. مون ڪي ته پنهنجو اڇو مٿو ڪوڙائڻو ناهي، جو پٽ جي موڪل ڪان سواءِ ڏولي گهرائي ڏيانءِ.“

مزاجدار چيو ته ”ڪهڙو مڙس، ڪهڙا پڇڻ؟ هاڻي ڪو پنهنجي ماءَ پيءُ سان عيد يا وڏي ڏينهن تي به نه ملي؟“

ايترو چئي، مولڻ سائي پاڇيءَ وڪڻڻ واري ڪان ڏولي گهرائي، هلي وئي.

ٿوريءَ دير ڪان پوءِ محمد عاقل عيد گاهه ڪان موٽيو. گهر ۾ گهڙندي ئي چيائين، ”وٺ بيبي! پنهنجو واڇو ۽ ننڍو دف. هاڻ خوب وڄاءِ.“ ڏنائين ته سڀ ماٺ ۾ آهن. ماءُ ڪان پڇيائين ته ”ڇا ٿيو! خير ته آهي“ محموده چيو ته ڀاڄائي هلي وئي!“

محمد عاقل حيران ٿي پڇيو، ”ڇو وئي؟ ڪيڏانهن وئي؟ ڇو وڃڻ ڏنوس؟“

ماءُ ورندي ڏنيس ته ”ويني ويني هڪدم چوڻ لڳي ته ’آءٌ پنهنجي ماءُ وٽ ويندس‘ . مون ڪيتري ئي منع ڪئي مانس، هڪ به نه مڃيائين.“ مولڻ ڪان ڏولي گهرائي هلي وئي. آءٌ ته ڪيس جهلي جهلي ٿڪجي پيس.“

محمد عاقل هي ٻڌي، ڪاوڙ مان ڏڪندو اُٿيو. ارادو ڪيائين ته ساهرين وڃي، ان نالائق عورت کي سزا ڏجي. اِهو خيال ڪري، ٻاهر نڪتو. ماڻس سمجهي وئي. هڪدم سڏ ڪيائينس، پر هن ڪو به جواب نه ڏنو.

ماڻس چيس ته ”شاباس پٽ شاباس! آءٌ توکي سڏي رهي آهيان، ۽ تون جواب ئي نٿو ڏين. چوڏهين صديءَ ۾ مائرن جي اها عزت وڃي رهي آهي؟

هي ٻڌندي ئي محمد عاقل پوئين پير موٽيو.

ماٽس چيس تہ "تون ڏس، هن اُس ۾ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ هينئر عيد گاهہ کان آيو آهين، هاڻي وري ٻاهر ٿو وڃين. ماءُ صدقي ٿئيئي، ڪٿي ڏينهن نہ لڳي وڃيئي."

محمد عاقل چيو تہ "اما! آءٌ ڪيڏانهن بہ نٿو وڃان: مسجد ۾ حافظ صاحب سان ملڻ ٿو وڃان."

ماٽس چيس تہ "ڇوڪرا! هوش ۾ اچ. مون اُس ۾ مٿو اڇو ڪونہ ڪيو آهي. ٻڌو! اساں سان ناهہ ناهڻ هليو آهي. حافظ صاحب وٽ ٿو وڃين، تہ انگرکو ۽ بوڇڻ لاهي رکي وڃ، پوءِ مزي سان مسجد ۾ وڃي ويهہ."

هي ٻڌي محمد عاقل مُرڪڻ لڳو. ماٽس ٻانهن کان وٺي پَرِ ۾ ويهاريس ۽ سندس مٿي ڏانهن نهاري چيائين تہ "عيد گاهہ ڏانهن اچڻ وڃڻ ۾ تنهنجا سڀ وار دَز ۾ ڀرجي ويا آهن، ٿورو وهاڻي تي مَٿو رکي سمهي پَئو، تہ آءٌ صاف ڪريان."

محمد عاقل، ماءُ جي چوڻ موجب ٿورو اَهليو. محموده ٻاءُ کي سمهيل ڏسي، وڃڻو هٽڻ لڳي. ڪجهہ عيد گاهہ ڏانهن اچڻ وڃڻ جو ٿَڪ، هوڏانهن پکي جي ٿڌي ٿڌي هوا، ۽ ماءُ جو مهربانيءَ جو هٿ سندس مٿي تي گهمايو، تہ سڀ کان وڏيڪ ان مان فرحت آيس. مطلب تہ محمد عاقل کي ننڊ اچي ويئي. جڏهن جاڳيو، تہ سج لڙي ويو هو، ۽ اُها ڪاوڙ بہ ڍري ٿي ويئي هيس.

•

# محمد عاقل جي پنهنجيءَ سس وٽ هڪڙي لمبي ملاقات ڪرڻ

محمد عاقل جاڳي اٿيو، ته ماٽس چيس ته ”ٻُڌ! هٿ منهن ڌوءِ، وضو ڪري ٻيپهريءَ جي نماز پڙهه، وقت تنگ آهي. موٽي اچ ته توکي ڪم ڏسيان.“

نماز پڙهي محمد عاقل موٽي آيو، ته ماءُ چيس ”بابا، هاڻي ڀلي ساهرين وَڃ، پر توکي منهنجي ساهه جو قسم آهي ته اُتي متان وڙهين يا اجايو بيهودو ڳالهائين.“

محمد عاقل چيو ته ”اما، مون کي اوڏانهن نه موڪل.“

ماٽس چيس ته ”چوڪرا، خير گهُر. يا خدا! هيءَ ڪهڙي بڇڙي وائي آهي! ساهرا تنهنجا، ۽ موڪليون ڪنهن پئي کي؟ وٺ هي روپيو. تون پنهنجي ساليءَ اصغريءَ جي هٿ ۾ عيد جي خرچي ڏجانءِ. ۽ هي اٺ آنا، پنهنجي سس جي پاڙيجي ميان مسلم کي ڏجانءِ. شيون ۽ ميوا وٺي وڃجانءِ. هڪ ڊاڪٽين ۾ سيئون ۽ کير، ۽ مناڻيءَ جي نوڪري به نوڪرياڻي عظمت جي هٿان پاڻ سان ڪٽائي وڃ. ڏس، خبردار! متان اجايو سجايو ڪجهه ڳالهايو اٿئي.“

محمدعاقل چيو ته ”اما! واڇو ۽ ننڍو دف به ڪنيون وڃان؟“

ماٽس چيس ته ”بس، متان اهڙي ڳالهه اتي چئي ويهين.“

مطلب ته محمد عاقل جيئن تيئن سس جي گهر پهتو. گهر ۾ اڪبري خانم پنهنجي سهيلين سان اُڌمر مچائي رهي هئي، ۽ ٻاهرينءَ ڳليءَ ۾ سڄي گوڙ جو آواز پئي آيو. نوڪرياڻي عظمت اندر ويئي. اصغريءَ،

نوڪرياڻي کي پري کان ڏسي، دهيل آواز سان چيو، "اي ادي وڏي! ادي وڏي! ماڻ ڪر، تنهنجي ساهرن کان نوڪرياڻي آئي آهي."

عظمت اندر پهچي، محمد عاقل کي اتان چيو ته "صاحبزادا! اچ." مطلب ته محمد عاقل اندر ويو. سس کي سلام ڪيائين.

سس چيس ته "شال هميشه جيئرو هجين، الله وڏي عمر بخشيئي!"

ايتري ۾ اصغري به پنهنجي پوٽي چڱيءَ طرح ويڙهي، ناهي، ڪونيءَ مان آئي، ۽ گهڻي ادب سان ننڍڙي پيٽوئي کي سلام ڪيائين. اصغريءَ کي سندس پيٽوئي ڪٽي پاسي ۾ ويهاريو ۽ روپيو ڏنائينس. اصغري پنهنجي ماءُ ڏانهن ڏسڻ لڳي. ماڻس چيس ته "وٺ، سندءِ پيٽويو عيد جي خرچي تو ڏئيئي."

اصغريءَ روپيو وٺي وري سلام ڪيس، ۽ پاسي کان اٿي ادب سان جدا ٿي ويني. پوءِ اُٿي، تمام گهڻي ادب سان صاف دسترخوان پيٽوئي جي اڳيان آڻي وڇايائين: ۽ هڪ رڪابيءَ ۾ سيئون، ۽ هڪ ۾ کير، شيشي جي ساسر ۾ کنڊ ۽ هڪ چمچو آڻي اڳيان رکيائينس.

سس چيس ته "پُٽ کاءُ."

محمد عاقل بهانا ڪرڻ لڳو ته "مون کي عيد گاهه ۾ گهڻي دير ٿي وئي هئي، هاڻي ٿورو وقت ٿيو، جو مون ماني کاڌي آهي."

سَس چيس ته "ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي. سيئون ته پاڻي ٿينديون آهن. کائو، کائو."

جيستائين محمد عاقل سيئون کائيندو رهيو، تيستائين اصغري ننڍا ڦوٽا وجهي، هڪ مزيدار پان ناهي آندو. کائڻ کان پوءِ، هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٿينديون رهيون. ٿوريءَ دير کان پوءِ، محمد عاقل چيو، "اما! اءُ موڪلايان ٿو."

سس چيس ته "هينئر ڪيڏانهن ويندين، هتي ئي سمهي پئو."

محمد عاقل چيس ته "اڄ عيد جو ڏينهن آهي: آئي وئي سان ملڻو

ڏيان تي آڻي ڇڏجن. شايد اجوڪيءَ گفتگو ۾ اڳتي لاءِ ڪا چڱائي نڪري اچي.

مطلب تہ محمد عاقل شرمائجي چيو تہ "اوهان جي صاحبزادي موجود آهي، ان کان پڇو. اسان کان ڪا ڪيس تڪليف پهتي آهي، قرب ۽ محبت گهٽتائي ٿي، يا ساڻس ڪو وڙهيو، يا ڪنهن ڪيس بُرو چيو؟ اوهان کي معلوم آهي تہ اسان گهر ۾ ڳڻئي ڪيترا ياتي آهيون؟ اَما ڪان تہ اوڙو پاڙو واقف آهي. اهڙي تہ سڀني سان صلح سان هلڻ واري آهي، جو سڄيءَ چمار ۾ سندس ڪنهن سان جهيڙي ڪرڻ جو اتفاق ڪونہ ٿيو آهي. توڙي ڪيس ڪو ڏهہ ڳالهاءَ ڏيئي ويندو، تہ بہ ماٺ ڪري ويهندي. محمد ڪامل سڄو ڏينهن لکڻ پڙهڻ ۾ مشغول آهي. صبح جو نڪتل، رات جو ٿو اچي: ماني ڪاڏائين ۽ سمهي پيو: مون پنهنجي ياءُ ڪي هن سان ڪڏهن ڳالهائيندو بہ ڪونہ ڏٺو آهي. محموده تہ اڪبريءَ جي شڪل ڪان ٿي ڊڄي. باقي رهيس آءٌ، سو حاضر وينو آهيان. مون کان جيڪا بہ شڪايت هجي، سا بنا ڊپ جي بيان ڪري."

محمد عاقل جي سس هينئر ڏيءَ ڏانهن نهاري چيو تہ "هان مائي! جيڪي تنهنجي دل ۾ آهي، سو تون بہ صفائيءَ سان چئي ڏي. ڳالهہ دل ۾ رکڻ چڱي نہ ٿيندي آهي. دل ۾ رکڻ سان رنجش وڌي ٿي ۽ فساد زياده ٿئي ٿو."

اڪبري توڙي ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ ڏاڍي دلير هئي، پر ان وقت محمد عاقل جي اڳيان ڪابہ ڳالهہ ناهي نہ سگهي. دل ئي دل ۾ ڊڄي رهي هئي تہ مون گهٽيئي ڪوڙيون ڳالهيون اچي ماءُ کي ٻڌايون آهن: ائين نہ ٿئي، جو هن وقت اهي پول پڌرا ٿين. سوچي سمجهي، اِها ڳالهہ ئي ٽاري ڇڏيائين، ۽ چيائين تہ "مان تہ جدا گهر ۾ رهنديس."

اڪبريءَ جي ماءُ نانيءَ کي چيو تہ "چو ابا! توکي جدا رهڻ ۾ ڪهڙو اعتراض آهي؟ خدا جي مهرباني اٿوَ، تون پاڻ ڪامورو آهين، پاڻ ڪمائين

ٿو. ڪنهن به ڳالهه ۾ ماءُ پيءُ جو محتاج نه آهين. پنهنجو ڪائڻ، پنهنجو پهرڻ. پوءِ ٻئي جي محتاج ٿي رهڻ مان ڪهڙو فائدو؟ پُٽ ۽ نُنهن ڪهڙا به مائٽن کي پيارا هجن، پوءِ به جيڪو آرام جدا رهڻ ۾ آهي، سو ماءُ پيءُ جي گهر ۾ ڪٿي؟ جيڪو وٽيو، سو ڪاڏو؛ ۽ جيڪي دل گهريو، سو رڌيو پچايو ويو. ٿوري ويچار ڪرڻ جي ڳالهه آهي ته ماءُ پيءُ سان گڏ رهي، لک ڪمايو ته به نالو ڪونهي ماڻهو چا سمجهن ته توهين پنهنجو ٿا ڪائو، يا ماءُ پيءُ جي مٿان بوجو آهيو.“

محمد عاقل چيو ته ”آرام جيڪڏهن پڇو ته اسان کي جو هاڻي حاصل آهي، ان جو قدر جدا ٿيڻ کان پوءِ پوندو. ٻَئي وقت تيار رڌي پَڪي ڪائي. بيفڪر ٿي وينا آهيون. جدا رهڻ تي اٽو، دال، گوشت، ترڪاري، ڪنڊ، چُلهه، ڪاٺي ڪلِيءَ سيني جي ڳڻتي ڪرڻي پوندي. اوهان پاڻ انصاف ڪريو ته گهر هلائڻ ۾ ڪيترا نه بکيڙا آهن. بي سبب سيني آفتن کي پنهنجي سرَ تي کڻڻ، منهنجي خيال ۾ ته عقل جي ڳالهه نه آهي. باقي رهي هيءَ ڳالهه ته جيڪي دل گُهريو سو ڪاڏو، ۽ جيڪي وَٽيو سو پچايو، اهو هاڻي به حاصل آهي. اڪبريءَ کان ئي پڇو، جڏهن به ڪو حڪم ڪيو اٿس ته چا اُن جو پورائو نه ٿيو آهي؟ وڏي ڪٽنب ۾ البته ان طرح جي تڪليف ٿيندي آهي، جو هڪڙي جي دل طاهريءَ تي هوندي، ٻين کي مُگَن جي پُکل ڪچٽي گهُربي، ٽئين کي پُلاءُ درڪار هوندو، چوٿين کي قورمو ڪائڻ منظور هوندو، پنجين کي طبيب رَکَ جو ڪاڏو ڏسيو هوندو ـ سو ڏهن لاءِ ڏهه هنڌيون روز روز ميسر اچي ڪين سگهنديون آهن. پر، ”اسان وٽ ڪهڙي وڏي آکهه آهي؟ حڪم ڏيون ته اسين، ۽ نه ڏيون ته به اسين. خير، اهو به ڇڏيو. جيڪڏهن هن کي اهڙو ئي خيال آهي، ته پاڻ ڪاڏي جو بندوبست ڪري. خود امّا ڪيترا دفعا ڪيس چئي چڪي آهي. ڪائنس پڇو ته چيو اٿئين يا نه؟ ۽ نالي ٿيڻ لاءِ جيڪي اوهان چيو، سو به منهنجيءَ سمجهه ۾ عقل جي ڳالهه نه آهي. اسان جو مطلب آهي سک ۽ آرام سان.

پل ماڻھو پنھنجيءَ دل ۾ جيڪي وڻين سو سمجھن. چڱو، فرض ڪري وٺو تہ ماڻھن ھيئن ئي سمجھيو تہ ماءُ پيءُ تي چٽتي آھيون ـ تہ انھيءَ ۾ اسان جي ڪھڙي بيعزتي آھي؟ ماءُ پيءُ آھن، ڪي ڌاريا تہ ڪينھن. ماءُ پيءُ اسان کي پاليو، نپايو، ڪارايو، پھرايو، لڪايو، پڙھايو، پرڻايو ـ انھن سڀني ڳالھين ۾ بيعزتي ٿي ئي ڪانہ، باقي ھاڻي ڪھڙا اسان پَرَ پاتا آھن، جو انھن جي ھٿ ھيٺ اسان جي بيعزتيءَ جو سبب سمجھيو وڃي؟"

سَسُ چيو تہ "جيڪڏھن سڀيئي ماڻھو توھان وانگر سمجھن تہ چو جيڪر جدا ٿين. ھي دنيا جو دستور آھي، ۽ اصل کان ائين ٿيندو ھلندو ٿو اچي ۽ ھلندو رھندو، جو پُٽ پيءُ ماءُ کان ڌار ٿيندا ويندا آھن. آءٌ چاٿان ٿي تہ دنيا ۾ ڪابہ نُنھن اھڙي نہ ھوندي، جنھن جو مڙس ڪمائيندو ھجي، ۽ ھُوءَ سَس ۽ نڻانن ۾ رھڻ پسند ڪري."

محمد عاقل چيو تہ "ھي اوھان جو چوڻ برابر آھي. جيڪڏھن پُٽ ماءُ کان ڌار نہ ٿين ھا، تہ شھر ۾ ايترا گھر ڪٿان اچن ھا. پر ھرھڪ جي حالت جدا جدا آھي ۽ ڌار رھڻ منھنجي لاءِ ھرگز مناسب معلوم نٿو ٿئي. آءٌ مُٺ روپين جو تہ نوڪر آھيان، ايتري ٿورڙي آمدنيءَ ۾ جدا گھر ھلائڻ مون کي تہ تمام مشڪل ٿو نظر اچي. وري ھن نوڪريءَ جو بہ ڪو ڀروسو ڪونھي. خدا نہ ڪري، جيڪڏھن ڌار ٿيڻ کان پوءِ نوڪري ھلي ويئي، تہ پوءِ موٽي پيءُ جي گھر وڃڻ منھنجي لاءِ نھايت ڏکيو ٿيندو. ان وقت البتہ بيعزتي ٿيندي تہ 'ميان صاحب جن جدا تہ ٿي ويا ھئا، پر وري جِک ماري، موٽي اچي پيءُ جي ٽُڪرن تي پيا.' ٻئي ماڻھن جي ريس ڪرڻ ھن ڪم ۾ نيڪ نہ آھي. پنھنجي حال تي پاڻ ويچار ڪرڻ گھرجي. ھي نقل اوھان ٻڌو آھي تہ ھڪڙي شخص بازار مان لوڻ ۽ ڪپھہ ورتا. لوڻ خچر تي ڪنيائين ۽ ڪپھہ گڏھہ تي. ھلندي ھلندي رستي ۾ ھڪڙو واھہ آيو، جنھن ۾ ٿورو پاڻي وھيو ٿي. ان ماڻھوءَ خچر ۽ گڏھہ کي بار سوڌو ڇڪي پاڻيءَ ۾ لاتو. وچ واھہ ۾ پھچي، خچر ھنئي ٽُٻي، ٿوريءَ دير کان پوءِ مٿو ٻاھر ڪڍيائين،

تہ گڏھہ پڇيس: ”ڇو يار خچر، هي تو ڇا ڪيو؟“ خچر جواب ڏنس تہ ”ادا! تون وڏو سياڻو آهين. توتي ڪپهہ ڪنئي اٿن، ان جو بار تمام هلڪڙو هوندو آهي. مون نياڻي تي لوڻ آهي؛ بار جي زور کان چيلهہ پَڇي، ٽڪر تي پيئي آهي. هي اسان جو مالڪ اهڙو تہ بيرحم آهي، جو ڪيس اسان جي تڪليف جو اصل ذرو بہ خيال ڪونهي. بنا تور تڪ جي جيترو ٿو وڻيس اوترو بار ڪٽي ٿو سَٽي. مون سمجهي ورتو تہ منزل تي پهچڻ تائين چيلهہ مون سان ساڻ نہ هوندي: سو اچ هڻ ٽُٻي ـ لوڻ پاڻيءَ ۾ پُسي ڪجهہ تہ ڳري ويندو پوءِ تورو بہ هلڪو ٿيو، تہ منهنجي لاءِ لَڪُ ٿيو. مالڪ وڏ ۾ وڏ ڪٽي پنج ست سوٽيون پيون هٽندو، سو ائين ئي بہ سچي وات سوٽيون جهليندو ٿو اچان! هاٺي ڏس منهنجو باقي سچ تہ اڌ بار اڇي بچيو آهي!“ پوءِ بيوقوف گڏھہ بہ خچر جي ريس تي ڏني پاڻيءَ ۾ ٽبي. پر ڪپهہ تہ پُسي اڳي کان بہ وڏيڪ ڳري ٿي پيئي. مٿو پاهر ڪڍيائين، تہ بار بنهہ وني ويس. تنهنَ تي خچر ڪِلڻ لڳو ۽ چيائين، تہ ”ادا گڏھہ، ڇا حال آهي؟“ گڏھہ چيو تہ ”يار آءٌ تہ مران ٿو.“ خچر چيس تہ ”اي بيوقوف! تو منهنجي ريس ڪئي؛ پر توکي ايترو تہ سمجهڻ کپندو هو تہ تنهنجيءَ پُٺيءَ تي ڪپهہ آهي، لوڻ ڪونهي.“ سو، اما صاحبہ! ائين نہ ٿئي، جو ماڻهن جي ريس ڪرڻ تي منهنجو حال بہ انهيءَ گڏھہ جهڙو ٿئي!“

سس چيس تہ ”ابا! تون تہ ڪنهن جي مجائڻ جو نہ آهين. نہ آءٌ تو وانگر منطق پڙهيل آهيان. آءٌ تہ سنئين سِڌي ڳالهہ هيءَ ٿي سمجهان، تہ تورا گهڻا روپيا مهيني ۾ ڪمائين ٿو: الله جو فضل آهي، سُکر ۽ سُستائي آهي. ڪو ٻار ٻچو ڪو نہ اٿوَ: الله رکيوَ، پاڻ ۾ بہ زال مڙس ـ سُنيءَ طرح گوشت ماني کائو، ريشمي ڪپڙا چوڙيو. تو وانگر جي اڳ ڳڻتي ڪجي، تہ دنيا جو ڪارخانو ئي بند ٿي وڃي. نوڪري تہ نوڪري آهي، پر حياتيءَ تي ئي ڪو اعتبار ڪونهي. جي چار ڏينهن جيئٽو آهي، سي تہ ڪل خوشيءَ سان گذارڻ گهرجن.“

محمد عاقل چيو تہ "اهو تہ آءٌ پاڻ سوچ ويچار تو ڪريان، تہ خوشي ڏار ـ رهڻ ۾ آهي يا گڏ رهڻ ۾؟"

سس چيس تہ "انهن مثالن ۽ بحث جو مطلب ڇا؟ سنئين سڌي ڳالهہ ائين چو نٿو چئين تہ مون کي ماءُ کان ڌار رهڻ منظور نہ آهي. هڪڙي ڳالهہ توسان زال ڪئي، تہ ان جي قبول ڪرڻ ۾ توکي ڪهڙي ڳڻتي ۽ فڪر آهي؟ هوڏانهن تو چئين تہ مان هن جي مرضي ۽ مراد ۾ ڪابہ گهٽتائي نٿو ڪريان. آرام ۽ خوشي ڪهڙي شَي آهي؟ جنهن ۾ زال خوش هجي ۽ جنهن کي هوءَ آرام سمجهي."

ان کان پوءِ ڳالهين ۾ ويئي ڪاوڙِبي ۽ تپندي، محمد عاقل ڪٺي ماٺ ڪئي. رات بہ گهٽي لنگهي ويئي هئي. محمد عاقل سس کي چيو تہ "اوهان هاڻي آرام ڪريو، آءٌ هن ڳالهہ تي وري ويچار ڪندس."

پوءِ سڀ ماٺهو سمهي پيا. محمد عاقل سڄي رات انهيءَ خيال جي اڌيڙڻ ۽ سبڻ ۾ رهيو. دل ئي دل ۾ ڳالهيون ڪندو رهيو. صبح جو اٿيو، تہ ڏٺائين تہ اصغري بهاري پائي رهي آهي. کيس ڏسي اصغريءَ سلام ڪيو، ۽ چيائينس تہ "ادا سائين! وضوءَ لاءِ ڪوسو پاڻي موجود آهي."

محمد عاقل چيو تہ "نہ ادي! آءٌ مسجد ۾ جماعت سان گڏ نماز پڑهندس، ۽ وضو اتي وجي ڪندس."

اصغريءَ چيس تہ "ادا سائين! پر پاهران هليا نہ وڃجو. اوهان لاءِ مون چاءِ تيار ڪئي آهي. پر ٻڌايو تہ سادي چاءِ پيئندا، يا کير واري؟"

محمد عاقل چيو تہ "نہ، جهڙي ملي وڃي."

اصغريءَ چيو تہ "اوهان جو آواز ڪجهہ ڳورو معلوم ٿو ٿئي، جي نزلي جي حرڪت هوندي، تہ کير نقصان ڪندو."

محمد عاقل چيو تہ "نہ، نزلي جي حرڪت تہ نہ آهي، رات اما صاحبہ سان گهٽيءَ دير تائين ڳالهيون ڪندو رهيس؛ ان ڪري البت اوجاڳو آهي."

محمد عاقل نماز پڙهي موٽي آيو، ته سس کي ڏٺائين ته هوءَ نماز کان واندي ٿي، پان کائي رهي آهي. کيس سلام ڪري ويهي رهيو. اصغريءَ طشتري آڻي اڳيان رکيس: چائدان ۾ گرما گرم چاءِ، ٻه پيالا، ٻه چمچا، هڪ ننڍيءَ رڪابيءَ ۾ کنڊ.

محمد عاقل چاءِ پيتي، مزيدار، خوشبودار، بوءِ باس ۾ نيڪ، پيئڻ سان دل باغ باغ ٿي ويس.

اڪبري پنهنجيءَ عادت موجب اجا سمهي پيئي هئي. محمد عاقل چيو ته "اما صاحبه! هن اڪبريءَ کي به ته نماز جو تاڪيد ڪيو وڃي."

سس چيس ته "هي پنهنجيءَ نانيءَ جون تمام دادليون آهن: ان جي محبت هنن جي طبيعت ۽ هنن جون عادتون سڀ خراب ڪري ڇڏيون آهن. جڏهن هيءَ ننڍڙِ هئي ۽ آءٌ ڪنهن ڳالهه تي جيڪڏهن کيس ڇينڀيندي هيس، ته ڪيترن ڏينهن تائين مون سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڇڏي ڏيندي هئي. ڇا مجال هئي، جو اڪبريءَ کي ڪو هٿ لائي. اڪبري ڳالهه ڳالهه تي ضد ڪندي هئي. شيون پڇندي پوريندي هئي. اڪبريءَ جي نانيءَ جي دپ جا ماريل ڪي ڪجهه چئي نه سگهندا هئا. ان ڳالهه تي اڪبريءَ جي پيءَ سان ڏهاڙي تڪرار رهندو هو."

هاڻي محمد عاقل موڪلائڻ لڳو. سس چيس ته "راتوڪي ڳالهه ياد رکجانءِ، ۽ ضرور ان جو بندوبست ڪجانءِ."

•

# محمد عاقل جو ڏار ٿيڻ

وات ۾ محمد عاقل هن ڳالهہ کي سوچيندو آيو. گهر پهتو، تہ ماٽس ڏٺو تہ هن جي منهن مان ڳڻتي معلوم ٿي ٿئي. اُن سمجهيو تہ اڄ ضرور ساهرن سان جهيڙو ڪيو اٿس. پڇيائينس تہ "محمد عاقل! آخر منهنجي چوڻ تي نہ هلئين؟"

محمد عاقل چيو تہ "اما! سچ ٿو چوان، جهيڙو جهڳڙو ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيو."

ماٽس چيس تہ "پوءِ سست ڇو آهين؟"

محمد عاقل چيو تہ "ڪجهہ بہ ناهي، ننڊ مان اٿي آيو آهيان. انهيءَ سبب ڪان شايد اوهان کي منهنجو منهن اداس معلوم ٿيندو هوندو."

ماٽس چيس تہ "ڇوڪرا! هوش ۾ اچ. ڇا، توکي ننڊ مان اٿندو مون اڳي نہ ڏٺو آهي؟ سچي ڪر، ڪهڙي ڳالهہ آهي؟"

محمد عاقل لاچار ٿي راتوڪو سارو قصو ماءُ اڳيان بيان ڪري ويو. ٻُڌڻ سان، ماٽس کي ٺُڪو ڏيو تہ بدن مان رت نہ نِڪريس. پر مائي نهايت سياڻي هئي. چوڻ لڳي تہ "هر طرح منهنجي مُراد هيءَ هئي تہ جيستائين منهنجي بدن ۾ ساهہ آهي، اوهان سيني کي پنهنجي سيني سان لائي ويهان، ۽ اوهان ٻئي پائرقرب ۽ محبت سان رهو. پر آءٌ ڏسان ٿي تہ سامان مڙيئي اُبتا ٿا نظر اچن. ٻُڌ، اڄ آءٌ توسان ڳالهہ ٿي ڪريان تہ وهانءَ جي ٻِئي مهيني کان وٺي 'مزاجدار ننهن' اڪبري جو ارادو جدا گهرڪرڻ جو آهي. تون پنهنجي پگهار جا روپيا مهيني سر آٽي مون کي ٿو ڏين، سو ڪيس بلڪل نٿو وڻي. ڏهاڙي آءٌ تنهنجي زال جي سهيلين کان ٻڌندي رهندي آهيان تہ هوءَ 'ٻلي مارن' جي ويڙهي ۾ جاءِ وٺندي، ۽ زلفڻ کي بہ پاڻ سان وٺي ويندي. جيستائين هي سڀ ڇوڪريون گڏ وينيون هونديون آهن، تہ

اهائي ڳالهه اهوئي قصو پاڻ ۾ پيئون ڪنديون آهن.

"مون تنهنجيءَ سس جي پيٽ جي منهن تي هڪ دفعي هيءَ ڳالهه چئي ڏنيَ هئي ته 'مزاجدار ننهن' کي جيڪڏهن اسان سان گڏ رهڻ نٿو وڻي، ته پنهنجو ڪاڏو ڪپڙو ڪٽي ڌار ڪري، ۽ هن ئي گهر ۾ رهن. پوءِ تنهنجي سس جي پيٽ وٽان معلوم ٿيو ته 'مزاجدار ننهن' کي هي به منظور نه آهي. انسانُ، شادي، خوشيءَ ۽ آرام لاءِ ڪندو آهي. روزمره جي لڙائي، ڏهاڙيءَ جو جهڳڙو نهايت خراب ڳالهه آهي. جيڪڏهن تنهنجي زال کي اهو منظور نه آهي ۽ ڌار رهڻ ۾ هن کي خوشي آهي ته بِسّمِ الله! مون کي ڪوبه اعتراض ڪونهي. جتي رهو خوش رهو، آباد رهو. خدا پاڪ هڪ اولاد جي محبت اسان جي پنيان لاتي آهي، سو ڪڏهن ڪڏهن اوهان هت اچي نڪتا، هڪ دفعي ڏنوسين صبر آيو: گهرَ جي ڪم ڪار کان ڪڏهن آزادي ملي، ته آءٌ پاڻ هَلِي اچي اوهان کي ڏسي وينديس."

هي ٻڌندي ئي محمد عاقل جي دل ڀرجي آئي، ۽ بي اختيار روئڻ شروع ڪيائين، ۽ هي سمجهيائين ته اج ماءُ کان جدائي ٿي ٿئي. ماٽس به رُني.

ٿوريءَ دير کان پوءِ، محمد عاقل چيو ته "آءٌ ته ڌار ڪونه رهندس، زال رهي يا وڃي."

ماءُ چيو ته "اڙي پُٽ! هيءَ ڳالهه به ڪٿي ٿيندي آهي، شريف ماڻهن ۾ ڪٿي زالون به ڇڏيون آهن؟ توکي پنهنجي سڄي عمر هن سان گذارڻي آهي. اسان جو ڇا آهي؟ قبر ۾ پير لٽڪائي ويٺا آهيون: اڄ مرون، سڀاڻي ٻيو ڏينهن. تنهنجي شادي ٿي، انهيءَ ئي ڏينهن کان ونئي توکي ڌاريو سمجهيوسين. نه تون نرالو پٽ، نه آءٌ نرالي ماءُ. کهڙو پٽ پنهنجيءَ ماءُ سان گڏ رهيو آهي؟

محمد عاقل پنهنجن دوستن کان به صلاح پڇي.

سيني هيءَ ڳالهه چئي ته "فساد ٽارڻ چڱو آهي. گڏ رهڻ تي ڇا ٻڌل آهي؟ ماءُ کان ڌار رهو ۽ ڌار رهي هن جي خدمت ۽ فرمانبرداري ڪريو."

جڏهن سيني ماٺهن هيءَ صلاح ڏني، تڏهن محمد عاقل به چيو ته "خير! جدا رهي به ڏسون. جيڪڏهن هيءَ عورت سڌري وڃي ۽ گهر کي گهر ڪري سمجهي: خراب طبيعت، چڙ، نافرماني، گارگند ڏيڻ ڇڏي ڏئي، ته جدا رهڻ عيب نه آهي، گناهه نه آهي. جيڪو سو گهر هلائڻ جي ڳڻتي ڪرڻي پوندي، ۽ تنگ گذران ٿيندو، سو دنيا ۾ رهي، غم ڪان ته ڪنهن به حالت ۾ ڇوٽڪارو ڪونهي. هاڻي ڪجهه فڪر نه اهي هي ڏهاڙيءَ جو فساد پاڻ عذاب آهي، ۽ رزق جي تنگيءَ جو خوف به اجايو آهي. جيترو رزق نصيب ۾ آهي، اهو ڪنهن به طرح ملندو. انسان جي ڪوشش ۽ حيلي ڪي ان ۾ ڪهڙو دخل آهي!"

هي ويچار ڪري، محمد عاقل ڌار ٿي وڃڻ جو پڪو ارادو ڪيو.

اتفاقاً سندن گهر سان لڳ هڪڙي جڳهه به خالي هئي. ٻن ڇئن روپين مهيني جي مسواڙ تي، اها مقرر ڪري ورتائين: بلڪ تالو هٽي، جڳهه تي پنهنجو نالو به لکي ڇڏيائين. ڪُنجي به ورتائين، ۽ ساهرين چوائي موڪليائين ته "جاءِ ورتي ويئي آهي، هاڻي اچو ته نئينءَ جاءِ ۾ هلي ويهون." ۽ پنهنجيءَ ماءُ کي به چيائين ته "تارڪش واري ڪان جاءِ ورتي ويئي آهي."

ماٺس "مزاجدار ننهن" جو سمورو سامان جيڪو به هو، ڪپڙن جي صندوق، ٿانءَ ٿپا، ڇپر کٽ، پلنگ، سڀ هڪ جدا ڪوٺڙيءَ ۾ رکايا. شام جو "مزاجدار ننهن" به اچي پهتي.

صبح جو انين بجي ماءُ ڪوني ڪولي محمد عاقل کي چيو ته "ٻُڌ پٽ! پنهنجون شيون، ٻئي زال مڙس چڱي طرح ڏسي وائسي وٺو."

محمد عاقل چيو ته "اما! توهين ڇا ٿيون چئو! ڇا ڪا ڌاري جاءِ هئي؟"

ماٺس چيس ته "پٽ! اها ڳالهه نه آهي. ائين نه ٿئي، ڪٽڻ رکڻ ۾ ڪا شَي هيڏي هوڏي ٿي وڃي." ۽ بانهيءَ کي چيائين ته "عظمت! تون ۽ پاڙي واري هي سڀ سامان تارڪش واري گهر ۾ پهچايو."

اڪبريءَ جون سهيليون، چمپا، رحمت، زلفڻ ۽ سلمتي اچي پهتيون ۽ گهڙيءَ ۾ سمورو سامان، هيڏانهن کان هوڏانهن کڻي ويئون.

# محمد عاقل جو ذار رهڻ ۽ سندن برتن چورائجي وڃڻ

”مزاجدار ننهن“ اڪبري خوشيءَ مان ڪلندي اچي نئين گهر ۾ رهڻ لڳي. ٽن ڏينهن تائين ٻئي وقت محمد عاقل جي ماءُ ڪاڌو موڪليو. چوٿين ڏينهن محمد عاقل زال کي چيو تہ ”ٻُڌ! هاڻي ڪاڌي جو ڪجهہ بندوبست شروع ٿئي.“

مزاجدار چيو تہ ”سڀ سامان اچا جتي ڪٿي بنا جاءِ جي پيو آهي، هي رکيو وڃي تہ واندڪائيءَ ۾ هنديءَ ۽ چُلهہ کي ڏسون. هينئر تہ مون کي واندڪائي ڪانهي.“

مطلب تہ ستن ڏينهن تائين تَنُور تي ماني پچندي رهي. رات جو ڪباب ۽ ڏ نهن جو نيرن بازار مان گهرائي، ٻئي زال مڙس کائيندا هئا. آخر محمد عاقل ڏهاڙي چئي چئي، هن مزاجدار کان ڪاڌو پچارايو. مزاجدار تہ ڪڏهن بہ ماني ڪانہ پچائي هئي. ماني پچايائين تہ عجيب صورت جي ـ نہ گول، نہ چوڪندي، هڪ ڪَنُ هيڏي نڪتل، تہ چار ڪن هوڏي، ڪَنيون ٿلهيون تہ وچ ۾ گول ٽنگ، ڪٿي سڙيل تہ ڪٿي ڪچي، ڏُونهين ۾ ڪاري. دال جا رڌيائين، تہ پاڻي جدا تہ دال جدا. مطلب تہ مزاجدار اهڙو تہ لذيذ ۽ مزيدار ڪاڌو تيار ڪندي هئي، جو اُن کي ڏسي بُک ئي پڄي وڃي، ٻوڙ رڌيندي هئي تہ نڪو رنگ ۽ نڪو سواد ، لوڻ وجهي تہ يا تہ اصل زهر ۽ ڪڏهن تہ صفا ڦڪو.

هڪ بہ ڏينهن محمد عاقل صبر ڪيو. آخرڪار هن پنهنجيءَ ماءُ جي گهر ڪاڌو کائڻ شروع ڪري ڏنو.

مزاجدار نُنهن بہ پنهنجي آرام جي جاءِ ڪري ورتي. ٻئي وقت بازار مان ڪچوريون، بالائي، جليبي، ربڙي، ڪباب وغيره گهرائي کائيندي هئي. ڪاڏو جيڪو بچندو هو، سو زلفڻ ۽ پيون کائي کائي ڏندڻيون تي پيئون. انهن ٻلين جي پاڳين جڻ ڇڪو ڇڇي پيو.

پر مختصر پڳهار مان چشڪا کهڙيءَ طرح تي تِي سگهيا. چُپ چاپ ۾ سامان وڪامڻ لڳو. مگر محمد عاقل کي ان جي اصل خبر ڪانہ هئي.

هڪ ڏينهن محمد عاقل نوڪريءَ تي ويو هو. مزاجدار منجهند جو سمهي پيئي، چمپا جو آئي، تنهن ڏنو تہ اڪبري بيخبر سمهي پيئي آهي. ان پنهنجي ياءُ ميرڻ کي ٻڌايو. هو وڏو چالاڪ بدمعاش هو. مزاجدار تہ ستي ئي سُتي پيئي هئي. ميرڻ اچي ڏينهن ڏني ڏاڙو هڻي، سڀ ٿانءَ ٿپا چورائي ويو. مزاجدار اٿي جان ڏسي تہ گهرَ کي ٻُهاري ڏني پيئي آهي. ڪوٺيءَ کي تالو ڏنو پيو هو، ان جو سامان، سو بچيو. باقي جيڪي شيون مٿي ٻاهر هيون، سي هڪ هڪ ڪري کڻي ويو. هاٿي ٻاٽي پيئڻ لاءِ ڪو وَٽو بہ ڪونہ بچيو.

محمد عاقل نوڪريءَ تان آيو، هيءَ خبر ٻڌي ڏاڍو غمگين ٿيو. پر هاٿي پڇتائڻ مان ڇا ٿي وريو جڏهن جهار پوڪ کائي ويئي. زال سان خوب وڙهيو، ۽ گهٽوئي پنهنجو منهن مٿو پٽيائين. آخر روئي ڌوئي ماٺ ڪري ويهي رهيو. قرض پکو کڻي هلڪيون هلڪيون بہ ديڳڙيون ڳنهي آيو. ننڍا ننڍا ٿانوَ ماءُ کان وني آيو. ٿئو، ٿڦٽي ۽ رڪابي سس موڪليس. مطلب تہ مڙيوئي ڪنهن طرح ڪم نڪتو.

•

# اڪبريءَ جي هڪ حاجياڻيءَ سان گهرائي

اتفاقاً تن ڏينهن ۾ هڪ وڏواند عورت اچي ان شهر ۾ پيدا ٿي هئي. سڄي شهر ۾ ان جو گوڙ هو. محمد عاقل به پنهنجي زال کي چيو ته "ڪنهن ڏاريءَ عورت کي گهر ۾ اچڻ نه ڏج. شهر ۾ هڪ غلط قسم جي عورت آئي آهي. ڪيترن ئي گهرن کي لٽي چڪي آهي." پر مزاجدار سخت بيوقوف هئي. ان جي عادت هئي هر ڪنهن سان جهٽ پٽ ملي وڃڻ.

هڪڙي ڏينهن اُها وڏواند رن حاجياڻيءَ جو ويس ڪري، انهيءَ ڳليءَ ۾ آئي. هيءَ مڪار حاجياڻي، بيوقوف زالن جي ٺڳڻ لاءِ، طرح طرح جا تبرڪات ۽ سون قسمن جون شيون پاڻ وٽ رکندي هئي ـ تسبيح، خاڪ شفا، آب زمزم، مديني منوره جي ڪتل، جبل طور سينا جو سرمو، ڪعبة الله شريف جي غلاف جو ٽڪر، عقيق البحر، موتي داڻا، ناد علي، پنجسورا ۽ تمام گهڻيون دوائون.

- ڳليءَ ۾ اچي جو هن دڪان کوليو ته گهڻيئي ڇوڪريون اچي گڏ ٿيون.

مزاجدار ننهن به ٻڌو، ۽ زلفڻ کي چيائين ته "ڳليءَ مان جڏهن اٿن تڏهن حاجياڻي کي هتي وني اچج. مان به سڳورين شين جي زيارت ڪنديس." زلفڻ وڃي اُتي بيٺي ۽ حاجياڻيءَ کي وني آئي.

مزاجدار ننهن ڏاڍي ادب ۽ خوشامد سان حاجياڻيءَ کي پنهنجي پرسان ويهاريو، ۽ سڀيئي شيون ڏٺائين.

سرمو ۽ ناد علي مزاجدار پسند ڪيا. حاجياڻي ڳالهين ۾ ئي اڪبريءَ کي تازي ويئي تہ هيءَ جلد منهنجي وس ۾ اچي ويندي. هڪ پيسي جو تمام گھڻو سرمو توري ڏنائينس ۽ ٻن آنن ۾ ناد علي ڏنائينس، ۽ فيروزي جي هڪ منڊي مفت ۾ سوکڙي ڪري ڏنائينس. بس مزاجدار ريجهي ويئي.

ان کان پوءِ، حاجياڻيءَ سمنڊ جو حال، عربستان جي حالت ۽ دليان ناهي بہ چار اهڙيون پيون ڳالهيون ڪيون ، جي مزاجدار وڏي شوق سان ٻڌيون، انهيءَ پاسي خاص طرح ڌيان ڏيڻ لڳي.

حاجياڻيءَ پڇيس تہ "چو بيبي! تنهنجو ڪو بہ ٻار ٻچو ڪونهيءَ؟"

مزاجدار ٿڌو ساهہ کڻي چيو تہ "منهنجو اهڙو ڀاڳ ڪٿي ٿيو؟"

حاجياڻيءَ پڇيس تہ "شاديءَ کي ڪيترا ڏينهن ٿيا اٿو؟"

مزاجدار ننهن چيو تہ "اجا سال پورو ڪونہ ٿيو آهي."

هاڻي تہ اڪبريءَ جي بيوقوفيءَ جي حاجياڻيءَ کي پڪ ٿي ويئي، ۽ دل ۾ چوڻ لڳي تہ "هن تہ اولاد جو نالو ٻڌي، اهڙو ٿڌو ساهہ کنيو، جهڙي ڪا ورهين جي سڪايل هجي."

حاجياڻيءَ چيس تہ "نا اُميديءَ جي ڪا ڳالهہ ڪانهي. تنهنجا ايترا ٻار ٿيندا ، جو تون پالي سنڀالي نہ سگھنديئن، البت هينئر اڪيلي گھر ۾ دل پريشان هونديئي. مڙس جو ڇا حال اٿيئي؟"

مزاجدار چيو تہ "هو هميشه مون کان ناراض رهندو آهي." مطلب تہ ڦهريءَ ئي ملاقات ۾ مزاجدار ننهن حاجياڻيءَ سان اهڙي بي حجاب ۽ بي تڪلف ٿي ويئي، جو پنهنجو سنهو ٿلهو سڀ حال هن سان ذري پرزي اوري وجهي ڀار پيئي. حاجياڻي بہ ڳالهين ۾ سندس سڄو راز معلوم ڪري ويئي؛ ۽ پڪو پهر وٺس ويني رهي. پوءِ موڪلائڻ لڳي تہ مزاجدار ننهن ڏاڍيون منٿون ڪيس، ۽ چيائينس تہ "چڱو بيبي ! وري ڪڏهن ايندينءَ؟"

حاجياڻيءَ چيس تہ "منهنجي پاڻيجي موم بتين ناهيندڙن جي

گهٽيءَ ۾ رهي ٿي ۽ تمام سخت بيمار آهي، ان جي علاج لاءِ آءٌ آگري مان آئي آهيان.ان جي دوا درمل ڪرڻ مان واندڪائي ٿوري ٿي ٿئي، پر ٻئي ٽئين ڏينهن توکي ڏسي وينديس."

ٻئي ڏينهن حاجياڻي وري اچي پهتي، ۽ هڪ ريشمي اڳٺ ساڻ ڪٺي آئي. مزاجدار ننهن پري کان حاجياڻيءَ کي ايندو ڏسي، خوش ٿي، ۽ پڇڻ لڳي تہ "هي اڳٺ ڪهڙو آهي؟"

حاجياڻيءَ چيس تہ "وِڪري لاءِ آهي."

مزاجدار ننهن پڇيس تہ "ڪيتري جو آهي؟"

حاجياڻيءَ چيس تہ "چئين آنين جو. اسان جي ويڙهي ۾ هڪ وَڏيري رهندي آهي، جا هينئر غريب ٿي ويئي آهي. گهر جو سامان وڪڻي، گذران ٿي ڪري، آءٌ سندس سنهيون ٿلهيون شيون وڪڻي، پيسا نيئي ڏيندي آهيانس."

مزاجدار ننهن ايترو سستو اڳٺ ڏسي، مست ٿي ويئي. هڪدم پيسا ڪڍي، حاجياڻيءَ جي هٿ ۾ ڏنائين، ۽ ڏاڍيءَ نيزاريءَ سان کيس چيائين تہ "چڱو بيبي! جيڪا بہ اهڙي شي وڪامي، تہ پهريائين مون کي ڏيکاريندي ڪر."

حاجياڻيءَ چيس تہ "تمام چڱو. اول تون، پوءِ ٻيا." تنهن کان پوءِ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. هلندي حاجياڻيءَ هڪڙو ٻَنُون ڪڍيو. ان ۾ ڪپڙي ۽ ڪاغذ جي ڪيترن تَهن ۾ ٿورا لونگ هئا. انهن مان ٻہ لونگ حاجياڻيءَ مزاجدار ننهن کي ڏنا، ۽ چيائينس تہ "دنيا ۾ محبّت انهيءَ لاءِ ٿيندي آهي تہ هڪڙي کان ٻئي کي فائدو ٿئي. هي ٻہ لونگ آءٌ توکي ڏيان ٿي. هڪڙو تون پنهنجيءَ چوٽيءَ ۾ ٻڌي ڇڏ، ۽ ٻيو چڱو ٿئي جو تنهنجي مڙس جي پڳ ۾ هجي، پر تنهنجو مڙس شايد گمان ڪري: خير! هي وهاڻي اندر وجهي، سبي ڇڏ. هنن جو اثر اڄ کان ئي وٺي ڏسنديئن. پر ايتري خبرداري ڪج، جو صاف پاڪ جاءِ ۾ هُجن، ۽ پنهنجي

قد برابر ڪچي رنگين سٽ جا ۷ يا ۲۱ ڌاڳا مون کي ڪچي ڏي: آءٌ تو کي هڪ ڪنڊلو نهرائي پڙهائي ڏينديس."

"آءٌ جڏهن حج تي ويئي هيس، تہ انهيءَ ئي جهاز ۾ ڀوپال جي هڪ بيگم بہ سوار هئي ـ شايد تو ان جو نالو بہ ٻڌو هجي ـ بلقيس جهاني بيگم. الله سائينءَ کيس سڀ ڪجهہ ڏنو هو. دنيا دولت جي تہ حد ئي ڪانہ هيس. نوڪر چاڪر، ٻانهيون، ٻانها، پالڪيون، نالڪيون، سڀ ڪجهہ هوس. هڪ تہ اولاد جي پاران غمگين گذاريندي هئي، ڪوبہ پٽ ڪونہ هوس: پيو تہ نواب صاحب، يعني سندس مڙس، جو بہ ڏانهس اصل ڌيان ڪونہ هو. شايد اولاد نہ هجڻ سبب محبت نہ ڪندا هئس. نہ تہ بيگم، صورت ۽ شڪل ۾، سچ چنڊ کي بہ شرمائي ڇڏي. انهيءَ سونهن ۽ دولت هوندي بہ طبيعت اهڙي سادي هيس، جو اسان جهڙين مسڪينن کي گڏ ويهاريندي هئي، ۽ ڳالهيون ٻولهيون پڇندي هئي.

"بيگم کي فقيرن ۽ الله لوڪن تي حد درجي جو اعتقاد هو. هڪ دفعي ٻڌائين تہ تن ڪوهن تي هڪڙو خدا کي پهتل درويش آيو آهي. اونداهيءَ رات ۾ پنهنجي گهر ڪان هلي ، پيادي پنڌ ڪري ان وٽ ويئي، ۽ پهر کن هٿ ٻڌي بيهي رهي. فقيرن جي نالي تان قربان وڃجي، شاهہ صاحب جن اک کڻي مٿي ڏٺو تہ فرمايائين 'مائي! وڃ هن ئي رات ۾ حڪم ملنديءِ.'

بيگم کي رات جو بشارت ملي تہ 'حج تي وڃ ۽ پنهنجي مراد جو موتي سمنڊ مان ڪڍي آڻ.' صبح جو اٿندي ئي حج جون تياريون ٿيڻ لڳيون. پنج سؤ مسڪينن جو پاٿان پاڙو ڏيئي، بيگم صاحبہ کين جهاز تي چاڙهيو. انهن مان هڪڙي آءٌ بہ هيس. سدائين گڏ رهڻ سبب بيگم صاحبہ (الله شال پنهي جهانن ۾ سرخرو ڪريس) مون تي نهايت مهربانيون ڪرڻ لڳي، ۽ مون کي پنهنجي سهيلي ڪري سڏيندي هئي. ڏهن ڏينهن تائين برابر جهاز پاڻيءَ ۾ هليو. يارهين ڏينهن وچ سمنڊ ۾

هڪ جبل نظر آيو. جهاز جي ڪپتان چيو تہ ’حبشہ جبل هي آهي. هتي هڪ وڏو ڪامل فقير رهندو آهي. اُن وٽ جيڪو ويو، سو مرادون حاصل ڪري آيو.‘

”بيگم صاحبہ ڪپتان کي چيو تہ ’ڪنهن بہ طرح مون کي انهيءَ جبل تي پهچاءِ.‘ ڪپتان چيو تہ ’حضور! جهاز تہ جبل تائين پهچي نٿو سگهي. جيڪڏهن اوهان حڪم فرمايو تہ جهاز کي لنگر هٽائي، اوهان کي هڪ ٻيڙي تي چاڙهي وٺي هلون.‘

بيگم چيو تہ ’خير ائين ئي چڱو.‘

”پنج عورتون بيگم سان گڏجي حبشہ جبل تي ويئون هيون ـ هڪڙي آءٌ ۽ چار ٻيون. جبل تي پهتيون سين، تہ عجب قسم جي خوشبوءِ چوڌاري ھبڪار ڪري رهي هئي. هلنديو هلنديون وڃي شاهہ صاحب وٽ پهتيون سين. واهہ جو هنڌ هو! نہ آدمي نہ آدمزاد. اڪيلي سر شاهہ صاحب هڪڙي غار ۾ رهندو هو. نوراني شڪل، جهڙو ملائڪ! اسان سڀني کي ڏسي دعا ڪيائين. بيگم صاحبہ کي ٻارنهن لونگن تي، ڪجھہ پڙهي شوڪاري ڏنائين.

مون کي چيائين تہ ’وڃ، آگري ۾ دهليءَ ۾ ماڻهن جون دعائون ڪَٽ!‘ ڏيءَ! انهن ٻارنهن لونگن مان ٻہ لونگ هي آهن!

”حج ڪري جو موٽيا، تہ نواب صاحب، يا تہ بيگم کان ڳالهہ بہ نہ پڇندو هو، يا هيءَ نوبت ٿي، جو هڪ مهينو اڳيئي بمبئيءَ ۾ اچي، بيگم جي وٺي وڃڻ لاءِ اتي رهي پيو هو. جيئن ئي بيگم جهاز کان هيٺ پير رکيو، تيئن نواب پنهنجو مٿو نيئي، بيگم جي قدمن تي رکيو، ۽ روئي روئي پنهنجي خطا کانئس معاف ڪرايائين.

”آءٌ ـ ـ ج تان موٽي، ڇهہ سال ڀوپال ۾ رهيس. فقيرن جي دعا جي برڪت سان، الله شال بخشي ڏنيس، هڪ ٻئي پٺيان چار پُٽ. منهنجي رهڻ تائين بيگم کي ٽي ڇڪا هئا. پوءِ مونکي پنهنجو ديس ياد آيو، ۽

بيگم کان موکل گهريم. تمام گهڻو روکيائين، پر مون چيو تہ "شاهہ صاحب مون کي دهلي ۾ آگري جي خدمت حوالي ڪئي آهي، اوڏانهن وڃڻ ضروري آهي.'

"هي ٻڌي، بيگم لاچار ٿي مون کي موکل ڏني."

هي ٻڌي، مزاجدار ننهن حاجياڻيءَ جي دل و جان سان مريدياڻي ٿي ويئي

حاجياڻي تہ لونگ ڏيئي موڪلائي ويس. مزاجدار ننهن وهنجي سهنجي، ڪپڙا بدلائي، خوشبوءِ لڳائي، هڪڙو لونگ تہ بسم الله ڪري پنهنجيءَ چوٽيءَ ۾ ٻڌي ڇڏيو، ۽ مڙس جي پلنگ جي چادر ۾ وهاڻن جا پوش متائي، ٻيو لونگ ڪنهن وهاڻي ۾ رکي ڇڏيائين.

محمد عاقل جو گهر ۾ آيو، تہ زال کي ڏٺائين تہ صاف ۽ سٺي بني ٺهي ويٺي آهي. پلنگ جي چادر بنا چوڻ جي بدلايل آهي. خوش ٿيو، ۽ اڪبريءَ ڏانهن خاص توجهہ ڏيڻ ۽ مهربانيءَ سان ساڻس ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳو. مزاجدار چيو تہ "ڏسو مون اڄ هڪ شَي خريد ڪئي آهي." هي چئي اڳٽ ڏيکاريائينس.

محمد عاقل چيو تہ "ڪيتري ۾ ورتو اٿيئي؟"

مزاجدار چيس تہ "اوهين چئو، ڪيتري جو آهي؟"

اهو اڳٽ خاص لاهور جو ٺهيل ۽ نهايت عمدو هو. وڏي ٻرَ سان ويڪرو ۽ ڊگهو هو. ڪلابات جون ڇڳيدر هريرؤن ٻڌل هئس.

محمد عاقل چيس تہ "ٻن روپين کان ڪنهن بہ طرح گهٽ جو نہ آهي."

مزاجدار چيس تہ "چئن آنن ۾ خريد ڪيو اٿم."

محمد عاقل چيو تہ "سچ چئو."

مزاجدار چيس تہ "اوهان جي سِر جو قسم، چئن آنن ۾ ورتو اٿم."

محمد عاقل چيو تہ "تمام سستو آهي، ڪٿان مِليو؟"

مزاجدار چيس تہ ”هڪ حاجياڻي ڏاڍي نيڪبخت آهي. ڪيترن ڏينهن کان اسان جي ڳليءَ ۾ ايندي آهي. هيءَ اڳٿ ڪنهن اميرزاديءَ جو آهي: هُن وڪڻڻ لاءِ آندو هو.“ هي چئي، سرمو، ناد علي ۽ فيروزه جي مُنڊي مزاجدار ڏيکاريس. لالچ اهڙي بڇڙي شَي آهي، جو وڏو سياڻو ماڻهو بہ ان کان نڳجي وڃي ٿو. جهنگلي جانور ـ مينا، طوطو، لال، بلبل ـ انسان جي شڪل کان ڀڄن ٿا، پر داڻي جي لالچ تي جار ۾ ڦاسي وڃن ٿا، ۽ سڄي ڄمار پڃري ۾ قيد رهن ٿا. اهڙيءَ طرح محمد عاقل پنهنجو فائدو ڏسي خوش ٿيو. مزاجدار چيو تہ ”اها حاجياڻي، رئيسياڻيءَ جو سمورو سامان جو وڪامڻ نڪرونڊو، سو مون وٽ آڻڻ جو انجام ڪري ويئي آهي.“ ان تي محمد عاقل چيو تہ ”ضرور ڏسڻ گهرجي، پر ائين نہ ٿئي، جو چوريءَ جو مال هجي، ۽ پوءِ خرابي ٿئي. اهو خيال بہ رکجي تہ حاجياڻي ڪا ٺڳڻ نہ هجي.“

مزاجدار چيس تہ ”خدا خدا ڪريو، هوءَ حاجياڻي اهڙي ڪانهي.“ مطلب تہ ڳالهہ تي گذري. محمد عاقل سان جو اهڙيون ڳالهيون ٿيون، تہ لونگن تي مزاجدار جو ويساهہ جمي ويو، ۽ ٻئي ڏينهن تي زلفڻ کي موڪلي، حاجياڻيءَ کي گهرايائين. اڄ مزاجدار حاجياڻيءَ جي دين جي ڏيءَ ٻڌجي ويئي، ۽ حاجياڻي کي ماءُ بنايائين.

رات جي وقت محمد عاقل سان وري حاجياڻيءَ جي ڳالهہ چوريائين. ان تي محمد عاقل چيس تہ ”ڏس، هوشيار رهج، انهيءَ ويس ۾ وٺواند رنون ۽ ٺڳيون گهٽيون هونديون آهن.“ پر لالچ خود محمد عاقل جي عقل تي اهڙو پردو وڌو، جو اهڙي ٿلهي ڳالهہ بہ هن نہ سمجهي تہ ٻن رپين جو مال چئن آنن ۾ بي سبب ڪير ڏيندو!

محمد عاقل کي گهربو هو تہ گهر ۾ ان حاجياڻيءَ جي اچڻ جي صفا منع ڪري ها، ۽ ان جون سڀ شيون، موٽرائي ڏئي ها.

هوڏانهن مزاجدار کي ايترو عقل ڪٿان آيو، جو ڳالهہ جي اصل

حقيقت کي سمجهي.

ڪن ڏينهن کان پوءِ مزاجدار، حاجياڻيءَ کان پڇيو تہ ”چو بيبي اڄ ڪلهہ رئيساڻيءَ جي ڪابہ شَي نٿي آڻين؟“

حاجياڻيءَ سمجهي ورتو تہ هن کي چڱو چشڪو اچي ويو آهي. چيائين تہ ”اوهان جي ڏانو جي ڪا شي نڪري تہ آڻيان.“ ٻن چئن ڏينهن کان پوءِ ننڍڙن موتين جي هڪ جوڙي آندائين، ۽ چيائين تہ ”وٺ بيبي! خود بيگم جي نٿ جا موتي آهن. خبر ناهي تہ هزار جي جوڙي آهي يا پنجن سَوَن جي. پنامل جوهريءَ جي دڪان تي مون ڏيکاريا هئا. ڏسي موتين تي عاشق ٿي پيو. ٻہ سَوَ رپيا منهنجي پَلَوَ ۾ ٻڌي ٿي ڏنائين. آءٌ بيگم کان پنجاهہ روپين تي ونئي آئي آهيان. اوهين ونو، وري اهڙو مال ڪونہ ملندوَ.“

مزاجدار چيو تہ ”پنجاهہ رپيا روڪ تہ مون وٽ ڪينهن.“

حاجياڻيءَ چيس تہ ”چا ٿيو ڏيئڙي! نورا وڪٽي، هي خريد ڪري وٺ ، نہ تہ پاڻ جاٿو. اڄ هي موتي وڪامي ويندا.“

حاجياڻيءَ اهڙي ڍنگ سان چيو، جو مزاجدار هڪدم زيورن جي صندوقڙي کڻي آئي ۽ نورا ڪڍي حاجياڻيءَ جي حوالي ڪيائين. حاجياڻي مزاجدار جا زيور ڏسي، چيو تہ ”اڙي هَي هَي! ڪهڙي ويسلائيءَ سان زيور مُوريءَ ۽ گجر وانگر ڪٽي رکيا اٿيئي. ڏيئڙي هن دوهريءَ ۾ ڏوري وجهراءِ يعني پوئاءِ. واليون، پتا ، مگر، مرڪيون ۽ بازو بند سڀ ميرا چڪ جهڙا ٿي ويا آهن. ميل سون کي کائي ويندو آهي، انهن کي اوجاراءِ.“

مزاجدار چيو تہ ”ڪير پوئائي ڏئي، ۽ ڪير اوجارائي ڏئي؟“ هُن (مڙس) کي چوان ٿي، تہ چوي ٿو تہ 'واندڪائي ڪانهي'

حاجياڻيءَ چيس تہ ”اڙي اما! هي ڪهڙو وڏو ڪم آهي؟ ٻُڌو، موتين کي ڇڏيو، آءٌ هي جهٽ پٽ ٿي پوئائي ڏيانوَ. جيڪو زيور ميرو آهي، اهو ڪڍي مونکي ڏيو تہ آءٌ هينئر ئي اجارائي آڻي ڏيانوَ.

تنهن تي مزاجدار سيئي زيور ڪٽي سندس حوالي ڪيا.
حاجياڻيءَ چيس تہ ”زلفڻ کي مون سان ساڻ موڪليو. هوءَ سوناري جي پرسان ويٺي هوندي. آءُ سُرهي کان دهري پوئائيندي‌س.“

مزاجدار چيو، ”چڱو.“

ايترو چئي زلفڻ کي سڏيائين. جڏهن هوءَ آئي، تہ حاجياڻيءَ چيس، ”ڇوڪري! تورو مون سان گڏجي هَلُ، سوناري جي دڪان تي ويٺي هججانءِ.“

حاجياڻيءَ زيور ورتا. زلفڻ ساڻس گڏجي هلي. ڳليءَ کان ٻاهر نڪري، حاجياڻيءَ رومال کوليو، ۽ زلفڻ کي چيائين تہ ”ٻڌ، اوجارائڻ وارا زيور ڌار ڪريون، ۽ پوئائڻ وارا ڌار.“ زيور جدا ڪندي ڪندي، حاجياڻيءَ چيو تہ ”اَين! نڪ جو ڪوڪو ڪٿي آهي؟“

زلفڻ چيو تہ ”انهيءَ ۾ هوندو. ذرڙي جيتري شَي آهي انهيءَ ڳنڍڙيءَ ۾ ڏسو.“ پوءِ حاجياڻيءَ پاڻ ئي پاڻ چيو، ”اڙي هَي هَي! پاندان جي ڍڪڻ تي رکيل رهجي ويو. اڙي زلفڻ، ڊوڙندي وڃ، جلديءَ ۾ وٺي اچ.“

زلفڻ ڊوڙندي ڊوڙندي آئي، ۽ دروازي کان واڪو ڪيائين تہ ”بيبي! نڪ جو ڪوڪو پاندان جي پُڙ تي رهجي ويو آهي، حاجياڻي گهُري ٿي. جلدي ڏي. حاجياڻي ڳليءَ جي ڇيڙي تي ’ديبا‘ واڻئي جي هٽ اڳيان ويٺي آهي.“

هن ايترو چيو تہ مزاجدار جو مغز جاءِ تي آيو، ۽ زلفڻ کي چيائين تہ ”چري ٿي آهين، ڪهڙو ڪوڪو؟ مون وٽ ڪٿي هو، تو ڏٺو آهي؟ اڙي نياڳي ڊوڙ، ڏس تہ حاجياڻي ڪيڏانهن هلي نہ وڃي.“

زلفڻ پوئين پير ڊوڙي. حاجياڻيءَ کي هيڏانهن هوڏانهن ڳوليائين، ڪٿي بہ پتو نہ پيس. مزاجدار کي اچي چيائين تہ ”بيبي! حاجياڻيءَ جو تہ ڪٿي بہ ڏس پتو نٿو ملي. آءُ بازار تائين ڏسي آيس، ايتريءَ دير ۾ خبر

ناهي تہ ڪيڏانهن گم ٿي ويئي. "

اهو ٻڌي، مزاجدار مٿو پٽڻ لڳي: هاءِ! ڦرجي ويس، هاءِ! آءٌ ڦرجي ويس. اڙي ڏس، ٻُڌ، خدا جي نالي ڊوڙ!" مومگرن جي گهٽيءَ تائين ماٺهو ڊوڙيا. اتان معلوم ٿيو تہ ڪتان جي وَهندڙ وهائيندڙ، مهيني کن کان مسواڙ تي اچي رهي هئي، جا چئن ڏينهن کان جاءِ ڇڏي هلي ويئي هئي. هاڻي ڇا ٿي سگهيو ٿي!

محمد عاقل اچي ٻڌو، مٿو پٽيائين ۽ زال کي چيائين تہ "اڙي! تون تہ گهر کي ڪاري خاڪ ڪري ڇڏيندينءَ. آءٌ توکي اصل کان سڃاڻان ٿو."

مزاجدار چيس تہ "هَل هَل، پري ٿيءُ. هاڻي ڳالهيون ناهڻ بينو آهي. اڳ ڏسي تو پاڻ مون کي نہ چيو هو تہ 'بيگم جو سامان ضرور ڏسج!'

مطلب تہ ڏاڍي مزيدار لڙائي، ٻنهي زال مڙس ۾ ٿي. سڄو ويڙهو اچي گڏ ٿيو. ڳالهين تان ڳالهہ نڪتي. معلوم ٿيو تہ اها حاجياڻي "ڪنچنيءَ" ڳليءَ ۾ احمد بخش خان جي زال جا سيئي زيور بهانو ڪري ڪٺي ويئي تہ 'هڪڙي فقير کان بيٽا ڪرائي ڏيندي سانءِ. "ميان مسيتا" جي ڌيءَ سان اهڙي محبت وڌا يائين، جو اُن جا زيور تورن ڏينهن لاءِ اُڌائي ونڻ جي بهاني اُڌائي ڪٺي ويئي.

مطلب تہ زيور ويا. گهر سڄو ڦرجي مسيت ٿي ويو. ٽانءَ ٿپا اڳي ئي چورائجي چُڪا هئا. زيور هيئن گُم ٿي ويا. هزار روپين جي موتين جي جوڙي، جو ماٺهن ڏٺي تہ ٽن پَيسن جي هئي؛ پوليس ٿاڻي ۾ رپورٽ ڪيائون. ماٺهن پنهنجي منهن گهڻوئي ڳوليو، پر حاجياڻيءَ جو ڪو بہ پتو نہ پيو.

# اڪبريءَ جي ڪپڙن جي بربادي

اڪبريءَ کي ڏاج ۾ جيڪي ڪپڙا مليا هئا، هاڻي انهن جو حال ٻڌو. جيستائين سس سان گڏ رهندي هئي تہ سسٽس ڏهين پندرهين ڏينهن ڪپڙن کي ڪڏي اُس ۾ تَوَ ڏيندي هئي. برسات جي شروع ٿيڻ کان وٺي، جيئن اڪبريءَ جدا ٿي رهڻ لڳي، تئين ڪپڙن جي صندوق جنهن ڪوٺڙيءَ ۾ جيئن رکي هئي، تہ سڄو سانوڻ گذري ويو، ان کي منهن ورائي بہ ڪونہ ڏنائين، ۽ اها اتي ائين ئي رکي رهي. آخر سياري جي اچڻ ڪري پهرڻ جي ضرورت ٿي، تہ صندوق کولي ويئي . تمام گهٽا ڪپڙا ٺڏ تڪي ويئي هئي. گهٽا ڪُئن ڪُتري ٻڙگهل ڪڍي ڇڏيا هئا. مطلب تہ ڪوبہ ڪپرو سڄو صحيح سلامت ڪونہ بچيو.

جيڪي ڇوڪريون ننڍڙائيءَ ۾ لاڏ ۽ پيار سان رهن ٿيون، ۽ هنرءَ ڍنگ نٿيون سکن، اهي هيئن اڪبريءَ وانگر ڏک ۽ تڪليف ڪاٽين ٿيون.

اڪبريءَ جو جيترو حال اوهان پڙهيو، ان مان اوهان کي معلوم ٿيو هوندو تہ "اڪبريءَ کي ماءُ ۽ نانيءُ جي پيار ساري عمر کهڙيءَ مصيبت ۾ رکيو. ننڍپڻ ۾ اڪبري نہ ڪوئي هُنر سِکي، نہ ڪجهہ ان جي طبيعت سُڌاري ويئي. جڏهن اڪبري سس کان ڌار ٿي جدا گهر ڪيو، تہ ٿانءَ ٿپا، ڪپڙا ، زيور سيڪجهہ ان وٽ موجود هئا. جئن تہ هو گهر هلائڻ جو ڍنگ نہ رکندي هئي، تنهنڪري ٿورن ڏينهن ۾ سڀ سامان خاڪ ۾ ملائي ڇڏيائين. هڪ ئي سال ۾ هٿن ۽ ڪنن کان پُٺي رهجي ويئي.

جيڪڏهن محمد عاقل بہ انهيءَ وانگر بيوقوف ۽ ڇيڙاڪ هجي ها، تہ شايد هڪ ٻئي کان هميشہ لاءِ لاڳاپا ڇني ڇڏين ها: پر محمد عاقل هميشه عقل ۽ شرافت سان هليو، ۽ اهيءَ سبب ڪجهہ قدر سندن زندگي جا ڏينهن ڏکيا سکيا ڪتبا ئي پئي رهيا ـ البت سندن زندگي زندگي نہ بلڪ هميشہ لاءِ جيئري ئي دوزخ بني رهي.

# اصغري خانم جو احوال

هيءَ ڇوڪري انهيءَ گهر ۾ اهڙي هئي، جهڙو باغ ۾ گلاب جو گل، يا ماٺهوءَ جي منهن ۾ اکيون. هر هڪ قسم جو هُنر، هر هڪ طرح جو ڍنگ هن کي حاصل هو. عقل، هنر، حيا ، لحاظ سڀيئي صفتون الله سائينءَ اصغريءَ کي بخشيون هيون.

ڇوڪريائپ کان وٺي، هُن کي راند روند، کِل ۽ حرڪتبازيءَ کان بُڇان لڳندي هئي. پڙهڻ يا گهر جي ڪم کان سواءِ ڪڏهن به ڪنهن ان کي اجائي بڪ بڪ ڪندي يا وڙهندي ڪونه ڏٺو. ويڙهي جون جيتريون به عورتون هُيون، سڀيئي ڪيس ڏيئرن وانگر پيار ڪنديون هيون. بيشڪ انهيءَ ماءُ ۽ پيءُ جو ڪهڙو نه سنو بخت ڇئبو، جن جي ڌيءَ اصغري هئي. وڏا ڀاڳ انهيءَ گهرجا ، جنهن ۾ اصغري نُنهن بڻجي وڃڻ واري هئي. هاڻي الله جي لطف ۽ مهربانيءَ سان اصغريءَ جي عمر تيرهن سال ٿي هئي.

ان جي ڳالهہ محمد ڪامل سان مقرر ڪيل هئي. هاڻي گفتگو، صلاح مصلحت ۽ چوپول تيڻ لڳو تہ 'مهينو ۽ ڏينهن مقرر ٿي وڃي.' هيڏانهن محمد ڪامل جي ماءُ اڪبريءَ جو ڍنگ ڏسي، ايترو تہ ڊڄي ويئي هئي، (ڀاڪو آهي تہ ڪير جو سڙيل، جهڻ ڦوڪي پيئندو آهي) جو اڪبريءَ جي شڪل دل تي آئي، سندس لڳ ڪاندارجي ٿي ويا. ڳجهيءَ طرح محمد عاقل جي ماءُ جو ارادو هو تہ ننڍي ڇوڪر جو مڱڻو ٻئي ڪنهن گهر ۾ ڪريان.

محمد عاقل کي ڪنهن طرح خبر پئجي ويئي، ۽ ماءُ کي چيائين تہ "اما! مون ٻڌو آهي تہ اوهان محمد ڪامل جي مڱ ڇڏڻ ٿا گهرو."

ماڻس چيس تہ ”ڇا ٻڌايانءِ پُٽ! وڏي ويچار ۾ آهيان تہ ڇا ڪريان، ڇا نہ ڪريان؟ تنهنجي اڳيان اکيون ڪٽي نٿي سگهان. الله مون کي تنهنجو گهنگار بنايو، جو توکي اکبريءَ جهڙي زال پرڻايم. ڏسجي محمد ڪامل جي قسمت کهڙي آهي؟“

محمد عاقل چيو تہ ”اما! آءُ سچ ٿو چوان، اصغري هزار ڇوڪرين مان هڪڙي آهي. سڄي ڄمار ڏيو ڪڻي ڳولينديون تہ اصغريءَ جهڙي ڇوڪري نہ لهنديون. صورت ۽ سيرت ٻنهي ۾ خدا پاڪ هن کي لائق ۽ فائق بنايو آهي. هرگز ڍِپ نہ ڪريو، بسم الله ڪري شادي ڪري ڇڏيو. هن جي وڏيءَ ڀيڻ تي، جو اوهين خيال ٿيون ڪريو، تہ اوهان ٻڌو هوندو تہ

’نہ هر زن زن ست ونہ هر مرد مرد
خدا پنج انگشت يکسان نہ کرد‘

يعني ’نہ هرڪائي زال، زال اخلاق ۽ لڇڻ ۾ لائق آهي، ۽ نہ وري هرڪو مرد، (افعالن ۽ اخلاقن ۾) مرد آهي. خدا پاڪ پنج ئي آڱريون هڪ جهڙيون نہ ڪيون آهن.‘ هر ڪنهن ماڻهوءَ جي پنهنجي پنهنجي عادت آهي ۽ پنهنجي پنهنجي طبعيت.

اوهان جي وڏيءَ ننهن جي (لاَ حَولَ وَلاَ قُوَّةَ) اصغريءَ سان ڪهڙي ڀيٽ! ’چہ نسبت خاڪ را با عالم پاڪ!‘

”الله محمد ڪامل جي مراد پوري ڪري، پرڻي ڪان پوءِ منهنجيءَ ڳالهہ جو اوهان کي يقين ٿيندو.“

محمد عاقل، جو اصغريءَ جي ايتري قدر ساراهہ ڪئي، تہ محمد ڪامل سان جو مڱڻو ٿيو هو، سو پڪو ٿي ويو. مطلب تہ گهوٽ ماءُ ۽ ڪنوار ماءُ جي صلاح سان هي مقرر ڪيائون تہ حج واريءَ عيد جي ٻئي ڏينهن تي نڪاح ٿئي.

اصغريءَ جو پيءُ دورنديش خان ڪنهن ڏورانهين هنڌ تي نوڪر هو، اُن ڏانهن خط ويو. خط پهچڻ سان ئي خانصاحب نهايت خوش ٿيو،

ڇا ڪاڻ تہ هو اصغريءَ ڪي سڀني ٻارن ڪان وڌيڪ پيار ڪندو هو. هڪدم پنهنجي رضامندي ڏياري موڪليائين: ۽ ڳوٺ وڃڻ لاءِ موڪل جي درخواست ڪيائين. موڪل ڪان صاف جواب مليس. انڪار ڏسي گهڻوئي زور لاتائين، پر هڪ بہ نہ هليس. سيارو اچي رهيو هو، گشت شروع ٿيڻ وارو هو. بالا عملدار ڪي بہ نيڪ بهانو هو. دورانديش خان ڪي موڪل نہ ملڻ تي ڏاڍو ڏک ٿيو. مگر نوڪري ۽ بيوسي - ڇا ڪري؟ فقيرجي ڪاوڙ فقير جي سر تي" مانڙي ڪري ويهي رهيو. پر سندس وڏو پٽ خيراانديش خان ساڻ هوس. ان کي هزار روپيا روڪ ڏيئي، گهر روانو ڪيائين. اڳ پوءِ جون سڀ ڳالهيو سمجهايائينس. گهر ۾ زيور، ڪپڙا، ٿانءَ ٿپا سڀ اڳيئي موجود هئا. خيرانديش خان گهر پهچي، چانور، گيهہ، ڪٽڪ، مصالح، لوڻ سڀ ضرورت آهر خريد ڪيا.

اصغري جي ڪپڙن ۾ زري ۽ گلڪاريون ٽاڪجڻ شروع ٿيون. ماڻس جي مرضي هئي تہ اصغريءَ کي وڏيءَ ڀيڻ ڪان گهڻو ڏاج ملي - جورا هن جا ڳرا قيمتي هجن، زيور بہ زيادهہ جنس ۽ ٿانءَ ٿپا بہ ڪمائتا ۽ مهانگا ۽ عمدا ڏنا وڃنس.

اصغري بہ نيٺ انهيءَ گهر ۾ رهندي هئي: جيڪا بہ ڳالهہ ٿي ٿي، اها ضرور کيس معلوم ٿي ٿي. جڏهن اصغريءَ ٻڌو تہ 'مون کي وڏيءَ ڀيڻ ڪان وڌيڪ ڏاج ملڻو آهي' ، بيوقوف ڇوڪري هجي ها تہ خوش ٿئي ها، پر اصغريءَ کي ڏک ٿيو. انهيءَ ويچار ۾ پيئي تہ ڪنهن اٽڪل سان اما کي منع ڪريان.

آخر پنهنجيءَ ماسات تماشا خانم کي شرمائجي، چيائين تہ "هِيئن ٻڌو اٿم، مون کي ان جو ڏاڍو خيال ٿي پيو آهي. ڪيترن ڏينهن کان ڏاڍيءَ ڳڻتيءَ ۾ هُيس تہ ڇا ڪريان؟ چڱو ٿيو جو تون اچي نڪتينءَ. هڪجيڏائيءَ سبب توسان ڳالهہ ڪرڻ ۾ فڪر ناهي. اما جن کي هيتري ڳالهہ سمجهاءِ، تہ مون کي وڏيءَ اديءَ کان زياده هڪ شَي بہ نہ ڏين."

تماشا خانم پڌندي ئي چيو تہ ”تون بہ ادي، ڪا مزيدار عورت آهين. پهاڪو آهي تہ ’گڏهہ ڪي لوڻ ڏنائون، ان چيو تہ منهنجون اکيون ڏکن‘ – يعني، بيوقوف سان ڀلائي ڪيائون، پر انهيءَ سمجهيو تہ مون سان بُرائي ٿي. الله ڏياري ٿو، تون انڪار ڇو ٿي ڪرين.“

اصغريءَ چيو تہ ”تون چري ٿي آهين. ان ۾ ڪيترين ئي خرابيون آهن. اديءَ وڏيءَ جي طبيعت کان اوهين واقف آهيو، ان کي ضرور ڏک ٿيندو، ۽ ناحق اما سان رنجيدگي ۽ مون سان بدگماني پيدا ٿيندي.“

تماشا خانم چيو تہ ”ادي! هن ۾ ڏک جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. هر ڪنهن جي پنهنجي قسمت آهي. سمجهن لاءِ تہ سَوَن نمونن جون ڳالهيون آهن. هن جي بِسمِ الله جي شادي ٿي. ڇئن سالن تائين مگيل رهي. عيد مراد هن کي شان مان سان ملندي رهي. هاڻي ان جي ڪسر هيڏانهن سمجهي.“

اصغريءَ چيس تہ ”سچ آهي، مگر نالو تہ ڏاج جو آهي. نَنديءَ کي گهٽو ملندو تہ وڏيءَ کي ڏک ٿيندو، هڪ ويڙهي ۾ رهڻ، ڏهاڙيءَ جو ملڻ ملائڻ ـ جنهن ڳالهہ کان دليون خراب ٿين، سا ڇو ڪئي وڃي؟“

تماشا خانم چيو تہ ”ادي! ناحق تون پنهنجو نقصان ٿي ڪرين؛ ڇا آهي، مهيني ٻن ۾ سڀ ڳالهيون وسري وينديون.“

اصغريءَ چيس تہ ”اڙي ڀيڻ! خدا خدا ڪر، نفعو نقصان ڪهڙو؟ ڪٿي ماءُ پيءُ جي ڏيڻ سان پوري پوي ٿي. ڇا سڄي عمر ڏاج تي گذاربي؟ الله پاڪ پنهنجيءَ قدرت سان ڏئي؛ تون هن ڳالهہ ۾ ضد نہ ڪر. جي نہ، تہ آءٌ ٻي رٿ ڪريان. مون کي وڌيڪ ڏاج ڪنهن بہ طرح منظور نہ آهي.“

مطلب تہ اصغريءَ جي ماءُ تائين هيءَ ڳالهہ پهچي ويئي. اها بہ ڪجهہ سوچي سمجهي پنهنجي ارادي تان لهي ويئي، ۽ دل ۾ چوڻ لڳي تہ ’ڏيڻ جا سوين ڍنگ آهن. ڪنهن ٻيءَ طرح اصغري کي ڪجهہ ڏيئي ڇڏينديس: نہ تہ بہ ڪا خاص ڳالهہ ڪانهي؟

مطلب تہ مقرر ڏينهن تي نيڪ ساعت ۾ نڪاح ٿي ويو، ۽ مبارڪ سلامت ٿيڻ لڳي، خيرانديش خان اهڙو رڌائنتو ماڻهو هو، جو اڪيلي سر نهايت سني نموني پيڻ جو وهانءُ ڪري ڏنائين. ڇاڃين جي خدمت چاڪري سڀ اُچي درجي موجب تمام چڱيءَ طرح ٿي. حقدارن کي تمام سُني نموني راضي ڪيائين.

جڏهن اصغريءَ جي موڪلائڻ جو وقت آيو، تڏهن گهر ۾ اداسي ڇانئجي ويئي. ماءُ کي تہ حد درجي جو صدمو هو. باقي وڏڙهي جي عورتن جو هي حال هو، جو اڇي اصغريءَ کي ڳراٽڙيون پائي پائي رُنيون ٿي، ۽ هر هڪ جي دل مان دعا ٿي نڪتي.

اصغري انهن دعائن جو تمام وڏو ڏاج وٺي، اچي ساهرن ۾ پهتي. اُتي جون جيڪي رسمون هيون، سي پوريون ٿيون. منهن ڏيکارڻ کان پوءِ، اصغريءَ کي "تَميزدا" يعني "سياڻي يا سُگهڙ نُنهن" جو خطاب مليو. اڳتي هلي اوهان کي معلوم ٿي ويندو تہ اصغريءَ گهر هلائڻ جو ڪم ڪهڙيءَ طرح سنڀاليو. ڪهڙيون ڪهڙيون مشڪلاتون هن کي آڏو آيون، ۽ هن پنهنجي عقل سان ڪهڙي طرح انهن کي دفعي ڪيو.

ٿورو اصغريءَ جي حالت کي اڪبريءَ جي حالت سان ڀيٽڻ گهرجي. اصغري ماءُ جي ڌِي يعني ننڍي ڌيءَ، ۽ سسُ جي ڌِي يعني ننڍي نُنهن هئي. ٻنهي طرفن جا جذبات ۽ حوصلا اڪبريءَ جي وهانءَ سبب مجروح ٿي چڪا هئا. اڪبري سورهن ورهين جي عمر ۾ پرڻائي ويئي هئي، ۽ اصغري وهانءَ جي وقت پورن تيرهن ورهين جي هئي. جڏهن اڪبريءَ جي شادي ٿي هئي، تڏهن سندس مڙس محمّد عاقل تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ روپين پگهار سان نوڪريءَ ۾ هو: پر اصغريءَ جو مڙس محمد ڪامل تہ اڃا پڙهيو ٿي.

محمد عاقل کان محمد ڪامل عمر ۾ ننڍو ۽ گهٽ عقل وارو بہ هو. اڪبري پورا بہ سال ٻارن ٻچن جي بکيڙي کان آزاد رَهِي، پر اصغري کي

خدا تعاليٰ شاديءَ جي ٻئي سال ۾ ننڍڙيءَ عمر ۾ ماءُ بنايو. اڪبريءَ کي ڪڏهن بہ شهر کان ٻاهر نڪرڻ جو ڪو اتفاق نہ ٿيو، پر اڳتي هلي اصغري ورهين جا ورهيہ سفر ۾ رهي. سيڪنهن طرح اصغريءَ جي حالت اڪبريءَ جي حالت جي مقابلي يا ڀيٽ ۾ چڱي نہ هئي. مگر اصغريءَ کي ننڍپڻ کان ترتيب ۽ طريقي سان هلڻ جو آزمودو ٿيو هو. ڏينهون ڏينهن سندس گهر ۾ برڪت زياده ٿيندي ويندي هئي: ايتري تائين جو اڪبريءَ جو ڪو نالو بہ ڪونہ سڃاڻندو هو، ۽ ”خانم جي بازار“ ۾ تميزدار ننهن جو اهو عاليشان محلات بينو آهي، جو آسمان سان ڳالهيون ٿو ڪري. اصغري خانم جي ئي نالي سان انهيءَ ويڙهي ۾ ”خانم جي بازار“ مشهور ٿي.

”جوهري بازار“ ۾ اها اوچي مسجد، جنهن ۾ حوض ۽ کوهہ آهي، تميزدار ننهن جو ئي نهرايل آهي. شاهي بازار کان اڳتي وڌي ”لال ڀڙيءَ“ جي ڀر ۾ ”تميز گنج“ انهيءَ جو آهي: مولوي محمد حيات صاحب جي مسجد ۾ اجا تائين ويهن مسافرن کي انهيءَ لنگر خاني مان خميرو، ماني، ۽ چٽڻ جي ڀُڳل دال ٻني ويلن تي پهچي ٿي. قطب صاحب ۾ اولياء مسجد جي سامهون مسافرخانو انهيءَ تميزدار نُنهن اصغريءَ جو نهرايل آهي. فتحپورَ ۾ بمبئيءَ جي ڇاپي جا پنج سو قرآن شريف هڪ ڏينهن انهيءَ ئي ورهايا هئا. هزار ڪمبل هر سال سياري ۾ اڄ تائين مسڪينن کي انهيءَ اصغري جي گهر مان ملندا رهن ٿا..

جڏهن خيرانديش خان پنهنجي پيءُ دورانديش خان کي اطلاع ڏنو تہ ”الله جي ڀلائيءَ ۽ مهربانيءَ ڪري خير خوبي سان پياري ڌيڻ اصغري جو نڪاح ذي الحجّ جي يارهين تاريخ تي ٿي ويو، تڏهن خط ملڻ تي دورانديش خان بہ رڪعتون نماز شُڪراني جون پڙهيون، پر ڌيءُ جي جُدائيءَ جو ڏک گهٽ ڏينهن تائين رهيس. شادي تي وڃڻ کان پوءِ، اصغري جي نالي دورانديش خان جيڪو خط لکيو، سو ڏسڻ وٽان آهي. اتفاق سان اسان کي ان جو نقل هٿ آيو هو: اهو جنسي خط پڙهندڙن لاءِ اسين هيٺ ڏيون ٿا.

# دوراندیش خان جو خط

(۷۸٦)

”منهنجي دل ۽ ساهه لاءِ آرام، ۽ وڏيءَ عُمر ۽ ڀاڳ واري پياري اصغري خانم - شال الله تعاليٰ سلامت رکيئي!“

”دعا ۽ ديدار جي سِڪ کان پوءِ، پڌرو هجي ته تنهنجي ڀاءُ خيرانديش خان جي لکڻ مان تنهنجي شاديءَ ۽ موڪلائي وڃڻ جو حال معلوم ٿيو.“

”ڪيترن ورهين کان هيءَ اميد دل ۾ هئي ته هي فرض آءٌ پنهنجي خاص بندوبست سان پورو ڪريان: مگر آفيسر موڪل نه ڏني ۽ لاچار رهجي ويس. هيءَ ڳالهه تو تي ظاهر ٿي هوندي ته سيني ٻارن مان، تو سان مون کي هڪ خاص درجي جي محبت هئي. آءٌ اها ڳالهه تو تي پنهنجي احساس يا ٿوري ظاهر ڪرڻ لاءِ نٿو لکان، پر تو پنهنجيءَ خدمت ڪرڻ ۽ فرمانبرداريءَ سان خود منهنجي ۽ ٻين سيني جي دل ۾ جاءِ پيدا ڪئي هئي.

”اٺن سالن جي عُمر کان تو منهنجي گهر جو سمورو بار پنهنجي سِرِ تي کڻي رکيو هو. مون کي سدائين هيءَ ڳالهه معلوم ٿيندي رهي ته تنهنجي ڪري بيگم يعني تنهنجي ماءُ کي وڏي بيفڪري حاصل آهي. جڏهن ڪڏهن ان وچ ۾ مون کي گهر اچڻ جو اتفاق ٿيو، ته تنهنجو انتظام ڏسي، هميشه منهنجي دل خوش ٿي. هاڻي تنهنجي موڪلائي وڃڻ ڪري اهڙو نقصان ٿيو آهي، جو ان جي پورائي ٿيڻ جي باقي عُمر ۾ اُميد رکي نٿي سگهجي. الله تعاليٰ شال تو کي ڀلائيءَ جو بدلو ڏئي، ۽ هن خدمت جي عوض منهنجين دعائن جو اثر تو تي ظاهر ٿئي.

"خيرانديش خان جي خط مان هي بہ معلوم ٿيو تہ تو اڪبري خانم کان وڏيڪ ڏاج وٺڻ نہ چاهيو؛ ان مان تنهنجي ڏکي نظر، ۽ وڏي همت ظاهر ٿئي ٿي. مگر آءٌ ان جو سُنو بدلو موڪليان ٿو. اهو هي خط آهي، ان کي تون دستور العمل يعني قاعدي وانگر پاڻ وٽ رکج، ۽ انهن نصيحتن تي عمل ڪج، انشاء الله تعاليٰ، هر هڪ تڪليف تو تي سولي ٿيندي، ۽ پنهنجي حياتي آرام ۽ سک ۾ پوري ڪنديئن."

"سمجهڻ گهرجي تہ وهانءُ يا شادي ڪهڙي شَي آهي؟ شادي، فقط هيءَ ڳالهہ نہ آهي تہ رنگين ڪپڙا پهريا، ۽ مهمان گڏ ٿيا، يا مال، سامان ۽ زيور مليا. پر شادي ٿيڻ سان نئين دنيا شروع ٿي ٿئي. نَون ماڻهن سان معاملو ڪرڻ ۽ نئين گهر ۾ رهڻو پوي ٿو. جيئن پهريائين پهريائين ڏاندن جي جڙن وَهڙن تي پاجاري رکي ويندي آهي، تيئن ماڻهن جي جڙن وهڙن جي پاجاري شادي آهي، نڪاح ٿيو، ڇوڪري زال بڻي، ڇوڪرو مڙس بڻيو. ان جي اِهائي معنيٰ آهي تہ ٻنهي کي پڪڙي دنيا جي گاڏيءَ ۾ جوٽيو ويو. هاڻي هيءَ گاڏي قبر جي منزل تائين انهن کي گڏجي ڇڪڻي پوندي."

"پوءِ بهتر هي آهي تہ دل کي مضبوط ڪري، انهيءَ ڳري بار جي کڻڻ جو احتمام ڪيو وڃي. حياتيءَ جا ڏينهن جيترا بہ آهن، اُهي مانَ شانَ، صلح سانت ۽ اتفاق يعني پاڻ ۾ ٻڌيءَ، قرب ۽ ميٺ محبّت سان ڪاٽيا وڃن. جيڪڏهن نہ، تہ لڙائيءَ، جهڳڙن، بکيڙن، گوڙ ۽ فساد، هاءِ هاءِ، واويلا ۽ ماتم سبب دنيا جي مصيبت ۽ زندگيءَ جا عذاب اجا بہ وڏيڪ مشڪل ۽ تڪليف ڏيندڙ ٿي پوندا آهن."

"اي منهنجي پياري ڌيءَ اصغري خانم! هاڻي تو کي ويچار ڪرڻ گهرجي تہ زال مڙس ۾ الله تعاليٰ ڪيترو فرق رکيو آهي؟ مذهبي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ حضرت آدم عليہ السلام بهشت ۾ اڪيلو پريشان ۽ اداس رهندو هو. ان جي وندرائڻ لاءِ الله تعاليٰ ڏاڍيءَ حوا کي پيدا ڪيو، جا

سيني کان پهرين عورت دنيا ۾ ٿي گذري. پوءِ جيئن ته عورت جو پيدا ڪرڻ فقط مرد جي دل خوش ڪرڻ لاءِ هو، ته عورت جو فرض آهي 'مرد کي خوش ڪرڻ' افسوس آهي ته دنيا ۾ تمام ٿورڙيون زالون انهيءَ فرض کي ادا ڪنديون آهن.

"مردن جو درجو يعني رتبو ۽ شانُ خدا تعاليٰ عورتن کان زياده ڪيو - نه فقط حڪم ڏيڻ سان، پر مردن جي بدن ۾ وڏيڪ طاقت ۽ انهن جي عقل ۾ وڏيڪ روشني ڏني ويئي. دنيا جو بندوبست مردن جي هٿان ٿيندو آهي. مرد ڪمائڻ وارا، ۽ زالون انهن جي ڪمائيءَ کي مناسب موقعي تي خرچ ڪرڻ واريون ۽ ان جون نگهبان ۽ سنڀالڻ واريون آهن."

"ڪٽنب ٻيڙيءَ جي مثال آهي. مرد ان جا مَلاح يعني ناخدا يا هلائيندڙ آهن. جيڪڏهن ملاح نه هجي، ته ٻيڙي پاڻيءَ جي ڇولين ۾ ٻڏي وڃي، يا ڪنهن ڪناري سان ٽڪرجي ڀڃي پوي. گهر ۾ به جيڪڏهن مرد آخرين طور انتظام رکڻ جو اختيار نه ٿو رکي، ته اتي به هر قِسم جي خرابيءَ پوڻ جو گمان يا انديشو آهي."

"ڪڏهن به اهو خيال نه ڪرڻ گهرجي ته دنيا ۾ خوشي، ڌن دولت ۽ مال ملڪيت سان حاصل ٿيندي آهي. ان ۾ به ڪو شڪ ناهي ته دولت گهٽ ڪري خوشيءَ جو سبب هوندي آهي، مگر تمام وڏن ۽ اوچن گهرن ۾ لڙائي ۽ فساد اسان گهٽ ڏسندا آهيون. گهر هلائڻ ۾ خوشي فقط ٻَڌيءَ ۽ صلح رکڻ کان هوندي آهي. غريب ماڻهن کي اسان ڏسندا آهيون، جن جي آمدني تمام گهٽ آهي، ته ڏينهن جو محنت مزوريءَ سان گذران پيا ڪندا آهن، ۽ رات جو سڀ گڏجي دال مانيءَ سان پنهنجو پيٽ ڀري هڪ ٻئي سان خوش رهندا آهن. بيشڪ هي ماڻهو صلح ڪاريءَ، رَس ۽ قرب سبب دال مانيءَ ۽ ڪپڙ ۽ ڪٽيءَ ۾ زياده آرام سان آهن - بنسبت نوابن ۽ بيگمن جي، جن جي سموري خوشي، آپت جي نا ناهه سبب، زهر رهندي آهي."

”اي منهنجي پياري ڌيءَ اصغري خانم! پاڻ ۾ ٻَڌي پيدا ڪريو ۽ صلح ڪاريءَ کي نعمت ڄاڻو. هاڻي ڏسڻ گهرجي، ته ٻڌي ڪهڙين ڳالهين کان پيدا ٿيندي آهي. ٻڌي نہ فقط انهيءَ ڳالهہ سان پيدا ٿيندي آهي تہ زال پنهنجي مڙس سان محبت ڪري، پر محبت کان سواءِ، هن کي مڙس جو ادب بہ ڪرڻ فرض آهي. هيءَ وڏي بيوقوفي آهي، جو زال،مڙس کي عزت ۽ رتبي ۾ پاڻ جهڙو سمجهي. پر هن زماني ۾ زالن اهڙو خراب دستور اختيار ڪيو آهي، جو اهو ادب جي بالڪل اُبتڙ آهي. جڏهن ڪي سهيليون پاڻ ۾ ويهي ڳالهيون ڪنديون آهن، تہ گهڻو ڪري هيءَ گفتگو ٿيندي آهي تہ فلاڻيءَ جو مڙس ان سان ڪهڙي قِسم جو برتاءُ رکندو آهي، يا ان سان ڪهڙيءَ طرح ٿو هلي؟

”هڪڙي چوي تہ ’ادي! مون پنهنجي مڙس کي ايتريقدر دٻايو آهي، جو مجال اٿس جو منهنجي ڳالهہ رد ڪري يا موٽي جواب ڏئي.“

”ٻي فخر ۽ ناز وڏائي ڪري چوندي آهي تہ ’منهنجو مڙس جيستائين ڪلاڪن جا ڪلاڪ منهنجي خوشامد نہ ڪندو آهي، تيستائين آءٌ ماني نہ کائيندي آهيان.“

ٽين ٻڌائڪ هٽندي آهي تہ ’ هو جڏهن ڏهہ پيرا پڇندو آهي ،تڏهن مس مس مشڪل سان هڪ جواب ڏيندي آهيانس“

”چوٿين ڊينگ پڄائيندي آهي تہ ’هو پاڻ ٽوڙي پَهَرنِ جا پَهَرَ هيٺ پٽ تي وينو هوندو آهي، تہ بہ مون کان اوهان پلنگ تان پير هيٺ لاهڻ جو قسم ڪٿي ونو! “

’پنجين شيخي ڏيکاريندي آهي تہ ’جيڪي منهنجي زبان مان نڪرندو آهي، اهو ضرور پورو ڪرائي، پوءِ بس ڪندي آهيان.‘

شاديءَ وهانءَ ۾ سڱن سانگ ۽ ٽوٽا ٽوٽڪا بہ اهڙين وٺواند عورتن جي انهيءَ مطلب لاءِ نڪتا آهن تہ ’مڙس زال جو طابع ۽ فرمانبردار رهي.‘

"ڪٿي تہ عورت جي جُتيءَ تي سرمو مھٽي گھوٽ کي پارايو ويندو آهي. ان جو مطلب هي آهي تہ 'مڙس ساري ڄمار پادر کائيندو رهي، ۽ چُون بہ نہ ڪري.'

ڪٿي وهنجارڻ وقت ڪنوار جي آڱوٺي هينان، پان جي ڳوڙهي رکي، پوءِ گھوٽ کي ڪارائي ويندي آهي." ان جي معنيٰ هيءَ آهي تہ 'سدائين زال کي هو پيرين پوندو رهي.'

"انهن ڳالهين مان صاف ظاهر آهي تہ زالون مردن جو درجو گهٽ ڪرڻ تي تيار آهن. پر هيءَ تعليم تمام بڇڙي تعليم آهي، ۽ سدائين ان جو نتيجو خرابيءَ کان خالي نہ آهي."

"مردن کي الله تعاليٰ شينهن بنايو آهي: ڪو دباءُ ۽ زبردستيءَ سان انهن کي هينان ڪرڻ گهري، سو نہ ٿيڻو آهي، پر انهن کي تابع ڪرڻ جي هڪڙي تمام سَولڙي اٽڪل آهي - انهن جي فرمانبرداري ۽ خوشامد ڪرڻ، يعني سندن عزت رکڻ ۽ کين پيار ۽ محبت ڏيڻ.

"جيڪا بيوقوف عورت پنهنجو دباءُ وجهي مڙس کي مطيع ڪرڻ چاهي ٿي، اها وڏي غلطيءَ تي آهي. اها مُنڍ کان فساد جو ٻج پوکي ٿي، ۽ ان جي پڇاڙي ضرور فساد ٿيندو - توڙي جو هوءَ ان کي ان وقت نٿي سمجهي.

"اصغري خانم! منهنجي صلاح هيءَ اٿيئي تہ تون گفتگو ۽ اٿڻ ويهڻ ۾ بہ پنهنجي مڙس جو ادب خيال ۾ رکج."

ڪهڙو سبب آهي، جو شادي وهانءُ اهڙيءَ خوشيءَ سان ٿيندو آهي، ۽ سَتاوڙي ڪان پوءِ ئي نُنهن سان سس ۽ نڻانن جي اٽيٽت شروع ٿي ويندي آهي؟ اهو مضمون ويچار ڪرڻ جي لائق آهي.

"شاديءَ کان اڳ ڇوڪر ماءُ پيءُ وٽ رهيو ۽ فقط انهن سان ئي هن جو لاڳاپو هو. ماءُ پيءُ هن کي پاليو، ۽ هيءَ اميد ڪندا رهيا تہ پيريءَ ۾ اسان جي خدمت ڪندو. وهانءَ کان پوءِ نُنهن خير سان ڏوليءَ مان لهندي

ئي، هي فڪر ڪرڻ لڳي تہ ’منهنجو مڙس، اڄ پيءُ ماءُ کي ڇڏي انهن کان ڌار ٿئي، تہ سياڻي پيو ڏينهن ٿئي.‘ “

”پوءِ لڙائي هميشه نُهرن جي طرف کان شروع ٿيندي آهي. جيڪڏهن نُنهن ڪٽنب سان ملي جلي رهي، ۽ ڪڏهن بہ سس کي هيءُ معلوم نہ ٿئي، تہ هيءَ منهنجو پٽ جدا ڪرڻ ٿي گُهري، تہ جيڪر اصل فساد نہ ٿئي. هي تہ هر ڪوئي سمجهي ٿو تہ شاديءَ کان پوءِ پيءُ ماءُ سان لاڳاپو ٽورڻ ڏينهن لاءِ آهي: نيٺ گهرُ جدا ٿيندو، زال مڙس ڌار ٿي رهندا. دنيا ۾ ائين ٿي ٿيندو آيو آهي. پر خبر نہ آهي تہ نياڻين نهرن کي ڪٿان جي بي صبري هوندي آهي، جو چوندي آهن تہ جو ڪجهہ ٿيڻو آهي، سو هن وقت تريءَ تي بهشت ٿي وڃي.

”نُهرن ۾ هڪ عيب چُغليءَ جو بہ هوندو آهي، جنهن تان گهڻو فساد ٿيندو آهي، سو هيءَ تہ ساهرن جي ٿورڙي ڳالهہ هَر هر اچي ماءُ کي ٻڌائينديون آهن. ۽ بي عقل مائرون پاڻ بہ ڪوڙي ڪوڙي ڏيءَ کان اهڙيون ڳالهيون پڇنديون آهن. پر انهيءَ چوڻ ۽ پڇڻ مان جنگ جهيڙي مچڻ ۽ لڙاين ٿيڻ کان سواءِ تہ ٻيو ڪجهہ بہ حاصل نٿو ٿئي.“

”ڪي نُهرون اهڙيون مغرور هونديون آهن، جو ساهرن ۾ ڪهڙو بہ سنو ڪاڌو ۽ ڪهڙو بہ عمدو ڪپڙو کين ملي، تہ بہ ان کي هميشه ڌڪار جي نظر سان ڏسنديون آهن. اهڙين ڳالهين تان مڙس جي دل ڪِٽي ٿئي ٿي.“

”اصغري! تو کي انهيءَ جي تمام گهڻي خبرداري ڪرڻ گهرجي. ساهرن جي هر هڪ شَي قدردانيءَ لائق آهي. تو کي انهن جو ڪاڌو کائي ۽ انهن جا ورتل ڪپڙا پهري، هميشه خوشي ظاهر ڪرڻ گهرجي، جنهن مان معلوم ٿئي تہ تو اهي پسند ڪيا.“

”ساهرن ۾ نئينءَ ڪنوار کي هن ڳالهہ جو خيال بہ ضرور رکڻ گهرجي تہ هوءَ سُست يا غمگين ٿِي، بيزاريءَ سان اتي نہ رهي. توڙي ناواقف هجڻ سبب ڌارين ماڻهن سان البت دل نہ وندرندي آهي، پر دل کي

سمجهائڻ گهرجي. ائين نہ تہ انهن وٽ روئندي وڃي، ۽ جو وقت اُتي رهي تہ روئڻ ۾ گذاري. ماءُ پيءُ کان آئي اڃا رند بہ نہ ڍنا هجنس، تہ وڃڻ جي موڪل جي گهر شروع ٿي وڃي."

"هوريان هوريان محبت پيدا ڪرڻ لاءِ ستاوڙي جو رواج تمام سٺو آهي. ان کان زياده اباڻن جو شوق ظاهر ڪرڻ، ساهرن کي ضرور ناپسند هوندو آهي."

"ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ بہ (پورو پنو ڳالهائڻ) خيال ۾ رهي: يعني نہ ايتري گهٽي گفتگو، جو پنهنجي منهن بَڪ بڪ، نہ وري ايتري گهٽ، جو مغروري سمجهي وڃي. گهٽيءَ بَڪَ جو نتيجو رنجش آهي -رات ڏينهن بڪوات هوندي، تہ هزارن قسمن جون ڳالهيون هلنديون، خبر ناهي ڪنهن ڳالهہ ۾ ڪهڙو لفظ واتان نڪري وڃي، نہ وري ايترو گهٽ ڳالهائڻ اختيار ڪرڻ گهرجي، جو ڳالهارائڻ لاءِ ماڻهو خوشامد ۽ منٿون ڪن."

"ضد، تڪرار ۽ هٺ ڪرڻ ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ سٺو ناهي. جيڪڏهن ڪا ڳالهہ مرضيءَ جي خلاف بہ هجي، تہ اها ان مهل ٽاري ڇڏڻ گهرجي، پوءِ ٻئي ڪنهن وقت مناسب نموني اها صاف ٿي سگهي ٿي."

"ڪنهن بہ شَيِ لاءِ حڪم نہ ڏيڻ گهرجي. حڪم ڏيڻ ڪري ماڻهو البت ياتين جي نظر ۾ گهٽ ليکجي ٿو، ۽ ان جي ڳالهہ واهيات ٿي وڃي ٿي، ۽ ان ڪري هلڪڙائي ۽ بدنامي ٿئي ٿي."

"جيڪو ڪم سَسُ ۽ نڻانون ڪن ٿيون، تو کي بہ اهو ڪم پنهنجن هٿن سان ڪرڻ ۾ شرم نہ سمجهڻ گهرجي."

ننڊن تي مهرباني ۽ وڏن جو ادب، سيني ۾ پياري ٿيڻ يعني سيني جي دل ۾ گهرَ ڪرڻ جي وڏي ۽ سٺي اٽڪل آهي.

"پنهنجو ڪو بہ ڪم ٻئي ڪنهن تي مڙهڻ نہ گهرجي، ۽ پنهنجي ڪا بہ شَي بيخبرائيءَ، بيپرواهيءَ ۽ ويسلائيءَ سان اُٿين ڦٿي ڪرڻ نہ گهرجي، جو ٻيا ڪٽي سهيڙين."

”جڏهن به ماڻهو چپ چاپ ۾ ڳالهائين ، ته ان وقت انهن کان جدا ٿيڻ گهرجي. ڪڏهن ان جو ويچار به نه ڪجي، ته انهن پاڻ ۾ ڇا تي ڳالهايو. هروڀرو هيئن به نه سمجهجي ته ’ضرور ڪا منهنجي پچار هوندي.‘

”پنهنجو سڀ ڪم شروع ڪان ٿي ادب ۽ لحاظ سان ڪرڻ کپي. جن ماڻهن ۾ تمام جلد گهاٽائي پيدا ٿي ويندي آهي، ته انهن ۾ وري اوتري ئي قدر جلد رنجش پيدا ٿيندي آهي.“

”آءُ چاهيان ٿو ته تون ڏهاڙي بنا ضرورت به هي خط گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو پڙهندي ڪر، جيئن ان جو مطلب تنهنجي اڳيان هميشه آئيني وانگر رهي.“

”زياده خير ۽ دعا ،

ـ لکندڙ- دورانديش خان.“

●

# اصغريءَ جو ساهرن سان برتاءُ

پيءُ جي خط ملڻ تي اصغريءَ جي دل ۾ محبت جي جوش هڪ عجيب اثر پيدا ڪيو، ۽ بي اختيار روئڻ لاءِ دل تي ڳُهريس. پر نئين پرٽيل هئي، تنهنڪري ساهرن ۾ روئي نہ سگهي. دل جي مضبوطيءَ کان ڪم ورتائين. پيءُ جو خط اکين تي رکي، تمام خبرداريءَ سان وظيفي واري ڪتاب ۾ رکي ڇڏيائين. ڏهاڙي بنا ناغي ان خط کي پڙهندي ۽ ان جي مطلب تي غور ڪندي هئي.

جيستائين اصغري نئين ڪنوار تي رهي، تيسين ان جي دل گهٽو پريشان رهندي هئي، انهيءَ ڪري جو هن پهريون ئي دفعو ماءُ جو گهر ڇڏيو هو ۽ ڪيس نئين گهر ۽ نَون ماڻهن ۾ رهڻو پيو هو. هي ڪم ۽ انتظام جي تہ هِريل هئي. مشغوليءَ کان سواءِ ڪيس هڪ گهڙي بہ آرام نہ هو. هت مهينن جا مهينا بند ڪوٺڙيءَ ۾، چُپ چاپ ويهڻو پيس. ماءُ پيءُ جي گهر ۾ جا آزادي هيس، سا ختم ٿي ويس.

هت ساهرن ۾ ايندي ئي، هن جي هر هڪ ڳالهہ کي ماڻهو ڏسڻ ۽ تاڙڻ لڳا. ڪو سندس مُنهن ڏي پيو ڏسي، تہ ڪو سندس وارن جي ڊيگهہ پيو ماپي. ڪو سندس قد جي بيهڪ پيو تاڙي، تہ ڪو سندس زيورن تي پيو هٿ گهمائي، تہ ڪو وري سندس ڪپڙا پيو جاچي.

ماني ٿي کاڌائين، تہ سندس گرنهہ تي نظر هئي - گِرنهہ ڪيڏو وڏو ٿي ڪنيائين، وات ڪيترو ٿي کوليائين، ڪهڙيءَ طرح گرنهہ ٿي چباڙيائين، ۽ ڪيئن ٿي ڳهي ويئي.

اُٿي ٿي، تہ هي پئي ٿي ڏٺائون تہ پوتي ڪهڙيءَ طرح ٿي ڍڪيائين، پائنچا ڪيئن ٿي ڪنيائين. سمهي ٿي، تہ سندس وقت تي نظر هئي - ڪهڙي وقت تي سمهي، ڪڏهن ٿي اُٿي.

مطلب تہ هن جي سڀ چُر پُر، هَلڻُ، چَلڻُ، اُٿڻُ، ويهڻُ، سڀ نظر ۾ هئا. اهڙيءَ حالت ۾ اصغريءَ کي سخت تڪليف ٿيندي هئي؛ پر هوءَ نهايت سياڻي ۽ سکيلڻ هئي، تنهنڪري اهڙيءَ سخت پرکا ۾ پاس ٿي، ۽ ان جون سڀيئي هلتون ساهرن کي وڻيون.

جي ڳالهايائين ٿي، تہ نہ ايترو اگهٽو، جو ماڻهو چون تہ 'کهڙي نہ چوکري آهي؟ چئن ڏينهن جي پرڻيل، کيتري نہ بک بَک لائي ويٺي آهي!' نہ ايترو گهٽ ٿي ڳالهايائين جو کيس مغرور ۽ چيڙاڪ سمجهن.

کاڌو ٿي کاڌائين، تہ نہ ايترو گهٽو، جو ويڙهي ۾ چوَ پَچوَ ٿئي؛ نہ ايترو ٿورو، جو سَس ۽ نڻان کٽي پنهنجو مٿو ڦاڙي ويهي رهن، تہ مٿس اثر ئي نہ ٿئي.

سُتي ٿي، تہ نہ ايترو سوير، جو ڏيئي ۾ وٽ پيئي، تہ لاڏلي کٽ تي چڙهي؛ نہ ايتريءَ دير تائين، جو جٽڪ مردن سان شرط بَڌي سُتي هئي.

دستور هوندو آهي تہ نئين کنوار کي پاڙي جون ڇوکريون وکوڙي ويهنديون آهن: اصغريءَ وٽ بہ جڏهن ڏسو تہ پنج ڏهہ ڇوڪريون موجود هيون. پر اصغريءَ کنهن سان بہ گهاٽائي پيدا نہ کئي. جيڪڏهن کا چوکري سارو ڏينهن ويٺي رهي، تہ ان کي ائين نہ چيائين تہ 'ادي! پنهنجي گهر وڃ' جيڪڏهن کا وٽس نہ آئي، تہ ان کان ائين نہ پڇيائين تہ 'ادي! تون کٿي هئينءَ يا ڇو نہ آئينءَ؟'

اصغريءَ جي ملاقات جي انهيءَ طرز ۽ برتاءَ کان آهستي آهستي ڇوڪرين جو ميڙ گهٽ ٿي ويو. خاص ڪري ويڙهي جون بدتميز ڇوکريون تہ چشکي پسند هونديون آهن. جڏهن انهن ڏٺو تہ نہ پان تي پان ٿو ملي، نہ کجهہ لائيءَ چائيءَ جي ڳالهہ آهي، تڏهن ڇهن ستن ڏينهن ۾ سڀ اڻ منڌائتن ڪکرن جي جهڙ وانگر ڇڙ وڇڙ ٿي کائنس الڳ ٿي ويئون.

اصغريءَ پهريائين پنهنجي نڻان محموده سان ميل ميلاپ وڌايو. محموده تہ نيٺ ڇوکري هئي، ٿوريءَ ئي مهرباني کرڻ ۽ پيار ڏيڻ سان فرمانبردار ٿي ويئي. سڄو ڏينهن اصغريءَ وٽ ويٺي رهندي هئي، بلڪ ماٺس کنهن وقت تہ چئي بہ ڏيندي هيس تہ "هن ياچائيءَ تي هيترو

مهربان ڇو آهين؟ وڏيءَ ياڃائي جي ته تون ياڇي کان به پڇندي وتندي هئينءَ!" محموده ان جو جواب ڏيندي هئي ته "هوءَ ته مون کي ماريندي هئي، منهنجي نندي ياڃائي ته مون کي پنهنجي ساهه وانگر ڀانئي ٿي!"

محموده جي قرب ۽ محبت مان اصغريءَ کي خوب فائدو ٿيو. پهريائين ته سڄي گهر جو حال احوال، بلڪ سڄي ويڙهي جي خبرچار محموده کان پڇي معلوم ڪيائين. جا ڳالهه شروع ۾ لڄ ڪري ياڻ چئي نٿي سگهي، سا هر ڪنهن کي محموده جي وسيلي ٿي چيائين.

اصغريءَ گهر جي ڪمن ۾ درجي بدرجي اهڙيءَ طرح دخل ڏيڻ شروع ڪيو، جو شام جو محموده کان ڪيهه گهرائي، ڏيئن جون وٽيون وٽيندي هئي: صبح جو ترڪاري ٺاهيندي هئي: محموده جو ڦاٽل ادڙيل ڪپڙو سبي ٿي ڏنائينس. سس ۽ مڙس لاءِ پان ٺاهي ٿي ڏنائين. ائين ٿيندي ٿيندي بورچيخاني تائين وڃڻ ۽ نوڪرياڻيءَ عظمت کي رڌڻ پچائڻ ۾ صلاح ڏيڻ لڳي ـ ايتري تائين جو آخر اصغريءَ جي مرضيءَ تي ڪاڌو تيار ٿيڻ لڳو.

جڏهن کان اصغريءَ جو رڌ پچاءُ ۾ دخل ٿيڻ شروع ٿيو، تڏهن کان گهر وارن به ڄاتو ته ڪاڌو به عجيب نعمت آهي. پوءِ ته هي حال ٿي ويو، جو جنهن ڏينهن اصغري ڪنهن سبب کان نوڪرياڻيءَ عظمت کي هدايت نه ڏيندي هئي، ته ڪاڌو بيسوادي ملندو هو.

سس ۽ نهرن جو جهيڙو ته هڪ معمولي ڳالهه آهي. اصغري ۾ جهيڙي جهڳڙي ڪرڻ جي بنهه عادت ڪانه هئي، پر ڇا ڪجي جو سندس لياقت ۽ هنر ئي فساد جا سبب بڻيا!

نوڪرياڻي عظمت هن گهر ۾ اهڙي ته حجتڻ هئي، جو سڀني ڪمن جو مدار انهيءَ نوڪرياڻيءَ تي هو. سودو پاڏو، ڪپڙو، اَنُ ـ جيڪي به بازار مان ٿي آيو، سو سڀ نوڪرياڻيءَ جي هٿان ٿي آيو. زيورن تائين نوڪرياڻي عظمت نهرائي آڻيندي هئي. قرض جي ضرورت هوندي هئي، ته اهو به نوڪرياڻيءَ جي معرفت ورتو ويندو هو. مطلب ته نوڪرياڻي عظمت مردن وانگر هن گهر جي انتظام رکڻ واري هئي. جڏهن کان اصغريءَ ڪاڏي ۾ دخل ڏنو، ته نوڪرياڻيءَ عظمت جي چوري ظاهر ٿيڻ لڳي.

•

# عظمت جي نمڪحرامي، ۽ اصغري سان سندس اٽڪٽ

هڪڙي ڏينهن پسند جا ڪباب پچي رهيا هئا، ۽ اصغريءَ رڌڻي ۾ ويٺي، نوڪرياڻيءَ کي سمجهايو. جڏهن گوشت اُبارجي ويو ۽ قيمون تيار ٿيو، ۽ ان ۾ ڏهي ۽ مصالحي وجهڻ جو وقت آيو، ته اصغريءَ نوڪرياڻيءَ کي چيو ته ”ڏهي مون کي ڏي ته چکي ڏسان، جيڪڏهن کٽي ۽ پاروٿي هوندي، ته ڪباب بگڙي خراب ٿي ويندا.“

نوڪرياڻيءَ ڏهيءَ جي چُڪِي ڪڍي، اصغريءَ جي هٿ ۾ ڏني. اصغري چکي، ته کٽي چُن جهڙي ـ ڪيترن ڏينهن جي پاروٿي هئي، نيرو نيرو پاڻي جدا ۽ ڏهيءَ جو ڦلڙيون ڌار.

اصغريءَ چيو ته ”هيءَ ڪهڙي نه خراب ڏهي آهي! هيءَ ته هرگز ڪباب ۾ وجهڻ لائق نه آهي. نوڪرياڻي! جلدي وڃ ۽ آني جي سُٺي مِٺي ڏهي ڏسي وٺي اچ.“

نوڪرياڻيءَ چيو ته ”بيبي! سڄي سير گوشت جي ڪباب ۾ آني جي ڏهي؟ اُن جي وات ۾ جيرو ڇا ٿيندو؟ هيءَ ڏهي جا تو ناپسند ڪئي آهي، اها ٻن آنن جي آهي!“

اهو ٻُڌي اصغريءَ کي حيرت وٺي ويئي ۽ چيائين ته ”اسان جي گهر ڏهاڙي ڪباب پچندا هئا، هميشه سڄي سير گوشت ۾ ٽڪي جي ڏهي پوندي هئي. انهيءَ حساب سان آني جي مون زياده سمجهي گهرائي، ته ڪباب چڱي طرح نرم ۽ ڳاڙها ٿين.“

نوڪرياڻيءَ چيو ته ”بيبي! تون پنهنجي پاڙي جو حساب اُتي ڇڏي آئينءَ. ڀلا ڪٿي چاندني چونڪ ۽ ڪٿي ترڪمان دروازو. جيڪا شي

چانڊني چونڪ ۾ پيسي جي آهي، اها هتي هڪ آني به نٿي ملي. هي ڏوڙ پيو ويڙهو ته اُجڙ نگري ۽ سچو ديس آهي. هت ته سڀ شي جي اٽاٽ، ۽ سڀ شي جو ڏُڪر رهندو آهي."

چاڪاڻ ته ڪاڏي ۾ دير ٿي ٿِي، تنهنڪري اصغريءَ اِهو ٻُڌي ڪٿي چُپ ڪئي، ۽ نوڪرياڻيءَ کي چيائين ته "خَيرُ، جيتري به ملندي هجي، جلدي آڻ."

اصغري اهڙي بيوقوف ۽ ويسلي نه هئي، جو نوڪرياڻيءَ جي ڳالهه چپ چاپ مڃي ويهي رهي. پنهنجيءَ دل ۾ چوڻ لڳي ته "ضرور دال ۾ ڪجهه ڪارو آهي. پيسي اڌ جو تفاوت هجي، ته پرواهه نه آهي: هي ڪهڙو غضب، جو هڪ شهر جي ٻن پاڙن ۾ پيڻ چؤڻ فرق!"

ان وقت کان وٺي اصغري زياده خيال سان جاچ ڪرڻ لڳي.

ٻئي ڏينهن نوڪرياڻيءَ پانُ آندو: اصغريءَ ڏسي چيو ته "نَوڪرياڻي! تون بلڪل ساوا ڇهڄ پن ٿي آڻين، انهن ۾ نه ته ڪجهه لذت هوندي آهي ۽ نه ڪجهه سواد. هاڻي ته سيارو ٿو اچي، رچيل پڪا پانَ ڳولي آڻيندي ڪر."

نوڪرياڻيءَ چيو ته "پڪا پان ته پيسي جا ٻه ٽا اچن. هتي الله رکي اڌ ڏولي يعني پورو هڪ سؤ پان ڏهاڙيءَ جو خرچ آهي. ان خيال کان آءٌ نوان نوان پانَ آڻيندي آهيان."

ايتري ۾ اصغريءَ جي گهران سندس نوڪرياڻي ڪفايت النساء خير صلاح جي خبر لهڻ لاءِ اتي اچي نڪتي. پان جي پنن جي ڳالهه ته هلي پئي. اصغريءَ پنهنجي نوڪرياڻيءَ کان پڇيو، "اييبي ڪفايت النساء! تو کي اجڪلهه پان جا پن ڪيئن ٿا ملن؟"

ڪفايت النساء چيو ته "بيبي، پيسي چار."

اصغريءَ صندوقڙي کولي ٻه پيسا ڪفايت النساء جي هٿ ۾ ڏنا ۽ چيائينس ته "هن ئي پاڙي جي پنوازيءَ کان پان جا پن وٺي اچ."

ڪفايت النساء وڏا وڏا رچيل ۽ مذيدار وٽندڙ ائن جا ٻارهن پان جا

پڻ وٺي آئي، اصغريءَ چيو تہ 'چانڊني چونڪ' جي ڏني تي بہ پيسي پنيان بہ پڻ وڌيڪ مليا."

ڪفايت النساء چيو تہ "بيبي، هي پاڙو شهر جو منڊ آهي: جيڪا بہ شَي شهر ۾ اچي ٿي، سا هن ئي دروازي مان اچي ٿي. گوشت، اَنّ، پان جا پن، هي شيون هن پاڙي ۾ سستيون ملن ٿيون. البت سائي ڀاڄي سبز مارڪيٽ ڪان سڌو، ڪابلي دروازي مان لنگهي، شهر ۾ وڃي ٿي: اها جيڪا سا هتي مهانگي هوندي. پراٽا پڪل پان جا پن ٻارهن مليا، جيڪڏهن نوان ڪچا پن وٺان ها تہ ويهہ ملن ها."

اصغريءَ چيو تہ "هيءَ نامراد نوڪرياڻي عظمت تہ هر شَي ۾ ڪل لاهيندي آهي. ڪفايت النساء بہ چار ڏينهن هتي رهہ، آءٌ اما کي چوائي موڪليندس. اتان جو ڪم پڻ چئن ڏينهن لاءِ هرڪوئي سنڀالي وٺندو."

ڪفايت النساء چيو تہ "بيبي! آءٌ حاضر آهيان: خدا نہ ڪري، ڇا هتي ۽ هُتي بہ گهر آهن؟"

مطلب تہ چار ڏينهن ڪفايت النساء جي هٿون هر طرح جو سودو بازار مان آيو. هر شَي ۾ عظمت نوڪرياڻيءَ جي چوري ظاهر ٿي. پر هي سڀ ڳالهيون اهڙيءَ طرح ٿيون، جو اصغريءَ جي سس تائين خبر نہ پهتي. هيڏانهن اصغريءَ ڏٺو ۽ معلوم ڪيو ۽ هوڏانهن ڪفايت النساء ۽ نوڪرياڻيءَ عظمت.

اصغري گهڻي مروت ۽ لحاظ واري عورت هئي: تنهن سمجهيو تہ 'هن ٻوڙيءَ نوڪرياڻيءَ کي بدنام ڪرڻ مان ڇا فائدو ٿيندو؟'

رات جي وقت ڪائڻ پيئڻ ڪان واندي ٿي، ماڙيءَ تي اصغري پان ڪائي رهي هئي، ڪفايت النساء بہ پرسان ويٺي هيس. ايتري ۾ نوڪرياڻي عظمت آئي. ڪفايت النساء چيس تہ "ادي عظمت! اها ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ اجورو ڪهڙو نوڪر نٿو وٺي؟ ڏس! هيءَ گهرواري موجود آهي، مون ستن سالن تائين برابر هنن جي خدمت ڪئي. گهر جو ڪم ڪار سڀ پاڻ ڪنيو بيٺي هيس: الله رکين، اميري گهر، اميري خرچ. هزارن روپين جو سودو هنن ئي هٿن سان آندو هوندم. پنهنجي پورهئي جو، هي ڇو چوان تہ بيبي

اجورو نہ ورتمر. ايترو ونڻ اسان نوڪرن کي مباح آهي. چاهي الله سائين بخشي، چاهي ماري، پر ان کان تہ وڏيڪ هضمر تي نٿو سگهي. پنهنجي حق حلال جي پورهئي کان اڳتي وڌي ونڻ، نمڪحراميءَ ۾ داخل آهي."

عظمت چيو تہ "ادي منهنجو حال ڪير نٿو ڄاڻي؟ لڪايان ڀلا ڇو؟ آءٌ تہ چورائيندي لُٽيندي آهيان. پر نہ اڄ کان، بلڪ هميشه کان منهنجو اهو ڪمر آهي. ڪجھہ منهنجي حالت تي بہ تہ نظر ڪريو. هن گھر ۾ ڪھڙو نہ مصيبت جهڙو ڪمر آهي؟ اندر ٻاهر آءٌ هڪڙي ڄڻي. ڇئن نوڪرن جو ڪمر منهنجي هڪڙي سِر تي اچي ٿو پوي. پوءِ ادي، بنا مطلب جي تہ ڪوبہ هڏ هيئن ڪونہ پيڙيندو. بيبي ڪيترا دفعا مون کي ڪڍي بہ چُڪي آهي. پوءِ نيٺ مون کي ئي گهرايائين. سمجھہ جو ڦيرو آهي، ڪنهن هيئن سمجهيو، ڪنهن هوننئن سمجهيو. ڇئن ماڻهن جي بدران آءٌ هڪڙي آهيان. ڇئن جو پگهار بہ مون هڪڙيءَ کي ملڻ گهرجي."

حقيقت هن ريت آهي، تہ هيءَ نوڪرياڻي پنجويهن ورهين کان هن گھر ۾ هئي، ۽ هميشه لٽڻ تي ئي هريل هئي. هڪ ڏينهن جي ڳالھہ هجي، تہ لڪي بہ وڃي. ڏهاڙي هن جي نڳي ظاهر ٿيندي هئي. ڪيترا دفعا ڪڍي ويئي. جڏهن ڪڍي تي ويئي، تہ واڻيان، ڪاپڙي، سونارا، قاصائي، سائي ڀاڇي وڪڻندڙ، جن جن کان هن جي معرفت اوڌر تي قرض ورتو ويندو هو، سي قرض گهرڻ لاءِ اچي ڪنا ٿيندا هئا. گهر وارا ويچارا انهيءَ خوف جا ماريل وري هن کي گهرائي وٺندا هئا.

هيئن چوري ۽ سينہ زوري نوڪرياڻيءَ عظمت جي گويا عادت تي ويئي هئي. ٻولائي هٿڙيون هڻندي هئي ۽ ڏسي چورائيندي هئي: ڏيکاري ڪيندي هئي، ۽ ڇٽي ڇوائي اٿي ويندي هئي.

گهر ۾ پيسي ڏوڪڙ جي آمدني گهٽ، انتظام پوروسارو ڪائڻ ۾ چڱو چوکو، ڪپڙن پهرڻ ۾ قيمتي ڪپڙا، ڳرو خرچ: سڀ ڪارخانو قرض تي هو. قرض جو ملڻ نوڪرياڻيءَ جي اثر سان هو. ڪُلمر ڪلا چوندي هئي تہ "منهنجو نڪرڻ سولي ڳالھہ ناهي: گهر نيلام ڪرائي، پوءِ نڪرنديس: سِرَ سان سِرَ وڃائي يعني جُهڳو برباد ڪري، پوءِ وينديس."

●

# عظمت جو اصغريءَ کي سنديس سس ۽ مڙس سان ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ، ۽ خوفناڪ فتنا اٿارڻ

اصغريءَ، جو حساب ڪتاب ۾ روڪ ٽوڪ شروع ڪئي، ته نوڪرياڻي عظمت، اصغريءَ جي جاني دشمن ٿي ويئي. انهيءَ فڪر ۾ هئي ته اصغريءَ کي محمد ڪامل ۽ ان جي ماءُ کان بيزار ڪرايان؛ پر اصغري ان ارادي کان بيخبر هئي. بلڪ اصغريءَ جڏهن ڏٺو، ته نوڪرياڻي سڄي گهَر جي سيني ڪمن ۾ عام مختيار هئي، سا نه پنهنجيءَ عادت کان هٽندي، نه نڪرندي - تڏهن پنهنجيءَ دل ۾ چيائين ته 'پوءِ ناحق جي جڪ جڪ مان ڪهڙو فائدو؟ آءٌ مفت ۾ نوڪرياڻيءَ کان ڇو خراب ٿيان!' ان ڪري رڌڻي ۾ وڃڻ ۽ ڪاڏي ۾ دخل ڏيڻ صفا بند ڪري ڇڏيائين.

ڪانئڻ وارن کي اصغريءَ جي رڌل ڪاڏي جي چَٽ اچي ويئي هئي. پهرئين ئي وقت منهن بنائڻ لڳا. ڪو پيو چوي ته 'گوشت وات ۾ ڪچو ٿو لڳي' ۽ ڪو پيو چوي ته 'دال ۾ لوڻ ايترو جو زهر ٿي ويئي آهي، زبان تي ئي نٿي رکي سگهجي!' پر اصغريءَ کي ڪير ٿي چئي سگهيو ته 'تو ڪاڏو ڇو نه پچايو.' لاچار جهڙو به نوڪرياڻي عظمت رڌي پچائي آڏو آڻي رکندي هئي، سو ڪائڻو پوندو هون.

هڪڙي ڏينهن ساوڻ جي موسم ۾ سنهي سنهي بوند وسي رهي هئي، ۽ ٿڌي ٿڌي هوا لڳي رهي هئي: محمد ڪامل چيو ته "اڄ ڪَڙهائيءَ

لاءِ دل تي گُھري؛ پر شرط هي آهي تہ تميزدار بندوبست ڪري."

اصغري مٽي ماڙيءَ تي رهندي هئي، تنهن کي خبر ڪانہ هئي تہ ڪو محمد ڪامل ڪڙهائيءَ لاءِ حڪم ڏنو هو. نوڪرياڻي عظمت گيہ، ڪنڌ، چٽڻ جو اٽو ۽ پيو سامان وٺي آئي. محمد ڪامل کي چيائين تہ "صاحبزادا! سڀئي سامان آءُ وٺي آئي آهيان، هاڻ بيبي اصغريءَ کي سڏي تي اچان."

ماڙيءَ تي ويئي، پر اصغريءَ سان ڪڙهائيءَ جي ڪجهہ بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪانہ ڪيائين. ائين ئي پوئين پيرين لهي اچي چيائين تہ "بيبي چوي ٿي تہ 'منهنجي مٿي ۾ سُور آهي' !"

نوڪرياڻيءَ عظمت کان تہ معمولي ڪاڏو بہ سُٺو رجهي پچي نہ سگهندو هو، سا ڪڙهائي ڇا ڏوڙ پچائيندي. سيني شين جي ستياناس ڪري رکيائين. ڪنهن اميد تي محمد ڪامل حڪم ڏنو هو، پر خراب ڪاڏو کائي، دل ۾ ڏاڍو ڏکارو ٿيو.

ماڙيءَ تي وڃي زال کي ڏنائين تہ پنهنجي سٺڻ سبي رهي آهي. دل ۾ رنج ٿيو تہ "مار! سبڻ لاءِ مٿي ۾ سور ڪونهيس ۽ تورو ڪڙهائيءَ لاءِ چيومانس تہ مٿي ۾ سُور جو بهانو ڪيائين."

هيءَ پهرين ظاهري طور واجبي رنجش محمد ڪامل کي اصغريءَ سان پيدا ٿي. دستور آهي تہ زال مڙس ۾ بگاڙ انهيءَ قسم جي ننڍين ننڍين ڳالهين کان پيدا ٿيندو آهي، سو بہ جڏهن ننڍيءَ عمر ۾ شادي ٿي ويندي آهي. بدقسمتيءَ سان، انهيءَ عمر ۾ عقل ۽ ناهہ جو فڪر نہ مڙس ۾ هوندو آهي، نہ زال ۾. جيڪڏهن ٿورڙي ڳالهہ بہ طبيعت جي اُبتڙ ڏٺائون، تہ مڙس ڏار آڪڙيو وينو هوندو آهي، تہ زال جدا اونڌو منهن ڪري سُمهي پيئي هوندي آهي.

جڏهن گڏ رهڻ سهڻ ٿيو، تہ پوءِ رنجش جي هھڙين ننڍين ننڍين ڳالهين جو وقت بوقت ظاهر ٿيڻ، ڪا وڏي ڳالهہ نہ آهي. پر هن طرح

مخالفت ٿيندي ٿيندي، آپت جي قرب ۽ ميلاپ ۾ وڏو ڦيٽاڙو ۽ خرابي پيدا ٿيڻ لڳندي آهي ۽ ٻنهي طرفن کان لحاظ ۽ سانگو هليو ويندو آهي: پوءِ سڄي عمر گويا پادرن ۾ پيئي دال ورهائبي آهي.

سڀ کان سٺي تجويز هنن حالتن ۾ هيءَ آهي تہ زال مڙس شروعات کان پنهنجو معاملو هڪٻئي سان صاف رکن، ۽ ٿورڙي رنجش بہ پيدا ٿيڻ نہ ڏين: پر جيڪڏهن اهڙي ڪا رنجش پيدا بہ ٿي پوي تہ دل ۾ نہ رکن پر ان کي اتي جو اتي حل ڪري ڇڏين، جي نہ تہ ننڍيون ننڍيون رنجشون گڏجي آخر ۾ وڏي فساد ۽ بگاڙ جو سبب بنجي وينديون. رنجش پيدا نہ ٿيڻ جي هيءَ حڪمت آهي تہ جڏهن ڪا بہ ٿورڙي ڳالهہ طبيعت جي ابتڙ ظاهر ٿئي تہ جيئن مٿي چيو ويو آهي، اها دل ۾ نہ رکي وڃي، پر منهان منهن چئي صاف ڪري ڇڏجي.

جيڪڏهن محمد ڪامل ۾ عقل هجي ها ۽ هو ان سياڻپ کي سمجهي ها، تہ ضرور زال کان شڪايت طرح ڏوراپو ڏيئي پڇي ها تہ "ڇو ٿورڙو ڪم بہ توکان ٿي نہ سگهيو ۽ مٿي جي سور جو بهانو ڪيئي." تہ جيڪر انهيءَ ئي وقت ٻن چئن ڳالهين ۾ معاملو صاف ٿي وڃي ها، ۽ نوڪرياڻي عظمت جي شرارت ۽ سازش بہ ظاهر ٿي پوي ها. پر محمد ڪامل وات تي مُهر هنئي ۽ دل ۾ شڪايت جو دفتر سانڍي رکيو.

اصغريءَ کي محمد ڪامل جي بيرخائيءَ کان ڳڻتي ٿي. دل ۾ چيائين تہ 'خدا خير ڪري، جهڳڙي جي شروعات نظر اچي ٿي!' سس کي بہ رنج ڏنائين. حيرت ۾ هئي تہ هيءَ ڇا ڳالهہ آهي؟

اجا ڳالهہ صفا بہ نہ ٿي هئي تہ نوڪرياڻيءَ عظمت ٻيو حملو ڪيو.

رمضان جي ويجهڙائي هئي. محمد ڪامل جي ماءُ نوڪرياڻيءَ کي چيو تہ "عظمت! رمضان اچي ٿو: هاٺي کان ئي تياري ڪرڻ گهرجي: ٿانءُ سڀ قلعي ڪرائڻا آهن: جاءِ ۾ سال کن ٿيو آهي، جو چُن جي پوچي ڪانہ ٿي آهي: لالا هزاري مل کي چئو تہ "جنهن بہ طرح ٿي سگهي، پنجاهہ

روپيا اُڌار ڏئي، جو عيد جي خرچ جي پورائي ڪرڻي آهي.' "

نوڪرياڻيءَ چيو ته "تميزدار ننهن ته پنهنجيءَ ماءُ وٽ مهمان ٿي ويندي. مون ٻڌو آهي ته مختيارڪار صاحب يعني اصغريءَ جو پيءُ به اچڻو آهي. ضرور پنهي ڏيئرن کي گهرائيندو. مون اهو به ٻڌو آهي ته تميزدار ننهن پنهنجي پيءُ سان هلي ويندي، ته ننڍو صاحبزادو محمد ڪامل به ويندو. پوءِ بيبي توهان جو هڪڙو سر آهي، جاءِ ۾ سفيدي ۽ ٿانءَ قلعي ڪرائي ڇا ڪبا؟ هزاري مل نياڳو اهڙو ـ بيمروت ٿي پيو آهي، جو ڏهاڙي قرض گهرڻ لاءِ هن جو ماڻهو در تي ويٺو آهي: پيو قرض ڪيئن ڏيندو؟"

محمد ڪامل جي ماءُ اهو ٻڌي ٺري ويئي. ٺري رڳو جهڙي ڳالهه نئي هئي. سندس مڙس جنهن ڏينهن کان لاهور ويو هو، تنهن ڏينهن کان وري موٽي گهر جي شڪل ئي نه ڏٺي هئائين. ڇهين ٻارهين مهيني جي دل ۾ آيس ته ڪجهه موڪلي ڏيندو هو، جي نه ته گهر سا ڪو خاص واسطو ڪونه ٿي رکيائين. محمد عاقل ماءَ کان جدا ٿي چڪو هو. فقط محمد ڪامل جو سر گهر ۾ هو. ان جي وڃڻ ڪري ته پنيان صفا صفائي هئي.

محمد ڪامل جي ماءُ نوڪرياڻيءَ کان پڇيو ته "عظمت، سچ ٻڌاءِ، تميزدار ننهن ضرور ويندي؟"

نوڪرياڻيءَ چيس ته "بيبي! وڃڻ نه وڃڻ جي ته خدا کي خبر: مون جيڪي ٻڌو، سو چيم اٿم."

محمد ڪامل جي ماءُ چيو ته "ڪمبخت! ڪنهن کان ٻڌئي، ڪيئن خبر پيئي؟"

نوڪرياڻيءَ چيو ته "ڪفايت النساء کان مون به روپيا قرض گهريو هو ـ ان چيو ته 'اڄ ڏيڻ ڪاڻ ته ڏيانءِ ٿي، پر صاحب وڏي سان سندس نوڪريءَ واري شهر ڏانهن وڃڻ واري آهيان. تڏهن مون ڪانئس حال پڇيو، ان مان معلوم ٿيو ته سڀ ڳالهه نيڪ ٿي چڪي آهي، بس ايتري دير آهي، جو مختيارڪار جي اچڻ ٿي، عيد گذاري سڀ ماڻهو ساڻس روانا ٿي

ويندا. پر ٻُڌڻ تي ڇا ٻَڌل آهي؟ الله كي ڏنو نہ ويو آهي، عقل سان تہ سڃاڻو آهي، بيبي! ڇا توهان كي تميزدار ٿُنهن جي مكرن جي خبر نٿي پوي! ڏسو پهريائين ٿُنهن گهر جو كم كار بہ ڏسندي وائسـ ـدي هئي، هاڻي تہ ماڙيءَ تان لهڻ جو بہ قَسم كنيو اٿس. خطن تي خط پيا اچن. سواءِ وڃڻ جي اهڙو ٻيو كهڙو معاملو آهي."

محمد كامل جي ماءُ هي حال ٻڌي، ڊكرن ۾ اچي ويئي، ۽ انهيءَ ئي ويچار ۾ ويٺي هئي تہ محمد كامل ٻاهران آيو.

محمد كامل كي پاڻ وٽ سڏي چيائين تہ "كامل! هكڙي ڳالهہ پڇانءِ، سچ سچ ٻڌائيندين؟"

محمد كامل چيو تہ "اما! ڀلا اهڙي ڳالهہ كهڙي آهي، جا تو كان لكائيندس."

محمد كامل جي ماءُ، جو كجهہ نوكرياڻيءَ كان ٻُڌو هو، سو حرف بحرف محمد كامل كي چئي ٻڌايو،

محمد كامل چيس تہ "اما! آءٌ سچ ٿو چوان، مون كي ان جي اصل خبر كانهي. نہ مون سان تميزدار ئي ان جي كا ڳالهہ كئي آهي."

محمد كامل جي ماءُ چيو تہ "واهہ! مون سان ٿو ڳالهيو ناهين. ايڏي وڏي ڳالهہ، توكي خبر كانهي."

محمد كامل چيس تہ "اما تو كي اعتبار نٿو اچي. تنهنجي سر جو قَسم! مون كي خبر ناهي."

ايتري ۾ نوكرياڻي بہ اچي نكتي.

محمد كامل جي ماءُ چيو تہ "عظمت! كامل تہ چوي ٿو تہ 'مون كي خبر ئي كانهي' !"

نوكرياڻيءَ چيو تہ "ميان! توهان ٻُرو سمجهو يا ڀلو، پر توهان جي زال وڃڻ جون تياريون تہ كري رهي آهي. توهان كان شايد لكائيندي هجي. هيءَ مزاجدار ٿُنهن اكبري نہ آهي، جنهن جي پيٽ ۾ ڳالهہ نہ

سمائبي هئي. هيءَ تميزدار نُنهن اصغري آهي، جا ڪنهن کي بہ پنهنجو راز نہ ڏيندي.“

محمد ڪامل جي ماءُ چيو تہ ”پلا ڪامل! جيڪڏهن هيءَ ڳالهہ سچي هجي، تہ تنهنجو ڪهڙو ارادو آهي؟“

محمد ڪامل چيس تہ ”پلا اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو، جو تو جيجل ماءُ کي اڪيلو ڇڏي هليو ويندس. اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي، جو تميزدار بنا پڇڻ ڳاڇڻ جي هلي ويندي. آءٌ اڄ ئي ڪانئس پڇندس، تہ هيءَ ڳالهہ ڇا آهي؟“

محمد ڪامل جي ماءُ چيو تہ ”هن نامراد نوڪرياڻيءَ جي ڳالهہ تي ڪهڙي پَت آهي. اصغريءَ سان ڪا ڳالهہ بولهہ نہ ڪج. جڏهن ڳالهہ ڪلندي، تہ ڏٺو ويندو.“

انهيءَ طرح سان نوڪرياڻي عظمت، اصغريءَ کي سس ۽ مڙس ڪان خراب ڪرڻ جي ويچار ۾ هئي.اصغريءَ ڪان ڪڏهن بہ ڪنهن روبرو ڪجهہ چوندو نہ ٻڌو هو. هوءَ بہ هنن سڀني جي ڊول مان سمجهي ويئي تہ ضرور ڪجهہ ڇڪتاڻ آهي. اصغريءَ وٽ محموده وڏي جاسوس هئي. ذري پرزي جي ڳالهہ اصغريءَ سان ڪندي هئي. نوڪرياڻيءَ جي ڪميٽائپ سڀ اصغريءَ وٽ ظاهر ٿي ويئي هئي. پر اهڙي بيوقوف نہ هئي، جو جلد بگڙي ويهي. هن خيال ڪيو تہ هن معاملي ۾ پنهنجي پاران ڪجهہ بہ چوڻ چوائڻ مناسب نہ آهي. جڏهن موقعو ملندو، تڏهن ڏٺو ويندو.

اصغريءَ پنهنجي دل ۾ چيو تہ ”پلا عظمت! ترس تہ سهي، انشاءَ الله تعالىٰ توکي بہ ڪهڙو نہ سڌو ٿي بنايان! هاڻي ايترو تنهنجو مٿو ڦري ويو آهي، جو گهر ۾ فساد ٿي وجهرائين! انشاءَ الله تعالىٰ توکي اُتي اماڻيندس، جتي پاڻي بہ نہ ملندئي، ۽ اهڙا ٽپڙ ٻڌائيندي ساءِ جو هن ويڙهي ۾ ڪڏهن اچڻ بہ نصيب نہ ٿيندئي.

●

# عظمت ۽ هزاري مل

نوڪرياڻي عظمت جي شامت سندس سر تي سوار هئي: سڀي سنبري هڪدم ٽيون حملو اصغريءَ تي ڪيائين. هزاري مل جي ته عادت هئي، جو جڏهن به نوڪرياڻيءَ عظمت کي پنهنجي دڪان جي سامهون ايندي ويندي ڏسندو هو، ته هاسيڪار ڪيس ڇيڙي، پڇائيندو هوس: ”ڇو مائي! اسان جي حساب ڪتاب جي به ڪجهه ڳڻتي آهي؟“ اهڙيءَ ريت ستين انين ڏينهن خواه مخواه قرض جي ڳُهر ڪَري ڇڏيندو هوس.

هڪڙي ڏينهن دستور موجب نوڪرياڻي سودو پاڏو وٺڻ لاءِ بازار ڏانهن ٿي ويئي، ته هزاري مل ٽوڪ ڪيس. نوڪرياڻيءَ جواب ڏنو ته ”اي لالا! هي ڇا؟ تو مون سان ڏهاڙيءَ جي ڇيڙ ڇاڙ بنهه عادت ڪري ڇڏي آهي. جڏهن مون کي تو ڏسين تڏهن قرض گهرڻ تو شروع ڪرين! جن کي ڏين ٿو، انهن کان گهر، انهن کي ڇڪ. آءٌ ويچاري غريب زال، ٽڪي جي نوڪرياڻي، منهنجو سيٺن جي ڏيتي ليتيءَ سان ڪهڙو واسطو؟“

هزار مل چيو ته ”تو اها ڪهڙي ڳالهه ڪئي ته منهنجو توسان واسطو ناهي؟ دڪان تان ته تون وٺي ٿي وڃين. هٽ کي هٽ سڃاڻندو آهي. اسان ته توکي ٿا سڃاڻون، ۽ تنهنجيءَ پٽ ويساهه تي ڏيندا آهيون. اسان گهر وارن کي ڇا ڄاڻون؟“

نوڪرياڻيءَ چيو ته ”اي لالا! هوش ۾ اچ! پُليل آهين، منهنجي اهڙي ڇا دولت ۽ ملڪيت تو ڏٺي! مون وٽ نه جائداد، نه ناڻو: تو سوين روپيا اڪيون پوري ڪٿي مون کي ڏنا! جيڪڏهن مون کي ڏنئي، ته پلي مو ڪان ئي ونجانءِ. منهنجا جيڪي محلات بيٺا هجن، سي ڪٺي وڪڻائي ونجانءِ، سرڪار ۾ جيڪا منهنجي پگهار آهي، سا بند ڪرائي ڇڏجانءِ!“

نوڪرياڻيءَ جون اهڙيون اُڪثريل ڳالهيون ٻڌي، هزاري مل تمام سخت عجب ۾ پيو، ۽ نوڪرياڻيءَ سان قرب جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. چيائينس ته ”اڄ ته تون ڪنهن سان لڙائي ڪري آيل معلوم ٿي ٿين! ٻڌاءِ ڪهڙي ڳالهه آهي؟ بيبي صاحبه ڪجهه چيو، يا صاحبزادو ڪجهه بيزار ٿيو؟ هيڏانهن ته اچ!“

هيڏانهن نوڪرياڻيءَ ڪي هي چيائين، ۽ هوڏانهن دڪان تي جو ڇوڪرو وينو هو، هڪ پيسو ان جي هٿ ۾ ڏيئي چيائينس، ”ڊوڙي وڃ ۽ پان تماڪ وجهرائي نهرائي آڻ.“ جڏهن نوڪرياڻي ويٺي، ته وري هزاري مل کِلي چيس ته ”معلوم ٿو ٿئي ته اڄ ضرور ڪنهن سان جهيڙو ڪيو اٿئي.“

نوڪرياڻيءَ چيو ته ”خدا نه ڪري، ڇو وڙهنديس؟ ڳالهه تي ڳالهه مون ٻه چئي ڏني، سچي ڳالهه تي چڙين ڇو ٿو!“

هزاري مل چيو ته ”اهو ته برابر آهي، وهنوار ته مالڪ سان ئي آهي، پر تنهنجي هٿان ٿِئي ٿو يا نه؟ اسان جي نالي نه خط، نه چِٺي: تو مالڪ جي نالي سان جيڪي گهريو، سو اسان ڏنو.“

نوڪرياڻيءَ چيو ته ”ها! ائين چئو، آءٌ ان ڪان ڪڏهن اُلان ٿي يا هانو ڪري پوءِ ڦري ٿي وَجان؟ جيڪو وٺي ويٺي آهيان، سو هزارن ۾ قبول ڪريان، لڪن ۾ چوان. اسان جيْ بيبيءَ ڪي وار وار تو دعائون ڪري، ويچاري ڪڏهن ٻه تڪرار نٿي ڪري.“

هزار مل چيس ته ”مائي! بيگم صاحبه ته حقيقت ۾ وڏي اميرياڻي آهي. ان جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي!“

وري هزاري مل هوريان هوريان پڇيس ته ”ننڍي نُنهن جو ڇا حال آهي؟ پنهنجيءَ وڏ ـيءَ پيڻ جْي آرين پارين آهي يا ٻيءَ طرح جي طبيعت اٿس؟“

نوڪرياڻي چيو، ”لالا! ڪجهه نه پڇ. ڏيءَ ته امير گهر جي آهي، پر

دل جي وڏي تنگ يعني ڪنجوسياڻي آهي. دمڙيءَ جو سودو به جيستائين چار دفعا نه موٽائي، پسند نه اچيس. هان! الله پناهه ڏئيس، باقي هنر، ڍنگ ۽ اخلاق ۾ ته دنيا جي نُهرن ۽ ڌيئرن کان وڌيڪ آهي. ڪاڏو عمدي کان عمدو رڌڻ ڄاڻي، سبڻ ۾ ته درزين ۽ مغلياڻين کي به مات ڪري ڇڏيو اٿس.

"پر لالا! اميريءَ جي ڳالهه نه آ . پهريائين مون تي به روڪ ٽوڪ شروع ڪئي هئائين. لالا! توهين ته ڄاڻو ٿا ته منهنجو ڪم کهڙو نه صاف، سچو ۽ بيپرواهيءَ سان هوندو آهي!" ائين چئي ويهي رهي.

وري چوڻ لڳي، "بيگم صاحبه ته اولياء ماڻهو آهي. ان جي سر جي برڪت سان، سندن گهر ٿو هلي. اسان غريبن به انهن جي دامن ورتي آهي. گهڻن ئي ماڻهن بيگم صاحبه کي پڙڪايو، پر الله سلامت رکيس، سندس دل تي ڪوبه اثر نه ٿيو، ۽ ڪنهن به قسم جي ڳالهه واتان نه ڪڍيائين."

هزاري مل چيس، "پڌڻ ۾ آيو آهي ته ننديءَ نُنهن کي تمام وڏو قيمتي ڏاج مليو آهي."

نوڪرياڻيءَ چوٽ ۾ جواب ڏنو، "ڏوڙ، وڏيءَ کان به گهٽ."

هزاري مل چيس، "وڏو عجب آهي، جو هن ڌيءُ جي شاديءَ وقت خانصاحب مختياڪار هو: وڏيءَ ڌيءَ کان به وڌيڪ ڏاج ڏيڻ لازم هوس."

نوڪرياڻيءَ چيو ته "مختيارڪار جو ڪو ڏوهه ڪونهي. هن ويچاري ته وڏيو تياريون ڪيون هيون. هن تميزدار پاڻ زبان سان چئي، ماءُ پيءُ جي خيرخواهي ڪري، سڀ شيون گهٽ ڪرايون هيون."

هزاري مل پڇيس، "جيڪڏهن اهو حال آهي، ته وڏيءَ ڀيڻ وانگر هيءَ به جُدا گهر ڪندي؟"

نوڪرياڻيءَ چيس، "جُدا گهر ڪهڙو! هيءَ ته اجا وڏا گل ڪڍندي! وڏي نُنهن، جي بدمزاج ۽ چيڙاڪ هئي، ته وري به دل جي صاف هئي. هيءَ زبان جي مٺي ۽ دل جي ڪوڙي آهي. ڪوبه ماڻهو پل ڪهڙو به ڳجهي ڳجهي،

پاڻ ٻاري ڪم ڪري، ته به ان جو وٽس قدر ڪونهي. ڳالهه به ڪندي ته ڳجهڙي؛ زبان تي هڪڙي، ته دل ۾ وري ٻي. مطلب ته هيءَ عورت هڪ ڏينهن به نباهڻ واري ناهي. هاڻي ته پيءُ وٽ وڃڻ جون تياريون ڪري رهي آهي."

هزاري مل پڇيس، "لاهور ڪان ويجهڙائيءَ ۾ ڪو خط آيو آهي؟"

نوڪرياڻيءَ ورندي ڏني، "ڏاهاڙي انتظار ٿو رهي؛ خبر ناهي ته ڪهڙو سبب آهي، جو ڪو به خط ڪونه آيو آهي. بيبي خرچ جي واٽ پيئي نهاري. رمضان مٿان اچي رهيو آهي. ٽيون چوٿون ڏينهن مون کي چيائين، "هزاري مل کان پنجاهه روپيا قرض ته وٺي اچ!"

هزاري مل قرض جو نالو ٻڌي چرڪ ڀريو، ۽ چيائين ته " اڳيان پئسا ڏين پوءِ اڳتي لاءِ ڪهڙو انڪار آهي! باقي هن حالت ۾ منهنجا پائيوار نٿا مڄين. مائي! بيگم صاحبه کي چڱيءَ طرح سمجهائي ڇڏ ته جيئن به ٿي سگهي، قرض جا پئسا ادا ڪري؛ جيڪڏهن نه ته اڳتي لاءِ مون تي ڏوهه ناهي."

نوڪرياڻيءَ چيو، "توهان جا روپيا الله ٿي ڪيرائيندن، ته نڪرندن! بيگم صاحبه هٿن تي هاڻي ڪٿان ڏيندي؟ سندس وار وار قرضدار ٿي پيو آهي. مودي جدا جان ٿو کائي، ۽ ڪپڙن وارو ڌار گوڙ ٿو مچائي."

هزاري مل چيو ته "مون کي ٻين لهڻيدارن سان ڪهڙو واسطو؟ منهنجي دڪان جو حساب ته بيگم صاحبه کي چڪتو ڪرڻو پوندو. آءٌ ته بيگم صاحبه جو وڏو لحاظ ٿو ڪريان، پر منهنجو پائيوار، ڇدامي لال نٿو مڃي. اهو جيڪڏهن هي حال ٻڌي، ته اڄ ئي دعويٰ ڪري."

نوڪرياڻيءَ چيو، "هي سڀ حال بيگم کي چوڻ کان ته آءٌ چونديس، پر گهر جو ذري پرزي حال مون کي به معلوم آهي. دعويٰ ڪريو يا فرياد ڪريو، نه پيسو آهي ۽ نه ڏيڻ جي جاءِ. پيسو هجي ها، ته قرض چو ورتو وڃي ها؟"

●

# عظمت جو گهرجي ياڻين کي پريشان ڪرڻ

ايترين ڳالهين کان پوءِ نوڪرياڻي عظمت، هزاري مل کان موڪلائي، سودو پاڏو وٺي گهر آئي، ته محمد ڪامل جي ماءُ چيس، ”عظمت! تون بازار ڏانهن ٿي وڃين، ته اهڙي بيپرواهه ٿِي ٿِي وڃين، جو ڪاڏو رڌڻ پچائڻ جو خيال به توکي نٿو رهي. ڏس ته ڪيترو ڏينهن مٿي چڙهي آيو آهي! هاڻي ڪهڙي وقت گوشت چڙهندو، ڪڏهن رجهندو، ۽ ڪاڏو ملندو؟“

عظمت ورندي ڏني، ”بيبي! مُئي هزاري مل جي جهڳڙي ۾ ايتري دير ٿي ويئي. هو ماريو ڇاڻي پُڇهي ڏهاڙي مون کي ايندي ويندي ٽوڪيندو آهي. اڄ ته منهنجو هياءُ ئي سڙي ويو. چيومانس، ’تو مون سان ڏهاڙيءَ جي ڪٽي چرچ شروع ڪئي آهي: مرين ڇو ٿو، ذرا صبر ڪر. لاهور کان خرچ اچڻ ڏي، ته تنهنجو اڳيون پويون سڀ حساب ڪتاب چڪتو ٿي ويندو.‘ مئو بگڙي ويو، ۽ پريءَ بازار ۾ مون کي بدنام ڪرڻ لڳو!“

محمد ڪامل جي ماءُ چيس، ”هزار مل کي ڇا ٿي ويو آهي؟ هو ته اهڙو ڪونه هو. ڪيترن سالن کان اسان ۽ هن جي ڏيتي ليتي آهي. اوکيءَ سوکيءَ سودو پئي ڏنو اٿس. اڳي ته ڪڏهن به اهڙو تڪرار نه ڪيو اٿس!“

نوڪرياڻيءَ جواب ڏنو، ”بيبي! ڪو پيو هندو دُڪان ۾ پائيوار ٿيو اٿس، ان مُئي ڪٽي تڪڙ مچائي آهي. جنهن ڏي به لهڻو هونِ، سو سيني کان بيني پير وصول ڪيائون. جنهن نه ڏنن، تنهن تي دعويٰ ڪيائون. مون کي چيائين ته ’بيگم صاحبه کي گهڻا گهڻا هٿ ٻڌي، منهنجي پاران چئج ته منهنجو ان ۾ ڪو وس ڪونهي. جنهن به طرح ٿي سگهي، پن چئن ڏينهن ۾ پيسا ڏياري. جيڪڏهن نه، ته ڇدامي لال ضرور دعويٰ ڪندو.‘ “

هن خبر ٻڌڻ سان محمد ڪامل جي ماءُ کي ڏاڍي ڳڻتي پيدا ٿي. سندس نندي پيڻ امير بيگم، بيرم خان جي ٽوانئي وٽ رهندي هئي ۽ هوءَ ڪجهه آسودي هئي. محمد ڪامل جي ماءُ چوڻ لڳي ته ”عظمت! لاهور کان ته خط جو جواب ئي نٿو اچي: خرچ جو ڪيئن پورائو ٿيندو؟ جيڪڏهن سچ پچ هزاري مل دعويٰ ڪئي، ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ مون وٽ ته ايترو ٽپڙ ئي ڪونهي، جو قرض ادا ڪنديس. دعويٰ کان پوءِ ڏيڻ ته وڏي بيعزتي آهي. سڄي شهر ۾ بدنامي ٿي

ويندي. ڏولي وٺي آءُ، ته آءُ امير بيگم وٽ وڃان، مَنَ اتان ڪو بلو ٿئي."

نوڪرياڻيءَ ورندي ڏني، "بيبي! دعويٰ ته ٿي رکي آهي. جنهن زبان سان چيو، ان کي ڪرڻ ۾ ڪهڙي دير لڳندي؟ ويچاري تنهنجي ننڍيءَ پيڻ وٽ ڪٿان پيسا آيا. اُهي پاڻ به هنن ڏينهن ۾ حيران آهن."

محمد ڪامل جي ماءُ چيس، "آخر پوءِ ڪجهه ڪرڻو ته پوندو."

نوڪرياڻيءَ پير ۾ ويهي، هوريان چيس، "جيڪڏهن هڪ مهيني لاءِ، تميزدار پنهنجا ڪنگڻ ڏئي، ته ڳالهه رهجي ايندي. بالفعل انهن ڪنگڻن کي گروي رکي، اڌ ڪن قرض کان ڇوٽڪارو ٿئي؛ پوءِ لاهور کان خرچ اچي، ته ڪنگڻ به ڇٽي پوندا، ۽ آءُ ڪنهن ٻئي واٽئي کان وٺي به گهر جو پورائو ڪنديس."

محمد ڪامل جي ماءُ چيس، "اڙي تون ته ڪا چري آهين، خبردار اهڙي ڳالهه واتان ڪڍي اٿيئي! جيڪڏهن رهڻ وارو گهر به وڪامي وڃي، ته مون کي منظور آهي، پر نُنهن کي اهڙي ڳالهه لاءِ چوڻ لاءِ وات مان اکر به ڪانه ڪڍنديس."

نوڪرياڻيءَ چيو، "بيبي! مون انهيءَ خيال کان چيو ته نُنهن ٿي ته جڻ ڌيءَ ٿي، نُهر کي ڌاريو نٿيون ٿين؛ خدا نه ڪري ڪنگڻن جي وڪڻڻ جو ارادو ٿوروئي آهي؟ شَي صندوقڙيءَ ۾ نه هوندي، پر واڻئي وٽ رکي هوندي ـ جهڙي هتي دلجاءِ، تهڙي اُتي."

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، "نُنهن ۽ ڌيءَ ۾ وڏو تفاوت هوندو آهي. نئينءَ پرڻيل ننهن سان ڀلا ڪا اهڙي ڳالهه ڪري سگهجي ٿي. خبردار! وري زبان مان اهڙي ڳالهه متان ڪڍين. ائين نه ٿئي، جو محموده جي ڪن پئجي وڃي هوءَ اصغريءَ کي وڃي ٻڌائي."

نوڪرياڻيءَ چيو، "صاحبزادي محموده ته هينئر ٻڌي رهي هئي. مگر هوءَ ٻار آهي، اڃا هُن کي هنن ڳالهين جي سمجهه ڪانهي."

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، "ڏولي وٺي اچ، آءُ ڀيڻ تائين وڃان ته سهي؛ پوءِ جيڪا صلاح بيني، ڏٺو ويندو."

محمد ڪامل جي ماءُ ته ڏوليءَ ۾ سوار ٿي، خانم جي بازار ڏانهن رواني ٿي، ۽ پنيان محموده سڀ حال وڃي اصغريءَ کي ٻڌايو.

اصغريءَ کي ٻيو ته ڪجهه به نه سُجهيو، هڪدم پنهنجي وڏي ڀاءُ خيرانديش خان کي خط لکيائين.

# اصغريءَ جو پنهنجي ڀاءُ ڏانهن خط

”جناب برادرم صاحب معظم مڪرّم سلامت هجو!“

”سلامن بعد عرض ٿي ڪريان تہ گهڻي وقت کان وٺي مون پنهنجو حال احوال اوهان کي ڪونہ لکيو آهي: هن کان اڳ جيڪو عريضو جناب بابا صاحب جن جي خدمت ۾ موڪليندي آهيان، اهو ضرور اوهان جي نظرن مان بہ گذرندو هوندو.

”هاڻي هڪ خاص ڳالهہ اهڙي پيش آئي آهي، جو ان کي آءٌ اوهان جي ئي خدمت ۾ عرض رکڻ مناسب سمجهان ٿي. اها هيءَ آهي تہ جڏهن کان آءٌ ساهرن ۾ آئي آهيان، تڏهن کان ڪنهن بہ قسم جي تڪليف پيش ڪانہ آئي اٿم. ادي وڏيءَ، اڪبري خانم، کي جن ڳالهين جي شڪايت رهندي هئي، اوهان جي دعا سان اُهي ڳالهيون مون سان نہ آهن. گهرَ جا سڀيئي ماڻهو مون سان محبت ڪن ٿا، ۽ آءٌ خوش رهان ٿي. مگر هڪ نوڪرياڻي عظمت جي هٿان ايذاءُ آهي، جو ڪنهن بدمزاج چيڙاڪ سس ۽ بد زبان نڻان کان بہ نہ پهچي.

”هيءَ عورت هن گهر جي پُراڻي نوڪرياڻي آهي، ۽ اندر ٻاهر جو سڀ ڪم انهيءَ جي ئي هٿن ۾ آهي. انهيءَ عورت گهر کي لُٽي سجو ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي ايترو قرض ٿي ويو آهي، جو ان جي لاهڻ جي واهہ نظر نٿي اچي، ۽ ان لاءِ ڪنهن بہ طرح جو گهر ۾ وسيلو ڪونهي.

”مون ٿورا ڏينهن رڌڻي جي معمولي ڪم ڪار ۾ دخل ڏنو، تہ هر شَي ۾ چوري ۽ هر ڳالهہ ۾ نڳي ڏٺي. منهنجي روڪ ٽوڪ تي نوڪرياڻي منهنجي دشمن ٿي ويئي، ۽ ان ڏينهن کان وٺي ڏهاڙي نئون فساد ڪڙو ڪندي ٿي رهي.“

”هن وقت تائين ٻي تہ، ڪابہ خراب ڳالهہ پيدا نہ ٿي آهي، پر هن نوڪرياڻيءَ جو رهڻ مون کي سخت ناپسند آهي. مگر ان جو نڪرڻ بہ

تمام ڏکيو آهي. سڄيءَ بازار جو قرض انهيءَ جي معرفت آهي. موقوفيءَ جو نالو ٻُڌي، وڃي لهٽيدارن کي ٿي پڙڪائي. وري قرض جو نہ حساب آهي نہ ڪتاب آهي. زباني ڳالهين تي سڀ ڏيڻ وٺڻ ٿي رهيو آهي. آءٌ چاهيان ٿي تہ سيني ماڻهن جو حساب ڪتاب صاف ٿي وڃي، ۽ قرض ڪڻڻ جو دستور اڳتي لاءِ بند هجي. پوءِ اها نوڪرياڻي پڻ ڪڍي وڃي.

"پڪ آهي تہ بابا صاحب جن سان گڏ اوهان بہ رمضان ۾ تشريف فرما ٿيندؤ. منهنجي مرضي آهي تہ اوهان مهرباني فرمائي، لاهور مان ٿيندا ايندا. ابا جان يعني منهنجي سهري کي جنهن بہ طرح ٿي سگهي، گهٽ ۾ گهٽ ٻن هفتن لاءِ پاڻ سان وٺيو ايندا. پوءِ اوهان سيني ماڻهن جي اڳيان هي معاملو چڱيءَ طرح صاف ٿي ويندو."

"آءٌ هيءُ خط سخت پريشانيءَ جي حالت ۾ لکي رهي آهيان. هڪڙو واڻيو دعويٰ ڪرڻ لاءِ تيار آهي. نوڪرياڻيءَ صلاح ڏني آهي تہ منهنجا ڪنگڻ گروي رکيا وڃن. اما جان يعني منهنجي سس، پيسن جي بندوبست لاءِ هن ئي وقت ماسي صاحبہ وٽ ويئي آهي- اوهان جي ڀيڻ- اصغري."

# عظمت جي مار ذاڙ ڪرڻ ۽ اصغريءَ جون سندس پاڙن پٽڻ لاءِ تجويزون سوچڻ

هيڏانهن اصغريءَ پاءُ کي خط لکيو، ۽ هوڏانهن پنهنجي ماسيءَ کي چوائي موڪليائين تہ "آءٌ اڪيلي آهيان، ادي تماشا خانم کي ٻن ڏينهن لاءِ هوند موڪليو تہ ڏاڍو چڱو: مون ٻڌو آهي تہ هوءَ اوهان وٽ مهمان ٿي آئي آهي."

مطلب تہ سچ لٿي بيبي تماشا خانم اچي پهتي. ڏوليءَ مان لهندي ئي چيائين، ”بيبي اصغري! اهڙو بہ ڪو بيمروّت نہ ٿجي! مون ماسڙ صاحب اصغري جي والد جي خط موڪلڻ لاءِ، توکي چوائي موڪليو، اهو بہ نہ ڏنئي.“

اصغريءَ چيو ”ڪير گهرڻ آيو هو؟“

تماشا خانم چيو، ”ڏس، هيءَ نوڪرياڻي عظمت حاضر آهي، پڇينس. مائي عظمت، تون جمعي تي اسان جي گهر آئي هئينءَ، مون توکي چيو هو يا نہ؟“

عظمت جواب ڏنو، هائو بيبي،مون نياڻيءَ کي تہ ڳالهہ ياد ئي نہ رهي. هتي اچڻ سان گهر جي ڪم ڪار ۾ ڳالهہ وسري ويم.“

اصغريءَ هورڙيان ورندي ڏني تہ ”مون کي لٽڻ ۽ فساد وجهڻ سر توکي ياد رهي ٿو!“ پوءِ تماشا خانم کي چوڻ لڳي تہ ”خط موجود آهي، ۽ هڪ نئون ڪتاب بہ آيو آهي. ڏاڍيون مزيدار ڳالهيون انهيءَ ۾ آهن. اهو بہ تون وٺي وڃجانءِ.“

اصغريءَ نوڪرياڻيءَ جو سڀ حال ذري پرذي تماشا خانم سان ڪيو. تماشا خانم طبيعت جي تمام تکي هئي، انهيءَ ئي وقت پادر ڪڍي اُٿي، ۽ نوڪرياڻيءَ کي مارڻ هلي. اصغريءَ هٿ کان پڪڙي وهاريس، ۽ چيائينس تہ ”ادي وڏي! خدا جي واسطي، اهڙو عضب نہ ڪر، تڪڙ نہ ڪر. سڀ ڳالهہ خراب ٿي ويندي.“

تماشا خانم چيس تہ ”تون رڳو انهيءَ اڳ پوءِ ڳڻڻ ۾ ئي پنهنجي عزت وڃائيندي آهين. ادي! جيڪڏهن آءٌ تنهنجي جاءِ تي هجان ها، خدا جو قسم تہ مُردار کي پادرن سان اهڙو سڌو ڪريان ها، جو سڄي عمر ياد رکي ها.“

اصغريءَ چيو، ”ڏسجنئين، انشاء الله تعاليٰ هن نمڪحرام تي خدا جي مار پوندي، رڳو ڏينهن اڏ جي دير آهي.“

تنهن کان پوءِ تماشا خانم پڇيو تہ "تنهنجي سس پنهنجيءَ پيٽ وٽ ڪهڙي مطلب لاءِ ويئي آهي؟"

اصغريءَ چيو، "اها ويچاري بہ انهيءَ نامُراد نوڪرياڻيءَ جي ڪري دربدر رلندي وتي ٿي. ڪو واڻيو آهي، ان جو ڪجهہ قرض آهي. نوڪرياڻيءَ اڄ اچي چيو تہ هو دعويٰ ڪرڻ وارو آهي. هوءَ انهيءَ جي پيسن جي فڪر ۾ ويئي آهي."

تماشا خانم پڇيو، "ڪهڙو واڻيو دعويٰ ڪرڻ وارو آهي؟"

اصغري خانم چيو، "آءٌ سندس نالو تہ نٿي ڄاڻان."

تماشا خانم نوڪرياڻيءَ کان پڇيو تہ، "عظمت! ڪهڙو اهو واڻيو آهي؟"

عظمت غريبڙي بنجي جواب ڏنو، "بيبي! هزاري مل"

تماشا خانم سختيءَ سان ورندي ڏني تہ "اهو هزاري مل نہ، جنهن جو دڪان جوهري بازار ۾ آهي؟"

عظمت چيو، "هائو، بيبي، هائو: اهو هزاري مل."

تنهن تي تماشا خانم اصغريءَ کي چيو تہ "ان سان تہ اسان جي ساهرن جي بہ ڏيتي ليتي آهي. مُئي کي اهڙي طاقت آهي، جو دعويٰ ڪندو؟ آءٌ هتان وڃي مڙس کي ٿي چوان، اهو ڏس تہ ڪهڙو نہ نيڪ ٿو ڪريس."

بہ ڏينهن تماشا خانم اصغريءَ وٽ رهي، ٽئين ڏينهن موڪلايائين، هلندي وقت چيائين تہ "ادي اصغري! تو کي منهنجي سر جو قسم آهي. جڏهن تنهنجو سهرو اچي ۽ هي سڀ معاملو وتس پيش ٿئي. تڏهن مون کي ضرور سڏائجانءِ، ۽ پوءِ عظمت کي منهنجي حوالي ڪري ڇڏج."

هُتي محمد ڪامل جي ماءُ کي سندس پيٽ ترسائي ڇڏيو، ۽ چيائينس تہ "ادي وڏي! مس مس آيون آهيون. پلا هڪ هفتو تہ رهو. تميزدار نُنهن جي خبرچار لهڻ لاءِ ڏهاڙي هتان ماڻهو پيو ويندو."

انهيءَ وچ ۾ نوڪرياڻي عظمت وينئي وينئي وري هڪ ٻي لچائي ڪئي. انهن ڏينهن ۾ لاٽ (لارڊ) صاحب (وائسراءِ) اچڻو هو. شهر جي صفائيءَ لاءِ حاڪم جي پاران سخت تاڪيد ٿيو. هر هڪ پاڙي ۾ گهٽيءَ ۾ اشتهار هنيا ويا هئا ته "سڀئي ماڻهو پنهنجون گهٽيون ۽ گليون صاف رکن. دروازن کي رنگ ڏيارين ۽ ڪاڪوس وغيره صاف رکن. جيڪڏهن ڪٿي گند ڪچرو پيل نظر ايندو، ته اها جاءِ نيلام ٿي ويندي."

انهيءَ مضمون جو اشتهار هن پاڙي جي چونڪ تي به هنيو ويو. نوڪرياڻي عظمت رات جو وجي، پاڙي جي چونڪ تان اهو اشتهار لاهي، چپ چاپ ۾ پنهنجي دروازي تي لڳائي ڇڏيائين. پوءِ منهن اونداهيءَ جو خانم جي بازار ۾ محمد ڪامل جي ماءُ کي ٻڌائڻ لاءِ ڊوڙندي ويئي. اجا گهر جو در ڪوئي ڪولي ئي ڪولي، تنهن ڪان اڳ هن وني وڏي واڪي سڏ ڪيو. محمد ڪامل جي ماءُ آواز سڃاتو ۽ چيائين ته "اڙي، ڊوڙو دروازو کوليو. عظمت ههڙي ڪمهلي وقت ڇو آئي آهي؟"

عظمت جڏهن سامهون آيس ته پڇيائينس ته "عظمت! خيريت ته آهي؟"

عظمت ورندي ڏني، "بيبي! گهر تي اشتار وشتار لائجي چا هوندو آهي ـ اهو لڳل آهي: معلوم ٿو ٿئي ته هزاري مل دعويٰ ڪئي آهي!"

محمد ڪامل جي ماءُ پنهنجي پيٽ کي چيو ته، "ٻڌو ادي! آءٌ وجان ٿي، وڃڻ سان هزاري مل کي گهرائيندي ۽ سمجهائيندس. خدا ان جي دل ۾ رحم وجهي!"

پيٽس ورندي ڏني، "وڏي ادي آءٌ گهٽو لڄي آهيان، جو مون کان ٻن پيسن جو بندوبست به ٿي نه سگهيو. پر منهنجي ڳچيءَ جو هَسُ حاضر آهي، اهو ڪٿي وڃ- گروي رکڻ سان ڪم نڪري، ته بهتر: نه ته ڪٿي وڪڻي ڇڏجو."

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، "خير! آءٌ هَسُ ڪٿي ٿي وجان، مگر هُن

جا پئسا تمام وڏي ويا آهن. هڪڙي هسُ مان ڇا ٿيندو؟"

ٻيٽس چيس، "آخر منهنجي مڙس به ته چيو آهي نه ته آءٌ ڪنهن ٻئي واڻئي وٽان قرض وٺي ڏيندس. تون بسم الله ڪري خيز سان گهر وڃ. هو اچي ته آءٌ به ان کي تنهنجي پنيان موڪليان ٿي."

مطلب ته محمد ڪامل جي ماءُ گهر پهتي، ته دروازي تي سامهون اشتهار لڳل ڏٺائين. افسوس جي حالت ۾ چپ ڪري اچي ويٺي. سَسُ جي اچڻ جي خبر پئي، اصغري ماڙيءَ تان لٿي، ۽ اچي سلام ڪيائينس.

سس کي غمگين ڏسي پڇيائينس ته "اڄ اما جان اوهان جو منهن گهڻو اُداس آهي؟"

سس چيس ته "هائو، واڻئي دعويٰ ڪئي آهي. پيسا ڪٿان به ڪين ٿا سگهن: امير بيگم پڻ جواب ڏنو. جاءِ تي اشتهار به لڳي چڪو آهي، هاڻي ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي."

اصغريءَ چيو، "توهان هرگز انهيءَ جو ڪو فڪر نه ڪريو. جيڪڏهن هزاري مل دعويٰ ڪئي، ته ڪجهه به نقصان نه آهي ـ تماشا خانم جي ساهرن ۾ ان جي ڏيتي ليتي آهي. تماشا خانم مون سان وعدو ڪيو آهي ته آءٌ هزاري مل کي سمجهائيندس. جيڪڏهن نه مڃيندو، ته ان جي پيسن جو ڪجهه رستو ٿي ويندو. غم ڪرڻ مان ڇا حاصل؟"

سس چيس ته "ڪامل هجي ها، ته آءٌ هن کي هزاري مل تائين موڪليان ها."

اصغريءَ چيو، "اهو ته اوهان کي اختيار آهي، پر منهنجي خيال ۾ واڻئي ڪان دٻجڻ ڪنهن به طرح مناسب ڪينهي. جيڪڏهن نه، ته هن کي آئنده لاءِ دليري ٿيندي، ۽ ڏهاڙي دعويٰ جو دپ پيو ڏيندو. سڀ کان بهتر هي آهي ته اسان طرفان ڪيس کو ڇيئو ڇاءُ نه ٿئ، ۽ ٻاهران ڪو اهڙو دٻاءُ مٿس پئجي وڃي، جو دعويٰ ڪرڻ ڪان باز اچي."

محمد ڪامل جي ماءُ چيو "تماشا خانم اڃا ڇوڪري آهي، ڪورٽ ۽ ڪيس جي ڳالهين مان ڇا ڄاڻي. ائين نه ٿئي جو اُن جي پروسي تي ڪم

خراب ٿئي، ۽ ڳالهه هٿن مان نڪري وڃي."

اصغريءَ دلاسو ڏيندي چيو: "تماشا خانم بيشڪ چوڪري آهي، مگر مون اها ڳالهه چڱيءَ طرح پڪي ڪري ڇڏي آهي اوهان بي فڪر رهو!"

اجا هي ڳالهيون ٿي ئي رهيون هيون ته ميان مسلم (تماشا خانم جي پاءُ) دروازي تي سڏ ڪيو.

اصغريءَ چيو، "ڏسو، مسلم آيو آهي، ضرور ڪا خبر آندي هوندائين."

اصغريءَ، محموده کي اشارو ڪيو. محموده ڪوٺڙيءَ ۾ هلي ويئي. مسلم کي اندر گهرائي پڇيائينس ته "مسلم ڇا خبرآندي اٿئي؟"

مسلم چيو، "ادي وڏيءَ توهان کي سلام چيا آهن ۽ طبيعت جو حال پڇيو اٿس: ۽ اهو به چيو اٿس ته هزاري مل کي گهرايو هوم. گهڻو ڊيڄاريو ۽ ڌمڪايو اٿمانس. ان انجام ڪيو آهي ته دعويٰ نه ٿيندي."

هي ڳالهه ٻڌي محمد ڪامل جي ماءُ کي ڪجهه قدر خاطري ٿي. پر اصغري حيرت ۾ هئي ته تماشا خانم ته هي چوائي موڪليو آهي، ۽ هوڏانهن هزاري مل ته دعويٰ ڪري وينو آهي. هيءَ ڇا ڳالهه آهي! ۽ وري اشتهار جو معاملو به عجب آهي. آءٌ گهر ۾ ويٺي رهيس، مون کي خبر نه آهي؟ ڪورٽ جو اشتهار هجي ها، ته ضرور ڪو پڪاري ها يا سڏ ڪري ها.

مسلم موڪلائي ويو ته محموده کي اصغريءَ چيو ته "وچ دروازي تي جو ڪاغذ لڳل آهي، اهو چپ چاپ ۾ لاهي اچ."

محموده ڪاغذ لاهي آئي. اصغريءَ جڏهن پڙهيو، ته ان ۾ صفائيءَ جو حڪم هو. دعويٰ جي ڪابه ڳالهه ڪانه هئي. سمجهي ويئي ته هيءَ به هن عظمت جي چالاڪي آهي. مناسب ڄاڻي سس سان هي حال ظاهر نه ڪيائين، ۽ ڪيس چڱيءَ طرح دلجاءِ ڏنائين ته "اوهان خاطريءَ سان ويٺيون رهو. دعويٰ جو ڪوبه ڊپ ڪونهي."

# اصغري ۽ عيد برات

اصغريءَ کي سنديس سس چوڻ لڳي تہ ”تنهنجي چوڻ سان دعويٰ جي تہ دلجاءِ ٿي. پر شب برات ۽ رمضان مٿان پيا اچن، ٻنهي عيدن ۾ خرچ ئي خرچ آهي، لاهور کان خط اچڻ بہ بند آهي. ان جي ڳڻتيءَ تہ منهنجو رت ئي سڪائي ٿي وجهي.“

اصغريءَ چيو، ”رمضان ۾ تہ اجا گهڻا ڏينهن پيا آهن. الله پاڪ مُسبَبُ الاَ سبابُ (سببن پيدا ڪرڻ وارو) آهي؛ ان وقت تائين غيب مان ڪو نہ ڪو بندوبست ٿي پوندو. باقي شب برات ڪا اهڙي عيد ناهي، جنهن ۾ گهڻو خرچ درڪار هجي.“

سس چيو تہ: ”منهنجي گهر ۾ تہ سال بسال شب برات ۾ ويهہ روپيا ڳري ويندا آهن. پڇي ڏس، اها عظمت خرچ ڪرڻ واري موجود آهي.“

اصغريءَ چيو تہ ”خرچ ٿيڻ ۾ ڪهڙو عجب آهي! پر هڪ خرچ ضرورت لاءِ، ۽ ٻيو بي ضرورت ٿيندو آهي. شب برات ۾ ڪا بہ اهڙي ضروت ڪانهي، جنهن لاءِ ايترا روپيا گهرجن.“

سس چيو، ”پير، پيغمبر، توڙي وڏن بزرگن جو ختمو لازم آهي. ان بعد پاڙي ۾ بہ ٻاجي موڪلڻ ضروري آهي. چوڻ لاءِ تہ ٿورڙي ڳالهہ آهي؛ گهوٽ ۽ محموده لاءِ منائيون ۽ ڦٽاڪا گهرائبا. محمد ڪامل پرٽيو تہ چيائين پيو! الله رکيس، هن جي طبيعت ۾ اجا تائين ٻارائپ جون ڳالهيون هليون ٿيون اچن؛ جيستائين سؤ گولا، ويهہ گڏيون، ۽ ڦٽاڪا نہ وٺندو، تيستائين منهنجي جان کائي ويندو، ۽ محموده بہ روئي روئي پنهنجو حال بُرو ڪندي.“

اصغريءَ ورندي ڏني تہ ”ختمي لاءِ پنجن سيرن جو مناڻ گهڻو ٿيندو. ٻاجي موڪلڻ تہ هيڏانهن آئي، هوڏي ويئي، ۽ محموده هاٿي ڦٽاڪن لاءِ

ضد نہ ڪندي. پنهنجي مڙس کي آءٌ سمجهائيندس. مطلب تہ شب برات جو بندو بست جنهن طرح ٿي سگهندو، آءٌ پاڻ ڪنديس. اهو ذمو مون تي آهي، ان لاءِ اوهان قرض جي ڳڻتي نہ ڪنديون."

سس سان تہ هي ڳالهيون ٿيون. پر اصغري ويچار ۾ هئي تہ مڙس کي گولن ۽ ڦٽاڪن.کان ڪيئن هٽائي. آخرڪار اهڙيءَ ڏاهپ سان اصغريءَ مڙس کي سمجهايو، جو ڳالهہ بہ رهجي آئي ۽ مڙس کي بہ ناپسند نہ لڳي.

محمد ڪامل جي روبرو ڳالهہ ڇيڙي محموده کان پڇيائين تہ "ڇو ادي تون شب برات لاءِ ڪهڙي ڳڻتيءَ ۾ آهين؟"

محموده چيس تہ ، "مون کي ڳڻتي ڪانهي، ادو جڏهن بمگولا ۽ ڦٽاڪا آڻيندو تہ پاڻهي مون کي بہ ڏيندو."

اجا محمد ڪامل ڪجهہ ڪڇيوئي ڪونہ تہ اصغريءَ چيو، "پاڻهين اهڙيءِ واهيات شَي تو لاءِ ڇو آڻي؟"محموده! بمگولن ۽ ڦٽاڪن ۾ ڪهڙو مزو آهي؟"

محموده چيو تہ "ياڇائي! جڏهن بمگولا ۽ ڦٽاڪا ڇُٽن ٿا، تہ ڏاڍي بَهاري ٿيندي آهي!"

اصغريءَ چيس تہ "پاڙي ۾ سَوين بمگولا ڇٽندا، ڪوٺي تان تون بہ ڏسي ونجانءِ."

محموده : واهہ! اسان نہ ڇوڙيون؟

اصغري: توکي ڊپ نٿو ٿئي؟

محموده: آءٌ ڇا پنهنجن هٿن سان ڇوڙيندي آهيان؟

اصغري: پوءِ جيئن تون پنهنجي گهر ۾ اندر ڇُٽندي ڏسندي آهين، تيئن پري کان پاڙي ۾ ئي ڏسي ونجانءِ. محموده! ٻڌ، هيءَ تمام خراب راند آهي. هن ۾ سڙڻ جو ڊپ آهي. هڪ دفعي اسان جي پاڙي ۾ هڪڙي ڇوڪر جي هٿ ۾ بمگولو ڦاٽي پيو، ٻئي اکيون نڪري، ڇُلهہ ٿي پيس. توکي اهو تماشو ڏسڻو هجي، تہ بہ پري کان ڏس. پر محموده تون اما جان جو حال ڏسين ٿي تہ غمگين آهي يا نہ؟

محموده: غمگين تہ آهي.

اصغري: ڪڏهن تو اهو بہ خيال ڪيو تہ ڇو غمگين آهي؟

محموده: اهو تہ مون کي معلوم نہ آهي.

اصغري: واهہ! اجا تون چوندي آهين تہ 'آءٌ اما کي گهڻو پيار ڪندي آهيان.'

محموده: چڱو ڀاڄائي! ٻڌاءِ اما جان ڇو غمگين آهي؟

اصغري: خرچ جي تنگي آهي. واڻيو قرض نٿو ڏئي. انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ آهي تہ محموده ڦٽاڪن لاءِ ضد ڪندي، تہ ڪٿان گهرائي ڏينديسانس.

محموده: تڏهن مان بمگولا ۽ ڦٽاڪا ڪونہ گهرائينديس.

اصغري: شاباس! شاباس! تون منهنجي تمام پياري پيڻ آهين. ائين چئي، محموده کي ڳراٽڙي پائي، پيار ڪيائينس.

محمد ڪامل مانڊ ۾ ويهي، اهي سڀ ڳالهيون ٻڌندو رهيو. ڇاڪاڻ تہ واجبي ڳالهہ هئي، هن جي دل بہ قبول ڪيو. انهيءَ ئي وقت هيٺ لهي ماءُوٽ ويو، ۽ چيائينس تہ "امّا! مون ٻڌو آهي تہ اوهان شب برات جي ويچار ۾ آهيو. منهنجو فڪر نہ ڪريو. مون کي بمگولا ۽ ڦٽاڪا نہ گهرجن.

محموده بہ چوي ٿي تہ آءٌ نہ گهرائينديس."

مطلب تہ خرچ جي هڪڙي رقم تہ هيئن گهٽ ٿي. ختمي لاءِ ٻن روپين ۾ سُنو مناڻ ٿي ويو. پاڇي موڪلڻ لاءِ اصغريءَ پاڻ بدوبست رکيو. جڏهن ٻاهران پاڇي آئي، تہ اها گهر ۾ ترسڻ نہ ڏنائين. ماٺهو ڏيئي ٻاهر نڪتو، تہ هن چيو تہ "فلاڻيءَ جاءِ تي هيءَ پاڇي پهچايو." اهڙيءَ ريت جن کي ماني پهچائڻي هئي، تن سيني کي پهچي ويئي. مطلب تہ ، ٻن روپين ۾ سُٺي شب برات ٿي ويئي.

عظمت هي بندوبست ڏسي، سڙي ويئي. هن جي وڏي رقم مارجي ويئي. ڇو تہ جيڪا بہ شي ٻاهران ايندي هئي، اها سڀ هيءَ ونڊي هئي، ۽ جيڪا گهران ٻاهر موڪلبي هئي، تہ انهيءَ مان بہ اڌ ڪيندي هئي. اهڙي

طرح شب برات جا منا روٽ جو سُڪائي رکندي هئي، سو مهينن تائين چُوريءَ وانگر پيئي ڦڪيندي هئي. هن ڀيري تہ ويچاريءَ جي اها سموري چيري ميري بند ٿي ويئي!.

شب برات کان پوءِ اصغريءَ جو پيءُ آيو، ۽ پنج ست ڏهاڙا تہ ڳالهين ۾ گذري ويا. رمضان کان چار ڏينهن اڳي دورانديش خان صاحب دهليءَ ۾ پهچي ويو. اصغريءَ انهيءَ ئي ڏينهن پيءُ جي اچڻ جي خبر پڌ هُئي. سس ۽ مڙس سان اڳي ئي هيءَ ڳالهہ بيهاري هئائين تہ جنهن ڏينهن مختيارڪار صاحب جن ايندا، تہ آءٌ انهيءَ ئي ڏينهن ساڻن ملڻ وينديس.

جڏهن اصغريءَ کي پيءُ جي اچڻ جي خبر پيئي، تڏهن هڪدم ڏولي گهرائي وڃي وٽس پهتي. پٽس کيس ڳراٽڙيون پاتيون، ۽ اکين ۾ پاڻي اچي ويس. گهڙيءَ دير تائين ڪانئس حال پڇندو ۽ کيس پنهنجو حال ٻڌائيندو رهيو. آخر اصغريءَ کي چيائين تہ "تنهنجي لکڻ موجب خيرانديش خان، لاهور ويو آهي. انشاء الله تعاليٰ سياڻي يا پَرينءَ تنهنجي سهري صاحب کي وٽي اچي پهچندو. سندس هڪ خط مون کي واٽ تي مليو هو. تنهنجي سهري صاحب کي موڪل ملي ويئي آهي."

مطلب تہ سڄي رات ۽ ٻيو سڄو ڏينهن، اصغري پنهنجيءَ ماءُ وٽ رهي. ٻنپهرن جو پيءُ کي چيائين تہ "اڄ آءٌ گهر ويندس." پٽس چيس تہ "پياري ڌيءُ! هڪ هفتو ڪِن تہ رهہ، اسين تنهنجن ساهرن کي چوائي موڪليندا سين."

اصغريءَ چيس، "اوهان جي حڪم جي تعميل ڪريان، پر اَبا جان منهنجي سهري جي اچڻ کان اڳي گهر ۾ حاضر رهڻ مصلحت پريو آهي."

پٽس سوچي سمجهي چيو تہ "ها، اها ڳالهہ برابر آهي." مطلب تہ اصغري پيءُ کان موڪلائي، سڄ لٿي کان اڳي گهر ۾ اچي حاضر ٿي.

ٻئي ڏينهن عين ماني کائڻ وقت محمد ڪامل جو پيءُ، مولوي محمد فاضل صاحب بہ اوچتو اچي سهڙيو.

هي مولوي صاحب لاهور جي هڪ زميدار وٽ ڪمدار هو. نوي روپيا مهيني ۾ پگهار مقرر هُئس- جاءِ ۽ سواري رئيس جي ذمي هوندي هئي.

خيرانديش خان، اصغريءَ جي لکڻ موجب لاهور ويو، ۽ اصغريءَ جو خط مولوي صاحب کي ڏيکاريائين. مولوي صاحب نُنهن جوخط ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. هونئن شايد موڪل نہ بہ وٺي ها، پر هاڻي نُنهن سان صلاح مصلحت ڪرڻ جي شوق ۾ رئيس کان هڪ مهيني جي موڪل وٺي، خيرانديش خان سان گڏجي آيو.

اصغري جيئن تہ شاديءَ کان پوءِ سهري جي سامهون گهڻو نہ آئي هئي، تنهنڪري هينئر سهري کي ايندو ڏسي، حجاب سبب ماڙيءَ تي وڃي ويٺي. محمد ڪامل جي ماءُ حيرت ۾ هئي تہ مولوي صاحب ڪيئن اچي ويو.

مطلب تہ ڪائڻ پيئڻ بعد ڳالهيون شروع ٿيون. مولوي صاحب زال کي چيو تہ "مون کي تہ تنهنجي ننڍيءَ نُنهن گهرايو آهي. پوءِ سڀ حال خط جو ۽ خيرانديش خان جي اچڻ جو زال کي ٻڌايائين، ۽ چيائين تہ 'نُنهن کي سڏ ڪر.' "

سس ماڙيءَ تي ويئي ۽ اصغريءَ کي چيائين تہ "ڌيءُ! هل. لڄ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ تون تہ هن جي گود ۾ کيڏي آهين."

سس جي چوڻ تي اصغري اُٿي سائس گڏجي هلي، ۽ سهري کي نهايت ادب سان سلام ڪري، ويهي رهي.

مولوي صاحب چيس، "مائي آءٌ تہ فقط تنهنجي سڏائڻ تي آيو آهيان. تنهنجو خط ڏسي منهنجي دل گهڻو خوش ٿي. الله سائين شال تنهنجي عمر ۽ نيڪبختيءَ ۾ برڪت وجهي. اسان جي گهر جا وڏا ڀاڳ آهن، جو تون اسان ۾ آئينءَ. هاڻي مون کي پڪ ٿي آهي تہ هن گهر جا ڏينهن ڪجهہ ڦريا، ۽ هاڻ انشاء الله تعالي! انتظام تنهنجي مرضيءَ ۽ تنهنجي راءِ موافق ٿيندو."

مطلب تہ ٻہ چار ڏينهن تہ مولوي صاحب، جو ڪيترن ڏينهن کان پوءِ آيو هو، سو ماڻهن سان ملڻ ۽ ملاقاتين ڪرڻ ۾ ئي مشغول رهيو. پڇريا ٻہ چار ڏينهن تہ روزن رکڻ سبب گهر جي ڪم ڌانهن ڪو بہ ڌيان ڏيئي ڪونہ سگهيو.

# عظمت جي موڪلاڻي

مولوي صاحب هڪڙي ڏينهن ننهن کي گھرائي، پرسان ويهاريو ۽ نوڪرياڻيءَ عظمت کي سڏي چيائين ته "نوڪرياڻي! اسان هوندي سڀ حساب ڪتاب ڪري ڇڏ. جن جي ڏيتي ليتي آهي، سا سڀ لکراءِ. انهن کي ڪجهه ڏنو وڃي، ۽ باقيءَ جون قسطون ٺهرايون وڃن."

نوڪرياڻيءَ چيو ته "هڪڙي جو حساب هجي.ته آءٌ زباني به ياد رکان. واڻيو، ڪاپڙي، قاصائي، ڪچيءَ ياجي وارو، حلوائي ـ سڀني جو قرض آهي. هزاري مل جو حساب هڪ جُدا رقم آهي. انهن کي جيڪي ڏيڻو هجيوَ. سو مون کي ڏيو ته ڏيئي اچان. توهان جي نالي جمع ٿي ويندو."

مولوي صاحب ته سڌو سادو ماڻهو هو. ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو. مگر اصغريءَ چيس ته "هَيئن حساب ڪرڻ کان سواءِ ڏيڻ مان ڪهڙو فائدو! پهريائين هر هڪ جو قرض معلوم ٿئي، پوءِ ان کي سوچي، سمجهي ڏيڻ گھرجي."

نوڪرياڻيءَ ورندي ڏني ته "ڪم کان واندي ٿيان، ته آءٌ هر هڪ کان پڇي ٿي اچان."

اصغريءَ چيو، "پڇي اچڻ جو ضرور ڪونهي؟ جنهن کي وٺڻو آهي، سو هتي اچي حساب ڪري وٺي وڃي."

نوڪرياڻيءَ ورندي ڏني ته "بيبي! اوهان ته فقط ڳالهه ڪئي. پر آءٌ انهن کي ڪٿان ڪٿان سڏيندي وتان؟ هو ماڻهو پنهنجي ڪم ڌنڌي کان ڪٿي ٿا واندا ٿين، جو مون سان گڏجي هليا ايندا؟"

تنهن تي اصغريءَ چيو تہ ”عظمت! ڪو ڏهاڙيءَ ڏهاڙيءَ جو سڏڻ تورئي آهي: هي تہ فقط هڪ ڏينهن جي ڳالهہ آهي. وجي هڪڙي هڪڙي کي سڏي اچ! شام جي ڪاڏي جو پاٺهي بندوبست تي پوندو. تون اچ اِهو ڪم ڪر. ونڻ وارا، ملڻ جو نالو ٻُڌي ڊوڙندا ايندا. هزاري مل بہ ڪوہ پري ڪورٽ ۾ ويو تي، باقي هتي اچڻ لاءِ سندس پيرن تي ميندي لڳل ڪانہ آهي. پري ڪير آهي: ڪچيءَ پاچيءَ وارو، قاصائي، واٽيو، حلوائي. سڀيئي هن ئي ڳليءَ ۾ تہ آهن. فقط ڪپڙي وارو ۽ هزاري مل پري آهن. اهي سپاٽي تي رک. هي سنهو حساب اچ ئي صفا تي وجي.“

نوڪرياڻيءَ عظمت جي ڪنهن بہ طرح مرضي ڪانہ هئي تہ ڪو اهڙيءَ ريت حساب صفا ٿئي. پر اصغريءَ ڪيس ڳالهين ۾ اهڙو تہ دٻايو، جو ڪجهہ جواب ڏئي نہ سگهيس.

سڀني کان اڳ ۾ حلوائي آيو. ڪانئس پڇيو ويو تہ ”پائي! تنهنجو ڇا لهڻو آهي؟“

حلوائيءَ چيو، ”تيهہ روپيا.“

پڇيو ويو تہ ”ڪهڙي ڪهڙي شي تو وتان آئي؟ تيهہ روپيا تہ تمام گهڻا ٿو ٻڌائين.“

حلوائيءَ ڪکو وِکو ٿي چيو تہ ”تيهہ روپيا وڏيڪ نہ آهن. پندرهن روپين جي شي تہ هن ئي شب برات ۾ آئي. هڪ رقم ڏهہ سير کنڊ جي آهي.“

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، اڙي ڪهڙي کنڊ؟ هن دفعي تہ اسان جي گهر ۾ جو ڪجهہ رڌو پڪو، سو سڀ بازار مان روڪڙ پئسن تي آيو.

هي ٻڌي نوڪرياڻيءَ جو تہ رنگ ئي پيلو ٿي ويو. حلوائيءَ کي چوڻ لڳي، ”اِها ڏهہ سير کنڊ تو هنن جي حساب ۾ ڇو لکي؟ اها تہ ٻئي گهر لاءِ آڻي وئي هيس، ۽ تو کي سمجهايو بہ هوم.“

حلوائيءَ چيو، ”مون سان تہ تو ڪنهن بہ گهر جو نالو ڪونہ ورتو.

هن ئي گهر جي نالي ڪنڊ ورتي اٿئي. جي نه، ته مون کي ڪھڙو ضرور هو، جو ٻئي جي شي، هنن جي ڪنڌي لڪان؟ مون سان ته ٻئي ڪنهن به گهر جي اوڌار ڪانهي."

مطلب ته نوڪرياڻي اجايو گٽيون ڳالهيون ٻڪڻ لڳي.

مولوي صاحب ورندي ڏني، "پلا ڪنڊ جي رقم ته ڇڏ، باقي ٻيون شيون ٻڌاءِ. مطلب ته اهڙيءَ طرح تمام گهٽيون شيون ظاهر ٿيون، جي سچي عمر گهر ۾ ڪين آيون هيون. چار سير بالو شاهي، مولود شريف جي واسطي ٻڌايا ويا! مزو وري هيءُ، جو هتي ڪڏهن به مولود شريف جي مجلس نه ڪئي ويئي هئي!

مطلب ته ڇهه ست روپيا سچ نڪتا، ۽ باقي ٻيو سڀ ڪوڙ.

مولوي صاحب جو جيءُ ئي جلي ويو، ۽ ڪيس ڏاڍي ڪاوڙ آئي. پڇيائينس، "چو ڙي نمڪحرام عظمت! ائين ئي سچي جهان جو قرض تو هن گهر تي ڪري رکيو آهي؟ ۽ هيئن تو گهر کي خاڪ ۾ ملايو آهي؟"

حلوائي اُٿي ويو ته ياجيءَ وارو آيو. ان چيو ته "ميان! منهنجو ته معمولي حساب آهي. اٺ آنا ڏهاڙيءَ جي ياجي."

محمد ڪامل جي ماءُ چيس، "اڙي! هڪ سير ترڪاري منهنجي گهر ۾ اچي ٿي. اُها ائين آني ڏهاڙيءَ جي ٿي؟"

ياجيءَ واري چيو، "ماءُ منهنجي، منهنجي دڪان تان نوڪرياڻي ته ٽي سير ڏهاڙي آڻيندي آهي."

نوڪرياڻيءَ چيو، "هائو ٽي سير آڻيندي آهيان- هڪ سير تنهنجي نالي، هڪ سير پنهنجي ڌيءَ جي نالي ۽ هڪ سير ٻئي گهر جي واسطي. آءٌ ڇا انڪار ٿي ڪريان؟ هي مُئو وڙي سڀ اوهان جي نالي ٿو ٻڌائي."

ياجيءَ واري چيو، "اڙي پوڙهي بي ايمان! هميشه ڪان تون هن ئي گهرجي حساب ۾ ٽي سير آڻيندي رهينءَ. جڏهن پيسا مليا ٿي، ته سيني جا هن ئي گهر مان ٿي مليا."

اهڙي طرح قاصائيءَ ۾ واٽئي جو حساب ٿيو ته ان ۾ به هزارين نڳيون نڪتيون. ثابت ٿيو ته نوڪرياڻي هن ئي گهر جي سودي ۾ پنهنجي ڏيءَ خيراتڻ ۾ ٻن ٽن پاڙيوارين جا گهر پريندي هئي، ۽ هن ئي گهر جي ناليَ سودو وٺي ٻئي هنڌ وڃي وڪڻندي هئي. مطلب ته شام تائين سمورو ريزڪي حساب صفا ٿيو.

هاڻي فقط ڪپڙي وارو ۽ هزاري مل باقي رهيا.

مولوي صاحب چيو ته "هاڻي ٻئي وقت لاءِ ڇڏيو. سپاڻي ڏنو ويندو." ائين چئي، پوءِ وري آهستي چوڻ لڳو، "ائين نه ٿئي جو عظمت پڄي وڃي."

اصغريءَ ورندي ڏني، "گهر ٻار، ٻُٽ، جا يون ڇڏي ڪيڏانهن پڄي ويندي! هان شايد غيرت واري هجي ته ڪجهه..... ڪائي پي ڇڏي. مگر اهڙي غيرت هجيس ها، ته اهڙا ڪم ڇو ڪري ها! تڏهن به نظرداري ضرور آهي. ٻاهر ايندي ويندي ڪو ڏسندو رهيس ته چڱو آهي."

مولوي صاحب جا نوڪر، جي ساڻ آيا هئس، تن مان هڪڙي کي چُپ چاپ ۾ چيائين ته "نوڪرياڻيءَ کي ايندي ويندي ڏسندو رهه."

جڏهن ماني کائڻ کان واندڪائي ٿي، ته نوڪرياڻي چپ چاپ ۾ اٿي ٻاهر ويئي. نوڪر پُنيان پُنيان ساڻ ويس. نوڪرياڻي پهريائين ته پنهنجي گهر ويئي، ۽ اتان ڪجهه بغل ۾ هٽي، تير وانگر سڌي ڪپڙي واري جي گهر وڃي، ان کي سڏ ڪيائين.

ڪاپڙي ڏجي ٻاهر نڪتو، ۽ چوڻ لڳو، "بيبي! تون هن وقت ڪيئن آئي آهين؟"

عظمت چيو، "مولوي صاحب آيو آهي، جنهن جنهن جو قرض باقي آهي، سو سيني جو ليکو ٿئي ٿو. سپاڻي تون به گهرايو ويندين. مهرباني ڪري اهڙي ڳالهه نه ڪجانءِ جنهن ۾ منهنجي بدنامي ٿئي."

ڪاپڙيءَ چيو، "حساب ۾ تنهنجي بدناميءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟"

نوڪرياڻيءَ چيو، ”پيائي! تون ڄاڻين ٿو تہ هيءَ نياڻي لالچ تمام خراب هوندي آهي. مولوي صاحب جي حساب ۾ آءٌ پنهنجي لاءِ بہ تنهنجي دڪان تان ڪڏهن ڪڏهن هرڪ، ململ، وائلو، ڇيٽ وٺي ويئي آهيان.“

ڪاپڙيءَ چيس، ”مون کي ڪهڙي خبر تہ تون پنهنجي لاءِ ڇا وٺي ويئي آهين؟“

نوڪرياڻيءَ چيو، ”مون کي هن وقت حساب ڪرڻ جو تہ هوش ڪونهي، پر بہ ٿانءَ هرڪ ۽ ململ جا ۽ ڏهہ وال وائلي جا منهنجي حساب ۾ نڪرندا. هي وٺ منهنجي هٿ جون چار چوڙيون، سوزهن روپين جون آهن. ڳاٽ پيٽ ۾ هڪ روپيو گهٽ ٿيو هوندو. پندرهن روپيا منهنجي نالي سان گهٽ ڪري ڏي. پيا بہ چار روپيا جي منهنجي نالي جا نڪرندا، سي آءٌ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.“

ڪاپڙيءَ چيس، ”چوڙيون تون ڏين ٿي. خير، آءٌ ڪٽي وٺان ٿو. پر رات جو وقت آهي. بندي ڪاتو دڪان تي آهي، ڏسڻ ڪان سواءِ ڪيئن خبر پوندي تہ ڇا ويو آهي ۽ ڇا ملٽو آهي؟“

نوڪرياڻيءَ چيو، ”هن وقت منهنجي عزت تنهنجي هٿ ۾ آهي، جنهن طرح ٿي سگهي بچاءِ.“

ڪاپڙيءَ ڪان موڪلائي، سڌي هزاري مل جي گهر پهتي. هن بہ حيران ٿي پڇيو تہ ”مائي هن وقت تون ڪيئن آئي آهين؟“

عظمت چيو، ”تون وعدو ڪر تہ معاف ڪندين، تہ پوءِ توکي ڳالهہ چوان.“

هزاري مل چيو، ”ڳالهہ تہ ڪر.“

عظمت چيو تہ ”چار مهينا ٿيا، لاهور مان خرچ آيو هو، ۽ مولوي صاحب هڪ سو روپيا توکي موڪليا هئا. اُهي مون ڪان کپي ويا. مولوي صاحب جي گهر ۾ بہ خرف ڪان ظاهر نہ ڪيم. هاڻي مولوي صاحب آيو آهي، توکي حساب لاءِ گهرائيندو. آءٌ اهي پيسا پري ڏيندس، تون اها رقم ظاهر نہ ڪجانءِ.“

هزاري مل چيس تہ ”ٻن چئن روپين جي ڳالھہ هجي ها ، تہ آءٌ بہ لڪائي وٺان ها . هڪ سو روپيا تہ منھنجي لڪائڻ سان لڪي نٿا سگھن.“

نوڪرياڻيءَ چيو ، ”ڇا توکي سو روپين جو بہ مون تي اعتبار ڪونھي!“

هزاري مل چيس تہ ”صاف ڳالھہ هيءَ آهي تہ توتي هڪ ڪوڏيءَ جي بہ پَتِ ڪانھي. جن وٽ تون سڄي ڄمار پلينءَ، انھن سان تو هيءَ هلت ورتي، تہ ٻئي مان ڪڏهن گسڻ واري آسامي آهين؟“

عظمت چيو ، ”هائو ڀائي! جڏهن مصيبت سِر تي ايندي آهي، تہ پنھنجا بہ دشمن ٿي ويندا آهن. خير ، جيڪڏهن توکي اعتبار نہ آهي، تہ هي وٺ منھنجي ڌيءَ جا نورا ۽ ڪڙيون.“

هزاري مل چيو ، ”ها ، هيءَ وهنوار جي ڳالھہ آهي. پر ، ڏينھن هجي ، تہ مال پرکي وٺجي ، ۽ معلوم ڪجي تہ ڪيتري جو مال آهي. اٽڪل سان تہ سڀ مال پنجاهہ سٺ جو ٿيندو.“

عظمت چيو ، ”اي ڀائي! اهڙو تہ غضب نہ ڪر. هاڻي چار مھينا ٿين، جو ٻئي داڻا ٺهرايا هئم. سو ، سوا سو ، جي ملھہ جا آهن.“

هزاري مل جواب ڏنس ، ”هن ۾ چڙڻ جي ڪھڙي ڳالھہ آهي؟ تنھنجي شي سَوَ جي هجي يا ٻن سَوَن جي ، ڪو ڪڏي تہ ڪونہ ٿو وڃي؟ تورائڻ سان جيتري جي بيھندي ، سو معلوم ٿي ويندو.“

اهو سڀ بندوبست ڪري، نوڪرياڻي گھر موٽي آئي. هوڏانھن مولوي صاحب جي نوڪر ڪيس زورن ڏيڻ وقت ، هي سڀ حال بيان ڪري ٻڌايو ، ۽ محمد ڪامل جي ماءُ جي وسيلي اصغريءَ کي معلوم ٿي ويو.

صبح ٿيندي ئي ڪاپڙي ۽ هزاري مل گھرايا ويا . ليڪن ۾ ڪجھہ ثابتيءَ جي ضرورت ٿيڻ لڳي. نوڪرياڻي اَڪري ٿي، بَر بَڙ ڪري ڳالھائڻ لڳي.

ڪاپڙيءَ چيس، ”پوڙهي! ڇا تي ٿي بَڙ بڙ ڪرين؟ ڪڻ هي پنهنجون چوڙيون، تون تہ پندرهن روپين جون ٿي چوين، بازار ۾ ڏهن روپين جون ٿيون آهن.“

پوءِ هزاري مل نورا ۽ ڪڙيون ڪيدي، سامهون رکيس، ۽ عظمت کي چيائين، ”نہ مائي! هي مال اسان جي ڪمر جو نہ آهي.“

مولوي صاحب، ڪاپڙيءَ ۽ هزاري مل ٻنهي کان پڇيو تہ ”چو پائي! هي کهڙيون شيون آهن؟“

تڏهن ٻنهي راتوڪي سموري ڳالهہ ڪري ٻڌايس. ان وقت عظمت جي منهن تي چٽڪ لڪ پادر وسي رهيا هئا.

جڏهن ليکو صفا ٿي ويو، تڏهن مولوي صاحب ڏيڻ لاءِ پيسا ڪڍيا. جيترو واجبي هو، ان جي اڌ اڌ رقم سيٺني کي ڏنائين، ۽ چيائين، ”مون لاهور مان پيسا گهرايا آهن، پنجن، ڏهن ڏينهن ۾ اچي ويندا. پوءِ توهان جا باقي پيسا بہ چڪتو ڪري ڏنا ويندا.“

آخر سيٺني لهٽيدارن پڇيو تہ ”نوڪرياڻيءَ جي پاسي جيڪو اسان جو لهٽو نڪتو اهو اسان ڪنهن کان وٺون؟“

هي ڳالهيون ٿي رهيون هيون تہ محمد مسلم مڪتب کان ويندي هتان اچي نڪتو، ۽ هيءَ ڳالهہ ٻڌندو ويو. اتي وڃي تماشا خانم کي چيائين تہ ”اڄ تہ وڏي ادي! اصغري خانم جي در تي ماٺهن جو وڏو ميڙ گڏ آهي. سندس سهرو سيٺني سان ليکو ڪري رهيو آهي.“

تماشا خانم ٻڌڻ شرط ڏوليءَ تي چڙهي اچي پهتي. لهڻ سان اصغريءَ کي ڏوارپو ڏنائين، ”اڙي، چو تو مون کي ٻڌايو بہ نہ تہ ڇا پيو وهي واپري.“

اصغريءَ چيس، ”اڄا تہ ليکو هلي رهيو آهي؛ هي بکيڙو ٿي وڃي ها، تہ پوءِ توکي ٻڌايان ها.“

مطلب تہ، مولوي صاحب ماٺهن کي چيو، ”جيڪي بہ نوڪرياڻيءَ کان وٺڻو اٿوَ، اهو ڪانئس وٺو.“ ۽ عظمت ڏانهن منهن ڪري چيائين تہ

”مائي! هنن جا پيسا ادا ڪر.“

عظمت اڪيون هيٺ ڪري چوڻ لڳي ته ”مون وٽ ڏيءَ جا زيور آهن، انهيءَ ۾ هي ماڻهو پنهنجو پنهنجو حساب سمجهي وٺن.“

ڏيٽس جا ته سيئي زيور اڌبها ۾ پاڇيءَ واري، قاصائيءَ، واڻئي ۽ ڪاپڙيءَ جي حساب ۾ پورا ٿي ويا، ۽ هزاري مل جي سؤ رپين لاءِ، رهڻ واريءَ جڳهه جي ٽُڪري گروي رکٽي پيس. لکپڙهه پڪي ڪاغذ تي، چئن چڱن ماڻهن جي شاهديءَ سان ٿي ويئي.

مولوي صاحب عظمت کي چيو، ”بس، هاڻي تون خير سان موڪلاءِ. تو جهڙيءَ نمڪحرام، نڳ ۽ بي ايمان جي اسان جي گهر ۾ ڪا به ضرورت نه آهي.“

اصغريءَ پنهنجي سهري کي چيو ته ”هن ۾ نمڪحراميءَ کان سواءِ هڪ صفت بي به موجود آهي. اها هيءَ آهي ته گهر ۾ فساد وجهڻ جي فڪر ۾ هئي.“ عظمت کي چوڻ لڳي، ”ڪيئن اها ڪڙهائيءَ جي ڳالهه ياد اٿيئي نه؟ جو محموده جي پاءُ حڪم ڏنو هو، ۽ تو منهجي پاران وجي ڪوڙ ڳالهايو هو ته ”نُنهن اصغري چوي ٿي ته منهنجي مٽي ۾ سور آهي!“ ڳالهاءِ ته سهي، ڪڏهن تو مون کي چيو هو، ۽ ڪڏهن مون مٽي جي سور جو عذر ڪيو هو؟“

عظمت چيو، ”بيبي! تون ماڙيءَ تي قرآن پڙهي رهي هئينءَ، آءٌ چوڻ لاءِ مٿي آيس، توکي پڙهندي ڏِسي پوئين پيرين موٽي آيس.“

اصغريءَ چڙب ڏيندي چيس: ۽ مٽي جي سور جي ڳالهه دليان ناهيئه؟“

عظمت ڪنڌ هيٺ ڪري جواب ڏنو، ”مون ويچار ڪيو ته صبح کان هن وقت تائين تون پڙهي رهي آهين. هاڻي ڪٿي وجي چُلهه ۾ مٿو کپائيندينءَ.“

انهي ڳالهه کي اتي ڇڏي، اصغري خانم پڇيس، ”پلا حضرت ابا جان ڏانهن وڃڻ جي ڳالهه تو ڪهڙي مطلب سان چئي هئي؟ مون تو سان

صلاح ڪئي هئي، يا تو مون.کي چوندو ٻڌو هو؟"

عظمت کي ان جو ڪجهہ بہ جواب نہ آيو.

وري اصغريءَ اشتهار ڪڍي، مولوي صاحب جي اڳيان رکيو، ۽ چيائين تہ "ڏسو، هي بيبي عظمت هنن گُڻن جي مالڪياڻي آهي. پاڻ ئي وڃي محلي جي ڦاٽڪ تان اشتهار لاهي آندائين، ۽ اسان جي گهر تي هنيائين. پوءِ خود اما جان منهنجيءَ سس، کي چوڻ لاءِ ڊوڙي ويئي

اصغري هي ڳالهيون ڪري رهي هئي، ۽ هوڏانهن مولوي صاحب جو مُنهن ڳاڙهو ٿيندو ٿي ويو. ٻئي طرف وري تماشا خانم ڏند ڪرٽي رهي هئي.

مولوي صاحب چيو تہ "توکي ڪڍي ڇڏڻ ڪافي ناهي. تون وڏي ڪميٽي عورت آهين." ائين چئي پنهنجي نوڪر کي سڏ ڪيائين، ۽ چيائينس تہ "بهادر! هن ناپاڪ پليد کي پوليس ٿاڻي تي وني وڃ ۽ خط ۾ هن جو سڀ حال اسان توکي لکي ٿا ڏيون."

اصغريءَ مولوي صاحب کي چيو، "بس هن کي جيڪا سزا ملڻي هئي، سا ملي ويس؛ پوليس ٿاڻي کان هن کي معافي ڏيو. نوڪرياڻيءَ کي اشارو ڪيائن تہ "وڃ." ۽ پوءِ دروازي تائين نوڪرياڻيءَ سان گڏجي ويئي.

مطلب تہ نوڪرياڻي عظمت پنهنجن ڪرتوتن جي ڪري هتان هڪالي ڪڍي ويئي. گهرپهتي تہ ڏيٽس بلا وانگر چنبڙي ويس. چي، "آءٌ توکي نہ چوندي هيس تہ اما! ههڙي لُٽ نہ مچاءِ: سؤ ڏينهن چور جا، تہ هڪ ڏينهن ساڌ جو: ائين نہ ٿئي جو ڪنهن ڏينهن پڪڙجي پوين. تو ڪنهن جي نہ مڃي؟ چڱو ٿيو، جهڙو ڪيئي، تهڙو مليئي. هاڻي ساهرن ۾ منهنجو نالو تہ بد نہ ڪر. جيڏانهن تنهنجو خدا توکي ڪڍي، اوڏانهن هلي وڃ. منهنجي گهر ۾ تنهنجو ڪم ڪونهي. زيورن تان مون هٿ ڪنيو. نصيب ۾ هوندا، تہ موٽي ملندا."

اهڙيءَ طرح خدا خدا ڪري، اصغريءَ پنهنجي دشمن کي ڪڍي ڇڏيو، ۽ پنهنجي گهر کي ان جي عذاب کان ڇڏايائين.

# عظمت کان پوءِ

جڏهن عظمت جو فيصلو ٿي ويو، ته اصغريءَ پيءُ وٽ وڃڻ جي وري موڪل گهري، ۽ رضا خوشيءَ سان موڪلائي ماءُ جي گهر آئي. هڪ هفتو برابر هتي رهي، ۽ جنهن به ڳالهه ۾ پيءُ کان صلاح ونٽي هُيس، اُها سڀ صاف ڪيائين.

پٽس پڇيس ته ”عظمت نڪري ويئي؟“

اصغريءَ چيو ته ”سڀ ڪم اوهان جي صدقي خير سان پورو ٿيو. نه ادو لاهور وڃي ها، نه ابا جان اچي ها، نه هي ورهين جو ليکو صاف ٿئي ها، ۽ نه عظمت نڪري ها.“

خانصاحب پڇيس ته ”هاڻي، گهر جو انتظام ڪهڙيءَ طرح ٿيندو؟“

اصغريءَ جواب ڏنو ته ”نوڪرياڻيءَ جي نڪرڻ شرط آءٌ هيڏانهن هلي آئي آهيان. هاڻي انتظام ڇا ڏکيو آهي؟ انهيءَ عظمت جي خرابي هئي. هاڻي ڏسي وائسي، سوچي سمجهي، آءٌ پاڻ سڀ درست ۽ سهڻي انداز ۾ پورو ڪندي رهنديس.“

خانصاحب چيس، ”پيون ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون تو گهر ۾ نيون ناهيون يا رٿيون آهن.“

اصغريءَ چيو ته ”اجا مون گهر ۾ ڪجهه به ڪين ڪيو آهي، ۽ وري ان لاءِ ڪجي، سنو ٿيو ويچاريو اٿم. مُنڍ کان عظمت جو جهڳڙو پيش اچي ويو. هاڻي البت ارادو آهي ته هر هڪ ڳالهه سوچان ۽ ان جي انتظام جو جتن ڪريان. اڳتي انشاء الله تعاليٰ اوهان کي خط رستي خبر ڏيندي رهنديس.“

خانصاحب نڪاح کان پوءِ اصغريءَ جي ڏهه روپيا مهيني ۾ خرچي مقرر ڪري ڇڏي هئي. اصغريءَ کان پڇيائين، ”جيڪڏهن توکي خرچ جي

تڪليف رهي ٿي تہ آءٌ ڪجھہ پيسا توکي ڏيندو وڃان."

اصغريءَ ورندي ڏني، "اهي ڏھہ روپيا منهنجيءَ ضرورت کان گهٽا آهن. بلڪ اڄ تائين جا سيئي پيسا مون وٽ گڏ ٿيا رکيا آهن. زياده وٺي آءٌ ڇا ڪنديس؟ جڏهن ضرورت پوندي، تہ آءٌ پاڻ اوهان کان گُهري وٺنديس."

مطلب تہ پيءُ کان اصغري موڪلائي خير سان موٽي پنهنجي گهر آئي.

ساهرن ۾ اچي ڏٺائين تہ سس چلهہ ۾ باهہ ڦوڪي رهي آهي. اصغريءَ حيرت مان پڇيو، "اڃا تائين ڪا بہ نوڪرياڻي نہ رکي ويئي آهي؟"

سس چيس تہ "نوڪريءَ لاءِ تہ ڪيتريون عورتون آيون، پر پگهار ٻڌي همت نٿي ٿئي تہ ڪنهن کي نوڪرياڻي ڪري رکجي. عظمت ٻچڙي هئي، پر ٻن روپين مهيني تي پنجويهہ سالن تائين انهيءَ نوڪري ڪئي. هاڻي جيڪا نوڪرياڻي ٿي اچي، سا پنجن روپين ۽ مانيءَ کان گهٽ جو تہ نالو ئي نٿي وٺي. آءٌ تنهنجي اچڻ تائين ترسي ويٺي هيس."

اصغريءَ چيو تہ "هڪڙي نوڪرياڻي منهنجيءَ نظر ۾ بہ آهي، پر پگهار اها بہ وڏيڪ ٿي گهري. ڪفايت النساء جي ننڍي ڀيڻ، ديانت النساء - رڌڻ پچائڻ، سبڻ، سيکجھہ ڄاڻي ٿي. هڪ دفعي ڪفايت النساء چيو هو تہ 'ڪا چڱي جڳھہ هجي تہ ديانت النساء نوڪري ڪرڻ لاءِ حاضر آهي.' "

محمد ڪامل جي ماءُ چيس، "هوءَ ڇا پگهار وٺندي؟"

اصغريءَ چيو تہ "هوءَ تہ پنهنجي زبان سان پنج روپيا ۽ ماني گهري ٿي، پر سمجهائڻ سان شايد چئن روپين تي راضي ٿيندي."

محمد ڪامل جي ماءُ چيس تہ "چار روپيا ۽ ماني ڏيٺي اٿو، تہ دروازي تي پوند پٽياري جي زال چُنيا جي ماءُ منٿون ٿي ڪري."

اصغريءَ چيو، "چُنيا جي ماءُ چئين آنين مهيني تي بہ نہ رکجي."

محمد ڪامل جي ماءُ چيس ته ”چو؟“

اصغريءَ چيو، ”پاڙي ۾ رهڻ واري نوڪرياڻي چڱي نه آهي. اک بچائي، جيڪا به شي وٽيس سا ڪٽي پنهنجي گهر ۾ وڃي رکي ته ڪير روڪيس! جڏهن گهر سان گهر مليل آهي، ته گهڙيءَ گهڙيءَ چُنيا جي ماءُ پنهنجي گهر ويندي، ۽ شايد رات جو به پنهنجي گهر رهندي.“

محمد ڪامل جي ماءُ چيس ته ”بخشوءَ جي زال پنهنجي ڌيءَ زلفڻ لاءِ مون کي ڪيترا دفعا چيو آهي. زلفڻ ته سيّد فيروز جي بنگلي ۾ رهي ٿي.“

اصغريءَ پڇيو، ”اها زلفڻ نه، جيڪا خوب ٺهي ٺُڪي رهندي آهي؟“

محمد ڪامل جي ماءُ چيس، ”ٺهي ٺڪي ڇا رهندي آهي. نئين شادي ڪيل اٿس، انهيءَ ڪري ڪپڙي لٽي جو ذرا شوق اٿس.“

اصغريءَ چيو ته ”اهڙي ٺنڊ ٺوپيءَ واري نوڪرياڻي به رکڻ نه گهرجي.“

محمد ڪامل جي ماءُ چيو ته ”خود زلفڻ جي ماءُ به نوڪري ڪرڻ لاءِ راضي آهي.“

اصغريءَ چيو، ”ان سان وري هڪڙو پيچ به ڳنڍيل آهي ـ ننڍي ڌيءُ به ساڻ اٿس. اها هڪ گهڙي به ماءُ کي نٿي ڇڏي. پوءِ نالو ته هڪ ماڻهوءَ جو هوندو، ۽ ڪائينديون به ڇٽيون، ۽ ڪم جو زيان تنهن کان سواءِ.“

محمد ڪامل جي ماءُ چيُو ته ”پيو ته ڪو به ماڻهو منهنجي خيال ۾ نٿو اچي.“

اصغريءَ چيو ته ”ڏسو، آءٌ انهيءَ ديانت النساء کي گهرائينديس.“

سس وراڻيو ته ”پگهار جو ڇا ٿيندو؟“

اصغريءَ چيو ته ”ايماندار ماڻهو ته گهٽ پگهار تي ملڻ مشڪل آهي. انهن ماڻهن کي ٻن بدران چار ڏيڻ چڱو آهي، پر عظمت جهڙيءَ کي اٺ آنا ڏيئي، گهرُ لٽائڻ منظور نه آهي. اها چوٽي سچ آهي ته ’گران

بحڪمت ارزان بعلّت' -يعني مهانگي شَي سستي ٿئي ٿي، بشرطيڪ ان ۾ ڪا حڪمت موجود هجي؛ پر سستي شَي عيب واري ظاهر ظهور مهانگي سمجھڻ گھرجي."

ان وقت جو ڪاڏو تہ سس ۽ نُنهن ٻنهي گڏجي رڌيو پچايو. ماني ڪائڻ کان پوءِ اصغري، محموده کي سباڻ وٺي، مٿي ماڙيءَ تي هلي ويئي. جيستائين مولوي صاحب رهيو پيو هو، تيستائين اصغري ماڙيءَ تان لهڻ گھٽو گھٽائي ڇڏيو. هو فقط صبح ۽ شام هيٺ لهندي هئي. بلڪ محموده کي بہ منع ڪئي هئائين تہ "هر وقت هيٺ نہ ويندي ڪر."

محموده تہ ڇوڪري هئي، انهيءَ پڇيو تہ "پياري! ڀاڄائي ڇو؟"

اصغريءَ چيس تہ "وڏن جي سامهون هر وقت گھمڻ ڦرڻ نہ گھرجي."

ماني ڪائڻ کان پوءِ گھر جي حساب ڪتاب ۾، مولوي صاحب ۽ سنڌيس زال جي وچ ۾ گفتگو ٿيڻ لڳي. زال کي شڪايت هئي تہ "تون خرچ تمام ٿورو ٿو ڏين. هتي شادي وهانءُ، ڀائپيءَ جو ڏيڻ وٺڻ، آيو ويو، عيد برات، سڀ مون کي ڪرڻا پون ٿا."

مولوي صاحب چوڻ لڳو تہ "پنجاهہ روپيا مهيني ۾ ٿورا نہ آهن، توهان کي انتظام جو ڍنگ ڪونهي، انهيءَ ئي سبب کان گھر ۾ بي برڪتي رهي ٿي." ايتري ۾ مولوي صاحب محموده کي سڏيو. محموده آئي، تہ چيائينس، "پنهنجيءَ ڀاڄائيءَ کي سڏي اچ!"

اصغري گھرائڻ جي خبر ٻڌي حيران ٿي ويئي تہ هن وقت ڇو گھرايو اٿن! محموده کان پڇيائين تہ "ڇا ٿي رهيو آهي؟"

محموده چيو تہ "ڳالهيون ٿِي رهيون آهن."

اصغري آئي تہ مولوي صاحب چيس، "ڇؤ پُٽ! هاڻي انتظام ڪير ڪري؟"

اصغريءَ ڪمال ادب سان جواب ڏنو، "اما صاحبہ جن ڪن، جهڙيءَ طرح هن وقت تائين ڪنديون رهيون آهن."

مولوي صاحب چيو تہ : "انهن جي انتظام جو نتيجو تہ ڏٺوَ. پنجاهہ

روپيا مهيني ۾ جنهن گهر ۾ اچن ٿا، ان گهر جي هيءَ حالت آهي، جو نه ڍڪڻ جو ڪو ٺانءُ آهي، نه وري عزت جي ڪا شي. جيڪڏهن ڪنهن وقت هڪ چمچو شربت جو گهرجي، ته خدا گهريو ته سڄي گهر ۾ ڳولبو ته نه نڪرندو.

اصغريءَ چيو، اما صاحب جو ان ۾ ڪهڙو ڏوهه آهي؟ عظمت نامراد گهر کي خراب ڪيو هو."

مولوي صاحب چيو ته "هن ۾ انتظام جو عقل هجي ها، ته عظمت کي ڪهڙي طاقت هئي. عظمت نوڪرياڻي هئي يا گهر جي مالڪياڻي سني؟"

اصغريءَ چيو، "پنجويهن ورهين جو جهونو ماڻهو، جڏهن لٽڻ تي چيلهه ٻڌي بيهي، ته ان جي ٺڳيءَ کي ڪير ٿو جاڃي سگهي؟ اهڙي جهوني ماڻهوءَ ڏي ته گمان به ٿي نٿو سگهي."

مولوي صاحب چيو ته "تو کي آخر گمان پيو يا نه پيو؟ اصغري نهايت ڏاهپ سان جواب ڏنو ته، "مون کي ڪهڙو گمان پيو؟ سندس ئي شامت هئي، جو دعويٰ جي ڳالهه چوري، سُتل ڏينهن کي جاڳايائين."

ايتري ۾ سس چيو ته "نوي روپين مان، توهان پنهنجي هڪڙي سر لاءِ چاليهه روپيا رکو، ۽ هيتري ڪٽنب لاءِ پنجاهه روپيا؟"

مولوي صاحب چيو، "گهر جو خرچ ۽ ٻاهر جو خرچ ڪٿي برابر ٿي سگهي ٿو؟ تو ته مون کي اڪيلو سمجهيو آهي، پر نوڪر، سواري، جاءِ، ڪپڙو لٽو؟

زال چيس ته "سواري ۽ جاءِ ته زميندار ڪان توکي ملن ٿيون."

مولوي صاحب جواب ڏنس ته، "گهوڙو ته مليو، باقي داڻو، گاهه ته مون کي پنهنجيءَ ڳنڍ مان ئي ڪارائڻو پوي ٿو. پنجن روپين جو سئيس، گهوڙي لاءِ نوڪر، ۽ جاءِ جي مرمت، وري زميندار ۽ خاندان جي لائقيءَ تي ڏيڻ وٺڻ. هزار بکيڙا آهن: توکي بنهه خبر ڪانهي ته پرديس ۾ آءٌ ڪهڙي طرح گذران ٿو ڪريان."

اصغري سس ڏانهن نهاري ورندي ڏني، "اما صاحب! روپين تي

تڪرار ڪرڻ مان ڇا فائدو؟ جيترو ملي ٿو هزار شڪر آهي. خدا ابا جان جي ڪمائيءَ ۾ برڪت وجهي، هي پنجاهه روپيا به هزار برابر آهن."

سس چيو، "ڏيءُ! مون ڪان ته پنجاهه روپين مان گهر نٿو هلي."

اصغريءَ اشاري سان سس کي روڪيو ۽ مولوي صاحب کي چيائين ته "اوهان چاهي پنج روپيا پيا به گهٽ ڏيو، پر جو ڪجهه ڏيو، سو مهيني سر مهيني ملندو رهي. جڏهن وقت تي نه هوندو آهي، ته قرض وٺڻو ٿو پوي، ۽ قرض وٺڻ سان گهر جي رهيل سهيل برڪت به هلي وڃي ٿي."

مولوي صاحب جواب ڏنو ته: خانگي نوڪرين ۾ پگهارن ڏيڻ جي باقاعدگيءَ جو دستور بنهه خراب آهي. ڪڏهن ڇهين مهيني ورهاست ٿئي ٿي، ته ڪڏهن وري ٻارهين مهيني ملندو آهي. انهيءَ سبب ڪان ماهوار خرچ جو انتظام ٿي نٿو سگهي. پر تنهن هوندي به هزاري ملي چئي ويندس ته هو مهيني سر مهيني اوهان کي پنجاهه روپيا ڏيندو رهندو."

اصغريءَ چيو ته، "واٽيو پيسا ڏيندو، ته اوهان ڪان انهن جو وياج گهرندو؟"

مولوي صاحب جواب ڏنو ته، "وياج ڇا جو وٺندو؟ اسان جي زميندار سان به سندس ڏيتي ليتي آهي، اتان حڪم ڏياري موڪلبس."

اصغريءَ چيو ته "پوءِ ان جي پرواهه نه آهي."

مطلب ته پنجاهه روپيا پگهار مقرر ٿي ويو، پر محمد ڪامل جي ماءُ کي ناپسند هو، ۽ ٻاهر وڃي اصغريءَ سان گلا ڪيائين.

اصغريءَ چيس ته "گهر ته پنجاهه روپين ۾ انشاء الله تعاليٰ آءٌ هلائيندس، ان جو اوهين ڪو به فڪر نه ڪريو. باقي مولوي صاحب جن ته سچ پچ چاليهن روپين کان گهٽ ۾ پنهنجي لياقت نيڪ نٿا رکي سگهن- خانگي نوڪريءَ ۾ پهرين ته مٿان آمدنيءَ جو ڪو به رستو ڪونهي، ۽ جي آهي ته مولوي صاحب جن ڇو وٺن. مولوي صاحب جن پاڻ تڪليف ۾ رهن ۽ پنج ڏهه روپيا گهر ۾ وڌيڪ اچن، ته اهو مناسب نه آهي."

هي ٻڌي سس چپ ٿي ويئي."

•

# اصغريءَ جو گهرو انتظام رکڻ ۽ پنهنجي مڙس کي سڌارڻ

اصغريءَ، ديانت النساء کي گهرائي ورتو، ساڻس ڳالهائي ٻولهائي چئن روپين ۽ مانيءَ تي راضي ڪيائينس، ۽ سمجهايائينس ته ”ديانت النساء! خبردار! ڪابه ڳالهه اهڙي نه ٿئي، جو تنهنجي پت ۾ فرق پوي. جيئن تنهنجي وڏي ڀيڻ قبله ابا جان جي گهر ۾ رهندي آهي، اهڙيءَ طرح تون به رهه.“

ديانت النساء چيو، ”بيبي! خدا انهيءَ گهڙيءَ شل موت ڏئي، جو پرائي مال ۾ اکيون وجهان. ضرورت هوندي ته گهري کائينديس، حڪم کان سواءِ لوڻ چکڻ به حرام سمجهنديس.“

عيد کان ٻئي ڏينهن تي مولوي صاحب جن خير ساڻ لاهور روانا ٿيا. اصغريءَ گهربل سڀ شيون هڪ ئي وقت گهرايون. هوءَ هميشه موسم مطابق سهانگائي ڏسي، ٻڌيون شيون وٺي رکندي هئي. مرچ، بصر، داڻا، ان، داليون، چانور، کنڊ، ڪانيون، چيٽن جا تڦ، پتاتا، اروي پاچي، گوگڙو، هربو، سوئن جو ساڳ- مطلب ته هر شي مناسب وقت تي خريد ڪري وٺندي هئي.

گهر ۾ نوڪرياڻيءَ سميت پنج ماڻهو هئا. ٻنهي وقتن لاءِ ٣ پاءُ گوشت ايندو هو. ديانت، ان ۾ ٻن قسمن جو طعام تيار ڪري وٺندي هئي. ڪڏهن گوشت ۽ سادي پاچي، ڪڏهن اڌ مان ڪباب ۽ هڪ ڏينهن تي دال، ۽ ستين ڏينهن پلاءُ ۽ مٺن چانورن جو دستور هوندو هو.

اصغري خانم چا ڪيو، جو گهر ۾ ٻن ٽن قسمن جي چٽڻيءَ - ڪا چاشني دار، ڪا سرڪي جي عرق ۾، ته ڪا سرڪي جي- مطلب ته ٻن چئن قسمن جو مربو ٺاهي رکيائين. ان کان سواءِ ڏاڙهن جو شربت، ليمن

جو شربت، شڪنجبين جو شربت، شربت بنفشو، شربت نيلوفر، شربت ڦارون جو به هڪ هڪ شيشو ناهي رکيائين.

هر طرح جو ضروري سامان گهر ۾ موجود رهندو هو. انهيءَ سامان هوندي به پنجيتاليهن روپين کان زياده خرچ ڪونه ٿيندو هو. پنج روپيا جي بچندا هئا، انهن مان پنجن ڇهن مهينن ۾ وڏا وڏا پنجسيرا ۽ ڏهسيرا به ديڳڙا، هڪ طشتري، ڪجهه ننڍا چمچا، به چئنريون، هڪ عدد چاءِ جا سڀ ٿانءَ ڪوپ، ساسر، چاٽيءَ، ڪتلي وغيره ـ انهيءَ قسم جون شيون خريد ٿيون؛ به صندوقون نهرايون ويئون، به الماريون ـ هڪ رڌڻي ۾ هڪ سامان جي ڪوٺيءَ ۾؛ ويهڻ جون صندليون پراڻيون هيون، اهي درست ٿيون؛ به پلنگ تيار ٿيا. مطلب ته اصغريءَ انهن پنجاهه روپين ۾ گهر کي اهڙو چمڪايو ۽ سينگاريو، جو گهر ۾ گهڙڻ سان ڏاڍي سونهن معلوم ٿيندي هئي. سڀ شَي ۾ ڪفايت، ۽ سڀ شَي ۾ انتظام کي پورو پورو بحال رکيائين.

عظمت جي ڏينهن ۾، هميشه محمودہ لاءِ آني ٻن جو سودو بازار مان ايندو هو. دسترخوان ۾ ته ڪڏهن مانيءَ جو ڀُيو به نه بچندو هو ـ هاڻي ٻِئي وقت به چار مانيون دسترخوان ۾ رهڻ لڳيون. ڪڏهن ڀُڳل گوشت مان محمودہ لاءِ به ٻوٽيون ڪڍي رکيائين، ڪڏهن هڪ چپٽي کنڊ جي ڪيس ڪڍي ڏنائين، ڪڏهن مربي جي هڪ ڦار هن کي ڏني ويئي. اهڙيءَ طرح محمودہ لاءِ ڏهاڙيءَ جي منائي ونڻ بند ٿي، ۽ ڪنهن ڏينهن اتفاق سان محمودہ جي دل گهريو ته هن لاءِ ڪجهه گُهرايو ويو.

هن گهر مان فقير کي ڪڏهن هڪ چپٽي اٽو يا اڌ ماني به نه ملي هئي، هاڻي ٻئي وقت هڪ ماني، فقير کي به ڏني ٿي ويئي. گهر ۾ جيڪو سامان هو، سو نهايت خراب ڍنگ سان گند ڪچري وانگر پيو هوندو هو، هاڻي هر هڪ شَي ٽانيڪي ٿي. ڪپڙن جون هڙون آهن ته چڱيءَ طرح تَه ڪري ترتيب سان ٻڌل آهن. اناج ۽ پاٽي ڪونين ۾ خبرداريءَ سان ڍڪيل آهي. برتن صاف ۽ سنا، پنهنجيءَ جاءِ تي رکيل آهن ـ چينيءَ جا جدا، ٽامي جا جدا. چڻ ته گهر هڪ مشين واري ڪَلَ هئي، جنهن جون سڀ

ڪلون پرزا سڀ پورا ، ۽ ان ڪَلَ جي ڪنجي اصغريءَ جي هٿ ۾ هئي؛ جڏهن چاهي ڏنائين، تہ ڪَلَ پنهنجي دستور موجب هلڻ لڳي.

آهستي آهستي ٻہ ٻہ، چار چار روپيا بچندا رهيا. اصغري انهن کي امانت وانگر جدا گڏ ڪندي ويئي. جڏهن کان اصغريءَ گهر جو بندوبست پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو، تڏهن کان ونئي قرض وٺڻ بند ٿي ويو. ٻُلئي بہ پئسي پائيءَ جي ڪا شيءَ بازار مان اوڌر تي نہ آئي.

اصغري گهر جو سڀ حساب هڪڙي ڪتاب تي لکندي رهندي هئي. جڏهن ڪا بہ شَي ختم ٿيڻ تي آئِي، ۽ ديانت النساء اطلاع ڏنو تہ "بيبي! گيهہ باقي ٻن ڏينهن جو آهي" تہ اصغريءَ پنهنجو ڪتاب ڪڍي ڏنو تہ ڪهڙيءَ تاريخ تي ڪيترو گيهہ آيو هو ۽ ڪيترن ڏينهن جي حساب سان خرچ ٿيو. جيڪڏهن ڪا شي بنا حساب خرچ ٿيل ڏٺي ويئي تہ ديانت النساء کان سبب پڇيائين. مجال نہ هئي، جو ڪنهن بہ شي ۾ اجايو خرچ ٿئي، ۽ بنا حساب شي وڃي. پيهڻ واري جي پيسائي؛ ۽ ڌوٻڻ جي ڌنارٽيءَ تائين اصغريءَ جي ڪتاب ۾ لکيو ويندو هو.

جڏهن هر هڪ شي جو قاعدو ٺهي ويو ۽ انتظام ٿي ويو، تڏهن اصغريءَ ٻين ڪمن ڏي رخ رکيو. محمد ڪامل پڙهندو لکندو تہ هو، پر اهڙيءَ اڻنگائي سان ۽ شوق کان سواءِ، جهڙيءَ طرح آزاد ۽ خود مختيار ڇوڪرا پڙهندا آهن. پٽس ٻاهر رهندو هو. محمد عاقل اگرچ وڏو ٻاءُ هوس، پر ٻنهي ڀائرن ۾ فقط اڍائن سالن جي وڏ ننڍائي هئي. محمد ڪامل تي هن جو اَثر گهٽ هو. صبح ۽ شام سبق بہ پڙهندو هو، ۽ هڪ جيڏن ڇوڪرن ۾ تاس، شطرنج ۽ چوپڙ رانديون بہ کيڏندو هو. ڪيترا دفعا راند ۾ مشغول هوندو هو، تہ پهر پهر رات گذرڻ بعد گهر ايندو هو. اصغريءَ کي هيءُ حال معلوم هو، پر موقعو ڳوليندي هئي تہ ڪيس اهڙي ڏانو سان چوڻ گهرجي، جو ناپسند نہ لڳيس.

هڪڙي ڏينهن، گهڻي رات گذرڻ کان پوءِ، محمد ڪامل آيو. شايد راند کٽي آيو هو، تنهنڪري خوش هو. اچڻ سان ئي ماني گهريائين. ديانت النساء پوڙ گرم ڪرڻ لاءِ ڊوڙندي ويئي. محمد ڪامل سمجهيو تہ

هاڻي پڇائي رهي آهي. پڇيائين تہ ”مائي! اجا تنهنجي هنديءِ چلهہ تان نہ لٿي آهي؟“

اصغريءَ چيو تہ ”ڪيترا دفعا لهي چڙهي چڪي آهي. اهڙو بيوقتو توهان ڪاڏو ٿا کائو، جو نري بي سواد ٿي ٿو وڃي. يا تہ اهڙو بندوبست ڪريو، جو ڪاڏو سوير کائي ويندا ڪريو، يا ڪاڏو ٻاهر گهرائي ونندا ڪريو. هيڏانهن توهان جي انتظار ۾ اما صاحبہ کي ڏاڍي تڪليف ٿيندي آهي.“

محمد ڪامل چيو، ”توهان منهنجي انتظار ۾ ٿا رهو؟ آءٌ تہ سمجهندو هوس تہ توهين اڳي کائي ويٺيون هونديون.“

اصغريءَ چيو، ”مردن کان اڳي، عورتن کي کائي پاڻ ڏٿي ويهڻ جي ڪهڙي ضرورت؟“

محمد ڪامل جواب ڏنو تہ ”ٻن چئن ڏينهن جي ڳالهہ هجي، تہ گذري سگهي ٿي. هن ۾ ضد جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ توهان ڪاڏو کائي ڇڏيندا ڪريو.“

اصغريءَ ان وقت تہ ڪٿي ڇُپ ڪئي. ماڙيءَ تي پاڻ محمد ڪامل وري اها ڳالهہ ڇيڙي.

اصغريءَ چيس تہ ”حيرت جي ڳالهہ آهي! توهين پنهنجي دستور جي ابتڙ ڪري نٿا سگهو، ۽ اسان کي چئو ٿا تہ اسين پنهنجي قاعدي جي ابتڙ ڪريون. توهين ئي ڪٿي گهر ۾ سوير ايندا ڪريو.“

محمد ڪامل جواب ڏنو تہ، ”ڪاڏي کائڻ کان پوءِ ٻاهر نڪرڻ لاءِ دل نٿي گهري، ۽ مون کي ننڊ دير سان ٿي اچي. گهر ۾ مشغوليءَ کان سواءِ بيڪار پئجي پئجي، دل پريشان ۽ بيقرار ٿي ٿئي. ان لاءِ آءٌ هٿ وٺي دير ڪري ايندو آهيان، تہ کائڻ کان پوءِ هڪدم سمهي پوان.“

اصغريءَ چيو، ”وندر تہ پنهنجي اختيار ۾ آهي. ماڻهو وقت جو خيال ڪري، تہ هزارين ڪم آهن. ڇا پڙهڻ جو شُغل گهٽ آهي؟ آءٌ پنهنجي وڏي ڀاءُ کي ڏسندي هيس تہ اڌ رات تائين ڪتاب پيو پڙهندو هو. جنهن ڏينهن اتفاقاً سمهي پوندو هو، تہ وڏو ارمان ڪندو هو. توهان پڙهڻ ۾

گهڻ محنت ٿا ڪريو: انهيءَ لاءِ بنا مشغوليءَ جي توهان جي دل اداس ٿي رهي."

محمد ڪامل چيو، "بي ڪهڙي محنت ڪريان؟ ٻئي وقت پڙهندو آهيان، ۽ ڪتابن جا مضمون چڱيءَ طرح ياد ڪري وٺندو آهيان."

اصغريءَ چيو، "خبر ناهي توهان ڇا پڙهندا آهيو؟ جنهن ڏينهن عظمت جو حساب ٿيو ٿي، ابا جان اوهان کان حساب پئي پڇيو: توهان ٻڌائي نٿي سگهيا، مون کي لڄ ٿي آئي."

محمد ڪامل جواب ڏنو ته، "حساب ٻيو هنر آهي، آءٌ عربي پڙهندو آهيان. ان جو حسابن سان ڪهڙو واسطو؟"

اصيغريءَ چيو، "پڙهڻ لکڻ ان لاءِ هوندو آهي ته دنيا جو ڪوبه ڪم نه رنڊجي. ادو وڏو عربي فارسي گهڻي پڙهي ويو آهي، پر تڏهين به نوڪري نٿي مليس. ابو چوندو اٿس ته حساب ڪتاب ۽ ڪورٽ جو ڪم جيستائين نه سکندين، نوڪريءَ جو خيال نه ڪر. هاڻي منهنجو ننڍو ڀاءُ مدرسي ۾ پڙهي ٿو، ۽ حساب ڪتاب ۾ وڏي ڀاءُ کان زياده هوشيار آهي. بابا صاحب جن ان کان گهڻو راضي آهن ۽ کيس چوندا آهن ته 'ٻه سال اسڪول ۾ ٻيا به پڙهه ته توکي ڪٿي نوڪري وٺي ڏيندس.'

محمد ڪامل چيو، "اسڪول ۾ ننڍيءَ عمر واري کي داخل ڪندا آهن، منهنجي عمر ته زياده ٿي ويئي آهي."

اصغريءَ جواب ڏنو ته "اسڪول ۾ داخل ٿيڻ تي ڇا ٻڌل آهي. ڇا شهر ۾ سيکارڻ وارا ڪينهن. جيترو وقت اوهان راند ۾ وڃايو ٿا، اهو پنهنجي خانگي تعليم ۾ پورو ڪندا ڪريو."

محمد ڪامل چيو، "گهڙي ڇا، آءٌ ته رات ڏينهن پڙهندو آهيان. ڪڏهن ڪو گهڙيءَ ٻن گهڙين لاءِ کيڏندو آهيان."

اصغريءَ چيو، "کيڏڻ آفيم جهڙي عادت آهي. ٿوري مان شروع ٿي وڌندي ويندي آهي: ايتري تائين جو عادت پئجي ٿي وڃي، جا وري ڇٽڻ مشڪل هوندي آهي. پهرين ته پتي ۽ شطرنج جهڙيون رانديون جيڪي جوئا وانگر کيڏيون ٿيون وڃن، اهي گناهه آهن. ٻيو ته اهي ماڻهوءَ کي

ڪماليت حاصل ڪرڻ کان رُوڪين ٿيون. ڪم ڪار وارا ماڻهو اهي اصل نٿا ڪيڏن. نڪمَا ماڻهو البت اهڙيءَ طرح ڏينهن ڪاٽيندا آهن. انهن راندين ۾ جهڙو راند ڪٽڻ سان دل خوش ٿيندي آهي، اهڙو هارائڻ سان ڏک به ٿيندو آهي. جهڙيءَ طرح اها خوشي بي بنياد هوندي آهي، تهڙيءَ طرح ڏک به ناحق جو ٿيندو آهي. گهڻو ڪري ڪيڏندي ڪيڏندي پاڻ ۾ اجايو تڪرار ٿي پوندو آهي. منهنجي صلاح مڃو ته انهن راندين کي صفا بند ڪريو. ماڻهو اوهان جي منهن تي ته ڪجهه به نٿا چون، پر پر پٺ ڪلن ٿا. ٽئين ڏينهن جي ڳالهه آهي، اوهان کي ڪو ماڻهو سڏڻ آيو هو. نوڪرياڻيءَ اندران جواب ڏنو ته 'ٻاهر نڪري ويا آهن.' ان ماڻهوءَ سنگتيءَ کي چيو ته 'ميان فقير حسينيءَ جي جاءِ تي هلو، اُتي شطرنج جي گوڙ ۾ ملندو!'

قبلا ابا صاحب، توهان جي والد جو شهر ۾ وڏو نالو آهي. ماڻهو سندن مريد آهن. اهڙيءَ جاءِ تي وڃڻ کان نالو بد ٿيندو آهي. مون ابا صاحب کي پڻ افسوس ڪندو ٻڌو ته 'هاءِ! اسان جي تقدير. پنهي پٽن مان ڪوبه اهڙو نه ٿيو، جو ان کي ڏسي منهنجي دل خوش ٿئي. محمد عاقل کي ڪجهه لکايو پڙهايو هوسين. هاڻي هو به پنهنجي نوڪريءَ جي پنيان اهڙو پيو آهي، جو لکڻ پڙهڻ وساري ڇڏيائين. هي ننڍو صاحب آهي، ته هن کي ڪيڏڻ ڪڏڻ کان واندڪائي ڪانهي. پر منهنجي والد کي به توهان جي انهيءَ راند ڪيڏڻ جي ڪنهن خبر ڏني آهي. مون کان پڇيو هئائون. مون چيو ته 'سڀ ڪوڙ آهي. جيڪڏهن اهڙي ڳالهه هجي ها، ته مون کي ضرور خبر پوي ها.'"

اصغريءَ جي نصيحت محمد ڪامل تي تمام سُٺو اثر ڪيو، ۽ هن ڪيڏڻ بلڪل ڇڏي ڏنو، ۽ اڳيئن کان زياده محنت ڪرڻ لڳو. هڪڙي استاد کان، اسڪول کان ٻاهر خانگي وقت ۾ حساب ڪتاب وغيره به سکڻ شروع ڪري ڏنائين.

الله تعاليٰ وقت ۾ وڏي برڪت رکي آهي. ان کي انتظام سان ڪم آڻڻ سان ٿورڙن ڏينهن ۾ محمد ڪامل جي عربيءَ جي لياقت به وڌندي ويئي، ۽ سائنس ۽ رياضيءَ جا به ڪيترائي ڪتاب سکي پورا ڪيائين.

•

# اصغريءَ جو مڪتب ڪولڻ ۽ امير زاديءَ حسن آرا جو وڻس اچڻ

محمد ڪامل تہ هتي مشغول رهيو، هوڏانهن اصغريءَ انهيءَ عرصي ۾ هڪ ٻيو ڪم جاري ڪيو.

انهيءَ ويڙهي ۾ حڪيم روح الله خان جن وڏا نامي گرامي ماڻهو هئا. حڪيم جن پاڻ تہ مهاراجا پٽيالي جي سرڪار ۾ منشي هئا، پر سندن گهر گهاٽ، ٻار ٻچا سڀ هِت اصغري خانم جي ويڙهي ۾ هئا. جاءِ محلات جهڙي، نوڪر چاڪر، مطلب تہ وڏو ڪارخانو هون. هي گهر شهر جي وڏن گهرن ۾ ليکيو ويندو هو. وڏن وڏن خاندانن ۾ مِٽي مائٽي، ۽ وڏن ماڻهن سان اٿڻ ويهڻ جو رستو هونِ.

حڪيم صاحب جو ننڍو ڀاءُ فتح الله خان گهڻي وقت تائينَ اندور جي بادشاهہ جي سرڪار ۾ مختارڪار رهيو. جڏهن ان سرڪار ۾ منشي عمّو خان جهڙي پوءِ ڏائي کي وڏو دخل ٿيو، تڏهن هي وقت جو حال سڃاڻي پاسڙو وني نڪري آيو. لڪين روپيا گهر ۾ هئن، نوڪريءَ جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ هئس. هزارن روپين جي ملڪيت شهر ۾ خريد ڪئي هئائون. سوين روپيا مهيني سر مسواڙ جا ملندا هئن. وڏي شان سان رهندا هئا. ڏيڍيءَ تي سپاهين جو پهرو، اندر ٻاهر ٽيهہ چاليهہ نوڪر، گهوڙو، هاٿي، پالڪي، بگي سواريءَ لاءِ موجود هونِ.

فتح الله خان جون ٻہ نياڻيون هيون ،هڪ جمال آرا ۽ ٻي حسن آرا. جمال آرا ، نواب اسفند يار جي پُٽ سان پرڻائي ويئي هئي. پر زال مڙس جي وچ ۾ اهڙي اڻبڻت ٿي، جو نيٺ قطع تعلق ٿي ويو. طلاق، سا ڏنل

كانـ هئي، باقي ڪنهن بہ طرح جو واسطو نہ رهيو هو. ڏاج جو سامان بہ موٽي آيو هو.،

حسن آرا جو مڱڻو نواب جهجهر جي خاندان ۾ ٿيو هو. انهن ڇوڪرين جي ماسي شاهہ زماني بيگم انهيءَ ويڙهي ۾ رهندي هئي، جنهن ۾ اصغريءَ جا پيڪا رهندا هئا. انهيءَ ويڙهي ۾ تہ اصغريءَ جي لياقت جي شهرت هئي. شاهہ زماني بيگم بہ اصغريءَ جي حال کان خوب واقف هئي. شاديءَ مراديءَ ۾ ڪيترا دفعا پاڻ بہ هن کي ڏنو هئائين.

شاهہ زماني بيگم پنهنجي نندڍيءَ ڀيڻ، حسن آرا جي ماءُ، سان ملڻ لاءِ آئي. دنيا جو دستور آهي تہ ڪوبہ انسان ڏک کان خالي نہ آهي. پر هن ۾ بہ ڪا حڪمت آهي. جيڪڏهن هر طرف خوشي هجي، تہ اِنسان ڀُلجي بہ خدا کي ياد نہ ڪري، ۽ نہ پاڻ کي بندو سمجهي.

شاهہ زماني جي ڀيڻ سُلطانہ بيگم کي دنيا جون سڀ خوشيون مُيسّر هيون، پر ڌيئرن جي پاران غمگين رهندي هئي. هوڏانهن جمال آرا، شادي ڪري پرٽائي ڏنل، موٽي سندس گهر ۾ ويٺي هئي. هيڏانهن حسن آرا جي ڪريل طبيعت اهڙي خراب ٿي پيئي هئي، جو پنهنجي گهر ۾ سيني سان جهيڙو جنگ هيس. نہ ماءُ جو ادب، نہ وڏيءَ ڀيڻ جو لحاظ. نہ پيءُ جو ڏپ، نہ ڀائرن سان محبت ميلاپ. نوڪر آهن تہ ويچارا دانهون پيا ڪن، ٻانهيون آهن تہ خدا جي پناهہ پيون گهُرن. مطلب تہ حسن آرا سڄي گهر کي مٿي تي کڻي ڏيندي هئي.

شاهہ زماني بيگم جي اچڻ ڪري گهربو هوس تہ وڏي ماسي سمجهي، حسن آرا گهڙي بہ گهڙيون چپ ڪري ويهي رهي ها. اها کهڙي نہ سني ڳالهہ هئي. شاهہ زماني بيگم کي پالڪيءَ مان لهندي دير نہ ٿي هئي، تہ لاڳيتيون بہ ٽي دانهون آيون.

نرگس روئندي آئي تہ "بيگم صاحبہ! ڏسو، نندڍيءَ صاحبزاديءَ اهڙي زور سان پٽر هنيو آهي، جو منهنجي اک نڪرڻ کان بچي ويئي."

سوسن فرياد ڪئي تہ "بيگم صاحبہ! ننڍيءَ صاحبزاديءَ مون کي چيو تہ 'سوسن ڏسون تنهنجي زبان.' جيئن مون ڏيکارڻ لاءِ زبان ٻاهر ڪڍي، تہ هينيان ڪاڏيءَ ۾ اهڙي مُڪ هنيائين، جو سڄا ڏند زبان ۾ گهڙي ويا."

گلاب جان واڪا ڪندي آئي تہ "هاءِ! منهنجو ڪن رتو رت ٿي ويو."

دائيءَ دانهون ڪيون تہ "ڏسو، منهنجيءَ ڌيءُ نياڳيءَ کي اهڙي زور سان لت هنيائين، جو ٻانهن ۾ ڏنو ٿي پيس."

رڌڻي مان نوڪرياڻيءَ فرياد ڏني تہ "اڙي! هن کي ڪو سمجهائي، ٻاجي جي برتنن ۾ مٽيءَ جون منيون پري وجهي رهي آهي."

شاهہ زماني بيگم سڏ ڪيس تہ "حسنا! هيڏانهن اچ."

ماسيءَ جو آواز سڃاڻي، حسنا هڪدم هلي تہ آئي، پر نہ سلام، نہ دعا. هٿن ۾ خاڪ، پيرن ۾ گپ: انهيءَ ئي حالت ۾ ڊوڙي اچي ماسيءَ کي چنبڙي ويئي.

ماسيءَ چيس تہ "حسنا! تون گهٽي شرارت ڪرڻ لڳي آهين؟"

حسن آرا چيو تہ "هن سُنبل ڏائڻ توهان کي دانهن ڏني هوندي؟" ائين چئي ماسيءَ جي گود مان نڪري، جهڙپ ڏيئي سُنبل جا وار پٽي ورتائين- بي خطا، بيڏوهہ. گهڻوئي سنديس ماسي "آين آين" ڪندي رهي، پر هڪ بہ نہ ٻڌائين.

انهيءَ تي شاهہ زماني بيگم، پنهنجي ڀيڻ جي طرف نهاري چوڻ لڳي تہ "ادي سلطانہ! هن ڇوڪريءَ لاءِ تہ خدا جي نالي ڪا استادياڻي رک."

سُلطانہ بيگم جواب ڏنو، "اڙي اما ڇا ڪريان؟ مهينن کان استادياڻيءَ جي ڳولا ۾ آهيان، ڪٿان بہ نٿي ملي.

شاهہ زماني بيگم چيو، "اڙي ادي! توهان جو اهو مثال ٿيو تہ 'ڍنڍورو شهر ۾، ڇوڪرو ڪڇ ۾' . خود توهان جي ويڙهي ۾ مولوي محمد فاضل جي ننڍي نُنهن، لَکن اُستادياڻين جي استاد آهي."

سلطانہ چيو، ”مون کي اڄ تائين خبر ڪانهي. ڏسو آءٌ هينئر ئي ماٺهو موڪليان ٿي.“

ائين چئي، پنهنجي گهر جي داروغياڻيءَ کي چيائين تہ ”مانيجي! ڪو مولوي صاحب هن ويڙهي ۾ رهي ٿو. وڏي اديءَ جن چون ٿيون تہ ان جي ننڍي ننهن گهڻو پڙهيل آهي. ڏسو، جيڪڏهن آخوندياڻيءَ جن نوڪري ڪن تہ انهن کي وٺي اچو. ڪاڏو ڪپڙو ۽ ڏهہ روپيا مهينو؛ پان زردي جو خرچ ڏيڻ لاءِ بہ اسان حاضر آهيون. جڏهن ڇوڪري پهريون سپارو پورو ڪندي ۽ ادب قاعدو سکي ويندي، تہ پڳهار ڪان سواءِ بہ اسين استادياڻيءَ کي خوش ڪنديونسين.“

مانيجي، مولوي صاحب جن جي گهر آئي. محمد ڪامل جي ماءُ سان ملاقات ٿيس. پڇيائينس تہ ”بيبي! مولوي صاحب جي بيبي صاحبہ اوهين آهيو؟“

ديانت النساء چيس، ”هائو، هي ئي آهن. اچو، ويهو، ڪٿان آيون آهيو؟“

مانيجيءَ چيو، ”توهان جي ننڍي نُنهن ڪٿي آهي؟“

محمد ڪامل جي ماءُ چيو تہ ”ماڙيءَ تي آهي.“

مانيجي چيو تہ ”آءٌ انهن وٽ مٿي وڃان؟“

ديانت النساء چيس تہ ”اوهين پنهنجو نشان پتو ٻڌايو، ننهن صاحبہ هتي ئي اچي ويندي.“

مانيجي چيو، ”آءٌ حڪيم صاحب جي گهران آئي آهيان.“

محمد ڪامل جي ماءُ نالي بہ نالي سيني ننڍن وڏن جي خيروعافيت پڇي، ۽ مانيجي کي چيائين تہ ”تميزدار نُنهن اصغريءَ ۾ اوهان جو ڪهڙو ڪم آهي؟“

مانيجي جواب ڏنو تہ ”اُهي اچن تہ چوانِ.“

تميزدار جي هيٺ لهڻ جو وقت بہ اچي ٿيو هو. ڇو تہ ٽيهريءَ جي نماز پڙهي، اصغري هيٺ لهندي هئي، ۽ سانجهيءَ ۽ سومهڻيءَ جون

نمازون هيٺ پڙهندي هئي.

اصغريءَ کي مانيجيءَ ڏنو ته پڙهائيءَ جي نوڪريءَ جي سڌي طرح ڳالهه ڪرڻ کان پرهيز ڪندي، ٻيون ڳالهيون ڪندي ڪندي چيائين ته ”بيگم صاحبه کي پنهنجيءَ ننڍي ڇوڪريءَ کي تعليم ڏيارڻ جي مرضي آهي. وڏي بيگم صاحبه اوهان جي ڳالهه ڪئي، انهيءَ تي بيگم صاحبه مون کي موڪليو.“

اصغريءَ چيو ته ”پنهي کي منهنجي پاران گهڻا سلام چئجو، ۽ چئجو ته جو ڪجهه برو ڀلو مون کي اچي ٿو، سو ڪنهن به ماڻهوءَ کي سيکارڻ کان ڪو عذر نه آهي. ماڻهو لکندو پڙهندو به انهيءَ لاءِ آهي ته ٻئي کي فائدو پهچائي. وڏي بيگم صاحبه کي معلوم هوندو ته آءٌ پنهنجن پيڪن ۾ به ڪيترين ڇوڪرين کي پڙهائيندي هيس: ۽ منهنجي دل گهڻو گهرندي آهي ته جيڪر بيگم صاحبه جي ڇوڪريءَ کي به پڙهايان. پر ڇا ڪريان، نه بيگم صاحبه ڇوڪريءَ کي هتي موڪليندي، ۽ نه وري ڪو منهنجو ئي اُتي اچڻ ٿي سگهندو.“

مانيجيءَ، پگهار جو نالو ته صاف نه ورتو ،پر ڍيل زبان سان چيائين ته ”بيگم صاحبه جن هر طرح سان خرچ پکي ڪرڻ جي به ذمي کڻڻ لاءِ تيار آهن.“

اصغريءَ چيس ته ”هيءَ سڀ سندن مهرباني آهي. سندن اميريءَ لاءِ به هيءَ ڳالهه سهڻي آهي. خدا پاڪ اڳهاڙو بکيو ڪنهن کي نٿو ڇڏي. خدمت ڪرڻ لاءِ ته آءٌ حاضر آهيان، باقي جيڪڏهن پگهاردار استاديائي درڪار اٿن، ته شهر ۾ گهڻيون ملنديُون.“

ان کان پوءِ، مانيجيءَ، اصغريءَ کان خيريت جو حال احوال پڇيو. جڏهن ٻڌائين ته هيءَ مختيارڪار جي ڌيءَ آهي، ۽ مولوي محمد فاضل صاحب به نوي روپين مهيني جي پگهار سان نوڪر آهي، تڏهن مانيجي شرمندي ٿي ته نوڪريءَ جو اشارو ناحق ڏنم. پر اصغريءَ جي گفتگو ٻڌي، مانيجي مٿس عاشق ٿي ويئي. ڪيترائي وڏن وڏن خاندانن جا آداب

اطوار ڏنا هئائين، پر اصغريءَ جي صاف ۽ سهڻي تقرير ٻڌي حيران ٿي ويئي؛ ۽ معافي گهريائين ته ”بيبي! زبان مان ڪو نامناسب گفتو نڪري ويو هجي، ته مون کي معاف ڪجو.“

اصغريءَ چيس ته ”چو، توهين مون کي زير بار ٿيون ڪريو! پهريائين ته نوڪري عيب ڪينهي، نڪي گناهه آهي. ناواقفيت جي سبب جيڪڏهن توهان پڇيو، ته ان ۾ ڪهڙي وڏاءِ“

مطلب ته مانيجي موڪلائي رواني ٿي، ۽ اتي وجي چيائين ته ”بيگم صاحبه! استاد ياڻي ته بيشڪ لکن استاد ياڻين جي به استاد آهي- جنهن جي شڪل ڏسڻ سان ماڻهو بنجي وڃجي، پرسان ويهڻ سان ماڻهپو حاصل ڪجي، جنهن جي صحبت ۾ ترتيب ۽ ڍنگ سکجي ۽ گڏ رهڻ سان ادب هٿ ڪجي. پر افسوس جو هوءَ نوڪري ڪرڻ واري ناهي!

”مختارڪار جي ڌيءَ آهي، ۽ لاهور جي رئيس جي مختيار جي ننهن - گهر ۾ نوڪرياڻي اٿن - ڏيڍيءَ ۾ گلم وڇايو پيو آهي - پرت پريل وهاڻا لڳا پيا آهن - ۽ تمام سُٺي روزگار واري زندگي اٿن. پوءِ انهن کي نوڪريءَ جي ڇا پرواهه آهي؟“

شاهه زماني بيگم چيو ته ”سچ آهي ادي سلطانه ! توهان مانيجيءَ کي موڪليو ته هو، پر مون کي اعتبار ئي نٿي آيو ته هوءَ ڪا نوڪري ڪندي.“

تنهن تي مانيجيءَ چيو ته ”بيگم صاحبه ! پر هوءَ اهڙي ته چڱي عورت آهي، جو مفت پڙهائڻ لاءِ خوشيءَ سان راضي آهي.“

سلطانه پڇيس، ”هتي اچي؟“

مانيجي چيو، ”بيگم صاحبه ! جو ماڻهو نوڪريءَ جي پرواهه نٿو رکي، اهو هتي ڪيئن ايندو؟“

سلطانه پڇيو، ”تڏهن ڇوڪري اُتي ويندي؟“

شاهه زماني بيگم چيو، ”انهيءَ ۾ ڪهڙي بدنامي يا برائي آهي؟ ٻن وکن تي ته گهر آهي. مولوي صاحب جن کي ڇا توهان اهڙو بيعزت

سمجهيو؟ ادا علي نقي خان جي سگھيءَ پڦات جا پٽ آهن."

سلطانہ چيو "ادي وڏي! پوءِ هڪڙي ليکي تہ هو اسان جا پائر ٿيا!"

شاهہ زمانيءَ چيو تہ "هائو، ڪي اهڙا جهڙا آهن ڇا؟ پهريائين انهن جو ڪم ڏاڍو نهيل هو، پر جڏهن ڏينهن ڦرين، تہ ويچارا غريب ٿي ويا آهن. تنهن هوندي بہ نوڪرياڻي پئي رهي اٿن، ۽ ڏيڍيءَ تي بہ هڪ بہ ماڻهو هميشه رهندا اٿن."

سلطانہ چيو، "خير، حسن آرا کي وٺن وڃڻ ئي گهرجي."

بئي ڏينهن شاهہ زماني ۽ سلطانہ بيگم بئي ڀينر، حسن آرا کي وٺي اصغريءَ وٽ آيون. اصغريءَ وٽ توڙي غريبي سامان هو، پر پنهنجي انتظام ۽ ڍنگ سبب بيگمن جي اها تہ خدمت ٿي، جو هر طرح جي شي اتي ئي وينٺي وينٺي موجود ٿي ويئي — ٻن چئن قسمن جو عطر، چوگهوڙو (۱) ڦوتا نندا، سٽيي دلي يعني گيهہ ۾ تريل سڪل سوپاري، ۽ چانهہ - ٻگالهين ۾ ئي سڀ موجود ٿي ويا. خوب مزي جون قسمين قسمين منايون تيار ٿي ويون.

ٻنهي ڀينرن اصغري خانم کي چيو تہ "مهرباني ڪري هڻ اسان جي صاحبزاديءَ کي دل سان پڙهائجو!"

اصغريءَ چيو تہ "اول تہ خود مون کي ڇا ٿو اچي؟ مگر تنهن هوندي بہ بہ چار حرف، جي وڏن جي دعا سان اچن ٿا، انشاء الله تعاليٰ انهن جي ٻڌائڻ ۾ پنهنجي وسان نہ گهٽائينديس."

هلندي وقت سلطانہ بيگم هڪ گني اصغريءَ کي ڏيڻ لڳي. اصغريءَ چيس تہ "هڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي. ڀال هي ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ آءٌ پڙهائيءَ جو اوهان ڪان اجورو وٺان."

سلطانہ ورندي ڏني، "اَستَغفِرالله، پڙهائيءَ ڏيڻ جي اسان کي

(۱) چوگهڙو = سونَ چاندي يا ٽامي وغيره جي چئن خانن واري پيتي، جنهن ۾ ڦوتا، سوپاريون وغيره رکندا آهن.

ڪھڙي طاقت آهي. بِسم الله جي مٺائي آهي.“

اصغري چيس تہ ”شروع ۾ برڪت لاءِ مٺائي ورهائيندا آهن، گھڻيءَ جي ضرورت ڪانهي، فقط ٻارن جي وات مٺي ڪرڻ لاءِ سير، اڌ سير مٺائي بس آهي.“ ايترو چئي ديانت جي طرف اشارو ڪيائين. هوءَ ڪوٺيءَ مان نڪتيءَ جي هڪ وڏي رڪابي ڀري کڻي آئي.

اصغريءَ پاڻ الحمد سورت پڙهي نڪتيءَ لپ ڀريائين حسن آرا کي ڏني، ۽ پوءِ ٻريل ٿالهہ ديانت کي کڻي ڏنائين تہ سڀني ٻارن کي ورهائي ڏي.

سلطانہ چيو تہ ”توهان چڱو.مون کي احسانمند ڪيو!“

اصغريءَ چيو تہ ”اسين غريب ڇا لائق آهيون! پر هتي جو ڪجهہ آهي، سو بہ اوهان جو ئي آهي. البت منهنجو ڏيڻ هي آهي تہ حسن آرا بيگم کي چڱيءَ طرح پڙهايان، سو الله اهو ڏينهن ڪري، جو آءٌ اوهان سان سرخرو ٿيان.“

مطلب تہ زماني جون ڳالهيون ٻولهيون ڪري، شاهہ زماني بيگم ۽ سلطانہ بيگم هليون ويون، ۽ حسن آرا کي اصغريءَ جي حوالي ڪري ويون.

اصغريءَ جنهن طرز تي حسن آرا کي تعليم ڏني، ان لاءِ جُدا ڪتاب لکجي. جيڪڏهن اهو سڀ حال لکيو وڃي، تہ هي ڪتاب جيڪر گھڻو وڏو ٿي وڃي. هتي هيترو مطلب ظاهر ڪجي ٿو تہ وٽس حسن آرا جي ويهندي ئي، ويڙهي جو ويڙهو پڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويو. جنهن کي بہ ڏسو، تہ پنهنجي ڇوڪري ونيو اچي. اصغريءَ شريفن جي ڌيئرن کي چونڊي پاڻ وٽ ويهاريو، ۽ باقي ٻين کي اتڪل سان ٽاري ڇڏيائين تہ ”آءٌ ڏهاڙي پنهنجي ماءُ جي گھر ويندي آهيان. پڙهڻ ۽ پڙهائڻ لاءِ جيستائين جمي نہ ويهبو، تہ بيفائدي آهي.“ پوءِ بہ ويهہ ڇوڪريون وٽس پڙهڻ لاءِ وينيون. مگر اصغريءَ کي ڪنهن بہ ڇوڪريءَ کان پائي پيسو وٺڻ قسم برابر هو. پر پاٽان هڪ بہ روپيو ڇوڪرين تي خرچ ٿيندو هوس.

صبح کان منجهند تائين پڙهڻ ٿيندو هو، ۽ پوءِ ماني لاءِ چئن گهڙين جي موڪل. ان کان پوءِ لکڻ، ۽ باقي پهر ڏينهن بچي، ته سبڻ. سبڻ جو ڪم گهڻو هو، جو ته نه رڳو سبڻ سيکاريو ويندو هو، پر طرح طرح جي چاري اُٽڻ، هر هڪ قسم جي سلائي، هر هڪ طرح جو ڪپڙو ڪترڻ، ۽ پرت پرڻ وغيره سيکارڻ ۾ ايندو هو.

پهريائين ته انهيءَ سامان گڏ ڪرڻ ۾ اصغريءَ جا ڏهه روپيا خرچ ٿيا، پر پوءِ جلدئي انهيءَ ڪم مان بچت ٿيڻ لڳي. جيڪو ڪم ڇوڪريون ناهينديون هيون، اهو ديانت سهي ۽ سچتائيءَ سان بازار ۾ وڪٽي ايندي هئي. اهڙيءَ طرح سان رفتي رفتي مڪتب جي هڪ وڏي رقم گڏ ٿي ويئي. جيڪا ڇوڪري غريب هوندي هئي، ان جا انهيءَ ئي رقم مان ڪپڙا ورتا ويندا هئا ۽ ڪتاب پڻ وٺي ڏبا هئس. ڇوڪرين جي پاڻي پيارڻ ۽ پکي جهلڻ لاءِ خاص هڪ نوڪرياڻي مقرر هئي، جنهن کي مڪتب جي رقم مان پگهار ملندو هو.

ڇوڪرين جو هي حال هو، جو ٻين استاديائين وٽ وڃڻ سان مار جي خوف کان ڇڻ ساهه نڪرندو هون، پر اصغريءَ جون شاگرديائيون مٿس عاشق هيون. اجا ننڊ مان ئي نه اٿندي هئي، ته سڀ ڇوڪريون سويل ئي وٽس اچڻ شروع ٿي وينديون هيون، ۽ رات جو به ڪافي وقت تائين وٽس وينيون رهنديون هيون. انهيءَ ڪري هو، جو اصغري سيني سان محبت ڪندي هئي، ۽ پڙهائڻ جو نمونو اهڙو سنو هوس، جو ڳالهين ڳالهين ۾ تعليم ڏيندي هئي- ائين نه هو ته صبح کان "رِين رِين" جو چرخو هليو ۽ سج لهڻ تائين بند نه ٿيو.

جنهن نموني اصغريءَ کي سندس پيءُ پڙهايو هو، انهيءَ ساڳئي نموني سان هوءَ پنهنجين شاگرديائين کي پڙهائيندي هئي- ايتري قدر جو هر هڪ ڇوڪري پاڻ کي شاگرديائيءَ سان گڏ استاديائيءَ جي سهيلي پڻ سمجهڻ لڳي.

جڏهن ڪنهن شاگرديائيءَ جي شادي ٿيندي هئي، ته ان کي مڪتب جي پيسن مان ٿورا گهڻا زيور پڻ وٺي ڏنا ويندا هئا.

٥

سندن نازڪ دل آهي جا اندر ئي اندر ڏِچي ۽ دَڪ دَڪ ڪري رهي آهي. انهيءَ مار جي عذاب کان، سارو ڏينهن کم جي مصيبت ڇوڪرين کي غنيمت معلوم ٿئي ٿي. پوءِ ڪنهن رات جا جونا برتن مانجڻ شروع ڪيا، ٿانوَن مانجيندي ڪيس هٿن ۾ لِڦون پئجي ويون ۽ سندس ڪُلها سُڪي ويا ۽ هوڏانهن سنديس ننڍي ڀيڻ مار کائي رهي آهي ۽ دانهون ڪري رهي آهي:

"اي استاد ياڻي! امّا! مري ويس!

"اي امان تو تان صدقي ٿيس!

"اي خدا جي واسطي .... اي رسول جي واسطي!

"استاد ياڻي، آءٌ خليفي صاحب جي ٻانهي ٿينديس!

"هاءِ ڙي! هاءِ ڙي! هاءِ ڙي!

"اُئي اَمان! اُوئي وڏي ادي!"

انهيءَ وچ ۾ سندس ٻيون وڏيون ڀينر آهن، جي تڪڙ تڪڙ ۾ جلدي جلدي ٿانءَ ماجي رهيون آهن. ڪين انهيءَ کم کان واندڪائي ٿي، تہ مصالو پيهڻ، اٽو ڳوهڻ، ٻاهہ ٻارڻ، گوشت اوٻارڻ جو وقت آيو. وري منجهند جو، استاد ياڻي صاحبہ آهي، جا سمهي پيئي آهي، ۽ معصوم ٻار پکو لوڏي رهيا آهن، ۽ دل ۾ دعا گهري رهيا آهن تہ "خداوندا! اهڙي سمهي جو وري نہ اٿي!"

مطلب تہ ٻين مڪتبن ۾ معصوم ٻارن لاءِ هميشه اها مصيبت رهندي آهي. پر اصغريءَ وٽ نہ مار، نہ دڙڪو. وڌو ڊيڃارڻ هيءُ هو تہ "ٻڌو اديون! اوهين سبق ياد نٿيون ڪريو، توهان جي ڪري اسان جي مڪتب جو نالو خراب ٿئي ٿو. آءٌ توهان جي اما صاحبہ کي گهرائي چونديس." 'ٻيبي! توهان جي ڇوڪري هتي نٿي پڙهي، ان کي ڪنهن ٻيءَ استاد ياڻيءَ وٽ ويهاريو' ." استاد ياڻي صاحبہ ايترو چيو ئي مس تہ ڇوڪريءَ جو دم فنا ٿيو. پوءِ سبق مليو نہ آهي، تہ ڪيس زبان تي ياد ٿيو نہ آهي. يا جنهن سبق

ياد نہ ڪيو، تہ ان کي چيو ويو: ”ادي! اڄ تو سبق ياد نہ ڪيو آهي، پيون ڇوڪريون تہ منجهند جو سمهي ننڊ ڪنديون، ۽ تون ويني پڙهجانءِ.“ ايترو چوڻ ٿيو، ۽ هن جلدي سبق ياد ڪيو.

مڪتب ۾ محموده ۽ حسن آرا بہ خليفياڻيون هيون. نہ هتي ٻهاري ڏيڻي هئي ۽ نہ هنڌ ۽ ڪتون ڍوئڻيون هيون؛ نہ ٿانءَ مانجڻا هئا، ۽ نہ خليفن جو ڪم هو: پر پاڻ ڇوڪرين لاءِ هڪ عورت، نوڪرياڻي هئي. محبت ۽ آرام سان پڙهڻ لکڻ، سبڻ وغيره جو ڪم ـ مطلب تہ هتي خوب شوق سان ڇوڪريون تعليم وٺنديون هيون. هتي مڪتب جي هڪ آکاڻي لکي وڃي ٿي، جنهن مان اصغري خانم جي تعليم جو نمونو مختصر طور معلوم ٿي ويندو.

# اصغريءَ جي مڪتب جي آکاڻي

سفيهڻ هڪ عورت ۽ فضيلت نالي ان جي ڌيءَ ڏهن ورهين جي هئي. فضيلت کي پاٺي پڙهڻ لکڻ ۽ سبڻ پرڻ جو سوق هو. سفيهڻ هيئن چاهيندي هئي تہ فضيلت سڄي گهر ۾ ٻهاري پائي، ٿيون لنبي، پوچي ڏئي، ٿانءَ مانجي. اهڙن ڪمن ۾ فضيلت جي دل نٿي لڳي. ماءُ جي چئو چئو سان ڪم ڪري تہ ڏيندي هئي، پر انهيءَ ئي بيدليءَ سان.

سفيهڻ، جو هڪ ڏينهن فضيلت تي ڪاوڙي، سو وٺي وڃي اصغريءَ جي مڪتب ۾ ويهاري آيس. اصغريءَ کي چيائين تہ ”استاد ياڻي صاحبہ! هيءَ ڇوڪري وڏي نڪمي آهي، جنهن ڪم لاءِ چوندي آهيانس، تہ صاف جواب ڏيندي آهي: هن کي اهڙي سيکت ڏيو، جو گهر جي ڪم تي هن جي دل لڳي.“

اصغريءَ، فضيلت کي پنهنجي ڏانءَ جهڙو ڏنو، ۽ هيڏانهن فضيلت کي پنهنجي مرضيءَ موجب استادياڻي ملي. پوءِ هوءَ صبح جي تڙڪي

نڪرڻ سان آئي، تہ منجهند جو ماني کائڻ ويئي: ماني کاڌائين، تہ وري پڳي، ۽ پاڻي اچي مڪتب ۾ پيتائين. ٻيپهريءَ جو ايندي هئي، تہ رات پوڻ تي گهر ويندي هئي.

ڪڏهن ڪڏهن سفيهڻ هن جي خبر لهڻ لاءِ مڪتب ۾ آئي، تہ ڪيترا ڀيرا ان کي ڇوڪرين سان گڏ، گڏيون ڪيڏندي ڏٺائين، ۽ ٻہ چار دفعا هنڌي ڪُني چاڙهيندي ڏٺائنيس.

هڪڙيءَ رات، فضيلت کي گهر وڃڻ ۾ دير ٿي ويئي، سفيهڻ ڪيس وٺڻ لاءِ آئي. ڇا ڏسي تہ محموده آڪاٽيون ٻڌائي رهي آهي، ۽ مڪتب جون ٻيوسپ ڇوڪريون سندس آسپاس ويٺيون آهن. خود استاد ياڻي صاحبہ بہ ڇوڪرين جون ڳالهيون ٻڌي رهي آهي. سفيهڻ جي دل سڙي خاڪ ٿي ويئي. ڇوڻ لڳي تہ "واهہ استاد ياڻي صاحبہ! چڱو ٿيون ڇوڪرين کي پڙهايو: آءٌ جڏهن بہ فضيلت کي ڏسڻ ٿي اچان، تہ مون ڪڏهن بہ ڪيس پڙهندي نہ ڏٺو آهي. مڪتب آهي يا راند جو بهانو آهي؟ تڏهن تہ ڇوڪريون ڊوڙي ڊوڙي هتي اچن ٿيون!"

اصغريءَ چيس تہ "ادي! جيڪڏهن توهان جي مرضيءَ موافق ڇوڪريءَ جي تعليم نٿي ٿئي، تہ توهان کي اختيار آهي، پنهنجي ڇوڪريءَ کي اٿاري وٺي وڃو. مگر مڪتب تي ناحق جو ڏوهہ نہ لڳايو. ڀلا آءٌ توهان کان پڇان ٿي تہ فضيلت، مائي صاحبہ جي مڪتب ۾ ڪيترا ڏينهن پڙهي؟"

سفيهڻ جواب ڏنو، "ميران صاحب جي چنڊ چڙهندي ان کي ويهاريو هوم. مَدار سڄو پڙهي، خواجہ معين الدين سڄو پڙهندي رهي، ماه رجب کان توهان وٽ آئي."

اصغريءَ چيو، "مائي صاحبہ وٽ فضيلت ڇا پڙهي؟"

سفيهڻ جواب ڏنو، "ٽن مهينن ۾ وَالمُحصنٰتُ جو سڄو سيپارو، ۽ اذ لاَيُحِبُّ الله وارو سيپارو."

اصغريءَ چيو ”تن مهينن ۾ ڏيڍ سيپارو، تہ مهيني ۾ اڌ سيپارو ٿيو. هتي توهان جي فضيلت ماه رجب کان آئي آهي. خاليءَ جو چنڊ (ذوالقعد) چڙهي ٿو. چار مهينا ٿيا، 'وَمَا اُبَرِّيءُ نَفسي' جو سيپارو ڪالهہ پورو ٿيو، يعني ساڍا ست سيپارا پڙهيائين. حساب سان مهيني ۾ ذري گهٽ هڪ سيپارو ٿئي ٿو، ۽ مائي صاحبہ جي مڪتب کان ٻيڻ. جڏهن فضيلت هتي آئي، تہ ڪاري ليڪ بہ ان کي ڪڍڻ نہ ايندي هئي؛ هاڻي پنهنجو نالو بہ لکي سگهي ٿي، عمر آهر اکر بہ خراب نٿا ٿينس. اڳي ويهن تائين بہ پورو ڳڻڻ ڪونہ ڄاڻندي هئي، ۽ هاڻي پندرهن جو ڪوڙو ياد ٿي ڪري. سبڻ ۾ سڌو ٽوپو بہ ڏيڻ ڪونہ ايندو هوس، هاڻي، عقيلہ، ڪپڙن واري ڳوٿري ڪٽي اچ، ۽ فضيلت جيڪي ڪوٽ ۾ بخيا هنيا آهن، سي بہ ڏيکار؛ فضيلت جي ڪُنگريدار ڪٽ سان ٽُڪ، مرمرا، برٿ ۾ ننڍڙا ٻوٽا، لهريون، چڙيون، خاني ٽوڙ، ديڪٽ، پولي، خاڪو، بار، ستمار؛ چنبيليءَ جو چار، اوٽي هنيل، وليون چاپيل، ۽ ٻيو جيڪي بہ ڪجهہ هجي، تہ اهو ڪٽي آڻي ڏيکاريو.“

فضيلت چيو ”استاد ياڻي صاحبہ، آءٌ ٿي وڃي ڪٽي اچان.“

فضيلت ڊوڙي وڃي پنهنجو برٿ ڪٽي آئي.

سفيهڻ هڪ ڳالهہ جا ڏهہ ڏهہ جواب ٻڌي، هَڪي ٻَڪي ٿي ويئي.

اصغريءَ چيس تہ ”چَو ادي! ڪجهہ انصاف بہ آهي يا نہ؟ ڇئن مهينن ۾ توهان جي ڇوڪري ٻيو ڇا سکي ها.؟“

سفيهڻ اهڙي تہ شرمندي ٿي، جو ڳالهائڻ ئي نہ اڪليس؛ استاد ياڻي صاحبہ ڏانهن اک سامهون ڪري نهاري ئي نہ سگهي.

هن سفيهڻ نياڳيءَ جي اچي وڃڻ ڪري، محموده جي مزي جي آڪاڻي رهجي ويئي، ۽ سڀيئي ڇوڪريون انهيءَ پاسي گهُور ڪري نهارڻ لڳيون..

سفيهڻ چيو تہ ”استاد ياڻي صاحبہ! مون کي هن جي ڪمڙي خبر

هئي؟ فضيلت سارو ڏينهن تہ هٽ رهندي آهي. رات جو اهڙي دير ڪري ايندي آهي، جو ماني ڪاڌائين تہ سمهي. مون کي ڪانئس پڇڻ ڳاڇڻ جو وقت تہ ملي ئي نٿو، بہ چار دفعا، جو آءٌ هتي اچي نڪتيس، تہ ڪڏهن ڳُڏيون ڪيڏندي ڏٺيم، ڪڏهن هنڌي ڪُني رڌيندي، ڪڏهن آڪاٽيون ٻڌندي؛ ان تي مون کي خيال آيو تہ هيءَ پنهنجو وقت ڪيڏڻ ڪُڏڻ ۾ وڃائي ٿي. هاڻي تہ منهنجي واتان ڳالهہ نڪري ويئي، مون کي اوهين معاف ڪنديون!"

اصغريءَ چيس تہ "بيشڪ اوهان جو شڪ اجايو نہ هو. پر آءٌ انهن راندين جي ڳالهين ۾ هنن کي ڪم جون ڳالهيون سيڪاريندي آهيان. هنڌي ڪُني رڌڻ ۾ ڇوڪريون هر قسم جي ڪاڌي جي ترتيب سکن ٿيون. مصالحي جو اندازو ۽ استعمال جي اٽڪل، سواد جي سڃاڻپ ۽ بُو باس جي ڄاڻ انهن کي پوي ٿي. ڪيئن فضيلت! تيون ڏينهن جمعو هو، اوهان ڇوڪرين ڳڏجي ڪيترو زردو رڌو هو؟ ان جي ترڪيب، ناهڻ جو نمونو ۽ سڀ حساب ڪتاب تہ اسان کي ٻڌاءِ!"

فضيلت ڦڙتائيءَ سان جواب ڏنو تہ "حساب تہ محموده بيگم پنهنجي ڪتاب تي لکي رکيو آهي، مگر ترڪيب تہ مون اوهان جي حڪم موجب چڱيءَ طرح ڏيان ڏيئي، ڏسي ڇڏي آهي، جا پوريءَ طرح منهنجي سمجهہ ۾ اچي ويئي آهي: هڪ سير چانور هئا ـ پهريائين انهن کي ٿالهيءَ ۾ پڇايو ويو؛ شايد آني جي ڪيسر گهرائي هُيَوَ، مگر ڏيڍ آني ڪن جيتري ملي هئي؛ ان کي ڏيڍ سير پاڻيءَ ۾ جوش ڏنو ويو؛ جڏهن چانور اُبري آيا ۽ رنگ لهي وين، تہ ڇاڻي، ڪيسر جي عرق ۾ چانور نپوڙي وڌا ويا؛ چانور جڏهن اڌ رڌل ٿي ويا ۽ سندن هڪ ڪَڻي رهي، تہ انهن کي ڪپڙي تي پکيڙيو ويو، تہ جيترو بہ پاڻي اٿن، سو نڪري وڃين، پوءِ اڌ پاءُ گيهہ ديڳڙي ۾ لونگن جو داغ ڏيئي رڃايو ويو ۽ گرم مصالحو ۽ بصر بہ گيهہ ۾ داغ ڏيئي چانور ان ۾ وڌا ويا؛ مٿان چانورن جي تور جيتري ڪچي

ڪنڊ وڌي ويئي: پوءِ اٽڪل سان ايترو پاڻي وڌو ويو، جو چانورن جي هڪڙي ڪَڻيءَ جو هڏ جيڪو باقي رهيو هو، سو ڳري ويو؛ پوءِ ڪشمش هڪ آنو، گيهه ۾ تري ويئي، ۽ جڏهن ڦُنڊي تڏهن چانورن ۾ وڌي ويئي؛ آخر ۾ هينيان مٿان ٽانڊا رکي ديڳڙي کي دم ڏنو ويو.

اصغريءَ چيس ته "ترڪيب ته پوري آهي؛ پر چانور، جو مون ڏنا، ته گهرج کان وڌيڪ ڳري نرم ٿي ويا هئا ـ معلوم ٿو ٿئي ته توهان ڪپڙي تي ڪنڊرائي ٿڌي پاڻيءَ سان انهن کي ڌوتو نه هو."

پوءِ اصغريءَ سفيهڻ ڏانهن نهاري چيو ته "ڪيئن ادي! زردو توهان جي ڇوڪريءَ نيڪ رڌو؟ هي سڀ هندي ڪُنيءَ جي ڪم ڪرڻ جي وسيلي آهي."

پوءِ اصغريءَ چيو، "ادي محموده! هاڻي، توهين پنهنجي زردي جو حساب ته ٻُڌايو." محموده وچي حساب جو ڪتاب ڪڻي آئي، ۽ چيائين ته "استاد ياڻي صاحبه! ڇهه سير چانور، ڇه سير پوڻين ٽي آني: هڪ آني جي ڪيسر ۽ پيسي جا لونگ: منو پاءُ گيهه، اڌ پاءُ داغ ڪرڻ وقت وڌو ويو ۽ هڪ آنو ڪشمش ٺهڪائي، دم ڏيڻ وقت: چار سير کنڊ، هڪ سير چئين آني: ۽ هڪ آني جي ڪشمش: ڪل پيسا ساڍا تيرهن آنا خرچ ٿيا. ڏهن ڇوڪرين جي ڀائيواري هئي. ساڍا چار آنا ته منهنجا هئا، ۽ باقي ٻين سڀني جو هڪ هڪ آنو هو."

اصغريءَ چيو، "توهان اجا به نڳجي ويئون آهيو."

محموده ويچار ڪري چيو ته "هائو استاد ياڻي صاحبه! چانورن ۾ ڪجهه حساب رهيو، اهو نامراد واڻيو هضم ڪري ويو. جي ڪيسر ۽ لونگ ان ۾ اچي وڃن ها، ته پنج پيسا بچن ها. ديانت النساء، وڃ، تون واڻئي کان اهي پنج پيسا حساب ڪري وني اچ."

اصغريءَ چيو، "اهو ڇا ٿيون ڪريو، حساب جي معاملي کي ٿيون

ڏينهن آهي، هاڻي ڪجهه به نه ٿيو. توهان جي غلطيءَ جي سزا آهي ته ايترو نقصان سهو."

اصغريءَ حسن آرا ڏانهن نهاري چيو ته "زردي جي ترڪيب ۽ خرچ ته معلوم ٿيو. ڀلا ديڳڙو ڀريل هڪ سير زردي جو توهان سڀ ڪاڏي ڪيو؟"

حسن آرا ورندي ڏني ته "ٻه وچوليون رڪابيون چوٿيدار ڀري، الله جي نالي جون مسجد ۾ موڪليون ويون، باقيءَ مان تيرهن ٿالهيون ڀريون ويون. مڪتب ۾ اسان ٢٥ ڇوڪريون آهيون. ٻن ٻن ۾ هڪ هڪ ٿالهي آئي. تيرهينءَ ۾ آءٌ اڪيلي هيس."

اصغريءَ چيو، "ڇا، تو ٻيڻو حصو ورتو؟"

حسن آرا چيو، "نه، منهنجي اڌ ٿالهي هئي، سڀني کان پڇو!"

اصغريءَ چيو، "پوءِ تو ٻين کان جدا ڇو کاڌو؟" حسن آرا ته ڇُپ ڪئي. اُمة الله چيو ته "استادياڻي صاحبه! هن کي سڀني سان گڏ کائڻ مان نفرت ٿي اچي."

حسن آرا چيو، "نه، استادياڻي صاحبه! نفرت جي ڳالهه ناهي، آءٌ دسترخوان تي سڀني کان پوءِ آيس. ان ڪري اڪيلي رهجي ويس. توهان محموده کان پڇو!"

امة الله چيو ته ، "پوءِ ڇو، توهان سوير، منهنجي اوٻاريل پاڻي پيئڻ تي وڙهي رهيون هيون؟"

حسن آرا جواب ڏنو، "آءٌ وڙهي هُيس، يا فقط ايتري ڳالهه چئي هيم ته 'جيتري اُڃ هجيو، اوتروئي پاڻي وجهنديون ڪريو، گلاس ۾ اوٻاريل پاڻي ڇڏڻ عيب جي ڳالهه آهي' ؟"

وري اصغريءَ محموده کان پڇيو ته "اهو رسالو 'الوان نعمت' ، جو مون اوهان کي ڏنو هو، ان ۾ لکيل سڀئي کاڌا اوهين رڌي پچائي چڪيون

آهيو، يا اجا نہ؟"

محموده ٿوري دير صبر ڪري چيو تہ "مان پنهنجي چاڻ موجب سڀ طعام رڌي پچائي چڪي آهيان، بلڪ ڪيترائي دفعا وارو اچي ويو اٿن. جيترين بہ وڏيون ڇوڪريون آهن، معمولي ڏهاڙيءَ جي ڪاڌي جي ترڪيب تہ سڀني کي معلوم آهي. تنهن ڪان سواءِ بہ هر قسم جا ڪباب، سيخ جا، پسندن جا، شامي، گولن جا، ڪوفتو پلاءُ، زردو، متنجن (هڪ قسم جو منو پلاءُ، جنهن ۾ ڪتاڻ بہ پوندي آهي)، ڪچي برياني، نور محلي، قورمو پلاءُ، سنبوسا، مِنو (شب برات ۽ عاشورن تي ناهڻ وارو خاص قسم جو حلوو)، سلوٽا، قلمي وڏا، ڏهي وڏي، سهال گيهہ ۾ (تريل ماني)، گيهہ ۾ تريل دال، ڪچوريون، پاپڙ، بوراني (واڱڻن جو مربو)، فيرني (چانورن جو پَٽُ)، حلوو سوهن، پيڙي (سوهن) جو نرم حلوو- سڀ شيون بار بار رڌي پچي چڪيون آهن. سڀني ڇوڪرين تيار ڪندي ڏٺيون تہ آهن، پر پنهنجن هٿن سان پچايون بہ اٿن. هي تہ اوهان کي معلوم آهي تہ اسان جي مڪتب ۾ هندي ڪُنيءَ جو نالو آهي، پر جا شَي پچندي آهي، خاصي هڪ ڪٽنب جي لائق پچندي آهي. حسن آرا کي تہ چٽڻين ۽ مربن سان گهڻو شوق آهي. هي شيون انهيءَ ڪان سواءِ ٻيون ڇوڪريون ٿورو ڄاڻن ٿيون."

ان ڪان پوءِ اصغريءَ، سفيهڻ کي چيو تہ "ادي! هاڻي توهان کي هتي جي هندي تئي جو فائدو معلوم ٿي ويو هوندو. رات گهڻي گذري آهي، ڪيترين ڇوڪرين جا گهر پري آهن: جيڪڏهن سڀاڻي اچو تہ گُڏين جو سَير اوهان کي ڏيکاريون ۽ شام تائين رهو تہ قصا بہ ٻُڌاريونوَ."

پوءِ سڀ ماٺهو موڪلائي وئيون. سفيهڻ هلندي اصغريءَ جي اڳيان هٿ ٻڌي چوڻ لڳي تہ "استاديائي صاحبہ !خدا واسطي منهنجو ڏوهہ معاف ڪنديون."

•

# اصغريءَ جي مڪتب ۾ هنري تعليم

ٻئي ڏينهن تي سفيهڻ آئي، تہ ڇوڪرين جو گُلڪارين سان پرت، ۽ ڇوڪرين جا اُٽيل ڳوٿا، ڇوڪرين جا موڙيل گوڪرو، ڇوڪرين جا بنايل ڦهمڪ ۽ چنيا، ڇوڪرين جا ڪتريل ۽ سِبيل مردانا ۽ زنانا ڪپڙا - اصغريءَ سڀئي ڏيکاريس، جن جي ڏسڻ سان سفيهڻ کي نهايت حيرت لڳي ويئي.

انهيءَ کان پوءِ ڇوڪرين جي گُڏين جا گهر ڏيکاريائينس. انهن گهرن ۾ گهر هلائڻ جون سڀ ضروري شيون - فرش فروش، طول وهاٿا، اگالدان، چلمچيون، بدنا، پٽاريون (ڍَڪَ سان ننڍيون ٽوڪريون)، پردو، تيلين جي نهيل چيڪ، ڇت ۾ بڌڻ جي چادر، پکو، ڇپر کٽ، پلنگ، مڇرداني پلنگ، ۽ ٻيو هر قسم جي سينگار جو سامان - پنهنجي پنهنجيءَ جاءِ تي رکيل هو. گُڏيون اهڙيون سينگاريون ويون هيون، ڄڻڪ هوبهو شاديءَ جي گهر ۾ مهمان گڏ ٿيا آهن.

سفيهڻ جڏهن گُڏين جا گهر ڏسي چُڪي، تڏهن اصغريءَ کيس چيو، "ڇوڪرين جي سيني راندين مان مون کي گُڏين جي راند گهڻو پسند آهي. انهيءَ جي وسيلي ڇوڪريون سبڻ پرڻ، ڪپڙن جو وڍڻ ڪترڻ ۽ گهرو بندوبست، هر قسم جون دعوتون، ٻارن جي ڇٹي، ٽيج چڏائڻ، روزو، مڱڻو، عيد برات، سانوٽي، محرم جا ڍاڪئان، ۽ ڳوٿا، وڏن ڏينهن، وهانءَ، ستاوڙي جي رسمن وغيره، کان واقفيت حاصل ڪن ٿيون.

"ادي سفيهڻ! تنهنجي ڇوڪري تہ هاڻي ٿورن ڏينهن کان ٿي اچي، پر جيڪي ڇوڪريون منهنجي مڪتب ۾ گهڻن ڏينهن کان آهن - جهڙي

هيءَ ڏس ويئي آهي اُمّ البَنين ۽ منهنجي نڻان محموده يا حسن آرا ـ تڪبر ڪان توبهہ آهي، پر هنن کي ڪنهن وڏي پريل آسودي گهر جو انتظام هن وقت حوالي ڪيو وڃي، تہ انشاء الله تعاليٰ اهڙو ڪم ڪنديون، جهڙو ڪابہ وڏي مهارت رکندڙ ۽ تجربيڪار عورت ڪندي آهي. آءٌ فقط پڙهڻ جو تاڪيد نٿي ڪريان، پر انهن کي دنيا جي ڪم لاءِ لائق بنايان ٿي، جو ڪن ڏينهن ڪان پوءِ هنن جي مٿي تي ايندو.

ايترو چئي اصغريءَ حسن آرا کي سڏيو، ۽ چيائينس تہ "ادي! تنهنجي گُڏيءَ جو گهر تہ تمام سنو سينگاريل آهي، فقط هڪ گهٽتائي آهي، جو تنهنجي گڏين وٽ رنگين جورا ڪونہ آهن. شايد توکي رڱڻ نٿو اچي!"

حسن آرا چيو، "رنگ تہ مون کي محموده بيگم گهٽيئي سيکاريا آهن، اُئين ئي ڪونہ رڱيا اٿم."

اصغريءَ پڇيو، "ڀلا ٻڌاءِ تہ!"

حسن آرا جواب ڏنو، "استاديائي صاحبہ! برسات جا رنگ هي آهن: ڳاڙهو، نارنگي، گل انار، ڪبوتري، ڳوڙهو سائو، هلڪو سائو، ڳوڙهو ڳاڙهو، ڪاراڻ تي مائل، ۽ واڱڻائي: سياري جا رنگ هي آهن: گينبدائي، گيڙو، عنابي، هڪ هلڪو سائو جو ڪاراڻ تي مائل هجي، تيلي (ڪارو ۽ چمڪندڙ)، ڪاڪريزي (ڳوڙهو ڪارو)، ڪارو، نيرو، گلابي، زعفراني، ڪوڪئي (نيلي رنگ جو قسم، جو آسماني رنگ ۽ ڦٽڪيءَ مان تيار ٿيندو آهي) ۽ خاڪي: ۽ اونهاري جا رنگ هي آهن: پيازي، آبي، چمپئي، ڪپاسي (هلڪو ڦڪو ڪپهہ جي رنگ جهڙو)، خشخاشي، ڦاروين، ۽ سيندوريہ (سندر جهڙو رنگ). ٻيا رنگ بہ گهٽيئي آهن، مگر مون اُهي بيان ڪيا جي گهڻو ڪري ڀريا وڃن ٿا."

اصغريءَ چيس تہ "رنگن جا نالا تہ اوهان تمام گهڻا ڳڻايا، ڀلا هي تہ ٻڌايو تہ هي سڀ رنگ توهان کي رڱڻ بہ اچن ٿا يا نہ ؟"

حسن آرا چيو تہ ”مون انهن رنگن جا نالا ورتا ، جي مون کي خود رڱڻ اچن ٿا . “

اصغريءَ چيس تہ ”پلا ٻڏاءِ هلڪو سائو رنگ ڪيئن رڱبو آهي؟“

حسن آرا چيو تہ ”سائي ڪاهي ڳوڙهي رنگ جي قند ۾ ڦٽڪي گهرائبي، اول رنگ پاٽيءَ ۾ خوب ٺهڪائي، پوءِ ان ۾ ڦٽڪي وجهي گهمائبو. جڏهن ڦٽڪيءَ جي اثر کان قند جو رنگ ڪٽجي وڃي، تہ پوءِ ان ۾ ڪپڙو رڱبو. “

اصغريءَ چيس تہ ”پلا جيڪڏهن قند نہ ملي، تہ پوءِ ڇا ڪنديءَ؟“

حسن آرا چيو تہ ”پوءِ ڪيسوڦلن کي رڌي، ان ۾ پيئنل ڦٽڪي ملائبي، تہ سردئي رنگ ٿي ويندو، پر هلڪي ڪپاسيءَ جهڙو. سنو سردئي رنگ بنا قند جي نٿو نهي. جيڪڏهن قند جي جاءِ تي بانات جو رنگ ڪُٽيو وڃي، تہ اهڙو عمدو رنگ نهي ٿو، جو سبحان الله! پر هنن ڏينهن ۾ مجٺ اهڙو هلي ٿي، جو سڀني رنگن کي مات ڪري ڇڏيو اٿئين. ڪپڙا تہ ڪپڙا ، منائي، ڪاٺ جو ڳوٽو، وغيره، مجٺ ۾ تمام سني رنگ سان رڱيا وڃن ٿا. وڏي اديءَ مجٺ جي رنگ جو زردو رڌي موڪليو هو، زعفران کان بہ سنو رنگ هوس. “

اصغري خانم ڊچي پڇيو تہ ”حسن آرا! ڪٿي تو تہ اهي مجٺ جا رڱيل ڇانور نہ کاڌا آهن؟“

حسن آرا چيو تہ ”مون کاڌا تہ ڪينهن، پر استاد ياٽي صاحبہ ڇو؟ ڇا. ڪجهہ خراب ڳالهہ آهي؟“

اصغريءَ چيس، ”مجٺ ۾ سنکيو پوي ٿو. خبردار! مجٺ جي ڪا بہ شَي زبان تي نہ رکجو. “

حسن آرا چيو، ”مون مجٺ جو رڱيل ڳوٽو محرم ۾ گهڻو کاڌو آهي. “

اصغريءَ چيس، ”ڇا ٿيو؟ تر جيتري مڇڻ ۾ گهٽو ڳوٺو رڱيو وڃي ٿو، ان ڪري توکي ڪجهه نقصان نه ڪيائين، پر ياد رکو ته ان ۾ زهر آهي.“

حسن آرا چيو، ”مڇڻ جي رڱيل منائي ماٿهو مٿن جا مڻ کائن ٿا.

اصغريءَ جواب ڏنو، ”تمام خراب ڪم ڪن ٿا. زهر جڏهن پنهنجي انداز ۾ پهچي ويندو، تڏهن ضرور مٿن اثر ڪندو.“

شام ٿي ته ڇوڪرين پنهنجو پرت ۽ ڪتاب رکي ڇڏيا، ۽ دستور موجب ڪيڏڻ، آکاڻين ۽ ڳجهارتن چوڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ اچي ويٺيون.

اصغريءَ سفيهڻ کي چيو، ”هتي جهرڪ جهرڪيءَ جون آکاڻيون نٿيون ٿين. آکاڻين جو هڪ تمام سنو ڪتاب آهي، جنهن ۾ تمام سٺيون سٺيون آکاڻيون آهن، ۽ هر هڪ آکاڻيءَ مان هڪ نصيحت جي ڳالهه ڪيل آهي. هن ڪتاب جي زبان به تمام صاف ۽ سولي آهي. هاڻي ڇوڪريون انهيءَ ڪتاب جي آکاڻين سان دل وندرائينديون. آکاڻين چوڻ سان انهن جي گفتگو ۾ صفائي ٿيندي آهي، ۽ بيان ڪرڻ جي طاقت وڌندي ويندي اٿن. جڏهن به مون کي واندڪائي هوندي آهي، تڏهن آءٌ آکاڻين جي وچ ۾ بحث ڪندي ويندي آهيان. جهڙي انهن جي سمجهه آهي، ان موجب هي منهنجي سوال جو جواب ڏينديون آهن. جيڪڏهن سندن جواب غلط هوندو آهي، ته آءٌ کين سمجهائيندي آهيان.

”ڳجهارتن جي پڇڻ ڪري، انهن جي عقل ۾ واڌارو ايندو آهي، ۽ سندن سمجهه تيز ٿيندي آهي. پر اوهين وٽن ويهي اڄ پنهنجي ڪنين اهي ڏاهپ ڀريون ڳالهيون ٻڌو. مون کي اڄ عاليه جي ماءُ سڏايو آهي. هن جي پُٽ جي طبيعت ٺيڪ نه آهي. گهٽيون گهٽيون منتون چوائي موڪليون اٿئين، نه وينديس ته چڱو نه سمجهندي، ۽ وٽس نه وڃڻ منهنجي دل به نٿي سهي.“

سفيهڻ چيو، ”هائو، مون به ٻڌو آهي ته هن جي ڇوڪر ڪيترن ڏينهن کان ٿڃ کانه پيتي آهي. ويچاري مايوس ڏاڍي آهي. خدا ڪري ننڍڙو شال خوش رهي. ڏهن سالن ۾ سِڪي سِڪي خدا هيءَ صورت ڏيکاري اٿن. عاليه کان پوءِ اهوئي هڪ پُٽ ٿيو اٿن. استاديائي صاحبه! اوهان ڪي علاج لاءِ گهرايو هوندائون؟“

اصغريءَ جواب ڏنو، ”علاج ٻلاج ته مون کي ڪجهه به نٿو اچي. هڪ دفعو پهريائين ان ڇوڪر کي خشڪي ٿي هئي. مون زهر مهرو، طپاشير، گلاب جا پتا، ننڍا ڦوٽا، جيري جو گپُ، ڪباب چيني، لوٽڪ ۽ انهيءَ قسم جون ٻه ٽي ٻيون دوائون ٻُڌايون هيونمان. الله ڪيو، جو ڇوڪرو چڱو ڀلو ٿي ويو!“

سفيهڻ چيو، ”استاديائي صاحبه! توهين سيني گُڻن ۾ پوريون آهيو.“

اصغريءَ چيو، ”هن ۾ گڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ منهنجن پيڪن ۾ دوا درمل جو گهڻو خيال آهي. جڏهن ننڍي هيس، تڏهن جيڪا دوا ايندي هئي، ته آءٌ ئي ان کي ڇاڻيندي ۽ بنائيندي هيس. اهڙيءَ طرح ٻه چار دوائون ياد آهن. جنهن کي ضرورت ٿي، ان کي ٻڌايم. سمجهدار گهرن ۾ ٻارن جو علاج ته عورتون ئي ڪنديون آهن؛ جڏهن ڪا وڏي مشڪلات درپيش ايندي آهي، تڏهن ئي طبيب وٽ ويندي آهن.“

•

# عجيب آڪاٽي

سفيهه چيو، استاد ياٽي صاحبه! اوهان مهرباني ڪري مون ڪي پنهنجي مڪتب جو سڀ انتظام ڏيکاريو. خدا جي واسطي ٿورڙي گهڙي ترسو، ته آءٌ ڏسي وٺان ته ڇوڪريون ڪهڙيءَ طرح آڪاٽيون چون ٿيون، ۽ آڪاٽين ۾ ڪهڙيءَ طرح اوهين تعليم ٿيون ڏيو."

اصغريءَ ورندي ڏني ته "ادي! مون کي دير ته ٿئي ٿي، پر خير، اوهان جو لحاظ آهي. چڱو ڇوڪريون اڄ ڪنهن جو وارو آهي؟"

محموده چيو، "وارو امۃ الله جو آهي، پر اڄ فضيلت ڪان چوايو."

اصغريءَ چيو، "چڱو فضيلت! ڪا تمام ننڍڙي آڪاٽي چئي ٻڌاءِ!"

فضليت آڪاٽي شروع ڪئي:

"هڪڙو هو بادشاهه ........."

اصغريءَ چيس ته "بادشاهه ڪنهن کي چوندا آهن؟"

فضليت چيو ته "جيئن دهلي ۾ بهادر شاهه هو."

اصغريءَ چيو، "هيءَ ته توهان اهڙي ڳالهه چئي، جو جيڪو دهلي ۽ بهادر شاهه کي سڃاڻندو هجي، اهوئي سمجهي!"

فضيلت چيو، "بادشاهه حاڪم کي چوندا آهن."

"ائين ته ڪوتوال ٿاڻيدار به بادشاهه ٿيا!"

"نه، ڪوتوال ۽ ٿاڻيدار ته بادشاهه نه آهن، اهي بادشاهه جا نوڪر آهن."

"ڇا، ڪوتوال حاڪم نه آهي؟"

"حاڪم ته آهي، پر بادشاهه سڀني کان وڏو حاڪم هوندو آهي ۽ سڀني تي حڪم هلائندو آهي."

”اسان جو بادشاهہ ڪير آهي؟“

”جڏهن کان بهادر شاهہ کي انگريز قيد ڪري ڪاري پاڻيءَ ڏانهن وٺي ويا، تڏهن کان تہ ڪوبہ بادشاهہ ڪونهي.“

هي ٻڌي سڀ ڇوڪريون کلڻ لڳيون.

”فضيلت تو تہ اها چريائيءَ جي ڳالهہ ڪئي! تو پاڻ چيو تہ جيڪو سڀ کان وڏو حاڪم هجي، ۽ سڀني تي حڪم هلائي اهوئي بادشاهہ هوندو آهي. هي بہ ڄاڻين ٿي تہ بهادر شاهہ کي انگريز پڪڙي ڪاري پاڻيءَ ڏانهن وٺي ويا، تہ انگريز بادشاهہ ٿيا نہ ٿيا؟“

”هائو، ٿيا تہ سهي.“

”چڱو، هاڻي ٻڌاءِ تہ اسان جو ڪير بادشاهہ آهي؟“

”انگريز.“

”ڇا، انگريز ڪنهن خاص ماڻهوءَ جو نالو آهي؟“

”نہ، سوين هزارين انگريز آهن.“

”ڇا، سڀ انگريز بادشاهہ آهن؟“

”ٻيو ڇا؟“

هي ٻڌي وري بہ سڀ ڇوڪريون کِليون.

اصغريءَ، حسن آرا جي طرف اشارو ڪيو تہ ”تون جواب ڏي.“

”اسان جو بادشاهہ راڻي وڪٽوريا آهي.“

”وڪٽوريا مرد آهي يا عورت؟“

”عورت آهي.“

”ڪٿي رهندي آهي؟“

”لندن ۾.“

”لندن ڪٿي آهي؟“

”انگريزن جي ملڪ ۾ هڪ تمام وڏو شهر آهي.“

”ڪيترو پري ٿيندو؟“

”مون هڪڙي ڪتاب ۾ پنج هزار ڪوهہ لکيل ڏٺا آهن.“

”ڪوهہ ڪيترو ڊگهو هوندو آهي؟“

”استاد ياڻي صاحبہ! سلطان نظام الدين تائين ٽي ڪوهہ چوندا آهن.“

هي ٻڌي محموده کلي، ۽ چيائين تہ ”هڪڙو ميل ١٧٦٠ وال هوندو آهي ۽ ڪوهہ ۾ ٻہ ميل ٿيندا آهن.“ تنهن تي اصغريءَ، محموده کان پڇيو تہ ”هن دفعي جو آءٌ قطب صاحب تي ويئي هيس ۽ توهين بہ مون سان گڏ هيون، تہ توهان بہ ڏٺو هو تہ ٿورو ٿورو پري سڙڪ تي پٿر کتل هئا ۽ پٿر تي ڪجهہ لکيل هو. اُهي پٿر ڪهڙا هئا؟“

محموده چيو، ”مون اندازي سان هي ئي سمجهيو تہ ڪوهن جا پٿر آهن، پر گاڏي اهڙي تکي هئي، جو پٿرن تي نظر ئي نٿي جمي. آءٌ چڱيءَ طرح پڙهي نہ سگهيس تہ انهن تي ڇا لکيل هو.“

اصغريءَ چيو، اهي ڪوهن جا پٿر نہ هئا، پر ميلن جا پٽر هئا. اڌ ڪوهہ جو ميل هوندو آهي، ۽ هر هڪ ميل تي پٿر کتل آهي. ان ۾ هي لکيل هوندو آهي تہ ’هتان کان دهلي هيترا ميل آهي، ۽ قطب صاحب هيترا ميل‘ .“

ان کان پوءِ اصغريءَ وري حسن آرا ڏانهن نهاري کانئس پڇيو، ”ها ادي! لنڊن ڪهڙي طرف آهي؟“

”اتر، اولهہ طرف آهي.“

”اهو تہ آءٌ نٿي ڄاڻان: ٿورو وڌيڪ سمجهاءِ!“

”اهو ملڪ تمام سرد آهي. جيترو اتر ڏانهن وڃبو، اوتري گرمي گهٽبي ويندي، ۽ جيترو ڏکڻ ڏي هلبو، اوتري گرمي زياده ٿيندي ويندي.“

سفيهڻ چيو، ”پوءِ اُستاد ياڻي صاحبہ! عورت بادشاهہ آهي؟“

اصغريءَ چيو، ”انهيءَ ۾ عجب جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟“

سفيهڻ چيو، ”عجب جي ڳالهہ چو نہ آهي؟ عورت ذات ڇا بادشاهي ڪندي هوندي؟“

اصغريءَ چيو ”جيڪي مرد بادشاهہ ڪن ٿا، سوئي عورت ڪري ٿي، يعني ملڪ جو بندوبست ۽ رعيت جي پالنا!“

سفيهڻ وري بہ چيو، ”عورت ڇا ڪندي هوندي؟ ڪندا سيڪجهہ انگريز مرد هوندا. نالي ڪاڻ عورت کي بادشاهہ بنائي رکيو هوندائون.“

اصغريءَ چيو، ”هي سڀ انگريز، راڻيءَ جا نوڪر آهن. هر هڪ جو ڪم ڌار آهي. ۽ هر هڪ جي اختياري جدا آهي. پنهنجي پنهنجي ڪم تي سڀيئي چست چالاڪ ۽ مضبوط رهندا آهن. جڏهن مرد بادشاهہ هوندا آهن. تڏهن بہ ڪم ڪار سڀ امير وزير ڪندا آهن.“

سفيهڻ چيو، ”منهنجي دل تہ قبول نٿي ڪري، تہ عورت ذات بادشاهي بہ ڪري سگهي ٿي.“

اصغريءَ چيو ”ڀوپال جي بيگم جو نالو ٻڌو اٿئي؟“

سفيهڻ چيو، چو، ٻڌو چو نہ اٿئون. خود منهنجو سهرو ڀوپال ۾ نوڪر آهي.“

اصغريءَ چيو، ”بس، انهيءَ طرح سمجهو تہ ڀوپال ننڍڙو ملڪ آهي، ۽ راڻي وڪٽوريا جو ملڪ هڪ وڏي سلطنت آهي. جهڙيءَ طرح ڀوپال جي بيگم پنهنجي ننڍڙي ملڪ جو بندوبست ڪري ٿي، تهڙيءَ طرح راڻي وڪٽوريا پنهنجي وڏيءَ بادشاهيءَ جو انتظام ڪندي آهي. ڀوپال ننڍڙي حڪومت آهي، اتي نوڪر چاڪر ٿورا آهن، ۽ ٿورو پگهار ملين ٿو: پر راڻي وڪٽوريا جي حڪومت وڏي عاليشان آهي. جتي وڏا ڪارخانا ۽ لکين نوڪر آهن، جن جون پگهارون وڏيون ٻڌل آهن!“

سفيهڻ چيو، ”انگريزن جي عورتن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! اهي تہ ڪجهہ ٻئي ئي قسم جون عورتون آهن. اسان جي انهن سان ڪهڙي ريس

آهي. اهي تہ پردي ڪانسواءِ ٻاهر گهمن ٿيون. ٻڌاندي آهيان تہ ننيڙن ننيڙن ٻارن کي ولايت موڪليندڀون آهن، ۽ انهن جي دل کي ڳڻتي ئي ڪانہ ٿي ٿئي. خبر ناهي ڪهڙي قسم جون مائرون آهن! ڪيئن انهن جي دل کي صبر ٿو اچي. وري ٻاهر گهمڻ وارين، ۽ انهن جي لوهہ جي دل! انهن کي سمنڊ ڇا، پر هوا تي بہ اڏامڻ مشڪل نہ آهي!"

اصغريءَ چيو، "اوهان ٻاهر گهمڻ جي ڳالهہ ڪئي، سو انهن جي ملڪ ۾ پردي جو تہ رواج ئي ڪونهي. بلوي جي ڏينهن ۾، اسان هڪڙي ٻاهراڙيءَ جي ڳوٺڙي ۾ پهچي ويا هئاسين. اتي بہ پردي جو دستور ڪونہ هو. سڀني جون نهرون،ڏيئر ٻاهر نڪرنديون هيون. آءُ چار مهينا اُتي رهيس. ٻاهر جي انهن گهمڻ ڦرڻ وارين ۾ اهو شرم ۽ لحاظ ڏٺم، جو خدا شال اسان سڀني پردي وارين کي نصيب ڪري. ٻارن کي ولايت موڪلڻ مان توهان ڪيئن سمجهيو تہ انگريز عورتن کي اولاد جي محبت ڪانہ آهي! انهن مائرن جي محبت سمجهداريءَ جي محبت آهي. هتان جي مائرن وانگر ح ي ۽ غير معقول محبت نہ اٿن، جو اولاد کي پڙهڻ کان روڪين ۽ هنر حاصل ڪرڻ کان جهلين. اسان جي ملڪ جي عورتن کي پنهنجي اولاد جي تہ محبت آهي، پر حقيقت ۾ هو اولاد جي حق ۾ ڪنڊا ٿيون پوکين- سچ پچ تہ هو اولاد کي ڏنگائيءَ ۾ وڌائينديون وڃن ٿيون ۽ محبت جو نالو بدنام ٿيون ڪن."

هتي پهچي سڀني ماٺ ڪئي، تہ فضيلت پنهنجي آڪاٽي شروع ڪئي "...... ۽ ان بادشاهہ کي ڪوبہ پٽ ڪونہ هو. هڪڙي ڌيءُ هيس. بادشاهہ سمجهيو تہ مون کان پوءِ هيءَ ئي ڇوڪري بادشاهيءَ جي مالڪياڻي ٿيندي، تهنڪري ان ڇوڪريءَ کي خوب لکايائين ۽ پڙهايائين. حڪومت هلائڻ جا قاعدا قانون سڀ ان کي چڱيءَ طرح سيکاريائين، ۽ پنهنجي جيئري ئي انهيءَ کي ملڪ جو ڪم سونپي ڇڏيائين.

.........“ فضيلت هتي پهتي تہ اصغري چوڻ لڳي ”اديءَ! توهين تہ تڪڙ تڪڙ ۾ آڪاٽيون چونديون ٽيون وجو. منهنجي دل ۾ پڇڻ لاءِ هزارين ڳالهيون پريل آهن، پر ڇا ڪريان، منجهند اچي ٿي آهي، ۽ مون کي عاليہ جي گهر ضرور وڃڻو آهي: شام جي وقت ڪنهن جي گهر بيمار کان پڇڻ لاءِ وڃڻ بہ منع آهي. آءُ تہ هينئر ترسي نٿي سگهان. توهين ڇوڪريون پاڻ ۾ پلي ويهي ڳالهيون ڇوَ، پُڇو.“. سفيهڻ کي چيائين: ”ڏس، ادي! الله پيلي، آءُ تہ وڃان ٿي. توهان جي دل چاهي تہ وينيون رهو، يا سپاٽي موٽي اچجو. هتي تہ ڏهاڙي هيئن ئي ٿيندو آهي.“

مطلب تہ اصغري عاليہ جي گهر رواني ٿي، ۽ سفيهڻ اتي اهڙي ريڏي، جو سج لٿي تائين ڇوڪرين ۾ ويني رهي. اصغريءَ جي وڃڻ کان پوءِ محموده ۽ حسن آرا آڪاٽيءَ جي وچ ۾ ڇپي ڇپي تي خوب مزي جون ڳالهيون پئي ڪيون.

هن بيان مان اصغريءَ جي مڪتب جو انتظام ۽ سندس تعليم ڏيڻ جو دستور چڱيءَ طرح ظاهر ٿيو.

## حسن آرا جو مڪتب ڇڏڻ ۽ اصغريءَ جو پنهنجي مڙس کي روزگار سان لڳائڻ

اصغري بيشڪ حسن آرا کي گهڻو پيار ڪندي هئي، ۽ تنهن کان بہ گهڻو پنهنجي نڻان محموده کي. حسن آرا کي اهڙي سهڻي نموني پڙهايائين، جو ٻن سالن ۾ فارسي پڙهڻ لڳي، ۽ اردوءَ ۾ خط لکي سگهندي هئي. نہ اها خراب طبيعت حسن آرا جي باقي رهي نہ اها چڙ ۽

من مچلائي. بلڪل غريب، لکڻ پڙهڻ ۾ قابل، هنر واري ۽ پياري ڏيءَ
ٻڌجي ويئي.

مطلب تہ حڪيم صاحب جو سڄو گهر، ننڍا وڏا، اصغريءَ جا پير
ڌوئي پيڻ لڳا. سلطانہ بيگم لڪ لڪ اٽڪلون ڪيون تہ اصغري ڪجهہ
وڃي، مگر ان الله جي ٻانهيءَ ڪجهہ بہ نہ ورُتو. جڏهن حسن آرا جي شادي
ٿيڻ لڳي، تہ وڏي حڪيم صاحب مولوي محمد فاضل، اصغريءَ تي زور
بار آڻي ڪيس هڪ هزار روپين جا جڙا دار ڪنگڻ ڏنا ۽ چيائينس تہ
”توهين منهنجين پوٽين ۽ ڏوهٽين جي برابر آهيو. آءٌ توهان کي استاديءَ
جي عوض نٿو ڏيان، پر پنهنجو ٻچو سمجهي ڏيان ٿو.“ هوڏانهن مولوي
صاحب بہ سمجهايس. تڏهن مس اصغريءَ ڪنگڻ ورتا.

هيڏانهن اصغري پنهنجي مڪتب ۾ رُڌل هئي، ۽ هوڏانهن محمد
ڪامل بيروگاريءَ کان پريشان هو. هڪڙي ڏينهن اصغريءَ کي چوڻ لڳو،
”هاڻي منهنجي دل تمام گهڻو پريشان آهي. جيڪڏهن اوهان جي صلاح
هجي تہ آءٌ مختارڪار صاحب (توهان جي والد صاحب) وٽ هليو وڃان، ۽
ان جي معرفت ڪا نوڪري ڳوليان.“

اصغريءَ ٿورڙي دير صبر ڪري ورندي ڏني، ”نوڪري ڪرڻ تہ تمام
ضروري آهي. اوهين واقعي ڏسو ٿا تہ ڪهڙيءَ تنگيءَ سان گهر ۾ گذران ٿو
ٿئي. ابا جان، اوهان جا والد صاحب هينئر پوڙها ٿيا آهن. مناسب هي
آهي تہ هو گهر ۾ ويهن ۽ توهين ڪمائي سندن خدمت ڪريو.

”تنهن کان سواءِ محموده وڏي ٿيندي ٿي وڃي، مان انهيءَ فڪر ۾
آهيان، ۽ ارادو اٿم تہ ڪنهن چڱي گهراڻي ۾ سنديس شادي ٿئي. آءٌ رٿ
ڪري رهي آهيان تہ انشاء الله تعاليٰ هن ئي سال سنديس ڳالهہ مقرر ٿي
وڃي. پر ان لاءِ وڏو سامان گهربو. هن وقت تائين ڪنهن قسم جي ڪا بہ
شَي موجود نہ آهي. ادا سائين محمد عاقل جن اول تہ ڏار آهن. اهڙيءَ
ننڍڙيءَ نوڪريءَ ۾ انهن جو پنهنجو گذران بہ ٿي نٿو سگهي، ٻئي کي

ڪٿان ڏيئي تا سگهن. پوءِ سواءِ هن جي، تہ اوهين نوڪري ڪريو، ٻيو ڪوبہ رستو ڪونهي. پر قبلہ والد صاحب وٽ وڃڻ لاءِ منهنجي صلاح نہ آهي. بابا صاحب جن تہ توهان لاءِ ڪوشش ڪندا ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڪري جلدي سٺي نوڪري ملي بہ وَيندي، پر ڪنهن جي ٽيڪ وٺي نوڪري ڪرڻ ڪا سٺي ڳالهہ نہ آهي. روزگار تمام ٿوري ڪان ٿورڙئي هجي، پر پنهنجي هٿن جي طاقت سان هجي. توڙي بابا جن ڏاريا نہ آهن، مائٽيءَ ۾ بہ توهان تي انهن جو هٿ آهي- انهن ڪان وٺڻ ڇا ، بلڪ گهرڻ بہ عيب نہ آهي، پر وري بہ خدا ڪنهن جو ٿورائتو نہ ڪري، سدا لاءِ لڄي ٿي وڃبو آهي. اهي ڪٿي زبان تي نہ آڻيندا ، پر خاندان ۾ الله رکين، سؤ ماڻهو آهن. روبرو نہ چوندا ، تہ پرپٺ ضرور چوندا تہ ڏسو، سهري جي مدد سان نوڪر ٿيا' !"

محمد ڪامل چيو، "پوءِ ڇا ڪريان؟ لاهور هليو وڃان؟"

اصغريءَ چيس، "لاهور ۾ ڇا آهي؟ رئيس جي زميداري پاڻ ڏٽڙيل آهي. بابا سائين کي بہ خبر ناهي تہ اصل جو لحاظ رکي هو ڪنهن طرح نوي روپيا ڏئي ٿو. نئين ماڻهوءَ جي جاءِ ان جي زمينداريءَ ۾ ڪٿي؟"

محمد ڪامل چيو، "ٻيا ڪيترائي زميندار آهن."

اصغريءَ چيس، "جڏهن ڪان انگريز ٿيا ، تڏهن ڪان سڀ رئيس ائين ئي پست آهن. اڳئين نانءَ ۽ ناموس کي سيئي نباهين تا: ان ڪري پنج ڏهہ ماڻهو انهن وٽ ڇهتيل رهندا آهن، جن کي سالن تائين پگهار بہ پورو نٿو ملي."

محمد ڪامل چيو، "پوءِ ڪهڙو علاج؟"

اصغريءَ چيس، "انگريزي نوڪري ڳوليو."

محمد ڪامل چيو، "انگريزي نوڪري تہ بنا ڪنهن واقفڪار جي، سفارش جي نٿي ملي. هزارين لکين ماڻهو مون ڪان بہ بهتر رلندا تا وتن، تن کي ڪو پڇي بہ ڪونہ ٿو."

اصغريءَ چيس، "هائو، سچ آهي، پر جڏهن ماڻهو ارادو ڪري، تہ

خدا تي توڪل ڪري ۽ نااميديءَ جو خيال دل ۾ اچڻ ئي نہ ڏئي. مجان ٿي، هزارين نوڪريءَ جي ڳولا ۾ اجايو ڦرن ٿا. پر جيڪي نوڪر آهن، سني بہ توهان جهڙا ماڻهو آهن. سَو ڳالهين جي هڪ ڳالهہ هيءَ آهي تہ نوڪري قسمت سان ملندي آهي. وڏا لائق ماڻهو ڏسندي رهجي ٿا وڃن. جيڪڏهن خدا کي ڏيڻ منظور هوندو آهي، تہ نہ وسيلو آهي، نہ لياقت ـ گهران سڏي نوڪر ڪري رکندا آهن."

محمد ڪامل چيو، "مطلب هي آهي تہ گهر وينو هجان؟"

اصغريءَ چيس، "منهنجو مطلب اهو هر گز نہ هو. جيستائين پاڻ کان ٿي سگهي، ڪوشش ڪرڻ گهرجي."

محمد ڪامل چيو، "مشڪل تہ اهائي آهي تہ ڪوشش ڪهڙي ڪريان؟"

اصغريءَ چيس، "جيڪي ماڻهو نوڪريءَ جي ڏنڊي وارا آهن، تن سان ملاقات پيدا ڪريو، انهن سان محبت وڌايو. انهن جي رستي اوهان کي نوڪريءَ جي خبر ملندي رهندي، ۽ انهن جي وسيلي توهين ڪنهن حاڪم وٽ پهچي ويندا." پوءِ محمد ڪامل هيئن ڪيو، جو نوڪريءَ وارن سان ملاقات ڪرڻ شروع ڪيائين ـ ايتري تائين، جو سرشتيدارن، مختيارڪارن ۽ ٻين اهڙن ماڻهن وٽ بہ اچڻ وڃڻ لڳو. ڏهاڙيءَ جي اچڻ وڃڻ مان سڀني کي معلوم ٿيو تہ هي نوڪريءَ جي ڳولا ۾ آهي. هڪڙي ڏينهن بنده علي بيگ، جو ڪورٽ ۾ اظهار نويس (بيان لکندڙ منشي) هو، تنهن محمد ڪامل کي چيو تہ "ميان! نوڪريءَ جي تلاش اٿو، تہ مون سان گڏ ڪورٽ ۾ هلو. گهٽي اميد رکو، سرشتيداريءَ جي ڪم کان واقفيت پيدا ڪريو. حاڪمن کي منهن ڏيکاريو، ۽ اهڙي طرح ڪڏهن نہ ڪڏهن وارو لڳي ويندوَ."

تنهن تي محمد ڪامل ڪورٽ ۾ وڃڻ لڳو. هو بنده علي بيگ سان گڏ ڪم ڪندو هو، ايتري تائين جو حاڪم کان ڪاغذ صحيح ڪرائي

آئيندو هو. حاڪم هن کي آهستي آهستي سڃاڻڻ لڳو. انهيءَ وچ ۾ ننڍن ننڍن عهديدارن جون ٻه چار عوضيءَ طور جايون به محمد ڪامل کي مليون. ڪنهن ماڻهوءَ کي موڪل جي ضرورت ٿي، ته اهو اُن ڏهاڙي پگهار تي ان کي عوضي ڏيئي ويو. تان جو اتفاق سان هڪ ڏهن روپين جو روزنامچه نويس، ٽن مهينن جي موڪل تي ويو هو: ٽن مهينن کان پوءِ ان استعفا موڪلي ڏني، ۽ محمد ڪامل انهيءَ جي جاءِ تي پڪيءَ طرح مقرر ٿي ويو.

ڪڏهن اصغريءَ جي واتان سندس نوڪريءَ جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه نڪرندي هئي، ته محمد ڪامل بڇان سان چوندو هو، "ڇا ٻڌايانءِ، واهيات نوڪري آهي. سڄو ڏينهن پيسجڻ، ۽ ان جو اجورو فقط ڏهه روپيا. نه پگهار کان سواءِ ٻي ڪا پيدائش آهي، ۽ نه آئيندي جي ترقيءَ جي اُميد. مان ته ان کي ڇڏي ڏيندس."

اصغري هميشه اهڙن خيالن تي ملامت ڪندي هيس ته "توهين سخت ناشڪري ٿا ڪريو. اهي ڏينهن وسري وِيَوَ، جو اُميد به نصيب نه ٿيندي هُيَوَ، ۽ هاڻي ڪم ٿيُ آهيو، ته قدر نٿا ڪريو. گهر جو گهر ۾، ڇا ڏهه روپيا ٿورا آهن؟ پنهنجي وڏي ڀاءُ کي ڏسو ته ڪيترن سالن تائين سوداگر وٽ ڏهن روپين جي نوڪري ڪندو رهيو: ۽ جڏهن توهان نوڪريءَ کان اهڙو بيزار آهيو ته توهان کان ڪم به نه ٿيندو هوندو. پڇاڙيءَ ۾ اها نوڪري به هلي ويندِيوَ. انهيءَ نموني ٿوري کان گهٽو به ٿيندو آهي. اسان جي بابي سائين جن جيڪي پهريائين اٺن روپين پگهار سان نقل نويس هئا، هاڻي خدا جي فضل سان مختارڪار آهي، ۽ الله گهريو ته اڃا به وڌندا. مٿينءَ آمدنيءَ (رشوت) ڏانهن ڪڏهن پلجي به نه نهارجو. حرام جي مال ۾ هر گز برڪت ڪانه هوندي آهي. نصيب کان وڌيڪ ملي نٿو سگهي. پوءِ ماڻهو پنهنجي نيّت کي ڊانوال ڊول ڇو ڪري؟ جيڪڏهن ان کان زياده ملڻو آهي، ته خدا پاڪ حلال سان به ڏيئي سگهي ٿو."

مطلب تہ اصغري هميشه محمد ڪامل کي سمجهائيندي رهندي هئي. اوچتو، جنهن حاڪم وٽ محمد ڪامل نوڪر هو، ان جي بدلي سيالڪوٽ ۾ ٿي. هي حاڪم محمد ڪامل تي گهڻو مهربان هو. ڏينهن جو ڪورٽ ۾ هي حال معلوم ٿيو، شام جو محمد ڪامل گهر آيو، تہ گهڻو غمگين هو.

اصغريءَ پڇيس، "خيريت آهي؟ اڄ ڇو اداس آهيو؟"

محمد ڪامل چيو، "ڇا ٻڌايان، جيمس صاحب جي بدلي سيالڪوٽ ٿي آهي. هو صاحب مون تي ڏاڍو مهربان هوندو هو. هاڻي ڪورٽ ۾ رهڻ جو مزوئي ڪونهي."

اصغريءَ گهڻي دير تائين ماٺ ڪئي. پوءِ چيائين، "بيشڪ جيمس صاحب جي بدلي ارمان جي ڳالهہ آهي، پر اينتريقدر نہ، جيترو توهان کي آهي. پيو، جو ان جي جاءِ تي ايندو، تہ خدا پاڪ ان جي دل ۾ بہ رحم وجهندو. انسان کي انسان تي ڀروسو رکڻ گهرجي."

پوءِ اصغريءَ پڇيس، "جيمس صاحب ڪڏهن ويندو؟"

محمد ڪامل چيو، "سڀاڻي شام جو ٽپال گاڏيءَ ۾ چڙهي ويندو."

اصغريءَ چيس، "توهين هن جي بنگلي تي ڪونہ ويا آهيو؟"

محمد ڪامل چيو، "هاڻي ڇا وڃجي."

اصغريءَ چيس، "واهہ! هيءَ تہ ملڻ جو وقت آهي؛ ٻيو ڪجهہ نہ ٿئي، تہ بہ مون کو لياقت جو سرٽيفڪيٽ توهان کي ڏيئي وڃي."

محمد ڪامل چيو، "چڱو صبح جو ويندس."

صبح جو تمام سوير، سنا ڪپڙا ڍڪي محمد ڪامل، جيمس صاحب جي بنگلي تي ويو. جيمس صاحب چيس، "محمد ڪامل! اسين هينئر سيالڪوٽ وڃون ٿا، ۽ اسين توهان کان گهڻو راضي هئا سين. هاڻي جيڪڏهن توهان جي مرضي هجي، تہ اسان سان گڏجي سيالڪوٽ هلو. اسين توهان کي اُتي نوڪري ڏينداسين، جي نہ تہ پنهنجي پاران پندرهن

روپيا ڏيندا سين."

محمد ڪامل ويچار ڪري چيو، "هن جو جواب آءُ حضور جن کي پوءِ حاضر ٿي ڏيندس. پنهنجي والده کان پڇان."

مطلب تہ محمد ڪامل گهر موٽي آيو، ۽ اچي ڳالهہ ڪيائين تہ "جيمس صاحب جن مون کي پاڻ سان سيالڪوٽ وٺي ٿا وڃن."

محمد ڪامل جي ماءُ تہ ٻڌڻ سان ئي وٺي گوڙ مچايو. اصغري بہ فڪر ۾ پيئي. آخر محمد ڪامل پڇين، "ٻڌايو تہ مان وڃي ڪهڙو جواب ڏيان؟"

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، "جواب ڇا ڏيڻو آهي. هاڻي ڇا هو تنهنجي لاءِ وينو هوندو؟ يا تنهنجي لاءِ سپاهي موڪلي رهيو آهي؟"

محمد ڪامل چيس، "آءُ صاحب سان واعدو ڪري آيو آهيان. هو پنهنجيءَ دل ۾ چوندو تہ هندستاني ڪهڙا نہ مطلبي آهن - وڃڻ وقت بہ مون سان ڪوڙ ڳالهايائين."

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، "چڱو وڃي چئي اچينس تہ 'صاحب! منهنجو هلڻ ٿي نٿو سگهي.' "

محمد ڪامل اصغريءَ کان پڇيو، "تنهنجي ڇا صلاح آهي؟"

اصغريءَ چيس، "صلاح بي ڳالهہ آهي، ۽ دل جي خواهش بي ڳالهہ هوندي آهي. دل جي خواهش تہ هيءَ هئي تہ اوهان هتي رهو. گهر جو انتظام رڳو اوهان جي سِر سان آهي. آخر گهر ۾ ڪو مرد بہ گهرجي، جي صلاح پڇو ٿا تہ وڃڻ مناسب آهي. جڏهن هڪ حاڪم بنا چوڻ جي توهان کي پاڻ سان وٺي ٿو وڃي، تہ ضرور پنهنجيءَ جاءِ تي پهچي، گهٽي پلائيءَ ۽ نيڪيءَ جو ورتاءُ ڪندو."

محمد ڪامل چيو، "پنجن رپين جي لاءِ ڇا، پر ٽي سَو ڪوهہ سفر ڪريان؟ منهنجي دل وڃڻ نٿي گهري. جيئن پهاڪو آهي تہ 'ٻاهر جي سڄيءَ کان گهر جو اڌ بہ چڱو.' "

اصغريءَ چيس، ”هونءَ تہ توهان كي اختيار آهي. مگر موقعو تقدير سان مليو آهي، وري هٿ نہ ايندو. مسافري كير نٿو كري؟ اسان جو والد، توهان جو والد، ڏسو انهن ماڻهن پنهنجي عمر سفر ۾ گذاري. هينئر پنج ٻُڌا ويا، پوءِ ڏسندا تہ كيترا پنج آهن. جيكڏهن نٿا وڃو، تہ وري ڏهن روپين ۾ بيدلي ظاهر نہ كريو.“

محمد كامل چيو، ”هتان جي نوكريءَ كان استعيفا ڏيئي وڃان، ۽ پوءِ سمجھو تہ اتي كو بہ كم نہ ٿيو، تہ هوڏانهن كان بہ ويس تہ هيڏانهن كان بہ ويس.“

اصغريءَ چيس، ”پهرين هي فرض كري وڃو تہ اُتي كا روزگار جي صورت پيدا نٿي ٿئي، اهو تہ عقل كان ابتڙ آهي.

جيمس صاحب ايڏو وڏو حاكم، ۽ توهان كي كم ڏيڻ گهري ۽ صورت پيدا نہ ٿئي! منهنجيءَ سمجھہ ۾ تہ نٿو اچي، ـ پر وري استعيفا ڇو ڏيو، مهيني ٻن جي كٽي موكل وٺو.“

محمد كامل چيو، ”موكل منظور كا نہ ٿيندي.“

اصغريءَ چيس تہ ”منظور ڇو نہ ٿيندي؟ جيمس صاحب كي چئو تہ اوهان كي منظور كري ڏيندو.“

# محمد كامل جو سيالكوٽ وڃڻ ۽ سندس ترقي

مطلب تہ اصغريءَ زبردستيءَ سان محمد كامل كي وڃڻ تي راضي كيو. پنهنجي پاران پنجاهہ روپيا روك ڏنائينس، ۽ ڇهہ وڳا نوان كپڙا نهرائي ڏنائينس. ديانت جي پٽ رفيق كي ساڻ كري ڏنائينس. اهڙيءَ ريت مولوي محمد كامل جن سيالكوٽ روانا ٿي ويا.

هوڏانهن اصغريءَ پنهنجي سهري مولوي محمد فاضل كي سڀ حال

خط ۾ لکيو، ۽ اهو به لکيائين ته "جيمس صاحب جن سيالڪوٽ ويندي ضرور لاهور مان ٿيندا ويندا. جيڪڏهن ٿي سگهي ته اوهان اتي ان سان ملاقات ڪري، محمد ڪامل جي سفارش رئيس ڪان ڪرايو، ته گهڻو فائديواري ٿيندي."

مولوي صاحب، جيمس صاحب جي ڳولا ڪئي. رئيس جون ڪي ڏيهون جيڪي ضلعي سيالڪوٽ ۾ هيون، تن لاءِ رئيس جي پاران صاحب جي دعوت ڪيائين ۽ ڪيس رئيس جي باغ ۾ ترسايائين.

ماني کائڻ کان پوءِ صاحب ۽ رئيس ٻئي ڳالهيون ڪري رهيا هئا، ته مولوي صاحب جيمس صاخب کي چيو "دهليءَ جي رعيت کي اوهان جي جدائيءَ جو ڏاڍو ڏک آهي. جيتوڻيڪ اوهان فقط ٻه سال دهليءَ ۾ حاڪم ٿي رهيا، پر اوهان جي انصاف، ۽ شرفاپروريءَ کان اتان جا ماڻهو گهڻو خوش هئا. بنده زادو، منهنجو پٽ محمد ڪامل، ٻه اوهان جي خدمت ۾ حاضر هو. ان جي لکڻ مان سڀ حال معلوم ٿيندو رهندو هو.

صاحب پڇيو، "ڇا، اوهان جو ڪو پٽ به منهنجي ڪورٽ ۾ هو؟"

مولوي صاحب چيو، "محمد ڪامل!"

صاحب چيو، "اهو ته مون سان گڏ هلي ٿو، ڇا اوهان جو پٽ آهي؟"

مولي صاحب چيو، "هائو!"

رئيس انهيءَ موقعي ۾ صاحب کي چيو ته "مولوي صاحب جن اسان جي رياست جا جهونا خدمتگار آهن، ۽ اسان کي هرطرح انهن جي سنڀال لهڻ ياد رهندي آهي. اوهان ڄاڻو ٿا ته هاڻي اسان وٽ وڏيڪ سندن لائق پٽ جي لياقت پٽاندر جاءِ ڪانهي. پوءِ جيڪڏهن اوهان انهن جي فرزند، محمد ڪامل، جي پرورش فرمائيندا، ته اسان توهان جا ٿورائتا ٿينداسين."

جيمس صاحب شروع کان محمد ڪامل جي حال تي توجهه ڏيندو هو، ۽ هيءَ دعوت ۽ سفارش اهڙي مناسب وقت تي ٿي ويئي، جو جيمس

صاحب کي گهڻو خيال ٿي پيو. پهريائين تہ جوان عُمر، ٻيو شريف، ٽيون رئيس جي سفارش، چوٿون خود صاحب جو سنگتي، پنجون لائق - ايترا حق محمد ڪامل کي حاصل ٿي ويا.

صاحب پهرين ڏينهن ڪورٽ کوليندي ئي، محمد ڪامل کي پنجاه رپين پگهار سان نائب سرشتيدار مقرر ڪيو. مولوي محمد فاصل کي خط لکيائين تہ "في الحال اسان توهان جي پُٽ کي پنجاهہ روپين جي نوڪري ڏني آهي، ۽ اسين جلد ان جو واڌارو ڪندا سين. توهان رئيس جي خدمت ۾ هن جو اطلاع ڏيندا."

مولوي صاحب لائق نموني، صاحب جي شڪر گذاري ادا ڪئي. اهو محمد ڪامل، جو نوڪريءَ لاءِ محتاج هو، ڪڏهن نندين عهدن تي ڪچي نوڪري ڪندو هو، پوءِ ڏهن روپين جو روزنامچہ نويس هو، ۽ پندرهن جي انعام تي، اصغريءَ جي چوڻ ڪري جيمس صاحب سان گڏ سيالڪوٽ آيو هو، سو هاڻي هڪدم پنجاهہ روپين جو عهديدار ٿي ويو، ۽ نهايت خوش ٿيو.

محمد ڪامل جي ماءُ اگرچ سندس وڃڻ وقت ناراض ٿي هئي، پر هينئر پنجاهہ روپين جو نالو ٻڌي، هوءَ بہ بيحد خوش ٿي ۽ شڪر ڪيائين، هاڻي تہ گهر ۾ چوٽي برڪت ٿي ويئي. اصغريءَ جي انتظام لاءِ، پنجاهہ جي جاءِ تي هاڻي اَسي روپيا مهيني ۾ اچڻ لڳا.

محمد ڪامل آخر هڪ ئي سال ۾ سرشتيدار ٿي ويو. سرشتيدار ٿيڻ تائين سنڀال سان هلندو هو. سندس پاران گهر ڏانهن خرچ بہ برابر ايندو هو، ۽ سندس خط بہ لاڳيتا ايندا هئا. پر نيٺ جوان مرد هو، خودمختار ٿي رهيو، صحبت بڇڙي ملي ويس، تنهنڪري گمراهہ ٿي ويو. خط گهٽ اچڻ لڳا.

اصغري تہ وڏي سياڻي هئي: سمجهي ويئي تہ ڳالهہ ۾ ڪجهہ رولو آهي. گهڻن ڏينهن تائين اصغري ويچار ۾ رهي، تہ هاڻي ڪهڙي رٿ

ڪريان. نيٺ هن ڪان سواءِ سمجهه ۾ نه آيس ته پاڻ وڃڻ گهرجي.

اهو ويچار ڪري، اصغريءَ سيالڪوٽ وڃڻ جو پڪو ارادو ڪيو. تماشا خانم کي صلاح لاءِ گهرايائين، ۽ سڀ حال ان سان ڪيائين. تڏهن تماشا خانم چيس، ”ادي! چري ٿي آهين، شهر ڇڏي هاٽي ڪٿي سيالڪوٽ وڃي ڦرندينءَ.“

اصغريءَ چيو، ”مون کي شهر سان ڪهڙو مطلب؟ آءٌ جنهن سان ٻڌل آهيان، جتي اهو، اُتي شهر آهي.“

تماشا خانم چيو، ”ادي! ڪٽنب وارا ڇا چوندا؟ اسان جي ڪٽنب مان اڄ تائين، ڪا به زال ٻاهر ڪانه ويئي آهي.“

اصغريءَ چيو، ”هن ۾ عيب جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ آخر هيئن چوندا ته ’مڙس وٽ هلي وئي.‘ “ اها بچڙائي ڪيم ڇا؟ ڪٽنب جي رسم جي ڳالهه آهي، ته اڳين ڏينهن ۾ نه ٽپال هئي، نه ريل، ۽ نه رستا آباد هئا: انهيءَ ڪري عورتن جو سفر ڪرڻ گهڻو مشڪل هو. هاٽي ڇا مشڪل آهي، جيڪڏهن اڄ ٽپال گاڏيءَ ۾ ويهان ۽ خدا خير ڪري ته ٻئي ڏينهن سيالڪوٽ پهچان - ڇٽڪ ميرٺ وياسين!“

”ڇا، وٽانئس توکي گهرائڻ جو خط آيو آهي؟“

”خط ته ڪونه آيو آهي.“

”گهرائڻ کان سواءِ وڃڻ مناسب نه آهي.“

”توهين مناسب: نامناسب ٿيون ڏسو، ۽ مان چوان ٿي ته جيڪڏهن آءٌ نه وينديس، ته سڄيءَ عمر لاءِ گهر برباد ٿي ويندو.“

”اي ادي! تون اهڙي ڇو ٿي حد کان زياده مستاني ٿين؟ تو کي انهن جي ڪهڙي پرواهه آهي. خدا تنهنجي مڪتب کي سلامت رکي، تون ڏهن کي به ماني کارائي ٿي سگهين.

”اها به ڪا سمجهه آهي؟ هي مڪتب ته مون پنهنجي دل وندرائڻ لاءِ کوليو آهي. مون کي ان مان ڪمائي ڪرڻ جو خيال نه آهي. خدا ڄاڻي تو

کي اعتبار اچي يا نہ اچي. اڄ تائين مون مڪتب جي رقم مان هڪ پيسو بہ پنهنجي مٿان خرچ نہ ڪيو آهي. فقط پنجاهہ روپيا روڪ ۽ ويهہ روپيا ڪپڙن لاءِ تنهنجي ڀاءُ يعني پنهنجي مڙس کي ڏنا هئم، سي بہ قرض ۾ داخل آهن. باقي ڪوڏيءَ ڪوڏيءَ جو حساب لکيل موجود آهي. ڏس، عورتن جي ڪمائي بہ ڪا ڪمائي آهي؟ جيڪڏهن عورتن جي ڪمائيءَ مان گهر آباد ٿين، تہ مرد ڇو هجن. منهنجو پنهنجو گهر اَڌيل رهي، تہ مان هنڙن ڏهن مڪتبن جي برباد ٿيڻ جي بہ پرواهہ نہ ڪريان."

"هھڙي سخت مينهن جي موسم ۾ ڪيڏانهن وينديءَ؟

سيارو اچڻ ڏي، ان وقت ڪليل مند ۾ ڏسي وٺج."

"دير ڪرڻ تہ مناسب نہ آهي. هاڻي، جو ڪم سمجهائڻ سان نڪرندو، سو پوءِ وڏن جهڳڙن سان بہ نہ ٿيندو."

"ادي! گهر ڇڏڻ ڪري تنهنجي دل کي ڏک نٿو ٿئي؟"

ڏک ڇو نٿو ٿئي: ڇا آءٌ ماڻهو نہ آهيان؟ پر هي ٿوريءَ دير جو غم ڪرڻ بهتر يا سڄيءَ عمر جو جلڻ؟"

"تو پنهنجيءَ سس کان موڪل ورتي آهي؟"

"ڀلا هوءَ اجازت ڏيندي؟ پر منهنجي سس ويچاري سڌي ساڌي آهي: آءُ سمجهائيندي سانس، تہ ڪڏهن ڪانہ روڪيندي."

مطلب تہ اصغريءَ پنهنجا ارادا ۽ انهن جا سبب پنهنجي سس سان هڪڙي ڏينهن بيان ڪيا. ڳالهہ واجبي هئي، ان تي ڪير اعتراض ڪري ٿي سگهيو؟ اصغريءَ جو وڃڻ منظور ٿي ويو.

وري ٻئي ڏينهن اصغريءَ وڃي سمورو حال پنهنجيءَ ماءُ سان ڪيو، ۽ هن ڪان بہ موڪلائي آئي

مڪتب لاءِ ڇوڪرين کي سمجهايائين تہ "محموده توهان سڀني جي پڙهائڻ لاءِ ڪافي آهي. مان فقط ٻن مهينن لاءِ وڃان ٿي، ڀيڀيئي ڇوڪريون ايندي ڪجو." موڪلائڻ جي موقعي کان اڳي، پنهنجي وڏيءَ

پيڻ اڪبريءَ وٽ ويئي.

محمد عاقل پڇيس تہ ”ڪيئن مائي تميزدار! تون وڃين ٿي، پنيان مڪتب لاءِ ڪهڙو بندوبست رکيو اٿئي؟“

اصغريءَ چيس تہ ”مڪتب ۽ گهر سڀ اوهان جي حوالي ڪيو ٿي وڃان.“

محمد عاقل چيو، ”واهہ! ڪهڙو نہ چڱو! نہ مون کي گهر سان لاڳاپو، نہ مڪتب سان واسطو - آءٌ ڇا ٿو ڪري سگهان؟“

اصغريءَ چيو، ”لاڳاپو رکڻ يا نہ رکڻ، سڀ توهان جي اختيار ۾ آهي.“

محمد عاقل چيو، ”مائي تميزدار! هيءَ ڳالهہ تنهنجي واتان نڪرڻ سُهٽي ڳالهہ نہ آهي. ڀلا منهنجو ڪهڙو اختيار آهي. گهر توهان جي وڏي ڀيڻ اڪبريءَ ڇڏرايو؛ باقي رهيو مڪتب، سو ڇوڪرين جو آهي. ڇوڪرن جو هجي ها، تہ آءٌ خوشيءَ سان سيني کي پڙهايان ها.“

اصغريءَ چيو، ”هاڻي ادي وڏي ۽ توهان گهر ۾ هلي رهو. اما صاحبہ جن اڪيليون آهن.“

محمد عاقل چيو، ”پنهنجيءَ ڀيڻ کي سمجهاءِ.“

اصغريءَ چيو، ”سمجهائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ادي وڏي تہ پاڻ چاڻي ۽ سمجهي ٿي. هتي ڏار توهان کي تڪليف ٿي ٿئي. نہ ٻارن کي ڪوئي سنڀالڻ ۽ پرچائڻ وارو آهي، ۽ نہ گهر جي ڪو نظرداري ڪرڻ وارو آهي. ڏک سک ماڻهوءَ سان گڏيا پيا آهن. بنا ضرورت جدا رهڻ مناسب نہ آهي. اڳيون ڳالهيون گذري ويون. پاڻ ۾ ڦيٽاڙو ڇاجو؟ هڪٻئي سان ڪاوڙ ڪهڙي آهي؟“

اڪبري گهر جدا ڪرڻ جو مزو خوب چکي چڪي هئي، پر رڳو بهانو ٿي ڳوليائين تہ موٽي گڏ رهڻ لاءِ ڪو چوي. هڪدم راضي ٿي ويئي، ۽ اصغري ٻنهي کي پاڻ سان گڏ وٺي آئي.

محمد ڪامل جي ماءُ ڪي اصغريءَ جي وڃڻ جو ڏاڍو ڏک هو. هاڻي هن ڪي بہ دلجاءِ ٿي ويئي تہ خير هڪڙي ننهن ويئي، تہ ٻي موجود آهي.

محموده ڪي البت گهٽي ڳڻتي هئي تہ ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي؟ پر اصغريءَ هيڏانهن محموده ڪي دلجاءِ ڏني ۽ سمجهايائينس تہ هاڻي اهي ڳالهيون ڪينهن. هوڏانهن پنهنجيءَ وڏيءَ ڀيڻ اڪبريءَ ڪي سمجهايائين تہ محموده هاڻي وڏي ٿي ويئي آهي، ڪا بہ سخت يا بيهودي ڳالهہ ڪيس نہ چوي.

مڪتب لاءِ محمد عاقل ڪي ايترو چيائين تہ "پڙهائڻ لکائڻ ۽ ٻيو سڀ ڪم محموده ڪندي. توهان فقط مٿئين انتظام جي خبر لهندا ڪجو، ۽ مڪتب جي پيسن جو حساب ڪتاب محموده کي لکائيندا ڪجو."

# اصغريءَ جو سيالڪوٽ وڃي، مڙس کي مصيبتن کان ڇڏائڻ

مطلب تہ اصغريءَ موڪلايو ۽ ٽپال گاڏيءَ ۾ چڙهي، سڌي سيالڪوٽ پهتي.

هتي محمد ڪامل، اوچتو اصغريءَ جي پهچڻ تي سخت عجب ۾ پيو. پڇيائينس تہ "خيرت آهي؟ ڪيئن، اما صاحبہ جن سان وڙهي تہ نہ آئي آهين؟"

اصغريءَ چيس، "توبہ ڪريو! ڇا، آءٌ اما صاحبہ جن جي مٽ آهيان، جو ساڻن وڙهنديس؟ هنن ڇئن سالن ۾ توهان مون کي انهن سان يا ٻئي ڪنهن سان وڙهندي ڏٺو؟"

هتي محمد ڪامل چڱا رنگ ڪديا هئا. ٻچڙيءَ صحبت ۾ ڦاٿل هو.

خوشامدي ماڻهو ساڻس گڏ هئا، ۽ انهن هن کي اُلو بنايو هو. رشوت جي بازار گرم هئي. ناچ رنگ کان به پاسو ڪيل نه هو. اميري ناٽ هو، پگهار کان چوڻو ته معمولي رواجي خرچ هوندو هو. جيڪڏهن اجا ڪجهه وڌيڪ وقت رهي ها، ته ضرور جيمس صاحب کي بدگماني پيدا ٿئي ها، ۽ نيٺ محمد ڪامل جي نوڪري ويندي رهي ها. چڱي وقت تي اصغريءَ وڃي پهتي، ۽ وڃڻ سان هرطرف کان خرابين ۽ فتنن جا سوراخ بند ڪيائين. سمجهايائينس ته "توهان کي الله سائينءَ سؤ روپين جو نوڪر ڪيو. ان جي هيءَ شڪر گذاري آهي، جو توهان کي ان تي ڪفايت نه آهي."

محمد ڪامل چيو، "جيڪو خوشيءَ سان ڏئي، ان ۾ ڪهڙي خرابي ۽ عيب آهي؟"

اصغريءَ چيس، "سُبّحَان اَلله! پيسو اهڙي شي آهي، جو ڪو به اهو بنا سبب جي خوشيءَ سان نه ڏيندو آهي. هنن ڏينهن ۾ ماڻهو پيسن جا اهڙا گهرائو آهن، جو پنهنجيءَ عزت وڃڻ جي به پرواهه نٿا ڪن، مگر پيسا نٿا ڇڏين. ماڻهو پاڻ خيال ڪري ته ڇا اسان ڪنهن کي پاٽيهي ڏيون ٿا؟ هڪ زڪواة، جا اصل فرض آهي ـ سؤ تي سال ۾ چاليهون حصو (اڍائي روپيا) ـ انهيءَ جي ڏيڻ سان ئي ساهه ٿو نڪري! ماڻهن وٽ اهڙو ڪٿان جو قارون جو خزانو پريو پيو آهي، جو توهان کي بنا مطلب جي ڏيئي ٿا وڃن؟ جڏهن ڏسن ٿا ته ڪم بگڙي ٿو، جي نه ڏينداسين ته ڪيس خراب ٿي ويندو، تڏهن بيوس ٿي، قرض وٺي، گهر وارين جا زيور وڪڻي به رشوت ٿا ڏين."

محمد ڪامل چيو، "آءٌ پاڻ نٿو وٺان. پوءِ ان ۾ ڪهڙو ڏپ آهي؟"

اصغريءَ چيس، "اول ته رشوت لڪي نٿي سگهي. تنهن کان سواءِ فرض ڪيو ته ڪنهن ماڻهوءَ تي ظاهر نه ٿي؛ پر خدا، جو پردن ۾ ڏسي ٿو، اهو ته ڄاڻي ٿو. ڏوهه لڪائڻ ۽ آخرت جي جوابداري سر تي کڻڻ وڏي بي

ڊپائيءَ جي ڳالهه آهي.“

مطلب تہ اڳ پوءِ جون ڳالهيون سمجهائي، اصغريءَ، محمد ڪامل کي ھھڙين سيني اڏنگين روشن ڪان توبهہ ڪرائي.

ڪجهہ ڏينهن رهي اصغريءَ پڇيس، ”هي چار ماڻهو، جن لاءِ ٻاهر ماني وجي ٿي، سي ڪير آهن؟“

محمد ڪامل چيو، ”اهي نوڪريءَ جا اميدوار آهن. ويچارا مسافر آهن، جن کي مون چيو آهي تہ جيستائين نوڪري توهان کي ملي، تيستائين مون وٽ رهو.“

اصغريءَ چيس، ”پوءِ اجان تائين انهن کي نوڪري ڪانہ ٿي ملي؟“

محمد ڪامل چيو، ”ملين ٿي، پر انهن جي عزت ۽ لياقت کان گهٽ آهي.“

اصغريءَ چيس، ”جڏهن انهن جي حالت اها آهي، جو ٻئي جي مٿان چٽي ٿي مانيون کائين ٿا، تہ سندن عزت جي باقي ڪهڙي ڳالهہ رهي؟ ٿوري گهٽي نوڪري جا ملين، سا ڪن.“

محمد ڪامل چيو، ”خدا ڄاڻي تون ڇا ٿي چئين! عزت کان گهٽ نوڪري ڇو وٺن؟“

اصغريءَ چيس، ”گهٽ درجي جي نوڪريءَ ۾ سندن بيعزتي ٿي ٿئي، ۽ ٻئي جي مٿي تي مصيبت ٿيڻ ۽ هنن جي در تي ٽڪر کائڻ ۾ بيعزتي نہ اٿن؟ جڏهن انهن ماڻهن ۾ ايتري غيرت نہ آهي، تہ ٻيون عادتون بہ انهن جون ضرور خراب هونديون؟ انهن جي سنگت چڱي نہ آهي. ضرور توهان جي نالي هي وٺندا بہ هوندا. انهن کي چئو تہ يا نوڪري ڪن يا هتان اسان وٽان موڪلائين.“

محمد ڪامل چيو، ”منهنجي مروت تہ نٿي گهري تہ مان کين جواب ڏيان.“

اصغريءَ چيس، ”جڏهن انهن ۾ مروت نہ آهي، تہ اوهان کي مروت جي لحاظ رکڻ جو ڪهڙو ضرور آهي؟ جيڪڏهن اسان وٽ پنهنجي ڪائڻ کان پوءِ ڪجهہ بچيو، تہ ڪتنب ۾ گهڻيئي غريب آهن، انهن جو اسان تي حق هنن کان وڌيڪ آهي. ڌارين ۾ بہ اهڙن کي ڏيڻ مان ڪهڙو فائدو؟ اهو ضروري نہ آهي تہ توهين سختيءَ سان کين جواب ڏيو. ڪنهن اٽڪل سان انهن کي سمجهايو.“

مطلب تہ هي ماڻهو محمد ڪامل لاءِ هڪ عذاب هئا. اصغريءَ سياڻپ سان انهن کي ڪڍايو. نوڪرن ۾ جيڪي بچڙا هئا، سي بہ چنبڌي چاٽي ڪيا ويا؛ ۽ ڏيڍ سال جي عرصي ۾ اصغريءَ گهر جي اندر ۽ ٻاهر سڀ انتظام درست ڪري ڇڏيو.

هاڻي ميان مسلم جي شادي ٿيڻ واري هئي. اصغريءَ جي گهرائڻ لاءِ ڪيس خط لکيو ويو؛ ۽ تماشا خانم بہ گهڻي تاڪيد سان ڪيس لکيو. تنهن ڪانسواءِ گهٽا ڏينهن بہ ٿي ويا هئا. اصغريءَ دهليءَ اچڻ جو ارادو ڪيو، پر پنهنجيءَ دل ۾ ويچار ڪيائين، تہ محمد ڪامل کي اڪيلو ڇڏي وڃڻ سني صلاح نہ آهي.

محمد ڪامل کي چيائين، ”پرديس ۾ اڪيلو رهڻ چڱو نہ آهي. ڪو پنهنجو مائٽ گڏ رهڻ ضروري آهي. منهنجي ماسات محمد صالح کي گهرايو. هو توهان وٽ هتي ڪورٽ جو ڪم بہ سکندو، پڙهندو بہ ۽ شايد ڪٿي ان کي نوڪري بہ ملي وڃي.“

امير بيگم کي خط موڪليو ويو، ۽ اصغريءَ جي اُتي هوندي ئي محمد صالح پهچي ويو.

اهو ڇوڪرو نهايت نيڪ بخت هو، ۽ محمد ڪامل کان فقط ٻہ سال ننڍو هو.

# مولوي صاحب جي پينشن،
# ۽ محمد عاقل جي ترقي

هاڻي اصغريءَ کي دلجاءِ ٿي، ۽ سيالڪوٽ مان موڪلائي لاهور پهتي. هتي، هوءَ مولوي محمد فاضل وٽ هڪ هفتو رهي.

مولوي محمد فاضل جي عمر سٺ ورهين جي ويجهو هئي، ۽ ڪين مختياريءَ جي نوڪريءَ ۾ محنت گهٽي ڪرڻي ٿي پيئي. ڏهاڙي، بنا غير حاضر رهڻ جي ڪورٽن ۾ وڃي، رئيس جي ڪيسن جي خبر لهڻ، ۽ صبح شام آفيسن ۾ وڃڻ ڪري، ويچارو مولوي صاحب رات جو ايندو هو، تہ ڏاڍو ٿڪجي ايندو هو.

اصغريءَ چيس "بابا سائين! هاڻي توهان جي عمر انهيءَ تڪليف جي لائق نہ آهي، اوهان گهر ويهڻ جو ويچار ڪريو. هڪ ڪتاب ۾ مون پڙهيو آهي تہ ماڻهو پنهنجي عمرجا ٽي حصا ڪري ـ پهريون حصو ٻالڪپڻي جو، ٻيو دنيا جي ڪمن جي بندوبست جو، ۽ ٽيون آرام ۽ الله پاڪ جي يادگيريءَ جو. ان ڪري هاڻي توهان گهر ۾ ويهي آرام سان ويهو."

مولوي صاحب چيو، "پهريون تہ رئيس نٿو ڇڏي، ٻيو تہ آخر ڪو ماڻهو منهنجيءَ جاءِ تي ڪم ڪرڻ وارو بہ تہ گهرجي."

اصغريءَ چيس، "رئيس سان جڏهن اوهين پنهنجي ضعيفيءَ جو عذر ڪندا، تہ گهڻو ڪري مڃيندو. ڪم ڪرڻ لاءِ ادا محمد عاقل، ڇا، گهٽ آهي؟"

مولوي صاحب چيو، "هو ڪورٽ ۽ دربار جو دستور يا قاعدو ڇا ڄاڻي؟"

اصغريءَ چيس، ”ڪجهہ ڏينهن انهن کي گهرائي پاڻ سان گڏ رهايو، ڏسڻ وائسڻ سان سڀڪجهہ معلوم ٿي ويندس. هو تہ مولوي ماڻهو آهي. هندو ماڻهو بہ بہ چار فارسي جا ڪتاب پڙهي، ڪورٽ جي نوڪري ڪرڻ لڳندا آهن.“

مولوي صاحب کي اصغريءَ جي ڳالهہ پسند آئي. اصغري دهليءَ پهتي، ۽ مولوي صاحب، محمد عاقل کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو.

ٿورن ڏينهن ۾، محمد عاقل، پيءُ جو سڀ ڪم پنهنجي لائق ڪٽي ورتو، ۽ رئيس کي پنهنجي خدمت سان گهڻو خوش ڪيائين. تڏهن مولوي صاحب، رئيس کي چيو تہ، ”هي ڇوڪرو هاڻي حضور جي خدمت ۾ حاضر آهي. مون کي آزاد ڪرڻ فرمائيندا:

رسمست کہ مالکانِ تحرير،
آزاد کنند بندهٔ پير.

( هي رواج آهي تہ حاڪم ماڻهو پنهنجي پوڙهي نوڪر کي آزاد ڪندا آهن. ) .

رئيس وڏيءَ دل وارو ۽ سخي ماڻهو هو، تنهن ويهہ روپيا مهيني ۾، سڄيءَ ڄمار لاءِ، مولوي صاحب جي پينشن مقرر ڪري ڏني؛ ۽ مولوي صاحب جي جاءِ تي محمد عاقل کي پوريءَ پگهار سان پاڻ وٽ رکيائين.

●

# اصغريءَ جي اميرزادين سان ملاقات، ۽ محموده جو مسئلو

اصغري دهليءَ ۾ آئي، ته کيس محموده جو فڪر ٿيو. حسن آرا جهجهر کان پنهنجي گهر آئي هئي. انهن ڏينهن ۾ جمال آرا به ساهرن مان ننڍيءَ ڀيڻ سان گڏجاڻيءَ تي آئي هئي. حڪيم صاحب جو ته سڄو گهر اصغريءَ جو مريد هو. ٻئي ڀينر اصغريءَ جي اچڻ جي خبر ٻڌي، ڊوڙي آيون ۽ طرح طرح جون ڳالهيون شروع ٿي ويون.

جمال آرا چيو، "استاد ياڻي صاحبه! منهنجي دل اوهان وٽ اهڙي ته قيد ٿي پيئي آهي، جو بيان ٿي نٿو سگهي. حسن آرا ته اوهان جي شاگردياڻي آهي، پر آءٌ شاگردياڻين کان به زياده آهيان. منهنجو برباد ٿيل گهر توهان ئي آباد ڪرايو!"

اصغريءَ چيس، "آءٌ ڇا لائق آهيان!"

جمال آرا چيو، "واهه استاد ياڻي صاحبه ! آءٌ جيئري ته توهان جو قرب ۽ احسان نه وساري سگهنديس. ڇا ڪريان، توهين اسان ماڻهن جي خدمت ڪنهن طرح قبول نٿيون ڪريو. نه ته اسين پنهنجي ڪَلَ جون جُتيون به توهان کي نهرائي ڏيون، ته به شايد توهان جو حق ادا ٿي نه سگهي."

اصغريءَ چيس، "پهريون ته اوهان جي ڪا به خدمت مون کان ٿي نه سگهي آهي. پر جيڪڏهن اميراڻي قدر دانيءَ موجب منهنجو ڪو به ڪم اوهان کي پسند آيو، ته بيگم صاحبه! توهان کي خدا تعاليٰ هر طرح لائق بنايو آهي. اسان غريبن جو راضي ڪرڻ، ڇا ، ڪا وڏي ڳالهه آهي؟"

حسن آرا چيو، "استاد ياڻي صاحبه! توهان پنهنجي واتان ڪهڙي ڳالهه ٿيون ڪيو؟"

اصغريءَ چيس، "ادي حسن آرا! استادي ۽ شاگردي ته هاڻي نه رهي آهي ـ اها مڪتب تائين هئي. هاڻي الله سلامت رکيوَ، توهين شادي ڪري

ويئون. هيڏانهن توهان بنيادي اميرياڻيون ۽ اميرن جون سرتاج: هوڏانهن هيءَ (جمال آرا) سردار ۽ سردارن جي ڌيءَ ۽ ننهن. هاڻي هن شهر ۾ توهان کان وڏو ته ٻيو امير ڪونهي. توهان تائين پهچي، جو ماڻهو بي نصيب رهي، ته ان جي قسمت جي گهٽتائي آهي."

حسن آرا چيو، "چڱو استادياڻي صاحبه! ڪهڙي ڳالهه آهي؟"

اصغريءَ چيو ته "ادي! وڏو مشڪل ڪم آهي. توهين وعدو ڪريو ته مون کي نااُميد نه ڪنديون، ته آءٌ چوان."

حسن آرا ۽ جمال آرا پاڻيو ته ڪنهن جي نوڪري چاڪريءَ لاءِ چوندي، سو ٻنهي چيو، "استادياڻي صاحبه! خدا جو قسم! توهان جي لاءِ اسين دل ۽ جان سان حاضر آهيون. ڏسو، اسان کي ڪجهه حڪم ڏيو!"

اصغريءَ چيُن، "اهو ڪم منهنجي اڳيان ته وڏو آهي، پر جيڪڏهن اوهان ٻئي دل سان تيار آهيو ته ڪوبه وڏو ڪم نه آهي."

ٻنهي ڀيڻرن چيو، "استادياڻي صاحبه! خدا ٿو ڄاڻي اسان جي ڪرڻ جو ڪم هجي، ته احسان کي ان ۾ هر گز سستي يا دير ڪرڻي نه آهي."

جڏهن خوب پڪو انجام ڪرايائين، تڏهن اصغريءَ چيُن، "منهنجي هيءَ اُميد آهي ته محموده کي پنهنجي فرزنديءَ ۾ قبول ڪريو، يعني پنهنجي ڀاءُ سان سندس شادي ڪرايو."

هيءَ ڳالهه ٻڌي ٻنهي ڀيڻرن ماٺ ڪئي. وري هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. جڏهن ٻئي اٿڻ واريون ٿيون، ته اصغريءَ هڪ هٿ سان حسن آرا جي پوتي پڪڙي ۽ ٻئي هٿ سان جمال آرا جي، ۽ چيائين ته "هاڻي مان پنهنجو حق لڙي وڙهي، جهيڙو جهڳڙو ڪري به وٺندس، ۽ جيستائين منهنجو سوال پورو نه ٿيندو، خدا جو قسم، تيستائين توهان کي وڃڻ نه ڏيندس."

حسن آرا چيو، "استادياڻي صاحبه! ڀلا هن ۾ اسان جو ڪهڙو اختيار آهي. اجا ته ارجمند خان ڇوڪر آهي. ٻيو ته اهڙين ڳالهين ۾ ماءُ

پيءُ جي هوندي، پيرن کي ڪهڙو دخل."

اصغريءَ چيو، "وڏيون ۽ پرڙيل پيرن به ماءُ جي برابر هونديون آهن، ۽ مٿيون مائٽيون به سيني جي صلاح کان سواءِ نٿيون ٿين. ائين ٿيڻو ئي نه آهي، جو توهان سان صلاح نه ٿئي."

حسن آرا چيو، "اجا تائين اسان وٽ ته ڪا به ڳالهه ٻولهه ڪٿان جي به ڪانه آئي آهي."

اصغريءَ چيو، "توهان کي معلوم نه هوندو. علويءَ خان ڏانهن خط ويو هو، پر اهو واپس آيو."

جمال آرا چيو ته "استاديائي صاحبه! توهان ٻڌو آهي، ته ضرور ويو هوندو؛ مگر اسان سان انهيءَ معاملي ۾ ڪا به ڳالهه ڪانه ٿي آهي."

پوءِ ڳالهه ۾ ٻي ڳالهه ٿيڻ لڳي. اصغريءَ چيو، "منهنجي ڳالهه وچ ۾ رهجي ويئي. هائو، نه جو مون کي جواب ڏنو وڃي."

جمال آرا چيو ته "استاديائي صاحبه! ڀلا اسان ڪهڙيءَ طرح هائو ڪري ٿيون سگهون."

اصغريءَ چيو، دولت، صورت ۽ سيرت - ٽي شيون هونديون آهن، جن جو هنن معاملن ۾ ڀرين خيال ڪيو آهي. دولت ته اسان غريبن وٽ نالي جي به نه آهي. رهي سيرت، سو اڪيءَ حسن آرا توهين محموده کان چڱيءَ طرح واقف آهيو. ٻه ورهيه توهان ۽ هن جي سنگت رهي آهي. توهين سچ چئجو - شرم، لحاظ، ادب، نيڪبختي، هر ڪم جو ڍنگ، ۽ هر طرح جو هنر، لکڻ پڙهڻ، سبڻ پرڻ، رڌڻ پچائڻ، اهي سڀ ڳالهيون محموده ۾ آهن يا نه؟

"رڳو ان تي ٻڌل نه آهي ته محموده منهنجي نٽان ۽ منهنجي شاگرديائي آهي. اها ڇوڪري، ڪجهه الله تعاليٰ سيني صفتن سان سينگاريل پيدا ڪئي آهي. ڪيئن ادي حسن آرا! آءٌ ڪوڙ ٿي ڳالهايان، توهان ڇئو؟"

حسن آرا چيو، "استاديائي صاحبه! ڀلا ڇند کي به ڪو لڪائي

سگهي ٿو! محموده ماشاءَ الله وڏن گهرن ۾ پنهنجو ثاني نٿي رکي. ڀلا ڪوبہ محموده بيگم جي ذري جي برابر تہ هجي!"

اصغريءَ چيو، "صورت ۾، سو نڪ، ڪن، اکيون جهڙيون ماڻهوءَ ۾ هونديون آهن، محموده ۾ بہ آهن. ان ۾ هوءَ بہ ماڻهن جهڙو ماڻهو آهي- جوان ٿيڻ تي ڪجهہ هن کان زياده صورت نڪري اينديس.

جمال آرا چيو، "استاد ياڻي صاحبہ! محموده بيگم کي ماڻهن جهڙو ماڻهو ٿيون چئو. خدا جو قسم هوءَ تہ حور آهي حور!. وڏن گهرن ۾ 'نالو وڏو، ديهہ ويران' ، اسان تہ ڪوبہ صورت وارو نہ ڏٺو. اسين ڀئي ڀينر موجود آهيون. خدا جو قسم! ڪيتريون ئي ڀانهيون اسان کان سهڻيون آهن. محموده تہ سج کان سهڻي، چنڊ کان سهڻي. هن صورت جا ماڻهو ڪٿي نظر تا اچن؟

اصغريءَ چيو، "ڀوءِ ادي! سواءِ غريبيءَ جي ٻي اسان ۾ ڪهڙي اوڻائي آهي. اگرچہ هن وقت گذريل شان کي ياد ڪرڻ سان ڪو سود ڪونهي، پر علي نقي خان مرحوم جن کي بہ چار پيڙهيون بہ نہ لنگهيون آهن- آخر اسان بہ انهيءَ ئي خاندان سان ڪڏهن وابستہ رهيا آهيون."

ٻنهي ڀينرن چيو تہ "استاد ياڻي صاحبہ! توهين اسان جون سرتاج آهيو ۽ اسان ۽ اوهان ڌاريا نہ آهيون. هڪ ذات، هڪ رت."

اصغريءَ چيو، "ڀوءِ ڪهڙي دير آهي. منهنجي درخواست قبول فرمايو."

حسن آرا چيو، "چڱو استاد ياڻي صاحبہ! اڄ اسين هن ڳالهہ جو قصو اما سان ڪنديونسين."

اصغريءَ چيو، "قصو ڪهاڻي ناهي. ڳالهہ تہ آءُ بہ چوري سگهان ٿي. پر اوهين دل سان هن ڪم ۾ مدد ڪريو، ۽ هاڻي هيءَ ڳالهہ هلي آهي، تہ ائين ٿئي، جو پوري ٿي وڃي."

ٻنهي ڀينرن انجام ڪيو، ۽ چيو تہ "استاد ياڻي صاحبہ! جهڙو اوهان جو ارادو آهي، انشاء الله تعاليٰ ائين ئي ٿيندو."

# اصغريءَ جي سلطانہ بيگم سان ملاقات، ۽ محموده جي درخواست

مطلب تہ انهيءَ وقت ٻئي پينر موڪلائي ويئون. ٻئي ڏينهن تي اصغري پاڻ سلطانہ بيگم سان ملڻ ويئي. ٻن سون روپين جو تمام عمدو رومال، جو سيالڪوٽ مان آندو هئائين، سو سلطانہ بيگم کي نذر ڏنائين.

سلطانہ بيگم چيو تہ ”استاديائي صاحبہ! توهين اسان کي گهڻو شرمندو ٿيون ڪريو. اسان کي توهان جي خدمت ڪرڻ گهرجي. نہ ڪ الٽو توهان کان وٺون.“

اصغريءَ چيو، ”هي رومال مون خاص توهان لاءِ ٺهرايو هو، ان کي توهان قبول فرمايو. ڏيڍ سال کان انهيءَ ئي اميد تي منهنجي هٿ ۾ پڙل هو، تہ دهليءَ پهچي آءٌ پاڻ پيش ڪنديس.“

سلطانہ بيگم چيو، ”آءٌ هي برڪت طور وٺان ٿي. پر مون کي خدا جو قسم! شرم ٿو اچي. ڪڏهن اوهان بہ ڪوحڪم ڪريو ها، تہ منهنجي دل خوش ٿئي ها.“

ايترو پروسو ڏسي، اصغريءَ نهايت انڪساريءَ سان ۽ شائستہ لفظن ۾ پنهنجو مطلب بيان ڪيو.

سلطانہ بيگم چيو تہ ”استاديائي صاحبہ اوهين ويهو تہ سهي.“ ايئن چئي پانهن کان وٺي پنهنجي پرسان ويهاريائينس، ۽ چيائينس تہ ”پٽن ۽ ڌيئرن جا ڪم مشڪل ڪم آهن. ڪنير کان دمڙيءَ جو پيالو وٺندا آهن، تہ بہ ٺڪي نوڪي وٺندا آهن. هي تہ سڄي عمر جا وهنوار آهن. سوچي، سمجهي، صلاح مصلحت ڪري، پوءِ ڪم ڪرڻ گهرجي. توهان ڳالهہ ڪيئي، هاڻي مان انهن جي پيءُ سان، پنهنجيءَ وڏيءَ ڀيڻ سان، ۽ ڪٽنب جي ٻين ٻن چئن ماڻهن سان صلاح ڪنديس؛ پوءِ جهڙو احوال

هوندو: ان موجب ڏنو ويندو. اجا تہ ارجمند ڇوڪرو آهي، ان جي شاديءَ جي ڪهڙي تڪڙ آهي؟"

اصغريءَ چيو، "جهڙيءَ طرح مصر ۾ هڪ پوڙهي، سٽ جو ڊيرو ڪٽي حضرت يوسف عليه السلام جي خريدار بڻي هئي، انهيءَ طرح مون وٽ غريبيءَ ۽ نيڪ نيتيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ ڏيڻ وٺڻ لاءِ ڪونهي. هاڻي فقط توهان جي مهرباني درڪار آهي."

توڙي سلطانہ بيگم زبان سان ڪجهہ نہ ڪڇيو، پر سندس رخ مان معلوم ٿيو تہ کيس ڳالهہ ناپسند نہ هئي.

هلندي مهل اصغري جمال آرا ۽ حسن آرا کي چوندي ويئي تہ "هاڻ منهنجي هن ڳالهہ کي مٺي ڪرڻ اوهان جي وس ۾ آهي."

اصغريءَ جي وڃڻ کان پوءِ ٻنهي ڀينرن محموده جي حد کان زياده تعريف ڪئي. سلطانہ تہ اڳ راضي ٿي ويئي.

شاهہ زماني بيگم جي بہ هڪ ڌيءَ هئي - دلدار جهان. شاهہ زمانيءَ جو هي ارادو هو تہ ارجمند سان پنهنجيءَ ڌيءَ جو مڱڻو ڪري، پر ايتري غنيمت هئي، جو اجا تائين شاهہ زمانيءَ پنهنجي پيڻ سان ان جو ڪو بيان نہ ڪيو هو.

جڏهن اصغريءَ، محموده جي مٽيءَ جي گفتگو ڪئي، تہ سلطانہ بيگم، شاهہ زماني بيگم کان پڇائي موڪليو تہ "اوهان جي خيال ۾ هيءَ ڳالهہ ڪيئن آهي؟" شاه زماني هي حال ٻڌي گھٽو ڊني. انهيءَ فڪر ۾ پيئي تہ ڪيئن بہ محموده جي ڳالهہ ڊهي وڃي، تہ دلدار جهان جي ڳالهہ مقرر ڪرايان.

ان وقت چوائي موڪليائين تہ "آءٌ سوچ ويچار ڪري، جواب چوائي موڪليندس." ٻئي ڏينهن پنهنجي سِر اچي حاضر ٿي. جڏهن ڳالهہ هلي، تہ سلطانہ کي چيائين، "ڪٿي اوهين، ڪٿي مولوي صاحب! زمين ۽ آسمان جو ڇا ميلاپ. هيءَ ڳالهہ هتي ڪنهن آندي هئي؟"

سلطانہ چيو تہ "استاديائي صاحبہ."

شاهہ زمانيءَ چيو، "مان پاڻ استاديائي صاحبہ وٽ وڃان ٿي."

# اصغري ۽ شاھہ زمانيءَ جي ملاقات، ۽ دولت جو حسن ۽ لياقت سان مقابلو

شاھہ زماني بيگم انِ وقت حسن آرا کي ساڻ وٺي، اصغري خانم وٽ ويئي، ۽ چيائين تہ "استاديائي صاحبہ! توھان ھيڏيون وڏيون عقلمند، توھان ايترو نہ سمجھيو تہ مٿي مائٽي ھڪجھڙن سان ٿيندي آھي. علوي خان جي گھر مان ھن ڳالھہ تي خط موٽيو، جو انھن سون جي ڇپر ڪٽ نہ مڃي. پلا توھين محموده کي ڏاج ۾ ڇا ڏينديون؟"

اصغريءَ وراڻي ڏني تہ بيگم صاحبہ! مون تہ ڇوڪريءَ جي وھاڻ واسطي ھڪ ڳالھہ چئي ڏني ھئي: ڪجھہ ڇوڪريءَ جي سودي ڪرڻ ۽ قيمت جي صفائيءَ جو پيغام ڪونہ ڏنو ھوم؛ شھر ۾ توڙي اڄڪلھہ رسمون بگڙي ويئون آھن، پر ونڊ ڏيڻ جي اگھہ جي سفائي ۽ چڪتو ڪري ڏيڻ ڪٿي بہ ڪين ٻڌم. جيڪو ڏيءَ ڏيندو، سو پوئتي باقي ڇا رکندو؟

"باقي رھي برابري، سو ظاھر آھي تہ دولت جي ڏني تہ اسان وٽ علوي خان جي چوٿين پتي بہ نہ آھي. توھان تہ ڇوڪرو پرڻايو ٿيون، توھان کي ڏاج جي ڪھڙي ڳڻتي؟ ڇوڪري ڏيڻي ھجي، تہ ماڻھو اھا بہ ڳڻ ڪري تہ ڇوڪري جو گذران ڪھڙو آھي: يا ڪو غريب ھجي ۽ ننھن جي ڏاج تي قرض ڪٽي وېٺو ھجي، اھو ان جو فڪر ڪري، تہ بہ نيڪ آھي. توھان تہ ڇوڪري ونو ٿيون، ۽ سيڪجھہ خدا جو ڏنو توھان وٽ موجود آھي. توھان کي تہ ڇوڪري گھرجي، سو ڇوڪري توھان جي ڏٺل آھي، ڪوبہ حال ان جو توھان کان لڪل نہ آھي. ذات، جا ڪجھہ بُري ڀلي آھي، توھان کي معلوم آھي."

شاهہ زمانيءَ چيو تہ ”ڇا ٿيو؟ وري بہ ھڪجھڙو ڏسي ڳالهہ ڪئي ويندي آهي.“

اصغريءَ چيو، ”بيگم صاحبہ! خطا معاف. هاڻي مَٽ ٿاني ڪٿي آهيون؟ مَٽ تہ انھن ڏينھن ۾ هئا سين، جڏهين علي نقي خان هن ئي گھر ۾ پيٽ پرٽائي ڏني هئي. اڄ هن گھر جي ڏيءَ ونڻ لاءِ هو مَٽ ٿاني ناهن. هاڻي ڇا، هن گھر ۾ ڪيئان پئجي ويا.آهن؟ دولت نہ آهي، تہ نہ هجي، پر اهو تڪبر خدا کي نٿو وڻي.“

اصغريءَ، شاهہ زمانيءَ کي ائين هٿن تي کڻي ورتو، جو ان ڪان ڪا بہ ڳالهہ ئي نہ نھي.

شاهہ زمانيءَ چيو، ”استاديائي صاحبہ! توهين ناراض تہ ڪونہ ٿيون ٿيو؟“

اصغريءَ چيس، ”بيگم صاحبہ! منهنجي ڪهڙي مجال آهي، مون کي اُميد هئي تہ اوهين هن ڳالهہ ۾ مدد ڪنديون، نہ ڪي خود توهان کي هيءَ ڳالهہ ناپسند اِيندي.“

شاهہ زمانيءَ چيو تہ ”استاديائي صاحبہ! بُرو سمجهو يا ڀلو، پر جوڙ ناهي.“

اصغريءَ چيس، ”دولت ۾ اسين مٽ نہ آهيون، ذات ۾ برابريءَ جي دعويٰ آهي؛ ۽ علم ۽ هنر ۾ هو اسان جا مٽ ٿاني نہ بيھندا. پرواهہ ڪهڙي؟ هڪ ڳالهہ ۾ هو گهٽ، هڪ ڳالهہ ۾ اسين گهٽ! اسان جي محموده جهڙي ڇوڪري، دنيا ۾ ڏيئو کڻي ڳولينديون وتنديون، تہ بہ نہ ملندين.“

شاهہ زماني بيگم چيو، ”اقبالمند خان جي ڇوڪر جو خط ڇو نٿيون گهرايو؟“

اصغريءَ چيس، ”مون ٻڌو هو تہ اوهان جي گهر ڳالهہ ٿي رهي آهي، ان ڪري مون خيال نہ ڪيو، وري خطن جي ڪا گهٽتائي آهي؟ ڇوڪرين

ڪي ڇوڪر گهٽا ، ۽ ڇوڪرن ڪي ڇوڪريون گهٽيون. مون هي خيال ڪيو هو تہ هنر ۽ دولت جي پاڻ سنگت آهي. هيءَ شي اميرن جي لائق آهي، ۽ امير ان جي سونهن آهن. ڳالهہ بيهي وڃي، تہ ٻنهي لاءِ چڱي آهي. پر جيڪڏهن توهان کي منظور نہ آهي، تہ توهان دلدار جهان سان مڱڻو ڪري ڏيو."

شاهہ زمانيءَ چيو، "دلدار اجا ٻار آهي، ۽ منهنجو ارادو آهي تہ ان کي ٻيءَ جاءِ تي ڏيان. پنهنجن ويجهن مائٽن ۾ مٽي مائٽي ڦڪٽ کان خالي نہ آهي."

شاهہ زماني تہ هي چئي موڪلائي هلي ويئي، پر حسن آرا ويٺي رهي.

ماسيءَ چيس، "پٽ هل". حسن آرا چيو، "توهان هلو، آءٌ استاديائي صاحبہ سان ڪيترن سالن کان پوءِ ملي آهيان؛ ساڻن رهاڻيون ڪنديس."

شاهہ زماني بيگم هلي ويئي، تہ حسن آرا چيو:

"استاديائي صاحبہ! اما جن تہ راضي آهن، پر هي زائفائون ڳالهہ کي بگاڙي رهيون آهن. وات سان انڪار ٿيون ڪن، تہ ڪرڻ ڏيون. انهن جو اصل مطلب هي آهي تہ دلدار جهان جي ڳالهہ مقرر ٿي وڃي."

اصغريءَ چيو، "هاٺي تقدير جي ڳالهہ آهي. ڀلا انهن جي هوندي اسان کي ڪهڙو حق آهي؟ پر ادي حسن آرا! مون تہ ڪا اجائي ڳالهہ ڪانہ سوچي هئي. جنس سان جنس ڏني ويئي هئي.

"توهان جو ايڏو وڏو گهر، ۽ الله امين خان جو هڪ ڇوڪر. جيڪو بہ مال متاع آهي، سڀ انهيءَ جو آهي. پوءِ ايڏي وڏي ڪارخاني جي سنڀالڻ لاءِ بہ وڏو عقل گهرجي، ۽ وڏو ڍنگ ڪپي. محموده غريب گهرَ جي آهي، تہ ڇا هي؟ الله پناهہ ڏئيس، حوصلو ۽ ڍنگ اميرن جهڙو اٿس. توهان جي گهر ۾ جيڪڏهن ڪا بي ڍنگي آئي، ۽ فقط ڏاج جا ڇڪڙا ڀري

آندائين، تہ اُهي کھڙي ڪم جا؟ ان کيٰ پنهنجي ڏاج جو رکڻ بہ مشکل ٿي پوندو. توهان جي گھر جو انتظام ڇا ڪري سگھندي؟

”محموده تہ ماشا الله، مُلڪ جو انتظام ڪرڻ واري آهي. پوءِ ادي حسن آرا! هيءَ ڳالهہ ويچارڻ گھرجي تہ مٿي مائٽي کھڙي مطلب سان ٿيندي آهي. دنيا ۾ جيستائين ٿي سگھي، ميل ملاپ کي وڌائڻ گھرجي. گھر جو گھر ۾ ڳنڍ ڳانڍاپو ڪيو ويو، تہ ڇا جُو شادي وهانءَ؟ شادي تڏهن آهي، جڏهن ٻئي هنڌ ڪجي.“

حسن آرا چيو، ”استاد ياڻي صاحبہ! مون ۽ اديءَ وڏيءَ تہ چڱيءَ طرح اما صاحبہ کي چيو آهي، ۽ هي سڀ ڳالهيون بہ امان کي چونديس. اُميد آهي تہ شايد اها ڳالهہ مقرر ٿيٰ وڃي.“

مطلب تہ اصغريءَ اها سڀ پٽي پڙهائي، حسن آرا کي موڪل ڏني. هُتي شاهہ زمانيءَ، سلطانہ کي وڃي چيو تہ ”ادي! مون استاد ياڻي کي منهن تي صاف چئي ڏنو تہ توهان ۽ هنن جي برابري نہ آهي. ماڻهوءَ کي سوچي سمجهي ڳالهہ ڪڍڻ گھرجي.“

پر مشڪل هيءَ اچي پيئي هئي، جو زماني بيگم پنهنجي وات سان پنهنجيءَ ڌيءَ لاءِ چئي نٿي سگھي. شاهہ زمانيءَ جي دل ۾ تہ هيءَ ڳالهہ هئي؛ پر هيءَ سوچي رهي هئي تہ جي مردن تائين ڳالهہ پهتي، تہ محموده جي ڳالهہ ۾ ازخود غريبيءَ تي وڏو اعتراض اٿندو. آخر شاهہ زمانيءَ کان ڏار ٿي، سلطانہ بيگم پنهنجين ڌيئرن سان جو صلاح ڪئي، تہ حسن آرا چيو، ”اما! صاف ڳالهہ تہ هيءَ آهي تہ ماسي صاحبہ دلدار جي لاءِ تجويز ڪري ٿي.“

سلطانہ چيو، ”پنهنجي ڀاءُ ارجمند کان ڪل پوڳ ۾ تہ پڇي ونو!

جمال آرا ڀاءُ کي سڏيو ۽ چيائينس، ”ڪيئن ادا! تنهنجي شاديءَ وهانءَ جي رٿ هلي رهي آهي، تون بہ تہ ڪجهہ چؤ. دلدار جهان کان راضي

آهين؟"

ماءُ جي منهن تي تہ لحاظ سببان ارجمند ڪجهہ نہ چيو، پر اشاري سان پنهنجين پيرن سان انڪار ڪيائين.

هن جو انڪار، جمال آرا ۽ حسن آرا ڪي حجت تي پيئي.

حسن آرا چيو، "صورت شڪل، هنر، لچڻ ــ هي ڳالهيون تہ محموده جي ذري برابر بہ ڪنهن ڇوڪريءَ ۾ نہ ملنديون، ان جو ذمو تہ آءٌ ٿي کڻان. ها، گهرو تہ سون جي ڇپر ڪٽ ملي، سو اها انهن ويچارن غريبن وٽ ڪانهي؟"

سلطانہ چيو، "اصل تہ ڇوڪريءَ کي ڏسڻو آهي. خدا جي فضل سان اسان جي گهر ۾ پاڻ ڪنهن بہ شي جي ڪمي ڪانهي. اسان کي گهٽو ڏاج وٺي، ڇا ڪرڻو آهي؟"

جمال آرا چيو، "پوءِ ڪهڙي دير آهي، بسم الله ڪئي وڃي."

حسن آرا چيو، توڙي غريبي اٿن، پر استاد ياڻي صاحبہ جن وڏيءَ هلنديءَ وارا ماڻهو آهن. وات سان نہ ٿيون چون، تہ ڇا آهي. وقت تي پنهنجيءَ حيثيت کان وڌيڪ ڪري ڏيکارينديون."

سلطانہ چين، "چڱو، توهان جا والد صاحب جن اچن، انهن کان بہ صلاح پڇي وڃي."

نندو حڪيم آيو تہ جمال آرا ۽ حسن آرا، محموده جي ڪيس کي اهڙيءَ طرح پيش ڪيو، جيئن ڪورٽ ۾ وڪيل پنهنجي اصيل جي مقدمي کي پيش ڪندا آهن.

مطلب تہ نندي حڪيم صاحب بہ محموده واري ڳالهہ پسند ڪئي.

هاڻي تہ ٻئي ڀينر، بي صبر ٿي، بنا روڪ اصغريءَ وٽ ڊوڙنديون ويئون.

محمد ڪامل جي ماءُ کي انهن ڳالهين جي خبر بہ ڪانہ هئي. هنن کان هن پڇيو بہ تہ "ڇا آهي، بيگم صاحبہ ائين ڇو ٿيون ڊوڙو؟ پائنچا تہ

متي ڪري هلو."

حسن آرا چيو، "ڪجهہ نہ آهي، استاديائي صاحبہ وٽ وڃون ٿيون."

اصغريءَ وٽ ويندي ئي حسن آرا چيو، ونو استاديائي صاحب مبارڪ! اسان جو انعام ڪٿي آهي؟"

اصغريءَ چيو، "خدا توهان سڀني کي بہ مبارڪ ڪري. انعام ڏيڻ جي مون کي ڪهڙي طاقت آهي. مون وٽ انعام آهي دعا، سو رات ڏينهن آءٌ توهان جي دعاگو آهيان."

حسن آرا چيو، "نہ استاديائي صاحبہ! اسان تہ اڄ پنهنجو وات ضرور مٺو ڪنديونسين."

اصغريءَ چيو، "ويٺي ويٺي مٺائي کائينديون!"

ديانت کي سڏي، پنج روپيا ڪڍي، ان جي هٿ ۾ ڏنائين، ۽ چيائينس تہ "گهڙيال واري جي دڪان تان سنو قلاقند، دريبي جي چيڙي ڪان پيني جي مٺائي، شاهہ مدار جي ڳليءَ کان موتيا پاڪ، چاندني چوڪ کان لوازمات (بادامي ۽ پستي جي نهيل مٺائي)، نيل جي ڪڙي کان گيهہ جي تريل دال، ۽ خانم جي بازار مان مائو هينئر ئي وٺي اچ!"

تيستائين پنهي سان ويهي اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪيائين.

آخر مٺائيءَ جي ٽوڪري اچي حاضر ٿي. اصغري، اڪبري، حسن آرا ۽ جمال آرا سڀني گڏجي خوب کاڌي، ۽ جيڪا بچي، سا مڪتب ۾ موڪلي ڏنائون.

آخر جڏهن هو اٿي موڪلائي هليون، تڏهن اصغريءَ چيو تہ "هن وقت تائين مون اما (سس) کي خبر نہ ڪئي هئي، هاڻي هن سان ڳالهہ ڪري انشاءُالله پَرِينءَ دستوري ابتدائي رسم ادا ڪئي ويندي."

# محموده جو مڱڻو ۽ ماڻس جو حال ۽ خيال

پوءِ جمال آرا ۽ حسن آرا موڪلائي هليون ويئون. اصغريءَ وڃي، سس کي چيو تہ "اما جان! ڪجهہ محموده جي بہ ڳڻ آهي؟"

سس چيس، "ڪهڙي ڳڻ ڪريان، ڪٿان ڪا ڳالهہ بہ اچي. آءٌ هڪ جاءِ سوچي ويٺي آهيان. محمد صالح سان محموده جي شادي ڪري ڏينديس."

اصغريءَ چيو، "ڪٿي محمد صالح، ڪٿي محموده! ادا محمد صالح جي عمر ادا محمد عاقل کان ٿوري گهٽ هوندي!"

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، "هائو، عاقل، محمد صالح کان سا ڍا چار سال وڏو آهي. فقط ايتري وڏ نندائي آهي."

اصغريءَ چيس، "ڀلا اهو ٿورو فرق آهي؟"

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، "ٻيو ڪٿي بہ سلام پيغام ڪونهي؟"

اصغريءَ چيو، "مون هڪڙي ڳالهہ سوچي آهي. جيڪڏهن اوهان کي پسند هجي، تہ ذڪر هلايان."

محمد ڪامل جي ماءُ پڇيو، "اُهو ڪٿي؟"

اصغريءَ چيس، "حڪيم فتح الله خان جي ڇوڪر سان."

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، "ڀلا ڏيءُ! 'ڀونگين ۾ رهڻ ۽ محلات جا خواب لهڻ.' ڪٿي حڪيم صاحب جو گهر ۽ ڪُٿي اسين! اڄ هنن وٽ اها دولت آهي، جو شهر ۾ انهن جو ٻيو مَٽُ ثاني ناهي. ڪٿي اسان غريب، جو رهڻ واري جهوپڙي بہ پوري ڪانهي! هتان جي ڳالهہ ڇا انهن جي خيال ۾ ايندي؟ ناحق ڇئي پشيمان ٿيڻو آهي."

اصغريءَ چيس، "هو دولتمند آهن، تہ پاڻ لاءِ آهن. اسان ڇا ، خدا نہ

ڪري، ڪجهہ هُنن جا محتاج آهيو؟ هو پنهنجي پلاءَ زردي ۾ مست آهن، تہ اسان پنهنجي دال پت ۾ مگن آهيون. ذات ۾ اسان هنن کان گهٽ نہ آهيون. هنر جيڪو ماشاءِ الله محموده ۾ آهي. اهو هنن جي وڏن کي بہ نصيب نہ ٿيو هوندو."

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، "ڏيءَ! دولت جي اڳيان هنر هٿ ٻڌي بيٺو هوندو آهي. سون جي چپر ڪٽ پهريائين نهرايون، تڏهن هنن سان ڳالهہ ڪرڻ وڃون. تون انهن جو دل ۾ خيال بہ نہ آڻ! هي بہ ٻڌ! علوي خان ۾ ڪهڙي بُرائي هئي؟ خط موڪلي انهن موٽائي گهرايو. سچ چيو اٿن تہ غريبن جي ڪپت غريبن ۾ ئي ٿي سگهي ٿي."

اصغريءَ چيو، "هزار دولت جي برابر هڪ دولت سُونهن ئي آهي. اسان جي محموده کان بهتر، گهراڻي ۾ تہ ڳولين."

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، "ڏيءَ! تون ڪهڙيون نہ ٻاراڻيون ڳالهيون ٿي ڪرين! حُسن بہ برابريءَ جي حالت ۾ پڇيو ويندو آهي. وري هيءَ ڳالهہ وات سان چوڻ جهڙي آهي تہ 'اسان جي ڇوڪري سهڻي آهي' ؟ آءٌ تہ نٿي ڄاڻان تہ سونهن ڪهڙي بلا آهي. وڏين وڏين حُسن وارين کي ڏٺو ويو آهي تہ جُتيءَ جي پادر برابر بہ قدر ڪونہ اٿن؛ پر ڪوجهيون آهن، جو لالن جون لال ٻٽيون وينيون آهن!"

اصغريءَ چيو، "خوبصورتي بہ اهڙي شَي آهي، جو هجي ۽ ماڻهو ان تي عاشق نہ ٿئي؟ مگر گهڻا ماڻهو، جن جي صورت سُني هوندي آهي، اُهي سيرت جا خراب ۽ طبيعت جا گندا هوندا آهن. انهن کي پنهنجيءَ سونهن تي وڏائي هوندي آهي. انهيءَ سبب ڪري انهن جي دال نہ ڳرندي آهي، ۽ انهن جي خراب طبيعت انهن جي حُسن جي قيمت گهٽائي ڇڏيندي آهي. ان جو مثال اهڙو آهي، جيئن هڪ گهوڙو، جو رنگ جو صاف، سهڻو، وارن ڏارن کان پاڪ، جوڙ بند ناهہ نوهہ جو ناهوڪو، پر رفتار ۾ سست هجي، اٿون ڏار هٽي، سواريءَ وقت پيرن تي صفا اپو ٿي

بيھي، ۽ ونيِ گوھي ڏيئي پوئتي ڊوڙي! اھڙي نامراد گھوڙي جي سھٽيءَ صورت کي ڪو ڇا ڪندو؟ پر جيڪڏھن پاڪ صورت سان گڏ، لائق وڪ ڪٽندڙ ۽ ھلڻ جو سھٽو ۽ غريب بہ ھجي، تہ اِلي شي آھي- جھڙي اسان جي محموده، صورت ۽ سيرت، بئي ماشاء الله، ھڪ جو جواب ھڪ!"

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، "آخر ڪجھہ ڏيڻ لاءِ بہ گھرجي. ھاٿي ٿوري دير ٿي، توھان جي مڪتب جي ڇوڪري پڙھي رھي ھئي:

يا مکن با فيلبانان دوستي،

يا در افراز بربالاي پيل.

(يا تہ ھاٿيءَ وارن سان دوستي نہ رک، يا پنھنجو دروازو ھاٿيءَ کان بہ مٿي ڪشادو ڪري نھراءِ!)

"اسان غريبن وٽ انھن جي شان لائق ڏيڻ ونڻ لاءِ ڪٿي؟ پاڻ کي اجايو ڪلڻ ھاب ڪرڻ جو ڪھڙو ضرور آھي؟ فرض ڪريو تہ ڳالھہ ٿي بہ ويئي، پر جي ڇوڪري انھن جي نظرن ۾ حقير رھي، تہ پنھنجي موڙيءَ جو بہ نقصان، ۽ پاڙي وارن جي بہ ڪل ۽ خواري!"

اصغريءَ چيس تہ "عزت ۽ ذلت ڪا ڏاج تي ٻڌل نہ آھي. زال مڙس جي موافقت ھڪ جدا شي آھي. جمال آرا ڇا ٿورو ڏاج وني ويئي ھئي؟ پر ھڪ ڏينھن ڪڏھن بہ ساھرن ۾ رھڻ نصيب نہ ٿيس. پري ڇو ٿيون وڃو، اسان جي وڏيءَ ڀيڻ، اڪبري خانم کي بہ مون جيترو ڏاج مليو ھو. پوءِ ڇو ڏھاڙي لڙائي ٿي ٿئي؟ ھي تہ ھر ڪنھن جي پنھنجي پنھنجي طبيعت ۽ پنھنجو پنھنجو لڇڻ، عقل، سمجھہ، ھنر، جوھر، لياقت ۽ تھذيب آھي."

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، "اھو مون مڃيو تہ زال مڙس جو پيار ۽ سچائي ڏاج تي ٻڌل نہ آھي، پر ڪٽنب ۽ خاندان جا ماڻھو اھڙين ڳالھين ويچارڻ کان ڪڏھن مڙندا آھن؟ ڇوڪر ڪٿي خيال نہ ڪيو، پر سس ۽ ننان موقعو رني، ڪڏھن ڳالھہ ۾ ڳالھہ ڪري وڌي، تہ نيٺ دل کي ٻچڙو لڳندو. ھڪ تہ ڏيءُ وارن جو ھونئن بہ مٿو ھيٺ ھوندو آھي: ان تي ھٿين خالي ڌيءَ

ڏيڻ ويتر هٿ سان عذاب ڳنهڻو آهي. نه ڏيءُ! هي وڏيل وليون چڙهنديون نظر نٿيون اچن!"

اصغريءَ چيو، "ڪٿنب وارن سان ڇا مطلب؟ ڪٿنب وارا ڏاڙي ٿوروئي گڏ وينا هوندا آهن. ها، سس ۽ نٽان جي رات ڏينهن جا طعنا، بيشڪ هڪ غضب ثابت ٿي ٿا سگهن. پر طنعي مهٽي جي کهڙي ڳالهه، حسن آرا ۽ جمال آرا ته محموده جا پير ڌوئي پيئنديون. اهڙو به ڇا انڌير آهي، جو محموده جي شادي ٿيڻ سان گذريل ڳالهيون سڀ وساري اکين تي نڪريون رکي ڇڏينديون. حسن آرا کي جهڙي محبت محموده سان آهي، سا پاڻ ڏسو ٿيون. باقي جمال آرا، سو دل جي حالت خدا ڄاڻي، پر ظاهر ۾ ته جڏهن به ملندي آهي، ته نياز ۽ ادب سان. آءُ به ته آخر جيئري وينِي آهيان. محموده سان خراب ورتاءُ رکنديون، ته مون کي کهڙو منهن ڏيکارينديون؟

"سَو ڳالهين جي هڪ ڳالهه: ته مان هيءَ ٿي ڄاڻان ته سس ۽ نٽانون به زماني جي هوا کي ڏسنديون آهن. ڇوڪر کي ريڌل ڏسنديون، ته ڪنهن جي مجال نه آهي، جو محموده ڏي اک کڻي به ڏسي سگهن."

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، "آخر تنهنجي مرضي ڇا آهي؟ شربت جي پيالي تي نڪاح پڙهائي ڏيون؟"

اصغري چيو، "منهنجو مطلب اهو نه آهي. اڻ هوند ۾ شربت کان سواءِ به پٽ ڌيءَ جا ڪم ماٺهو نٿا ڪن؟ ڏاج ڏيڻ به دنيا جي هڪ رسم آهي. سوڙ آهر پير ڊگهيرجن، طاقت آهر جيڪي نهيو، سو ڏنو ويو: نه ٿي سگهيو، نه ڏنو. ناڻيءَ ناموس جي پنيان گهر جو ڏيوالو ڪيڍي ويهڻ به ته عقل جي ڳالهه ڪانهي.

منهنجي مڪتب ۾ سلميٰ نالي هڪ ڇوڪري پڙهندي آهي. ان جي پيءُ کي، بلوي کان پوءِ سرڪار طرفان ڏهه هزار روپيا انعام مليا ـ ڪنهن ميم (مئڊم) جي جان بچائي هئائين. ڏهه هزار روپيا هن لاءِ ايترا هئا، جو

سچي عمر عزت سان رهي ها: پر پوءِ هڪ پٽ ۽ ڌيءَ پرڻائڻ لاءِ اٿيو، وڏائي ۽ ڦوندِ ۾ اچي سرڪار جا ڏنل ڏهه ئي هزار کپائي ويٺو. هزار پنجسو مٿان بيو به قرض وٺي لڳائي ڏنائين. ان وقت ته هر طرف کان ڏاڍي واهه واهه ٿي، پر هاڻي گهر ۾ ايتري قدر تنگي اٿن، جو کاڌي لاءِ حيران آهن. وهانءَ ۾ مونکي به سڏ آيو هو. سامان ڏسي، منهنجو ته هوش ئي اڏامي ويو: پر شايد سلميٰ جي ماءُ دل ۾ خراب سمجهيو هجي، جو مون چئي ڏنو هومان ته 'اَدي پُٽ ڌيءُ کي ڏيڻ، اکين جو سڪ ۽ دل جو نار: پر گيه کاڌي ويو؟ چي ڪچٽيءَ ۾! مگر، پنهنجي هنڌيءَ جو خيرگهرڻ به ضروري آهي.' چوڻ لاءِ ته آءُ ايترو چئي چڪيس، مگر پوءِ مون کي پڇتاءُ به ٿيو ته سلميٰ جي پيءُ سمجهيو هوندو ته "استاديائي صاحبه پاڻ ته زياده ڏاج نه ورتو پر ٻين کي به وٺڻ نٿي ڏئي ۽، ناحق پاڻيجيءَ جي آڏو ٿي اچي!"

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، "هائو سچ آهي، مگر هن ڪمبخت دنيا ۾ رهڻو آهي. ڇا ڪريون، ڪيڏانهن وڃون! هجي يا نه هجي، ڪرڻو ئي پوي ٿو. دنيا جي هلت وانگر نه ڪجي، ته نڪ وڍيو ڪير ٻڌجي! مون مولوي اسحاق صاحب جي مدرسي ۾ ٻڌو هو، ته اڳئين زماني ۾ عرب ماڻهو ڌيئرن کي جمڻ سان ئي ماري وجهندا هئا."

اصغريءَ چيس، "اما صاحبه! پري ڇو ٿيون وڃو، اسان جي ملڪ ۾ راجپوت به ته اهوئي غضب ڪندا هئا. هاڻي انگريزن جي روڪ ٽوڪ کان بندش ٿي آهي. ان جي به ڪيترائي دفعا پڇڪڙي ٿي آهي، پر پوءِ به چوريءَ ڇپيءَ اهڙا خون پيا ٿين."

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، "عقل جيڪي چئي ٿو، سو غيرت قبول نٿي ڪري: ڇا ڪجي، ڇا نه ڪجي!"

اصغريءَ چيس، "غريبيءَ ۾ غيرت ٿوروئي ٿي ضربجي: دنيا ۾ غريب ماڻهو گهڻا آهن ـ جيڪڏهن غريب هجڻ غيرت جي خلاف آهي ته دنيا ۾ چئبو ته بي غيرت گهڻا آهن. اميري غريبي سڀ پنهنجي پنهنجي قسمت آهي. سڀيئي هڪجهڙا ڪيئن ٿي وڃن؟"

# شاديءَ جي فضول خرچن بابت اصغريءَ جا خيال

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، ”مائي! شاديءَ وهانءَ ۾ گهٽي خرچ ڪرڻ جي بندش لاءِ، انگريز سرڪار ڪو حڪم احڪام ڪڍي ۽ اعلان گهمائي ڇڏي ها ، ته جيڪر جهڳڙوئي بند ٿي وڃي!“

اصغريءَ چيس، ”اخبار مان ته معلوم ٿئي ٿو ته انگريز ماڻهو ڪونه ڪو بندوبست ڪرڻ وارا آهن. اسان جي شهر جا رئيس به ته سڀيئي گهرايا ويا هئا. ٻڌو ويو آهي ته خرچ جي هڪ حد مقرر ڪئي ويئي آهي، ۽ مَهر (ڪابيني) جو انداز به مقرر ٿيو آهي. مگر هي ڪم اسان ماڻهن جي ڪرڻ جا آهن. سڀ ٻڌي ڪري، جيترا به اجايا خرچ آهن، سي سڀ بند ڪن، ته هوند هر ڪنهن جي انهيءَ عَذاب کان نجات ٿي پئي.“

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، ”خرچ جي فضول هجڻ جي تو جا ڳالهه چئي، سو جنهن کي خدا ڏنو آهي، ان لاءِ ڪجهه به فضول نه آهي. ها ، جنهن جي پلئه ڪوڏي به ڪانهي ان لاءِ ته سڀئي خرچ فضول آهن.“

اصغريءَ چيس، ”اهو نه چئو. شادي وهانءَ ۾ واجبي خرچ ڪو ٿورو ئي ٿو ٿئي. اجاين ۽ واهيات ڳالهين ۾ گهڻا پيسا خرچ ٿي ويندا آهن. اسان جي خاندان ۾ ناچ، تماشو، بين باجا ، آتشبازي، نوبت نغارا سڀ ڪجهه ٿيندو آهي يا نه؟ جن وٽ اهي ٿيندا آهن، انهن جي سون هزارن روپين تي گهڙيءَ ۾ پاڻي ڦري ٿو وڃي!“

محمد ڪامل جي ماءُ چيو ته ”ناچ تماشو جن وٽ ٿئي ٿو، اهي ڄاڻن. ڀلا اسان وٽ ڪهڙو خرچ اجايو آهي؟“

اصغريءَ چيس، ”ڇو ناهي؟ مڱڻو، عيد برات، وڏا ڏينهن، سانچق، مينڌي، حج جي عيد، ٻهوڙو (ستاوڙي کان پوءِ موٽي گهوٽ جو گهر

اچڻ)، چوٽي، چالا، (ڏاج ۾) گهٽا ڳورا گورا جورا، جڙادار ڳهـ ـ اهي سڀ اجايا آهن."

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، "تہ هيئن چو نٿي چئين تہ اصل وهانءَ ئي فضول آهي!"

اصغري کلڻ لڳي، ۽ چيائين تہ "وهانءُ تہ فضول نہ آهي، مگر ان جا لاڳ لڳ، ۽ خرچ خسارا البت ناحق جا آهن."

محمد ڪامل جي ماءُ چيو تہ "ڀلا رسمون تہ رسمون، پر توهان تہ ڪپڙن ۽ زيورن کي بہ فضول ٺيون چئو!"

اصغريءَ چيو، "نج ڪپڙا ۽ نج زيور تہ ڪم جون شيون آهن. مگر ڳرا ڳرا جورا اوهان ئي انصاف فرمايو تہ ڪهڙي ڪم تا اچن؟ خود منهنجا جورا پيا ڳرن تا. گهر ۾ پائڻ کان سوس ۽ ڪفايت جي خيال کان دل تيار نٿي ٿئي: ڪڏهن ڪڏهن شاديءَ وهانءَ ۾ پهريا ويا يا عيد وغيره تي ـ باقي ٻارهن مهينا ڳنڍڙيءَ ۾ ٻڌا رکيا آهن! ڏهاڙي واس ڏوپ ڏيڻ، مفت مٿي جو سور، ۽ جي وڪڻ لاءِ خيال ڪجي، تہ مال جو ملهہ نٿو ملي ـ مصالحي جي بها تي بہ نٿا وڪجن. اهوئي حال جڙادار زيورن جو آهي. مولوي ڪفايت الله جي ڌيءَ جي شادي جو نمونو توهان ٻڌو هوندو، اهڙا وهانءَ مون کي پسند آهن."

محمد ڪامل جي ماءُ ورندي ڏني، "ڪهڙو مولوي ڪفايت الله؟

اصغريءَ جواب ڏنو، "چوڪرين جي اسڪولن جو آفيسر."

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، "هو تہ شايد شهر جي رهڻ وارو نہ آهي؟"

اصغريءَ چيو، نہ ، آگري جي طرف رهڻ وارو آهي. زال ۽ ٻارن کي پاڻ وٽ گهرايو اٿئين. ڌيءُ جو مڱڻو هن ئي شهر ۾ ڪيو هئائين. سندس زال جي مرضي هئي تہ پنهنجي شهر وڃي ڌيءَ جي شادي ڪريون ـ هتان کان ڄڃ اوڏانهن هلي. پر مولوي صاحب زال کي سمجهائي، راضي ڪري ورتو.

”هڪڙي ڏينهن ہن چئن ميل ميلاپ وارن کي سڏايائون. مهمان، جو گهر ۾ پهتا ته ہڌائون ته مولوي صاحب جي ڏيءُ جو نڪاح آهي. توريءَ دير کان پوءِ گهوٽيتا ڇوڪر کي وٺي اچي حاضر ٿيا. شرع محمديءَ موجب نڪاح پڙهايو ويو. الله الله، خير صلاح. نڪاح کان پوءِ، پنج سو روپيا روڪ، ڏيءَ ۽ ڄاٽي جي اڳيان آڻي رکيائين، ۽ چيائين ته ”بس بابا! منهنجي ڪمائيءَ ۾ توهان جو نصيب ايترو هو. جيڪڏهن آءٌ گهران ها ته انهن مان مهمانداري به ڪريان ها، ۽ دنيا جي دستور موجب هڪ ٻه ڳرا جورا به نهرائي وٺان ها، مگر مون ويچار ڪيو ۽ مناسب ڄاتو ته روڪ پيسا ڏيڻ بهتر آهن. هاڻي اوهان جنهن طرح گهرو، انهن کي ڪم ۾ آڻيو.“

محمد ڪامل جي ماءُ ہڌي چيو ته ”هان، پرديس ۾ مولوي صاحب کي جيڪي وڻيو ٿي، سو ڪيائين ٿي. ڇوڻ ٻڌڻ وارو ڪير هو؟“

اصغريءَ چيو، ”ڇو، ڇوڻ ٻڌڻ، ۽ پرديس تي ڇا ٻڌل آهي. همت گهرجي. ڪرڻ وارو هجي ته شهر ۾ به ڪري ٿو سگهي. ڇوڻ وارن کي بڪڻ ڏيو - ڪم سان ڪم آهي، نه ٻين ماڻهن جي مرضيءَ سان!“

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، ”ڇا، تو محموده جو انهيءَ نموني، خواب وانگر غمگين نڪاح رٿيو آهي؟“

اصغريءَ چيو، ”بيشڪ، مان ته ماڻهن جي ڇوڻ ٻڌڻ جي ڪا پرواهه نٿي ڪريان. منهنجو وس هلي، ته محموده جو نڪاح، مولوي ڪفايت الله جي ڏيءَ جي نڪاح کان به ٻه وکون اڳتي هجي. انهن ٻه چار مهمان به سڏايا هئا، ۽ منهنجي خيال ۾ ته انهن جي به ضرورت ناهي.“

مخمد ڪامل جي ماءُ چيو، ”نه ڏيءَ! خدا واسطي اهڙو غضب ته نه ڪج. هن پيريءَ ۾ منهنجي ته هيءَ ئي ڏيءُ پرڻي لاءِ آهي. هن کان پوءِ آءٌ قبر مان ڪنهن جو وهانءُ ڪرڻ لاءِ موٽي ايندس؟“

اصغريءَ چيو، نه، اهڙو ته منهنجو به ارادو نه آهي. مگر البت اها ڳالهه ضرور مون پنهنجي دل ۾ مقرر ڪري ڇڏي آهي ته نه هڪ پيسو قرض

جو روتو وجي، ۽ نہ ڪا جاءِ گروي رکي وجي. جي ڪجھہ ٿورا ۽ زيور، هن جا ڪري رکيل آهن، ۽ پيو جيڪو سندس نصيب سان پوري وقت تي ٿي وجي، اهو ڪافي آهي.“

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، ”سبحان الله! اهڙو ٿئي تہ ڇا ڳالهہ آهي، مگر جڏهن ٻئي طرف وارا بہ قبول ڪن!“

اصغريءَ چيو، ”جيڪڏهن هو راضي ٿي وڃن؟“

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، انهن جو راضي ٿيڻ ڇا ڪا ڪِل مسخري آهي؟ سندن هڪڙو پُٽ ـ خبر ناهي تہ ڇا ڇا رٿون انهن جي دلين ۾ آهن! هو تہ پاڻ جهڙو گهر ڏسي ڳالهہ ڪندا، ۽ سڀ ارمان ڪيندا.“

اصغريءَ چيو، ”جڏهن کان آءٌ سيالڪٽ کان آئي آهيان، انهيءَ ڳالهہ جي تدبير ڪري رهي آهيان. هوڏانهن سڀ ڪم نيڪ ناڪ ٿي ويو آهي. هاڻي جمال آرا ۽ حسن آرا ڀوڄنديون آيون هيون. ننڍي حڪيم صاحب کي بہ منظور آهي. شاهہ زماني بيگم پنهنجي ڌيءَ لاءِ گهڻيون گهڻيون اٽڪلون ڪيون، پر خدا جي فضل سان ڪا بہ ڪار گر نہ ٿيس. هاڻي دير نہ ڪرڻ گهرجي. پَرينءَ، ڏينهن بہ سنو آهي، هوڏانهن کان منائي اچي وڃي: ڳالهہ پڪي ٿي وڃي، پوءِ وهانءَ کي بہ ڏنو ويندو.“

محمد ڪامل جي ماءُ هي ٻڌي، حيران رهجي ويئي. چيائين، ”ڳالهہ تہ تمام سٺي آهي ـ اسان جي لياقت کان گهڻو وڌيڪ آهي. پر انهن جي لائق سامان اسان کان ٿيڻ مشڪل آهي.“

اصغريءَ چيو، ”خدا مسبب الاسباب (سببن ناهڻ وارو) آهي. جڏهن محموده جي تقدير اهڙي اُوچي گهر ۾ لڙي آهي، تہ خدا پنهنجيءَ قدرت سان وقت تي ڪجھہ سامان بہ ڪري ڏيندو.“

محمد ڪامل جي ماءُ چيو، ”پنهنجي سهري کي اچڻ ڏي ـ منائيءَ جي واسطي ان کان پڇون.“

ٿوريءَ دير کان پوءِ مولوي صاحب جن بہ آيا، ۽ مڱڻي جي خبر ٻڌي گهڻو خوش ٿيا، چيائون تہ ”بنا دير، پرينءَ منائي اچي.“

# محموده جي مڱڻيءَ شاديءَ ۾ اصغريءَ جو سهڻو انتظام

اصغريءَ، حسن آرا کي سمورو احوال موڪليو. مقرر ڏينهن تي پنج مڻ منائي ۽ ١٠٠ روپيا اچي ويا. سوا مڻ منائي، ۽ ١٢٥ روپيا هتان ويا. هر طرف مبارڪ سلامت ٿي ويئي. مڱڻو ٿيو، ته ننڍي حڪيم صاحب شاديءَ جي گهُر شروع ڪئي. مولوي صاحب جن کي چوائي مڪليائين ته "گهٽي وقت کان منهنجو ارادو حج تي وڃڻ جو آهي. فقط انهيءَ ڳالهه جو انتظار آهي. حياتيءَ تي ڀروسو ڪونهي. منهنجي مرضي آهي ته رجب مهيني ۾ شادي ٿي وڃي."

مولوي صاحب جن اصغريءَ کان پڇيو. اصغريءَ چيو ته "في الحال هي چوائي موڪلڻ گهرجي ته 'اسين فڪر ۾ آهيون، جيستائين ٿي سگهي ٿو، جلد تدبير ڪريون ٿا. مختصر سامان، جو ڏيڻ منظور آهي، سو جيڪڏهن انهيءَ وقت ۾ جمع ٿي وڃي، ته اسان کي به هي فرض آخر ادا ڪرڻو آهي. جيتري قدر جلد ٿئي، اوترو چڱو' ."

حڪيم وري چوائي موڪلين ته "مون ڏاج ۽ سامان جي اميد تي اوهان سان مائٽي نه ڪئي آهي. مون کي ڇوڪري گهرجي. اوهان سامان جي ڳڻتي ڪابه نه ڪريو."

هيڏانهن کان جواب ويو ته "تمام چڱو، اسان کي به رجب ۾ نڪاح ڪري ڏيڻ منظور آهي."

ستاويهين تاريخ؛ رجب جي مقرر ٿي، ۽ ٻنهي پاسي سامان گڏ ٿيڻ لڳا. تياري شروع ٿيڻ سان مولوي صاحب جن کي ڳڻتي پيدا ٿي. ڪڏهن چيائين ٿي ته "هزاري مل کان قرض وٺان، ڪڏهين خيال ٿي ڪيائين ته گيهه جو دڪان وڪڻان يا گروي رکان."

اصغريءَ، مولوي صاحب کي پريشان ڏسي پڇيو ته "توهان ڪهڙي فڪر ۾ آهيو؟"

مولوي صاحب چيو، ”ڇا ٻڌايان، شاديءَ جي تاريخ مٿان چڙهندي اچي، ۽ پيسا ڪٿان بہ ٿي نٿا سگهن. هزاري مل کان مون پيسا گهريا هئا، پر اهو بہ جواب ڏئي ويو. گيهہ جي دڪان کي وڪڻڻ جو ارادو هو، مگر ڪو بہ خريدار نٿو اچي.“

اصغريءَ چيو، ”توهان قرض هر گز نہ ڪڻندا، ۽ نہ جڳهہ وڪڻندا. قرض کان بچڙي ٻي ڪا بہ شَي نہ آهي. جڳهہ جو هٿان وڃڻ وڏي ڏکوئيندڙ ڳالهہ آهي، ۽ پوءِ ان جو ملڻ گهڻو مشڪل ٿيندو آهي.“

مولوي صاحب چيو، ”قرض بہ نہ وٺان، ۽ جاءِ بہ نہ وڪڻان: تہ ڇا آءٌ ڪيمياگر آهيان يا غيب جو هٿ اٿم، جو روپيا ملي وڃن!“

اصغريءَ چيو، ”پهريائين گهر جو حساب ڏسي وٺجي. ڪپڙا ڪجهہ اڳيئي تيار آهن. فقط ٿورو مصالحو گهربو، سو منهنجن جورن مان ڪي جورا تمام ڳرا آهن، انهن مان ٿوڙو ٿورو ڪري، ايترو مصالحو نڪري ايندو، جو محموده جي جورن لاءِ پورو ٿي ويندو. ٿانءَ موجود آهن. ڪو بہ خريد ڪرڻو ناهي. ڪَٽ سَٽ ڪري ٿورو گهڻو بيو مٿيون سامان سڀ آءٌ پنهنجو ڏينديس. بيفائدي رکيو خراب ٿو ٿئي، ۽ منهنجي ڪنهن ڪم جو بہ نہ آهي. آخر اوهان وٽ بہ تہ ڪجهہ پيسا روڪ هوندا؟“

مولوي صاحب چيو، ”فقط پنج سَو رپيا آهن.“

اصغريءَ چيو، ”بس اِهي گهڻا آهن. جڏهن آءٌ سيالڪوٽ ٿي ويس، تڏهن مڪتب جي رقم جا چار سو روپيا هئا، اُهي امانت رکيا آهن. مون کان پوءِ بہ سو روپيا بيا بہ ٿيا آهن. انهن ۾ اڌ ادي وڏيءَ، اڪبريءَ، جو حق آهي، ۽ سو روپيا محموده جا. اهي ملائي مڪتب جي پيسن جا پنج سو روپيا ٿي ويندا.

”محموده جي ننڍي ڀاءُ (پنهنجي مڙس محمد ڪامل) ڪي مون خط لکيو آهي، ۽ ٽي سو روپيا گهرايا اٿم. بہ سو روپيا ادا سائينءَ موڪلڻ لکيو آهي. ان طرح ڏيڍ هزار روپيا هن وقت موجود آهن. هزار جا ڪنگڻ، جي حسن آرا جي شاديءَ وقت مون کي مليا هئا، سي منهنجي ڪهڙي ڪم جا آهن؟ منهنجو تہ ارادو هو تہ محموده کي ڏاج ۾ ڏيان. پر وري غور

کيم تہ انهيءَ گهر جا کنگڻ، انهيءَ ئي گهر ۾ وڃڻ مناسب نہ آهي. اهو وڪڻڻ لاءِ، تماشا خانم جي معرفت بازار ۾ موڪليا هئم. پنامل تيرهن سو روپيا ڏنا ٿي. محموده جي پاڳين جيڪڏهن کو گهُرجائو ملي ويو، تہ انشاء الله پندرهن سو روپيا ملي ويندا.

"هڪ رٿ هيءَ بہ خيال ۾ ٿي اچي تہ توهان ادا سائين محمد عاقل کي وٺڻ لاءِ لاهور وڃو. رئيس تي موڪلائڻ وقت هيءَ ڳالهہ ظاهر ڪري ڏجو. رئيس صاحب وڏو سخي آهي. اُميد تہ ضرور ڪجهہ مدد ڪندو. هميشه کان هندستاني حاڪمن جو دستور رهيو آهي، تہ اهڙن موقعن ۾ پنهنجي وفادار نوڪرن جي مدد ڪندا آهن."

مطلب تہ اصغريءَ، سهري کي لاهور موڪليو. مولوي صاحب رئيس جي سلام تي، جو ويو، تہ رئيس صاحب پڇيس: "مولوي صاحب! ڪيئن آيا آهيو؟"

مولوي صاحب عرض ڪيو، "بنده زاديءَ جي شادي آهي. هن مطلب تي حاضر ٿيو آهيان تہ محمد عاقل کي هڪ مهيني جي موڪل عطا ٿئي، ۽ هي تہ عرض ڪري نٿو سگهان تہ حضور جن جي خاندان مان کو شريڪ ٿئي، پر جيڪڏهن ديوان صاحب جن ، جي دهليءَ ۾ آهن، اُهي سرڪار جي پاران محفل ۾ شريڪ ٿين، تہ هڪ جيڏن ۾ منهنجي لاءِ عزت وڌائڻ جو سبب ٿيندو."

رئيس صاحب محمد عاقل جي موڪل بہ منظور ڪئي، ۽ مولوي صاحب کي اچڻ وڃڻ جو خرچ بہ ڏنائين. ديوان صاحب ڏانهن حڪم موڪليائين تہ "اسان جي پاران مولوي صاحب جن جي محفل ۾ شريڪ ٿجو، ۽ پنج سو رپيا نيوتي جا ڏجو."

اصغريءَ جي صلاح سان ويني ويني اهي پنج سو مفت جا اچي ويا. هوڏانهن جڙادار کنگڻ تماشا خانم جي معرفت نواب حاتم زماني بيگم تائين پهتا. ڏسي چري ٿي پيئي، ۽ اکيون پوري بہ توڙها ٻيٽيءَ قيمت جا عوض حوالي ڪري ڏنائين. هاڻي تہ روپين جي هر طرف کان ريل ڇيل ٿي ويئي.

# محموده جي ڏاج جو تفصيل

اصغريءَ جي انتظام سان عمدي ۽ عمدا جورا تيار ٿي ويا ، ۽ ڇوٽا زيور نهيا . اها شادي ٿي، جو مولوي صاحب جي ڪيترين پيڙهين ۾ ڪانه ٿي هئي. گهوٽيتا بہ سامان ڏسي، حيران ٿي ويا ؛ جيڪو سامان هو، سو هو تہ ٿورو، پر گهڻيءَ قيمت وارو. جيڪا شَي هئي، سا نئين طرح جي هئي. بہ جورا تہ گهوٽيتن جي طرفان آيا . هڪڙو پرٽي رات لاءِ ڪرِ ڪري تاش يعني سون جي تارن سان نهيل ريشم جو، ٻيو ستاوڙي جي واسطي ڪارچوبي - يعني زر دوزي ۽ گلڪارين سان ريشمي ڪپڙو.

زيور، ڏاج ۽ پائڻ وارا تمام گهڻا هئا : نڪ ۾ نٿ ۽ ڪوڪو؛ مٿي تي ٽيڪا ، جهومرءِ ٻينا ؛ ڪنن ۾ واليون، ايرنگ جڙادار ۽ سادا ، ٽِڪُنِ سان والا ، ڪَنَ جي جهالر ، مگر، مرڪيون بجليون، لونگ، جهومڪ ؛ ڳچيءَ ۾ گلوبند ، هَسُ، چوڪلي، ٽوڙو ، ڌُهري، چندن هار ، زنجير ، مالها ؛ ٻانهُن تي جوشن، نَوَ رتن، پيچ بند ، نونگا ؛ هٿن ۾ ڪنگڻ، نوگرهي ، چوها ، دنتيون، چُوڙيون، دستبند؛ آڱرين ۾ آڱوٺيون، ڇلا ، جوڙ؛ پيرن ۾ پازيب، ٽوڙها ، لچا ، پيرن جو آڱوٺيون، ڇلا ڪار چوبي، چاريءَ وارا ۽ مصالحدار: سپيئي گڏي پنجاهہ جورا ، بہ سَوَ برتن - ۽ انهيءَ ئي حيثيت جو ٻيو مٿيون سامان: مطلب تہ وڏي ڌوم ڌام سان شادي ٿي ويئي.

# محموده جي موڪلاڻي
# ۽ سندس گهر

محموده موڪلائي ويئي. قمر آستاني بيگم ساهرن ڪان خطاب مليس. حڪيم فتح الله خان جن وڏا متقي، پرهيزگار ۽ خدا وار ماڻهو هئا. گهڻي وقت کان حج جو ارادو ڪري رهيا هئا. فقط ارجمند خان جي شاديءَ لاءِ منتظر هئا. هاڻي وهانءَ ٽيڻ کان پوءِ ڪيترن ڏينهن تائين ٻنهن جو رنگ ڍنگ ڏسندا رهيا. هتي ڏسڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. محموده ته بيبي اصغري صاحبه جي جَنديءَ لٿل هئي. ڪنهن به قسم جي ڪو رڪسور ان ۾ ڪانه رهي هئي.

حڪيم صاحب، جيتريقدر آزمايو، اوتري قدر ٻنهن کي هنر مند، سياڻي ۽ سلڇڻي ڏٺائين. ڪجهه ته گدرو منو، ۽ ڪجهه مٿان مليس مصري ـ اول ته خود محموده پنهنجي سر سني، ۽ ان تي اصغريءَ جي تعليم! پوءِ وڏيڪ ڇا چئجي!

مطلب ته حڪيم صاحب کي چڱيءَ طرح يقين ٿي ويو ته قمر آستاني بيگم چڱيءَ طرح گهر سنڀالي سگهندي. هاڻي حڪيم صاحب جن هڪدم زور شور سان عرب جون تياريون ڪرڻ لڳا. پهرين ته حج جي نيت هئن، هاڻي هجرت جو ارادو ڪري ورتائون. روڪڙ جنهن به قسم جي هئن، سا پاڻ سان کنيائون. جايون، دڪان، تيون، ڪڙا، گنج باغ، ڳوٺ، زمينون، مهمان خانا، اوطاقون سڀڪجهه پُٽ جي نالي لکيائون. مٿيءَ مائٽي وارن ماڻهن، جهڙو دستور هوندو آهي، ڪيس گهڻو سمجهايو، پر حڪيم صاحب جن کي ته الله جي محبت جي مشغولي هئي، هڪ به نه ٻڌائون. الله جو نالو وٺي اتي روانا ٿيا، ۽ ساري دنيا جي ملڪيت پٽ ۽

ننهن کي ڏيئي ويا.

محموده توڙي پرٽجي ويئي هئي، پر وري بہ اصغريءَ جو ادب ۽ لحاظ اڳئين کان بہ گهٽو ڪندي هئي. ٿوريءَ گهڻيءَ ڳالهہ ۾ اصغريءَ جي صلاح وٺندي هئي. هاٺي البت اصغريءَ کي پنهنجي عقل آزمائڻ جو موقعو مليو. وڏا ڪارخانا، وڏا ڪم، اِهي اُهي ڪم ڪيائين جو ارجمند خان کي، خدا ڪوڙ نہ چوائي، وقت جي بادشاهہ جو وزير بنايائين. ڪا بہ رياست سندس مقابلي ۾ ويجهيءَ، چڪ ۾ تہ چا، پر پري پري تائين بہ نہ هئي.

# اصغريءَ جي ترقي، ۽ سندس اولاد

ڪيتري تائين هي داستان لکيو وجي، ايترو لکجي چڪو، سو ئي ڪافي آهي؛ پر جيڪڏهن سچ پڇو تہ اجا مڻ مان هڪ آنو بہ نہ ٿيو آهي. هن وقت تائين تہ اصغريءَ جي زندگي غريبيءَ ۾ گذري هئي. هاٺي ڏٺي بخشي ڏنيس؛ چڱي دولت نصيب ٿي ويس. انتظام، ضابطي ۽ بندوبست جو دل گهريو موقعو مليس. ان حالت ۾ جيڪي ڪم هن عورت ڪيا، اهي البت قيامت تائين زماني ۾ يادگار رهندا. مگر افسوس آهي، جو انهن جي لکڻ جي واندڪائي ڪانهي.

وري بہ جيڪڏهن نصيحت مڃڻ وارا آهيو ۽ ڳالهہ ٻڌڻ ۽ سمجهڻ وار آهيو، تہ جيترو لکجي چڪو آهي، اهو ٿورو نہ آهي. هر قسم جي ڳالهہ، ۽ هر قسم جي تعليم هن ۾ موجود آهي. چوڻ ۾ تہ قصو ۽ آکاٽي آهي، پر سچ پچ تہ آهي نصيحت ۽ هدايت.

هاٺي هن ڪتاب کي پوري ڪرڻ کان اڳ، هڪ ٻي ڳالهہ لکڻ ضروري آهي. اها هيءَ آهي:

اصغري تمام ننڍڙيءَ عمر ۾ ماءُ بڻجي ويئي هئي. هن وقت تائين ڪجهه ان جي اولاد جي ڳالهه ڪانه ٿي آهي. اصغريءَ کي ٻار گهڻا ٿيا، پر خدا جي قدرت، جو جيئرا ٿورا رهيا. فقط هڪ پٽ محمد اڪمل، جو پڇاڙيءَ جو محموده جي سڪيلڏي پياريءَ ڌيءَ، مسعوده، سان پرڻايو ويو، سو جيئرو رهيو. هي ڇوڪرو ڪيترن ٻارن کان پوءِ پيدا ٿيو. ان کان اڳي محمدعادل هڪ پٽ، ۽ بتول، هڪ نياڻي مري ويئي هئي. ٻارن جي پالڻ ۾ خبرداري ۽ پرهيز ته تمام گهٽي ٿيندي هئي.

گرمي سرديءَ جو بچاءُ، ڪاڌي تائين سيني ڳالهين جو وقت مقرر ٿيل ۽ ٻڌل، ترتيب ۽ خبرداري هيءَ جو دير هضم ۽ ردي شيون سندن وات ۾ به نه پيئي وجهي. ڏند نڪرڻ شروع ٿيا، ۽ مهارن جاڙين ۾ نشتر ڏنو ويو ته ائين نه ٿئي، جو ڏندن جي تڪليف ٻار سهي نه سگهي. ڇئن مهينن جا ٿيا ۽ ماتا کان بچاءَ جا ٽُڪا ڏياريا ويا.

مطلب ته جيستائين ماڻهوءَ جو عقل ڪم ڪري ٿو، سو سڀ ڪنهن قسم جو بندو بست ڪيو ويندو هو. پر تقدير جي اڳيان ڪنهن جي سياٽپ نٿي هلي.

محمد عادل ڇئن سالن جو ٿي مري ويو. ڪيس سوري ٿي، دستن بند ڪرڻ جي دوا ڏنائينس، تپ اچڻ لڳس، سرسام ٿي پيس. پيئندي پياريندي، ڇڱو ڀلو ڇوڪر هٿن مان ويندو رهيو. اڃا ان جو داغ تازو هو، ته بتول ستن سالن جي ٿي: بيمار ٿي پيئي. ڪي اهڙا مصيبت جهڙا سخت دست ٿي پيس، جو دم ڏيڻ کان پوءِ بند ٿيس. ساري خدائيءَ جون دوائون ڪيون ويئون، پر موت به ڪڏهن دوائن کي ٿو مڃي! هڪ ئي هفتي ۾ ڇوڪري گذاري ويئي.

بتول جي مرڻ ڪري اصغريءَ کي تمام وڏو صدمو پهتو. پهريون تہ ڇوڪري کا مرڻ واري هئي الائجي ڇا! اهڙي تہ ماءُ تي عاشق هئي، جو هڪڙو دم بہ ماءُ کان پري نہ ٿيندي هئي: ماڻس نماز پڙهي، تہ هوءَ مصلي تي ويٺي آهي. گڏ سمهڻ، گڏ اٿڻ. ماءُ جي دوا هجي، تہ چکي ضرور. انهيءَ ننڍڙيءَ عمر ۾ پڙهڻ ۾ ڏيان. ڏهين سيپاري جو ترجمو شروع هو، جڏهن محمد عادل وفات ڪئي هئي.

عورتن اصغريءَ جي ايمان ۾ خلل وجهڻ شروع ڪيو هو. کا پئي چوي تہ "ڪُک (۱) جو خلل آهي، مهر علي شاهہ کان علاج ڪرايو:" کا چوي تہ "کير تي نظر لڳي اٿس، ڇوواٽي تي ڏيو ٻاري رکو:" کا چوي تہ "مساڻ مان ايذاءُ پهتو اٿس، رمضان شاهہ کان گڙنت (۲) ڪرايو:" کا چوي تہ "جاءِ سياڳي ناهي، مير عليم کان ڪلوايو (۳):" کا چوي تہ "سفر ۾ کا ڏائڻ وچڙي اٿو، ڪڇوڇي (۴) هلو.' سڳا ڏاڳا، تعويذ ۽ ٽوٽا ٽوٽڪا تہ سڄي جهان جا ماٺهو ٻڌائيندا هئس، پر واه ڙي اصغري واه! هڪٻئي پٺيان بہ چار ٻار مري ويس، پر سدائين خدا جي شڪر گذار رهي.

جنهن بہ ٿي چيو، تہ ان کي هيءُ ئي جواب ٿي ڏنائين: "الله تعاليٰ کي جڏهن منظور ٿيندو، تہ بنا ٽوٽڪن جي بہ فضل ڪري سگهي ٿو."

بتول جي مرڻ جي خبر جڏهن دورانديش خان کي پيئي، تہ گهڻو ڏک ٿيس، ۽ انهيءَ ڏک ۾، ڌيءَ ڏانهن هي خط لکيائين:

---

(۱) ڪُک جو خلل = اهو مرض، جنهن ۾ عورت کي ڇِڪي اچي ۽ سندس ٻار ننڍي هوندي مرندا هجن.

(۲) گڙنت ڪرڻ = دشمن کي هلاڪ ڪرڻ، يا ڪنهن کي فرمانبردار ڪرڻ، يا جن ڀوت جي آسيب دفع ڪرڻ لاءِ، هڪ پتلوناهي، ان تي منتر پڙهي، مقام يا مساڻ ۾ دفن ڪندا آهن ان کي چئجي گڙنت ڪرڻ.

(۳) ڪلوائڻ = لوهہ جي ڪوڪن تي منتر پڙهائي، ليڪو ڪيرائي ڪڙو چاڙهڻ کي ڪلوائڻ چوندا آهن.

(۴) ڪڇوڇو= هڪ آستان جو نالو آهي.

# دور انديش خان جو خط

"برخوردار اصغري خانم کي دعا کان پوءِ معلوم هجي تہ هن وقت تپال جي خط مان مون کي بتول جي وفات جو حال معلوم ٿيو. آءٌ هن ڳالهہ کان انڪار ڪري نٿو سگهان تہ مون کي ڏک ٿيو آهي، مگر جيئن تہ منهنجو عقل ايتريقدر خطا نہ ٿيو آهي، جو بيوقوف ماڻهن وانگر بيصبري ڪريان، تنهن ڪري مون کي وڏي ڳڻتي اوهان جي آهي. عجب نہ آهي تہ اوهان تي هي صدمو گهڻو ڏکيو گذريو هجي. پر هر حالت ۾ انسان کي عقل کان صلاح وٺڻ گهرجي؛ عقل اسان کي انهيءَ لاءِ بخشيو ويو آهي تہ رنج هجي يا خوشي، اسان پنهنجي عقل کان مدد وٺون.

دنيا جي حال تي ويچار ڪرڻ نهايت ضروري آهي؛ ۽ اهو ويچار فائدي کان خالي نہ آهي. زمين، آسمان، جبل، جهنگل، درياءَ، انسان، حيوان، وڻ، ۽ ٻيون لکين قسمن جون شيون دنيا ۾ آهن، ۽ دنيا جو هڪ تمام وڏو ڳرو ڪارخانو آهي. ان ۾ قاعدي سان سج جو اڀرڻ، رات ٿيڻ، چنڊ ۽ تارن جو چمڪڻ، ڪڏهن گرمي، ڪڏهن سردي، ڪڏهن برسات ۽ پاڻيءَ جي اثر کان قسمين قسمين رنگارنگي ميون ۽ گلن جو پيدا ٿيڻ - هي هرَ هڪ ڳالهہ تي ويچار ڪرڻ وارن کي ورهين جي سوچ ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. خود ماڻهوءَ کي، پنهنجي پاڻ تي ويچار ڪرڻ لاءِ ڪو ٿورو مواد ڪينهي - ڪيئن انسان ڄائو، ڪيئن ٻهليو ۽ وڏو ٿيو، ۽ ڪيئن ٻالپڻي، جوانيءَ ۽ ٻڍاپڻ جون حالتون ان تي لنگهن ٿيون، ۽ ڪيئن پڇاڙيءَ ۾ دنيا مان سفر ڪري وڃي ٿو؟

"هي وڏو عمدو ۽ مشڪل مضمون آهي. هي سڄو ڪارخانو ڪنهن رٽ سان خدا پاڪ جاري رکيو آهي، ۽ جيستائين هو گهرندو، تيستائين هي ڪارخانو جاري رهندو.

"دنيا بيشمار صدين کان آهي، ۽ ان جي اها عمر بہ جڻ ٻالپڻ جو

پهريون زمانو آهي. دنيا جي جمر موت جي داخلا مان ظاهر آهي ته هڪ ڪلاڪ ۾ سادڙن ٽن هزارن جي لڳ ڀڳ ماڻهو مرندا آهن، - يعني هر هڪ پل ۾ هڪ ماڻهو، ۽ انهيءَ حساب سان ايترا پيدا به ٿيندا هوندا.

هاڻي، حساب ڪريو ته فقط هڪ مهيني ۾ ڪيترائي لک ماڻهو دنيا ۾ مرندا ۽ ڄمندا آهن. وري ويچار ڪريو ته هيترين اڻ ڳڻيل صدين کان هيءَ تار هلندي ٿي اچي، يعني بيشمار ماڻهو هن وقت تائين دنيا ۾ مري چڪا آهن. بس موت هڪ ضروري ۽ معمولي ڳالهه آهي.

”وڏا وڏا زبردست بادشاهه، وڏا وڏا عالمر، وڏا وڏا حڪيمر، هيستائين جو وڏا وڏا پيغمبر به موت کان بچي نه سگهيا. دنيا ۾ جو پيدا ٿيو آهي، ان لاءِ خدا جو ضروري حڪمر آهي ته هڪڙي ڏينهن ضرور مرندو. پوءِ جيڪڏهن اهو ساڳيو حڪمر ڪنهن ڏينهن اسان تي يا اسان جي ڪنهن عزيز قريب، يعني مٽ مائٽ تي جاري ڪيو وڃي، ته گِلا ۽ فرياد ڪرڻ جو ڪوبه سبب ڪونهي.“

”هي مضمون مٿاڇرو ناهي، هن تي خوب ويچار ڪريو، ۽ جڏهن توهان کي موت جي حقيقت معلوم ٿي ويندي، پڪ اٿمر ته پوءِ توهان به مون وانگر ڪنهن جي موت تي ڏک ڪرڻ اجايو ۽ بيفائدو ڄاڻندا. ڪنهن جي بہ موت تي غمر ڪرڻ لاڳاپي تي ٻڌل هوندو آهي.“

”جڏهن اسان ٻڌون ٿا ته ’چين ملڪ جو بادشاهه مري ويو،‘ ته اسان تي انهيءَ خبر جو ذرو به اثر نٿو ٿئي. انهيءَ لاءِ جو اسان جو ان سان ڪوبه لاڳاپو نه هو. پر، پنهنجي ويڙهي ۾ به جيڪڏهن ڪو ڌاريو ماڻهو مري وڃي، جنهن سان ڪنهن قسمر جو واسطو ڪونهي، ته اسان کي ٿمار ٿورو ڏک ٿيندو. ظاهر آهي ته اسان کي ڏک انهيءَ شخص جي مرڻ جو ٿيندو آهي، جنهن سان اسان کي لاڳاپو هوندو آهي، ۽ جيترو لاڳاپو سخت ۽ گهرو هوندو آهي، اوتريقدر زياده ڏک ٿيندو آهي.

”هاڻي، ويچار ڪرڻ گهرجي ته دنيا ۾ اسان کي لاڳاپو ڪنهن سان گهٽو هوندو آهي؟ ان لاءِ ڪوبه قاعدو مقرر ناهي: ويجهي مائٽيءَ ۾ به

هميشه لڙايون، هميشه بگاڙو رهي ته اهڙا مائٽ ڏارين ۾ داخل ۽ ڏاريا آهن: محض سڳابندي، متي مائٽي ڪانهي، ۽ محض ويجهڙائي عزازت ڪانهي: مطلب ته محبت جو ميلاپ ئي اهو لاڳاپو آهي، جنهن جو دل تي اثر ٿو ٿئي ۽ اها نلهيءَ متي مائٽي ڪان نه وڌيڪ آهي.

”هر هڪ شخص، پنهنجي حالت موافق خاص تعلق رکي ٿو. هي دنيا جا لاڳاپا سڀ فائدي ۽ مطلب ڪان خالي نه هوندا آهن. جيڪڏهن پنهنجو سڳو ڀاءُ اسان جي فائدي ۾ خلل وجهي، ته ضروري آهي ته هو اسان ڪان ڇڄي وڃي. جيڪڏهن ڏاريو ماڻهو اسان کي ڪم اچي، ته ضروري آهي ته اسان کي پنهنجن وانگر پيارو هجي. پر اهو فائدو، جنهن سان لاڳاپو پيدا ٿيندو آهي، ضروري ناهي ته روپين، پيسن جو هجي. اڪثر ته گهٽو ڪري، انهيءَ ئي قسم جو لاڳاپو هوندو آهي.

”ڪڏهن اميد ۽ آسري تي به تعلق پيدا ٿيندو آهي. ڪيترائي ماڻهو اسان جا دوست آهن، جي اسان کي ڪجهه نٿا ڏين: پر هيءَ اميد هوندي آهي ته جيڪڏهن ڪڏهن به اسان کي ڪنهن طرح جي ضرورت پئي ته ڪم اچڻ وارا آهن. مطلب ته لاڳاپي جي پيدا ٿيڻ جو هميشه ڪو سبب هوندو آهي.

”آءٌ انهيءَ بحث کي گهٽوئي وڌائي سگهان ٿو، ۽ جيتري انهيءَ بحث کي ڊيگهه ڏني وڃي، اوترو مناسب آهي. پر، اصل مطلب منهنجو هن خط ۾ فقط اولاد جي لاڳاپي سان بحث ڪرڻ آهي. جيڪڏهن واندڪائي ملندي، ته انشا الله تعاليٰ انهيءَ لاڳاپي تي هڪ ڪتاب لکي، توهان ڏانهن موڪليندس.

هي لاڳاپو، جو اولاد سان آهي، سو واقعي هڪ خاص قسم جو لاڳاپو آهي. ڪوبه ماءُ پيءُ، بلڪ ڪو جانور به ان ڪان خالي نه آهي. ان مان معلوم ٿو ٿئي ته اولاد سان لاڳاپي جو فقط فائدي ۽ مطلب تي بنياد ناهي، پر خداوند عالم يعني جهان جو مالڪ موليٰ، جو وڏو ڄاڻندڙ آهي،

ان جو انتظام ڪهري ٿو ته ضرور ماءُ پيءُ کي اولاد جي محبت هجي.

"اولاد ڪيترن سالن تائين پالنا لاءِ محتاج هوندو آهي، ته جيئن اولاد جي پالنا چڱيءَ طرح ٿئي. ماءُ پيءُ کي اولاد جي محبت انهيءَ لاءِ ڏنائين ته محبت جي لاڳاپي سان ٻچن کي پالين ۽ وڏو ڪن- هيستائين جو وڏا ٿي پنهنجي پيرن تي پاڻ دنيا ۾ رهڻ سهڻ لڳن. ماءُ پيءُ اولاد جي پالڻ لاءِ انهن جا خدمتگذار آهن. پوءِ اولاد جي پالي وڏو ڪرڻ جو تعلق خدا جي طرف کان ماءُ پيءُ کي ڏنو ويو. باقي هي بکيڙا ته پٺ هجن، ڌيئر نه هجن، يا جيڪي به هجن سي جيئرا رهن- اهي خود انسان جي پنهنجي هَوَس جا بکيڙا آهن.

"رهي هيءَ ڳالهه ته اولاد جي اميد ۽ اولاد جي محبت، جو ماڻهوءَ ايتري پنهنجيءَ دل ۾ پيدا ڪئي، سا ڪهڙي سبب کان ٿئي ٿي. بيشڪ اها به فائدي ۽ مطلب جي واسطي ٿئي ٿي، پر فائدا به ڪيترن قسمن جا آهن.

"ڪي هي ٿا سمجهن ته اولاد سان نالو هلي ٿو- ڪيترن کي هي خيال هوندو آهي ته ٻڍاپڻ ۾ هو اسان جا مددگار ٿيندا؛ ڪن کي هي خيال هوندو آهي ته اسان جي مال دولت جا اسان کان پوءِ مالڪ ٿيندا.

"هاڻي انهن خيالن تي ويچار ڪريو، ڪيتري قدر بيهودا، اجايا ۽ غلط آهن. نالو هلڻ جا معنيٰ؟ اهو ته ماڻهو ڄاڻن ٿا ته هي فلاڻي جا پٽ، فلاڻي جا پوٽا آهن. اول ته جڏهن اسان پاڻ دنيا ۾ نه رهيا سين، ته پوءِ جي ڪنهن اسان کي سڃاتو ته ڇا، ۽ جي نه سڃاتو ته ڇا؟ تنهن کان سواءِ خيال ڪريو ته ماڻهوءَ جو آخر ڪيستائين نالو هلندو؟

"ڪنهن ماڻهوءَ کان ان جي پيءُ ڏاڏي جو نالو پڇو، - شايد ڏاڏي تائين ته سيڪو ٻڌائي سگهندو. ان کان مٿي خود اولاد کي معلوم نه هي، ته اسان جا پڙڏاڏا ۽ تڙ ڏاڏا ڪهڙا بزرگ هئا؟ جڏهن اولاد جو اهو حال آهي، ته ٻين ماڻهن کي انهن مري وڃڻ هڏين اڪيڙڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

”پوءِ فرض ڪري ونو ته نالو هليو به ته هڪ يا ٻه پيڙهيون ئي هلندو، باقي اڳتي ٿيو خير. دراصل هڪ يا ٻه پيڙهيون نالو هلڻ به رڳو هڪ خيالي ڳالهه آهي.

ڏهن ورهين کان وٺي آءٌ هتي پرديس ۾ رهان ٿو. هزارين ماڻهو مون کي سڃاڻن ٿا ۽ هزارن کي آءٌ سڃاڻان ٿو. پر نه هو منهنجي پيءُ کي ٿا سڃاڻن، ۽ نه وري آءٌ انهن جي پيئرن کان واقف آهيان. نه پيءُ جي نالي ٻڌائڻ يا پڇڻ جي ڪڏهن ڪجهه ضرورت ئي پيدا ٿيندي آهي.

ٻيو سبب اولاد جي اميد ۽ محبت جو هي آهي، ته پيريءَ ۾ مددگار ٿين. پر هي خيال به رڳو اجايو آهي. هي ڪيئن يقين آهي ته انهن جي وڏي ٿيڻ تائين اسان جيئرا رهندا سين؟ يا اسان جي ٻڍاپڻ تائين هو جيئرا رهندا؟ پر جي ڪٿي جيئري رهڻ جو اتفاق به ٿيو، ته اولاد جو مددگار هجڻ، خاص خيالي ڳالهه آهي.

”هن وقت اهڙو اولاد تمام ٿورڙو ٿا ڏسون، جن کي ماءُ پيءُ جو ادب ۽ لحاظ هوندو آهي؛ يا جن کي ماءُ پيءُ جي خدمت ڪرڻ جو خيال هوندو آهي. ادب ۽ خدمت ڪرڻ ته پنهنجيءَ جاءِ، پر هاڻي ته گهڻو ڪري اولاد کان ماءُ پيءُ کي ايذاءُ ۽ تڪليف پهچندي رهي ٿي.

”جنهن اولاد جي ماڻهو اُميد ڪندا آهن، اُهي منڍ کان پڇاڙيءَ تائين انهن جي هٿان ڏکوئبا آهن. جڏهن ننڍا آهن، ته پالڻ هڪ مصيبت. اڄ سنڌن اکيون سور ٿيون ڪن، ڪڏهن پاسي جو سور اٿن: ڪڏهن ڏند ٿا نڪرن، ڪڏهن ماتا نڪتي اٿن. خدا خدا ڪري وڏا ٿيا، ته انهن جي ڪاڌي ڪپڙي جي ڳڻتي. ماڻهو خبر ناهي ته ڪهڙيءَ ڪهڙيءَ حالت ۾ آهي؟ پيسو پاڻ وٽ آهي يا نه؟ پر اولاد کي جتان ٿي سگهي، ڏجي ضرور. ماءُ پيءُ کي بک هجي، ته پل هجي، ۽ گهر ۾ سودو سُوڌ ڪجهه به نه هجي، ته به ٻارن کي شي ته ڏهاڙي گهرجي. عيد هجي، ميلاد هجي، ميلو هجي،: آٿيون نئون وڳو، سٺيي ماني کائڻ لاءِ يا خرچيءَ لاءِ چار ٽڪا به ضرور

هجن. هيتري تائين بہ صبر هجي، تہ بہ شڪر ٿئي.

”هاڻي ماءُ پيءُ گهرن ٿا تہ ڇوڪرو ڪم سکي يا پڙهي. پر ويچار ڪريو تہ ڇوڪر نياڳو اهڙو آهي، جو پڙهڻ جي نالي کان ڪوهہ ٿو ڀڄي، ۽ جيستائين مڪتب جا چار ڇوڪرا ٽنگي نہ وٺي وڃنس، تہ وڃڻ قسم اٿس! اُتي ويو تہ استاد جي اک ٽَري نہ آهي، تہ پاٽيهي ڀڄي ڪٿي چوواٽي تي وڃي نڪتو - ڪٿي واهہ تي بيهي ترڪڻ ٿو ڪيڏي، ڪٿي بازارين ۾ ڏوڙ پائيندو ٿو ڦرندو وتي. ڇوڪرا ٿورو وڏا ٿيا تہ ماءُ پيءُ کي جواب ڏيڻ لڳا. لُچن جي صحبت، بدمعاشن جي سنگت، نہ ناچ کان پرهيز، نہ ٻچڙيءَ سنگت کان پاسو؛ پيءُ ڏاڏن کي بدنام ڪندا وتن. انهيءَ طرح ڪيترا بدمعاش، چور، جُواري ۽ شرابي ٿي وڃن ٿا.

”اڳتي هلي اولاد پرڻائڻ لائق ٿيو. سڄو شهر ڳوليائون، ڏاڻ جي مٿي مائٽي نٿي ملي. مٿي مائٽي ناهيندڙ عورت ڇنگهون هڻي هڻي ٿڪي؛ ميل ميلاپ وارا هارائي ويهي رهيا، ڪٽنب جا ماڻهو هڪ هڪ کي چئي چڪا، - ڪوبہ هائو نٿو ڪري. مطلب تہ هڪ ڳالهيئڻ هڪ جامعي عذاب ۽ خرابيءَ ۾ مائٽ مبتلا آهي، جا ڪيترين حالتن ۾ اڳتي هلي، ماڻهوءَ کي بدنام ٿي ڪري ۽ سڀ ان کان بيزار ٿين ٿا.

”ماءُ ويچاري ڪٿي باسون باسيندي وتي ٿي، ڪٿي بيهي فالون پارائيندي ٿي رهي، ڪٿي ڳُڏين جو وهاڻ ٿي رهيو آهي، ۽ پنج ئي وقت دعا آهي تہ ’ياالله! عزت اقبال ۽ صحت صحبت جو خير هجي، ۽ ڇوڪري يا ڇوڪريءَ کي ڪا چڱي ٻانهن ۾ چڱو گهر نصيب ٿئي!‘ خدا خدا ڪري مڱڻو ٿيو تہ اهڙي هنڌ، جو ماءُ ويچاريءَ وٽ چانديءَ جي تار بہ ڪانهي، ڪنواريتا ڇپڪا والا(١) گهرن ٿا. ڪنهن طرح پاڻ وڪڻي بہ شادي ڪرايائون؛ پوءِ حالت اها وڃيو ٿئي جو جهرڪيءَ جو ساهہ ويو، ڪائڻ واري کي مزو نہ آيو!‘

(١) ڇپڪا والا: جهومر جهڙو زيور، جو عورتون وارن ۾ ٽڪائي، مٿي سان ٻڌنديون آهن.

”ڏاج آهي تہ هرهنڌ ڏيکارجي ٿو. گهوٽ ماءُ جن چون تہ ’اڙي! ڇا ڏنائون؟ اهڙيءَ اڻ هوند ۾ ڌيءُ ڄڻڻ جو ڪهڙو ضرور هو؟‘ ڪا بہ شي پسند نٿي اچين، ڳالهہ ڳالهہ ۾ طعنو مهڻو آهي.

”نياڻو صاحب، جو تشريف فرما ٿيو، تہ ان جو دماغ ڦريل، غرور ڪان ڪنهن ڏي توجهہ ئي نٿو ڏئي. جيستائين سهري ڪان جُتيون سڌيون نہ ڪرائي، تيستائين هٿ بہ نٿو ڌوئي، ڪائڻ لاءِ ڪير چوي!

”ستاوڙو ٿيو تہ زال مڙس ۾ موچڙي ڪاري شروع ٿيڻ لڳي. ويچارن ڪنواريتن ڌيءُ جي ڌيءُ بہ ڏٺي ۽ لڙائيءَ جي لڙائي بہ ڳنهي ورتائون. پوءِ بہ هڪ ڏينهن جي لڙائي هجي، تہ شڪر ڪجي، هت نہ ڄڻ سڄيءَ عمر لاءِ مصيبت جو چرخو ڇُريو.

ڌيءَ جو اولاد ٿيڻ شروع ٿيو. ماءُ بنا ناٽي ٻانهي، بناپگهار جي دائي؛ سڄي عمر پنهنجن ٻچن پالڻ جي مصيبت سهندي رهي. خدا ڪري، ٻن سالن ڪان آرام نصيب ٿيو هوس، تہ ڌيءُ جا پٽ ڏيون سنڀالٽيون پيس.

”جيڪڏهن ننهن آئي، تہ فساد جي ڳنڍ، لڙائيءَ جي ڳنڙي. سس کي تہ پادر برابر بہ نٿي سمجهي. نڻانن جو تہ دم نڪ ۾ ڪري رکيو اٿيئين. نہ وڏي ڏير جو حجاب، نہ سهري جو ادب. عورت آهي، جو مردن جي پڳڙي لاهي ٿي وٺي. خدا پناهہ ۾ رکي!

”پٽ نالائق کي ڏسو! سندس زال تہ آفت کڙي ڪري رکي آهي، ۽ هي مردود، زال جي مدد پيو ڪري. الٽو پيءُ، ماءُ سان ٿو وڙهي؛ ايتري تائين جو ويچارا پيءُ، ماءُ گهر ڇڏي، جدا مسواڙيءَ جاءِ ۾ وڃي ٿا رهن.

”اهو نتيجو هن وقت جي اولاد ڪان ماءُ، پيءُ کي ملي ٿو. اهي تمام ٿورا ماڻهو آهن، جيڪي اولاد ڪان سک وٺن ٿا. پوءِ اسان ماڻهو پنهنجي بيوقوفيءَ ڪان دل ۾ اولاد جي چو اُميد ڪريون- جٽڪ آفت ۽ مصيبت جي دل ۾ اميد ٿا رکون.

”هاڻي رهيو هي خيال تہ مال ۽ دولت جو ڪو وارث ٿئي- انهيءَ سبب ڪان اولاد جي اميد ڪئي وڃي ٿي، تہ هي خيال بيڪار، نڪمو ۽ بيهودو آهي.

”جڏهن ماڻهو پاڻ دنيا مان لڏي ويو، تہ ان جي دولت سندس پٺن ورتي تہ ڇا، جيڪڏهن مال لاوارث مقرر ٿي سرڪار ۾ ويو، تہ ڇا. هيءَ دولت آخرت ۾ ڪنهن بہ ڪم اچڻي ناهي- مگر، اوتري جا خدا تعاليٰ جي واٽ ۾ اسين پاڻ خرچ ڪري وڃون يا اسان ڪان پوءِ اسان جي نالي الله پاڪ جي واٽ ۾ خرچ ٿئي. جڏهن اسان دولت کي پاڻ نہ خرچيون، ۽ اهڙو ضروري ڪم، اولاد جي ذمي ڇڏي وڃون، تہ اسان ڪان زياده ڪو بہ بيوقوف ڪونهي.

”اولاد، پيءُ، ماءُ جو رکيل مال، اهڙيءَ ريت مفت حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ، ان جي خرچ ڪرڻ ۾ ذري جيتري هبڪ يا خيال نٿو ڪري.“

”ماڻهو انهيءَ پيسي جو قدر ڪندو آهي، جو هو پاڻ پنهنجن هٿن سان ۽ پگهر مان پيدا ڪندو آهي. پر، جڏهن بنا محنت جي پيسو ملندو آهي، تڏهين ان جو حال هي هوندو آهي، جو ’مال مفت، دل بيرحم‘ البت اولاد ناچ، رنگ، سير، تماشي ۾ خوب مايا اُڏائيندو. پر جي پيءُ جي نالي باجهريءَ جي مانيءَ تي ڪٽي ختمو ڏيارئائين تہ ڄڻ وڏي ڳالهہ ڪري وڌائين!“

”ڇا اهڙا مثال دنيا ۾ سوين هزارين نہ آهن، جو ماڻهو ڪنجوسائي ۽ ڪميٽپائيءَ سان سڄي عمر دولت گڏ ڪندا رهيا، ۽ مرڻ ڪان پوءِ سندن اولاد دولت هٿ ايندي ئي، اُهي عيش ڪيا، جو ٿورن ڏينهن ۾ پيءُ جي عمر جي موڙي لُٽائي دف ڪري ڇڏيائون. الله الله! ’تلف ڪرد، ڪہ اندوختہ بود.‘

”هن بيان مان ظاهر ٿيندو تہ جيتري قدر لاڳاپو اولاد سان، اسان پنهنجي دليان وڌائي ڇڏيو آهي، اهو اسان جو نهايت نقصان ڪري ٿو.

اسان کي اولاد سان صرف ايتري قدر لاڳاپي رکڻ جو حڪم آهي، جو جيستائين هو اسان جي مدد جو محتاج آهي: انهن کي پاليون، ۽ انهيءَ ۾ هن اميد کي دل ۾ جاءِ نہ ڏيون تہ اولاد وڏو ٿي، پالڻ جي عيوض اسان جي خدمت ڪري. اها اميد رکڻ حد درجي جي ناداني آهي. بلڪ ائين سمجهڻ گهرجي تہ خدا پاڪ. جو اسان جو مالڪ آهي، تنهن هنن جي پالڻ جي خدمت هڪ فرض طور اسان تي لازم ڪئي آهي. اسان اولاد پالڻ ۾ پنهنجي رب پاڪ جي حڪم جي بجا آوري ٿا ڪريون- هي باغ خدا جو آهي، اسين صرف ان جي پاران ان باغ جا مالهي آهيون.

”جيڪڏهن باغ جو مالڪ، ڪنهن وڻ جي وڍڻ جو حڪم ڏئي، تہ مالهيءَ کي ائين چوڻ جو ڪهڙو حق آهي تہ 'مون هن وڻ کي سخت محنت سان پاليو آهي، هي ڇو وڍيو وڃي ٿو؟' “

”دنيا جا سڀ تعلق، فقط ايتري لاءِ آهن تہ ماڻهو هڪبئي کي فائدو پهچائي. اسين ٿورن ڏينهن لاءِ ڪنهن تجويز مطابق هن دنيا ۾ موڪليا ويا آهيون : ۽ هتي اسان کي ڪنهن جو پيءُ، ڪنهن جو پٽ، ۽ ڪنهن جو ڀاءُ بنايو ويو آهي،- جيئن ماڻهو اسان جي، ۽ اسين ماڻهن جي مدد ڪريون، ۽ صلح سانت، محبت ۽ ناهہ ۾ پنهنجي زندگي جيڪا مقرر ڪري ڏني ويئي آهي، سا پوري ڪري وڃون.

دنيا اسان جو دائمي گهر نہ آهي، اسان کي بهرحال هتي هميشہ لاءِ رهڻو نہ آهي. گويا نہ ڪوئي اسان جو آهي، ۽ نہ اسان ڪنهن جا آهيون. اسين جيڪڏهن ڪنهن جا پيءُ بڻيا سين، تہ فقط ٿورن ڏينهن لاءِ.

”هاڻي جڏهن اسان ڪنهن کي مرندو ڏسون، تہ افسوس جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ افسوس تہ تڏهن ڪريون، جڏهن اسان کي پڪ هجي تہ اسين پاڻ هميشہ هتي وينا رهندا سون. اسان کي پاڻ سفر آڏو آهي، خبر ناهي تہ ڪهڙيءَ گهڙيءَ سڏ ٿئي، ۽ اٿڻ ويهڻ ۽ هلڻ چلڻ بيهجي وڃي. وري سڀ کان مشڪل هيءُ آهي تہ مرڻ رڳو هي نہ آهي تہ بدن مان ساهہ نڪري ويو،

چٽڪ روح هڪ جاءِ کان ٻيءَ جاءِ ۾ هليو ويو: نه، اتي وڃي ڳالهه ڳالهه جو حساب ڏيڻو پوندو. زبان، ڪوڙ ۽ گلا، قسم ۽ بيحيائي، اجائي بڪوات وغيره جو جواب ڏيندي. اک، بڇڙي نظر ڪرڻ جي سزا ڪائيندي. ڪن کي ڪنهن جي بديءَ، ڪوڙ، ۽ گلاغيبت ٻڌڻ جي عيوض ۾ ڪنمهٽ ڪئي ويندي. هٿ ڪنهن تي ظلم ڪيو آهي، يا پرائو مال چورايو اٿئين، ته اهو ان جي جوڳي سزا ڪائيندو. پير جيڪڏهن گناهه ۽ بد هلت جي ڪمن ڪرڻ لاءِ هليا، ته اهي ڄڻ گويا اشڪنجي ۾ پيڙيا ويندا. بيشڪ اهو وڏو مصيبت جو وقت هوندو. شال خدا پنهنجي فضل سان هن ضعيف ۽ گهنگار انسان جو ٻيڙو پار ڪري!

”جنهن ماڻهوءَ کي انهن ڳالهين کان واندڪائي هجي ته اهو پل ڪنهن جي مرڻ تي غم ڪري، يا ڪنهن جي ڄمڻ تي خوش ٿئي، پر، دنيا ۾ ڪو اهڙو آهي، جو پنهنجيءَ آخرت کان ائين بيفڪر ٿي چڪو هجي؟

”اصغري هنن ڳالهين کي خيال ۾ رکي، تون پنهنجي خبر لهه، ۽ ان قيامت جي ڏينهن لاءِ سامان گڏ ڪر: جتي نيڪ ڪمن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪم نه ايندو. دعا ڪر ته جهان جو مالڪ پنهنجي دوست، حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ، جن جي صدقي اسان سڀني جي پڇاڙي چڱي ڪري. آمين!“